رسائلِ عطاریہ حصہ اوّل

# نماز جا احڪام (حنفي)

سنڌي ترجمو




شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



| | | | |
|---|---|---|---|
| وضو جو طريقو 1 | وضو ۽ سائنس 48 | غسل جو طريقو 74 | فيضان اذان 102 |
| نماز جو طريقو 126 | مسافر جي نماز 204 | قضا نمازن جو طريقو 222 | جنازي نماز جو طريقو 248 |
| فيضان جمعه 264 | نماز عيد جو طريقو 290 | مدني وصيت نامو 302 | فاتحه جو طريقو 320 |



مدني
ڏسندا رهو

مڪتبة المدينه
(دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# وضوجو طريقو (حنفي)

هي باب مڪمل پڙهي وٺو ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي وضو جي باري ۾ حيرت انگيز معلومات حاصل ٿينديون.

## درود شريف جي فضيلت

**سرڪار** دو عالَم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بَنِي آدم، رَسُولِ مُحتَشَم صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جن جو فرمانِ مُعَظَّم آهي: ”جنهن ڏينهن ۽ رات جو مون ڏانهن شوق ۽ مَحبت جي سبب ٽي ٽي ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ هو ان جا ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ بخشي ڇڏي.“

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 328 حديث 23)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عُثمانِ غني رضي الله عنه جو عِشقِ رسول صلى الله عليه وسلم

**حضرتِ** سيّدُنا عثمانِ غني رضي الله تعالىٰ عنه هڪ ڀيري هڪ جڳهہ تي پهچي ڪري پاڻي گهرايو ۽ وُضو فرمايو پوءِ هڪدم مُسڪرائڻ لڳا ۽ رفيقن کي فرمائڻ لڳا: ”ڄاڻو ٿا مون ڇو مسڪرايو؟“ پوءِ ان سُوال جو پاڻ ئي جواب ڏيندي فرمايائون: هڪ ڀيري سرڪارِ نامدار صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم هن ئي جاءِ تي وُضو فرمايو هو ۽ فارغ ٿيڻ کان پوءِ مُسڪرايو هو ۽ صحابهءِ ڪرام عليهم الرضوان کي فرمايو هيو: ”ڄاڻو ٿا مون ڇو مسڪرايو؟“ صحابهءِ ڪِرام عليهم الرضوان

عرض ڪيو: وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم يعني الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم بهتر ڄاڻن ٿا. مِنِي مِنِي مُصطَفٰی صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن ماڻهو وُضو ڪندو آهي ته هٿ ڌوئڻ سان هٿن جا ۽ منهن ڌوئڻ سان منهن جا ۽ مٿي جو مسح ڪرڻ سان مٿي جا ۽ پير ڌوئڻ سان پيرن جا گناهه ڇڻي ويندا آهن.“

(ملخصًا مسند امام احمد ج 1 ص130 حديث 415)

وضو کرکے خنداں ہوئے شاہِ عثماں کہا، کیوں تبسم بھلا کر رہا ہوں؟
جوابِ سوالِ مخالف دیا پھر کسی کی ادا کو ادا کر رہا ہوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! صَحابهءِ ڪرام علیہم الرضوان سرڪارِ خيرُالانام صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن جي هر هر ادا ۽ هر هر سنّت کي ديوانه وار اپنائيندا هئا ۽ پڻ هن روايت مان **گناهه معاف ڪرائڻ جو نسخو** به معلوم ٿيو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ وُضو ۾ ڪرڙي ڪرڻ سان وات جا، نڪ ۾ پاڻي وجهي صاف ڪرڻ سان نڪ جا، منهن ڌوئڻ سان پنبڻين سميت سڄي منهن جا، هٿ ڌوئڻ سان هٿن سان گڏوگڏ ننهن جي هينان جا، مٿي (۽ ڪنن) جو مَسح ڪرڻ سان مٿي سان گڏوگڏ ڪنن جا ۽ پير ڌوئڻ سان پيرن سان گڏوگڏ پيرن جي ننهن جي هينان جا گناهه به ڇڻي ويندا آهن.

## گناهه ڇڻڻ جي حڪايت

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جيئن ته وضو ڪرڻ واري جا گناهه ڇڻي پوندا آهن، **حضرت علامه عبدُالوهاب شعَراني** قُدِّسَ سِرُّہُ النُّورَانِي هڪ ايمان افروز

حڪايت نقل ڪن ٿا: هڪ دفعي سيّدُنا امامِ اعظم اَبُوحَنِيفَه رضی اللہ تعالیٰ عنہ ڪوفي جي جامع مسجد جي وُضو خاني ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ نوجوان کي وُضو ڪندي ڏٺو، ان کان وُضو (۾ استعمال ٿيل پاڻي)جا قطرا ٽِمي رهيا هئا، پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ ارشاد فرمايو: ”اي پُٽ! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان توبهہ ڪر، ان فورًا عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، هڪ ٻئي شخص کي وضو (۾ استعمال ٿيڻ واري پاڻي) جا قطرا ٽِمندي ڏسي پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ ان شخص کي فرمايو: اي منهنجا ڀاءُ تون زنا کان توبهہ ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، ۽ هڪ ٻئي شخص جي وضو جا قطرا ٽِمندي ڏٺا تہ ان کي فرمايو: شراب پيئڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ کان توبهہ ڪر. ان عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، سَيِّدُنا اِمامِ اَعظَم اَبُو حَنِيفَه رضی اللہ تعالیٰ عنہ تي ڪَشف سبب ماڻهن جا عَيبَ ظاهر ٿي ويندا هئا. لهٰذا پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪَشف جي ختم ٿيڻ جي دعا گُهري، اللہ عَزَّوَجَلَّ سندن جي دعا قبول فرمائي، جنهن سان سندن رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي وُضو ڪرڻ وارن جا گناهہ ڇڻندي نظر اچڻ بند ٿي ويا.
**(الميزان الکبریٰ ج 1 ص 130)**

صَلُّو عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سڄو جسم پاڪ ٿي ويو!

ٻن حديثن جو خلاصو آهي: ”جنهن بِسمِ اللہ پڙهي وُضو ڪيو، ان جو مٿي کان پيرن تائين سڄو جسم پاڪ ٿي ويو ۽ جنهن بغير بِسمِ اللہ(پڙهڻ) جي وُضو ڪيو ان جو اوترو ئي جِسم

پاڪ ٿيندو جيتري تي پاڻي لڳو.“
(سنن دار قطني ج 1ص 109،108حديث 229، 228)

## باوضو سُمهڻ جي فضيلت

حديثِ پاڪ ۾ آهي ته ”باوُضو سمهڻ وارو روزو رکي ڪري، عِبادت ڪرڻ واري جِيان آهي .“ (ڪنزالعمال ج 9 ص 123 رقم الحديث25994)

## باوضو مرڻ وارو شهيد آهي

مديني جي تاجدار صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم حضرتِ سيّدُنا اَنَس رضى الله تعالىٰ عنه کي فرمايو: ”پُٽ! جيڪڏهن تون هميشه باوضو رهڻ جي طاقت رکين ٿو ته ائين ئي ڪر ڇوته مَلَڪُ الْمَوت جنهن ماڻهوءَ جو رُوح وُضوءَ جي حالت ۾ قبَض ڪندو آهي ان جي لاءِ شهادت لکي ويندي آهي .“ (شعب الايمان ج 3 ص 29 حديث 2783)

منهنجا آقا اَعلىٰ حضرت اِمام اَحمَد رَضا خَان عَلَيه رَحمَةُ الرَّحمٰن فرمائن ٿا: ”هميشه باوُضو رهڻ مُستَحب آهي .“
(فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 1 ص 702)

## مصيبتن کان حفاظت جو نُسخو

الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيّدُنا مُوسيٰ کَلِيمُ الله على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي فرمايو: ”اي موسيٰ! (على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جيڪڏهن بي وُضو هئڻ جي حالت ۾ تو تي ڪا مصيبت اچي ته پنهنجو پاڻ کي مَلامَت ڪجانءِ .“ (شعب الايمان ج 3 ص 29 حديث 2783) ”هميشه باوضو رهڻ اسلام جي سُنت آهي .“ (فتاويٰ رضويہ ج ا ص 702)

# ”احمد رضا“ جي سنن اکرن جي نسبت سان هر وقت باوُضوءَ رهڻ جا 7 فضائل

منهنجا آقا اِمام اهلسنّت اِمَام اَحمَد رَضَا خَان عَلَيہِ رَحمَۃُ الرَّحمٰن فرمائن ٿا: ”ڪجھ عارِفين (رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِین) جن فرمايو: جيڪو هميشہ باوُضو رهي اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي سَتن فضيلتن جو شَرف عطا فرمائيندو: ﴿1﴾ فِرشتا ان جي صحبت ۾ رهڻ جا شوقين هوندا ﴿2﴾ قلم ان جي لاءِ نيڪيون لکندو رهندو ﴿3﴾ ان جا عُضوا تسبيح ڪندا ﴿4﴾ ان جي تَڪبيرِ اُولىٰ فوت نہ ٿيندي﴿5﴾ جڏهن سُمهي تہ اللهعَزَّوَجَلَّ ڪجھ فِرشتا موڪليندو تہ جيئن جِنن ۽ اِنسانن جي شر کان سندس حفاظت ڪن ﴿6﴾ موت جي سَڪرات مٿس آسان ٿيندي ﴿7﴾ جيستائين وُضوءَ سان رهندو اللهعَزَّوَجَلَّجي اَمان ۾ رهندو۔ (ايضًا ص 702 ڪان 703)

# ڀيڻو ثواب

يقيناً سردي، ٿڪاوٽ، يا نزلي زڪام، مٿي جي سور ۽ بيماري ۾ وضو ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي پر پوءِ بہ ڪو اهڙي وقت وُضو ڪري جڏهن وُضو ڪرڻ ڏکيو هجي تہ ان کي حديث جي حُڪم مطابق ڀِيڻو ثواب ملندو۔ (ملخصاً از معجم الاوسط ج 4 ص 106 حديث 5366)

# وضوءَ جو طريقو (حنفي)

ڪَعبَۃُالله شريف ڏانهن منهن ڪري مٿاهين جڳھ تي ويهڻ مُسْتَحب آهي۔ وُضوءَ جي لاءِ نيّت ڪرڻ سنّت آهي، نيّت دل جي

ارادي کي چئبو آهي، دل ۾ نيّت هوندي زبان سان به چوڻ افضل آهي، تنهنڪري زبان سان هن طرح نيّت ڪريو ته مان اللهعَزَّوَجَلَّ جو حُڪم بجا آڻڻ ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ وُضو ڪري رهيو آهيان، بِسمِ الله چئي چڏيو جو اها به سنّت آهي، بلڪ بِسمِ الله وَالحَمدُلله چئو جو جيستائين باوضو رهندا فرشتا نيڪيون لکندا رهندا. (مجمع الزوائد ج 1 ص 513 حديث 1112) هاڻي ٻئي هٿ ٽي ٽي دفعا ڪرائين تائين ڌوئو، (ٽونٽي کي بند ڪري) **ٻنهي هٿن** جي آڱرين جو خِلال به ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٽي ڀيرا ساڄي کاٻي هيٺ مٿي **ڏندڻ** ڪيو ۽ هر ڀيري **ڏندڻ** کي ڌوئو، **حُجَّةُالاِسلام** اِمام محمد غزاليرَحمَةُاللهِتعالیٰعَلَيهِ فرمائن ٿا: "ڏندڻ ڪرڻ وقت نماز ۾ قرآن شريف جي قِرَاءَت ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر لاءِ وات کي پاڪ ڪرڻ جي نيّت ڪرڻ گهرجي. (احياءُالعُلوم ج 1 ص 182) پوءِ ساڄي هٿ سان ۽ ٽن ٻُڪن جيتري پاڻيءَ سان(هر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) اهڙي طرح **ٽي ڪُرڙيون** ڪريو جو هر ڀيري وات جي هر حصي تائين پاڻي پهچي وڃي جيڪڏهن روزو نه هجي ته گرڙا به ڪريو، پوءِ ساڄي هٿ جي ئي ٽن ٻُڪن جيتري پاڻي (هاڻي هر ڀيري اڌ ٻُڪ پاڻي ڪافي آهي) سان (هر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) **ٽي ڀيرا نڪ** ۾ نرم گوشت تائين پاڻي چاڙهيو ۽ جيڪڏهن روزو نه هجي ته نڪ جي پاڙ تائين پاڻي پهچايو. هاڻي(ٽونٽي بند ڪري) کاٻي هٿ سان نڪ صاف ڪريو ۽ چيچ نڪ جي سوراخن ۾ وجهو، **ٽي ڀيرا سڄو چهرو** اهڙيءَ طرح ڌوئو، جو جتان ڪان

قدرتي طور تي مٿي جا وار ڦٽڻ شروع ٿيندا آهن اُتان کان ڪاڏيءَ
جي هيٺيان تائين ۽ هڪ ڪن جي پاپڙي کان ٻئي ڪن جي
پاپڙيءَ تائين هر جڳهه تي پاڻي وهي وڃي . جيڪڏهن **ڏاڙهي**
هجي ۽ اِحرام بَڌل ناهي تہ (ٽونٽي بند ڪرڻ کان پوءِ) **اهڙيءَ طرح**
**خِلال** ڪريو جو آڱريون ڳلي واري پاسي کان داخل ڪري
سامهون واري پاسي کان ڪڍو، پوءِ پهريان **ساڄي ٻانهن** آڱرين
جي منڍن کان ڌوئڻ شروع ڪري نونين سميت ٽي ڀيرا ڌوئو،
اهڙيءَ طرح پوءِ **کاٻي ٻانهن** ڌوئو، ۽ ٻئي هٿ اڌ ٻانهن تائين
ڌوئڻ مُستَحب آهي . **گهڻا ماڻهو پاڻيءَ جي ٻُڪ ڪٽي ڪراين کان**
**ٽي ڀيرا ڇڏي ڏيندا آهن جيڪو نوڙ تائين وهندو ويندو آهي ائين**
**ڪرڻ سان نونين ۽ ڪاراين جي پاسن تي پاڻي نہ پهچڻ جو انديشو**
**آهي تنهن ڪري بيان ڪيل طريقي مطابق هٿ ڌوئو، هاڻي ٻُڪ ڀري**
**نوڙ تائين پاڻي وهائڻ جي ضرورت ناهي بلڪ** (بنا اجازت ائين
ڪرڻ) **اهو پاڻيءَ جو اِسراف آهي**. هاڻي (ٽونٽي بند ڪري) **مٿي جو**
**مسح** اهڙيءَ طرح ڪيو جو ٻئي آڱوٺا ۽ شهادت واريون آڱريون
ڇڏي ٻنهي هٿن جي ٽن ٽن آڱرين جا مُنڍا هڪ ٻئي سان ملايو
۽ پيشاني جي وارن يا کَلَ تي رکي مٿي ڪياڙيءَ تائين اهڙيءَ
طرح کڻي وڃو جو تِريون مٿي کان الڳ رهن ۽ وري ڪِياڙيءَ
سان تِريون ملائي پيشاني تائين آڻيو ۽ شهادت واريون آڱريون
۽ آڱوٺا ان دؤران مٿي سان بلڪل نہ لڳن ۽ پوءِ شهادت واري
آڱرين سان ڪنن جي اندروني حصي جو ۽ آڱوٺن سان ڪنن جي

ٻاهرين حصي جو مسح ڪريو ۽ چيچ ڪنن جي سوراخن ۾ داخل ڪريو ۽ آڱرين جي پوئين پاسي سان ڪنڌ جي پوئين حصي جو مسح ڪريو، ڪجھ ماڻهو ڳلي جو ۽ ڌوتل هٿن جي نونين ۽ ڪراين جو مسح ڪندا آهن اها سنّت ناهي. **مٿي جو مسح ڪرڻ کان اڳ ٽونٽي چڱيءَ طرح بند ڪرڻ جي عادت بڻايو،** بنا سبب ٽونٽي ڪليل ڇڏي ڏيڻ يا ٿورو بند ڪرڻ، جو پاڻي ٽمندو رهي گناهه آهي. پوءِ **پهريان ساڄو** پوءِ **کاٻو پير** هر پيري آڱرين کان شروع ڪري پيڏين کان مٿي تائين بلڪ مُستَحب آهي ته اڌ پنين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئي ڇڏيو، ٻنهي پيرن جي آڱرين جو خِلال ڪرڻ سنّت آهي . (خِلال جي دؤران ٽونٽي بند رکو) ان جو مُستَحب طريقو اهو آهي ته کاٻي هٿ جي چيچ سان ساڄي پير جي چيچ جو خِلال شروع ڪري آڱوٺي تي ختم ڪريو ۽ کاٻي هٿ جي چيچ سان کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ تي ختم ڪريو. (عام ڪتب)

**حُجَّةُالاِسلام اِمَام مُحمَّد غَزَالِي** رَحْمَةُاللهِ تعالىٰ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”هر عُضوي کي ڌوئڻ وقت اها اميد ڪندو رهي ته منهنجي هن عضوي جا گناهه نڪري رهيا آهن .“ (ملخصًا احياء العلوم ج 1 ص 346)

**وضو کان پوءِ هيٺين دعا به پڙهي ڇڏيو**(اول ۽ آخر درود شريف)

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِىْ مِنَ التَّوَّابِيْنَ وَاجْعَلْنِىْ مِنَ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ـ

(جامِع ترمذی ج ١ ص٩)

**ترجمو** : اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڪثرت سان توبهه ڪرڻ وارن ۾ بڻاءِ ۽ مون کي پاڪيزه رهڻ وارن ۾ شامل ڪر.

(جامع ترمذي ج 1 ص 9)

## جنت جا اٺ ئي دروازا کُلي ويندا آهن

**حديثِ** پاڪ ۾ آهي: ”جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نظر ڪٽي ڪلمو شهادت پڙهيو ته ان جي لاءِ **جنت جا اٺ ئي دروازا کوليا ويندا آهن** جنهن مان چاهي اندر داخل ٿي وڃي.“ (سنن دارمي ج 1 ص 196 حديث 716)

## وضوءَ کانپوءِ سورهءِ قدر پڙهڻ جا فضائل

**حديثِ** پاڪ ۾ آهي ته ”جيڪو وضوءَ کان پوءِ هڪ ڀيرو سُورهءِ قدر پڙهندو ته اهو صديقن مان آهي ۽ جيڪو ٻه ڀيرا پڙهندو ته شهيدن ۾ شُمار ڪيو ويندو ۽ جيڪو ٽي ڀيرا پڙهندو ته الله عَزَّوَجَلَّ مَحشر جي ميدان ۾ ان کي پنهنجي نَبِيَّن سان گڏ رکندو.“ (ڪنزالعمال ج 9 ص 132 رقم الحديث 26085 الحاوي للفتاوي ج 1 ص 402، 403)

## نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيندي

جيڪو وضوءَ کان پوءِ آسمان ڏانهن نظر ڪري سورهءِ اِنَّآ اَنزَلنٰه پڙهندو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيندي.
(مسائل القرآن ص 291)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لفظ ”الله“جي چئن اکرن جي نسبت سان وضو جا چار فرض

﴿1﴾ منهن ڌوئڻ ﴿2﴾نونين سميت ٻانهون ڌوئڻ ﴿3﴾ مٿي جي چوٿين حصي جو مَسَحَ ڪرڻ ﴿4﴾ پيڌين سميت ٻئي پير ڌوئڻ.
(فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 3 بهارشريعت ج 1 ص 288)

## ڌوئڻ مان مراد

ڪنهن عُضوي ڪي ڌوئڻ جي معنىٰ اها آهي ته ان عضوي جي هر حصي تي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڦڙا پاڻي وهي وڃي، رُڳو پُسجي وڃڻ يا پاڻيءَ کي تيل وانگر مکڻ يا هڪ ڦڙو وهي وڃڻ کي ڌوئڻ نه چئبو ۽ اهڙيءَ طرح نه وضو ٿيندو ۽ نه ئي غسل ادا ٿيندو. (فتاويٰ رضويه ج 1 ص 218، بهارشريعت ج 1 ص 288)

## ”ڪرم ياربَّ العلمين“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان وضوءَ جون 14 سنتون

”وضو جو طريقو“(حنفي) ۾ ڪجھ سُنّتون ۽ مُستَحب بيان ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي انهن جي وڌيڪ وضاحت ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ نيّت ڪرڻ ﴿2﴾ بِسمِ الله پڙهڻ، جيڪڏهن وضوءَ کان اڳ بِسمِ الله وَالحَمدُلله چوندا ته جيستائين باوضو رهندا فِرشتا نيڪيون لکندا رهندا. (مجمع الزوائد ج 1 ص 513 رقم الحديث 1112) ﴿3﴾ ٻئي هٿ ڪراين تائين ٽي ڀيرا ڌوئڻ ﴿4﴾ ٽي ڀيرا ڏندڻ ڪرڻ ﴿5﴾ ٽن ٻُڪن جيتري پاڻي سان ٽي ڀيرا گرڙي ڪرڻ ﴿6﴾ روزو نه هجي ته گرڙا ڪرڻ ﴿7﴾ ٽن ٻُڪن جيتري پاڻيءَ سان ٽي ڀيرا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿8﴾ ڏاڙهي هجي ته (اِحرام ۾ نه هئڻ وقت) ان جو خِلال ڪرڻ ﴿9﴾ هٿن ۽ ﴿10﴾ پيرن جي آڱرين جو خِلال ڪرڻ ﴿11﴾ سڄي مٿي جوهڪ ئي ڀيرو مَسَحَ ڪرڻ ﴿12﴾ ڪنن جو مَسَحَ ڪرڻ ﴿13﴾ فرضن ۾ ترتيب قائم رکڻ (يعني فرض عضون ۾ پهرين منهن پوءِ ٻانهون نونين سميت ڌوئي پوءِ مٿي جو

مَسَحُ ڪرڻ ۽ پوءِ پير ڌوئڻ) ﴿14﴾ ۽ متواتر وضو ڪرڻ يعني هڪ عُضوو سُڪي ئي نہ تہ ٻيو عضوو ڌوئي ڇڏڻ. (بهارشريعت ج 1 ص 293، 294)

## ”يارسول اللّٰہ تيرے در کي فضاؤں کو سلام“ جي اٺيهہ اکرن جي نسبت سان وضوءَ جا 29 مُستحبَ

﴿1﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري﴿2﴾ مٿانهين جڳهہ تي﴿3﴾ ويهڻ ﴿4﴾ پاڻي وهائڻ وقت عضون تي هٿ ڦيرڻ ﴿5﴾ اطمينان سان وضو ڪرڻ ﴿6﴾ وضوءَ جي عضون تي اڳ ۾ پاڻي مکڻ خاص ڪري سردين ۾﴿7﴾ وضو ڪرڻ لاءِ بغير ضرورت جي ڪنهن کان مدد نہ وٺڻ ﴿8﴾ ساڄي هٿ سان گرڙي ڪرڻ ﴿9﴾ ساڄي هٿ سان نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿10﴾ کاٻي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ ﴿11﴾ کاٻي هٿ جي چيچ نڪ ۾ وجهڻ ﴿12﴾ آڱرين جي پٺئين پاسي سان ڪنڌ جي پوئين پاسي جو مَسَحُ ڪرڻ ﴿13﴾ ڪنن جو مَسَحُ ڪرڻ وقت پسايل چيچ ڪنن جي سوراخن ۾ داخل ڪرڻ ﴿14﴾ مُنڊيءَ کي گهمائڻ جيڪڏهن کِهرکِهلي هجي ۽ اهو يقين ڪرڻ تہ ان جي هيٺان پاڻي وهي ويو آهي ۽ جيڪڏهن سوڙهي هجي تہ گهمائي آڱر جي هيٺان پاڻي وهائڻ فرض آهي ﴿15﴾ شَرعِي مَعذُور (ان جا تفصيلي احڪام هن ئي رسالي جي صفحي 30 کان 33 تائين ڏسو) نہ هجي تہ نماز جو وقت شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي وضو ڪري ڇڏڻ ﴿16﴾ جيڪو پوري طرح وضو ڪندو آهي يعني جنهن جي ڪا بہ جڳهہ پاڻي

وهڻ ڪان نہ رهجي ويندي هجي تہ ان جو اکين جي ڪُنڊن جيڪي نڪ سان مليل آهن، پيڏين، ڪڙين، پير جي تِرين ۽ ڪڙين جي مٿئين حصي، آڱرين جي وچ وارين وِٿين ۽ نونين جو خاص خيال رکڻ ۽ بي خيالي ڪرڻ وارن جي لاءِ تہ فرض آهي تہ انهن جڳهن جو خاص خيال رکن جو اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ اهي جڳهون خُشڪ رهجي وينديون آهن ۽ اهو ڌيان نہ ڏيڻ جو ئي نتيجو آهي ۽ اهڙي بي خيالي حرام آهي ۽ خيال ڪرڻ فرض ﴿17﴾ وضوءَ جو بدنو ڪابي پاسي رکو ۽ جيڪڏهن ٿالهہ يا ديڳڙي وغيره سان وضو ڪريو تہ ساڄي پاسي رکو ﴿18﴾ منهن ڌوئڻ وقت پيشانيءَ تي اهڙيءَ طرح پاڻي ڦهلائي وجهڻ جو مٿي جو بہ ڪجهہ حصو ڌوپجي وڃي ﴿19﴾ منهن ۽ ﴿20﴾ هٿن پيرن جي روشني وسيع ڪرڻ يعني جنهن جاءِ تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ان جي چوڏاري ڪجهہ وڌائڻ **مثال طور** ٻانهون نوٽ ڪان مٿي اڌ ٻانهن تائين ۽ پير پيڏين ڪان مٿي اڌ پِنين تائين ڌوئڻ ﴿21﴾ ٻنهي هٿن سان منهن ڌوئڻ ﴿22﴾ هٿ پير ڌوئڻ ۾ آڱرين ڪان شروع ڪرڻ ﴿23﴾ هر عُضوو ڌوئڻ ڪان پوءِ ان تي هٿ ڦيرائي پاڻي جا ڦڙا ڪيرائڻ تہ جيئن جسم يا ڪپڙن تي نہ ڪِرن، خاص طور تي جڏهن مسجد ۾ ويٺو هجي ڇو جو مسجد جي فرش تي وضو جي پاڻيءَ جا قطرا ڪيرائڻ مڪروهِ تحريمي آهي. ﴿24﴾ هر عضوو ڌوئڻ وقت ۽ مَسَحَ ڪرڻ وقت وضوءَ جي نيّت جو حاضر هئڻ ﴿25﴾ شروعات ۾ بِسمِ اللہ سان

ڳڏوڳڏ دُرُود شريف ۽ ڪلمہ شهادت پڙهڻ ﴿26﴾ وضوءَ وارا عضوا بنا ضرورت جي نہ اگهو، جيڪڏهن اُگهڻا ئي هجڻ تڏهن بہ بنا ضرورت جي بلڪل خُشڪ نہ ڪريو بلڪ ڪجهہ آلاڻ ڇڏي ڏيو جو قِيامت جي ڏينهن نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ويندي. ﴿27﴾ وضوءَ ڪانپوءِ هٿ نہ ڇنڊيو جو اهو شيطان جو پکو آهي. ﴿28﴾ وضوءَ ڪانپوءِ سلوار جي ان حصي تي پاڻي ڇنڊڻ، جيڪو شرمگاهہ جي ويجهو هوندو آهي . (پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ وقت ان حصي کي قميص جي دامن ۾ ڍڪيل رکڻ مناسب آهي ڳڏوڳڏ وضو ڪرڻ وقت بہ بلڪ هر وقت ان کي قميص جي دامن يا چادر وغيره سان ڍڪي رکڻ حياءَ مان آهي) ﴿29﴾ جيڪڏهن مڪروهہ وقت نہ هجي تہ بہ رڪعتون نفل ادا ڪرڻ جنهن کي تَحِيةُالوضو چئبو آهي .

(بهارشريعت ج 1 ص 292، 300)

## "باوضو رهڻ ثواب آهي" جي پندرهن اکرن جي نسبت سان وضوءَ جا 15 مَڪروهہ

﴿1﴾ وضوءَ جي لاءِ ناپاڪ جڳهہ تي ويهڻ ﴿2﴾ ناپاڪ جڳهہ تي وضوءَ جو پاڻي ڪيرائڻ ﴿3﴾ وضوءَ دوران عضون مان ڪؤنري وغيره ۾ قطرا ڪيرائڻ (منهن ڌوئڻ وقت پريل ٻُڪ ۾ عام طور تي منهن مان پاڻيءَ جا قطرا ڪِرندا آهن انهن جو خيال رکو) ﴿4﴾ قبلي ڏانهن ٿُڪَ يا بلغم اڇلائڻ يا ڳرڙي ڪرڻ ﴿5﴾ گهڻو پاڻي خرچ ڪرڻ (حضرت صدرالشريعه، علامہ مولانا مفتي امجد علي صاحب اعظمي رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ) "بهارِ شريعت" حصي ٻئي ص 23 ڇاپو مدينة المرشد

بريلي شريف ۾ فرمائن ٿا ته نڪ ۾ پاڻي وجهڻ وقت اڌ ٻُڪ جيترو پاڻي ڪافي آهي ته پوءِ سڄي ٻُڪ استعمال ڪرڻ اِسراف آهي) ﴿6﴾ ايترو گهٽ پاڻي خرچ ڪرڻ جو سنّت ادا نه ٿي سگهي.(بهرحال ٿونٽي نه ايتري گهٽي کوليو جو پاڻي ضرورت کان وڌيڪ هارجي ۽ نه ايتري گهٽ کوليو جو سنّت به ادا نه ٿئي بلڪ وچٿري هجي) ﴿7﴾ منهن تي پاڻي هڻڻ ﴿8﴾ منهن تي پاڻي وجهڻ وقت ڦوڪون ڏيڻ ﴿9﴾ هڪ هٿ سان منهن ڌوئڻ، اهو رافضين ۽ هندن جو طريقو آهي ﴿10﴾ ڳلي جو مَسَحَ ڪرڻ ﴿11﴾ کابي هٿ سان گرڙي ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿12﴾ ساڄي هٿ سان نڪ صاف ڪرڻ ﴿13﴾ ٽن نَوَن پاڻين سان ٽي ڀيرا مٿي جو مَسَحَ ڪرڻ ﴿14﴾ اُسَ ۾ گرم ٿيل پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ ﴿15﴾ چَپَ يا اکين کي زور سان بند ڪرڻ ۽ جيڪڏهن انهن جو ڪجھ حصو سُڪل رهجي ويو ته وضو ئي نه ٿيندو، وضوءَ جي هر سنّت کي ڇڏڻ مڪروه آهي ۽ اهڙيءَ طرح هر مڪروه کي ڇڏڻ سنّت آهي .

(بهارِشريعت ج 1 ص 300،301)

## مستعمل پاڻيءَ جو اهم مسئلو

جيڪڏهن بي وضو شخص جو هٿ يا آڱر جو پورو(يعني آڱر تي ٽي حصا هوندا آهن جن تي تسبيح جي ڳٽپ ڪندا آهيون) يا ننهن يا جسم جو ڪو حصو جيڪو وضو ۾ ڌوتو ويندو آهي، اهو ڄاڻي واڻي يا ڀُل ۾ ڏَهه دَر ڏَهه (يعني 100 هٿ/ 25 گز/ 225 فُٽ) کان گهٽ پاڻي(مثال طور پاڻي سان ڀريل بالٽي يا ڪؤنري وغيره) ۾ پئجي وڃي

تہ پاڻي **مُسۡتَعۡمَل** (يعني استعمال ٿيل) ٿي ويو ۽ پوءِ وضو ۽ غسل جي لائق نہ رهيو، اهڙيءَ طرح جنهن تي غسل فرض هجي ان جي جسم جو ڪو اڻ ڌوتل حصو پاڻيءَ سان لڳي وڃي تہ اهو پاڻي وضوءَ ۽ غسل جي ڪم جو نہ رهيو. ها جيڪڏهن ڌوتل هٿ يا ڌوتل جسم جو ڪو حصو پئجي وڃي تہ حرج ناهي.

(بهارِ شريعت ج 1 ص 333)

(مستعمل پاڻي، وضوءَ ۽ غسل جا تفصيلي احڪام سکڻ جي لاءِ بهارِ شريعت حصي 2 جو مطالعو فرمايو)

## پان کائڻ وارا توجهہ فرمائن!

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد دين ۽ ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِطريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: ”گهڻي پان کائڻ جي عادت وارا خاص طور تي جن کي ڏندن ۾ وِٿي (GAPE) هجي، اهي ڄاڻن ٿا تہ سوپاري جا ننڍڙا ذرڙا ۽ پان جا تمام ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا اهڙي طرح وات جي ڪندن ۽ ڏندن جي وِٿين ۾ ڦاسي ويندا آهن جو ٿي گرڙيون بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏهہ ٻارهن گرڙيون بہ انهن جي مڪمل صفائيءَ جي لاءِ ناڪافي هونديون آهن ۽ نہ خِلال سان ئي نڪري سگهن ٿيون ۽ نہ ڏندڻ انهن کي ڪڍي سگهي ٿو، سواءِ گرڙين جي، جو پاڻي انهن جي

ذريعي سوراخن ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ جنبش ڏيڻ سان ڄميل ننڍڙن ذرن کي آهستي آهستي ڇڏائي ڪڍي ايندو آهي ۽ ان جي بہ ڪا حد نہ هوندي آهي جڏهن تہ مڪمل صفائي ڪرڻ جي بہ سخت تاڪيد ڪئي وئي آهي، ڪيترين ئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ جڏهن ماڻهو نماز لاءِ بيهندو آهي تہ فرشتو ان جي وات تي پنهنجو وات رکندو آهي اهو جيڪو پڙهندو آهي ان جي وات مان اهي لفظ نڪري فرشتي جي وات ۾ ويندا آهن ۽ جيڪڏهن ان وقت کائڻ جي ڪا شيءِ ان جي ڏندن ۾ هوندي آهي تہ فرشتن کي انهن شين کان اهڙي سخت تڪليف ٿيندي آهي جهڙي ٻي ڪنهن شيءِ کان ناهي ٿيندي۔"

**حُضُورِ** اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: "جڏهن توهان مان ڪو رات جو نماز جي لاءِ اٿي تہ ان کي گهرجي تہ ڏندڻ ڪري ڇو تہ جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قِراءَت ڪندو آهي تہ فرشتو پنهنجو وات ان جي وات تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ هن جي وات مان نڪرندي آهي اها فرشتي جي وات ۾ داخل ٿي ويندي آهي۔" (شعب الايمان ج 2 ص 381 رقم 2117) ۽ طبرانيءَ ڪبير ۾ حضرتِ سيّدُنا ابوايوب انصاري رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت ڪئي آهي تہ: "ٻنهي فرشتن کي ان کان وڌيڪ ڪابہ شيءِ ڳوري ناهي لڳندي جو هو پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن ۾ ڪاڌي جا ذرا ڦاٿل هجن." (معجم الڪبير ج 4 ص 177 حديث 4061، فتاويٰ رضويه ج 1 ص 624 کان 625)

## تصوُّف جو عظيم مدَني نُسخو

حُجَّةُالاسلام اِمام مُحَمَّد غَزَالي رَحْمَةُاللّٰہِ تعالٰی عَلَيْہِ فرمائن ٿا: ”وُضو ڪان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن توهان نماز پڙهو تہ ان وقت اهو تصوُّر ڪريو تہ جن ظاهري عضون تي ماڻهن جي نظر پوندي آهي اهي تہ ظاهر ۾ پاڪ ٿي چڪا پر دل کي پاڪ ڪرڻ کانسواءِ بارگاهِ الاهي ۾ مُناجات ڪرڻ (يعني ٻاڏائڻ) حياءَ جي خلاف آهي، ڇو تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ دلين کي بہ ڏسندڙ آهي.“ وڌيڪ فرمائن ٿا: ظاهري وضو ڪرڻ واري کي اها ڳالهہ ياد رکڻ کپي تہ دل جي صفائي توبہ ڪرڻ ۽ گناهن کي ڇڏڻ ۽ عُمدا اخلاق اپنائڻ سان ٿيندي آهي، جيڪو شخص دل کي گناهن کان پاڪ نہ ٿو ڪري فقط ظاهري پاڪائي ۽ ناهہ نوهہ تي بس ڪري ٿو تہ ان جو مثال ان شخص جهڙو آهي جيڪو بادشاهہ کي دعوت ڏئي ٿو ۽ پنهنجي گهر کي ٻاهران خوب چمڪائي ٿو ۽ رنگ وغيره لڳائي ٿو پر گهر جي اندرئين حصي جي صفائيءَ تي ڪوبہ ڌيان نہ ٿو ڏئي، پوءِ جڏهن بادشاهہ ان جي گهر جي اندر اچي گندگيون ڏسندو تہ ناراض ٿيندو يا راضي؟ اهو هر عقلمند پاڻ سمجهي سگهي ٿو.

(ملخص از احياءالعلوم ج 1 ص 185)

## ”صبر ڪر“ جي پنج اکرن جي نسبت سان زخم وغيره مان رت نڪرڻ جا پنج احڪام

﴿1﴾ رت، پونءِ يا ڦڪو پاڻي ڪٿان ڪان نڪري وهڻ لڳو ۽ ان جي وهڻ ۾ ان جڳهہ تائين پهچڻ جي صَلاحيّت هئي جنهن جڳهہ

جو وضو يا غسل ۾ ڌوئڻ فرض آهي تہ پوءِ وضو ٽٽي ويندو. (بهار شريعت ج 1 ص 304) ﴿2﴾ رت جيڪڏهن چمڪڻ لڳو يا اُڀريو پر وهيو نہ، ائين جيئن سئيءَ جي چُهنب يا چاقوءَ جو ڪنارو لڳندو آهي ۽ ان سان رت اُڀري يا چمڪي پوندو آهي يا خِلال ڪيو يا ڏندڻ ڪيو يا آڱر سان ڏند مهٽيا يا ڏندن سان ڪا شيءِ **مثال طور** صوف وغيره ڪٽيو ان تي رت جو اثر ظاهر ٿيو يا نڪ ۾ آڱر وڌي ان تي رت جي ڳاڙهاڻ اچي وئي پر اهو رت وهڻ جيترو نہ هو تہ وضو نہ ٽٽندو . (ايضاً) ﴿3﴾ جيڪڏهن رت وهيو پر وهي اهڙي جڳهہ تي نہ آيو جنهن جو وضو يا غسل ۾ ڌوئڻ فرض هجي **مثال طور** اک ۾ داڻو هو ۽ ڦِسي اندر ئي ڦهلجي ويو ٻاهر نہ نڪتو يا پونءِ يا رت ڪن جي سوراخن جي اندر ئي رهيو ٻاهر نہ نڪتو تہ ان صورت ۾ بہ وضو نہ ٽٽندو. (ايضًا) ﴿4﴾ زخم بيشڪ وڏو هجي ۽ رُطوبت چمڪي پئي، پر جيستائين وهي نہ تيستائين وُضو نہ ٽٽندو. (ايضًا) ﴿5﴾ زخم جو رت هر هر اگهندا رهيؤ جو وهڻ جي نوبت نہ آئي تہ پوءِ غور ڪيو تہ جيڪڏهن ايترو رت اُگهي ورتو آهي جو جيڪڏهن نہ اگهو ها تہ وهي وڃي ها تہ وضو ٽُٽي ويندو نہ تہ نہ . (ايضًا)

## انجيڪشن لڳائڻ سان وضو ٽٽندو يا نہ؟

﴿1﴾ گوشت ۾ انجيڪشن لڳائڻ ۾ رُڳو انهيءَ صورت ۾ وضو ٽُٽندو جڏهن تہ وهڻ جي مقدار جيترو رت نڪري ﴿2﴾ جڏهن تہ رڳ ۾ انجيڪشن لڳائي ڪري پهريان رت مٿي چڪيندا آهن

۽ جيڪو وهڻ جي مقدار جيترو هوندو آهي ان ڪري وضو ٽُٽي ويندو آهي ﴿3﴾ اهڙيءَ طرح گلوڪوز وغيره جي ڊِرپ رڳ ۾ لڳرائڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي ڇو تہ وهڻ جي مقدار جيترو رت نڪري نلڪي ۾ اچي ويندو آهي، ۽ ها جيڪڏهن فرض ڪريو وهڻ جي مقدار جيترو رت نلڪي ۾ نہ اچي تہ وضو نہ ٽٽندو ﴿4﴾ سِرنج (syringe) جي ذريعي ٽيسٽ ڪرڻ جي لاءِ رت ڪڍڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي ڇو تہ اهو وهڻ جي مقدار جيترو هوندو آهي، انهيءَ جي لاءِ اهو رت پيشاب وانگر ناپاڪ بہ هوندو آهي، ان رت سان ڀريل شيشي ڪيسي ۾ رکي نماز نہ پڙهو.

## اُٺيل اک جا ڳوڙها

﴿1﴾ اک جي بيماري سبب جيڪو ڳوڙهو نڪتو اهو ناپاڪ آهي ۽ وضو بہ ٽوڙي ڇڏيندو. (الدرالمختار معه رد المحتار ج 1 ص 554) افسوس گهڻا ماڻهو هن مسئلي کان بي خبر هوندا آهن ۽ سُورَ واري اک مان بيماريءَ جي ڪري وهندڙ پاڻيءَ جي قطرن کي ٻين قطرن وانگر سمجهي ٻانهن يا قميص وغيره سان اگهي ڪپڙا ناپاڪ ڪري ڇڏيندا آهن. ﴿2﴾ نابين جي اک مان جيڪا رُطوبت بيماري جي ڪري نڪرندي آهي اها ناپاڪ آهي ۽ ان سان وضو بہ ٽُٽي ويندوآهي . (بهارشريعت ج 1 ص 306)

## پاڪ ۽ ناپاڪ رطوبت

﴿3﴾ جيڪا رُطوبت انساني جسم مان نڪري ۽ وضو نہ ٽوڙي

اها ناپاڪ ناهي، مثال طور رت يا پونءِ وهندي نہ نڪري يا ٿوري اٿي جيڪا وات ڀريل نہ هجي اها پاڪ آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 309)

## ڇالو ۽ ڦُرڙي

﴿1﴾ **ڇالو** (ڦلوڪٽي) ڪي ڦٽيو ويو ۽ جيڪڏهن ان جو پاڻي وهڻ لڳو تہ وضو ٽُٽي ويو نہ تہ نہ. (ايضاً ص 305) ﴿2﴾ ڦرڙي بلڪل صحيح ٿي وئي هجي پر ان جي ڇوڏو (سُڪل کل) باقي هجي جنهن ۾ مٿان ڪان سوراخ ۽ اندر خالي آهي ۽ جيڪڏهن ان ۾ پاڻي ڀرجي ويو هجي ۽ زور ڏيڻ سان اهو پاڻي ڪڍيو ويو تہ، نہ وضو ٽُٽندو ۽ نہ ئي اهو پاڻي ناپاڪ آهي. ها جيڪڏهن ان جي اندر ڪجھ رت جي آلاڻ وغيره باقي هجي تہ وضو بہ ٽُٽي ويندو ۽ اهو پاڻي بہ ناپاڪ آهي. (فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 1 ص 355، 356) ﴿3﴾ خارش يا ڦرڙين ۾ جيڪڏهن وهندڙ رُطوبت ناهي رُڳو ايتري آهي جيتري ڪپڙي يا ٻي ڪنهن شيءِ سان چنبڙي ٿي تہ ڪپڙو ان سان لڳي ڪري ڀلي ڪيترو بہ آلو ٿي وڃي پاڪ آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 310) ﴿4﴾ نڪ صاف ڪيو ويو هجي ۽ ان مان ڄميل رت نڪتو تہ وضو نہ ٽُٽندو پر وڌيڪ مناسب اهو آهي تہ وضو ڪري. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 1 ص 281)

## اُلٽيءَ سان وضو ڪڏهن ٽُٽندو آهي؟

وات ڀريل الٽي جيڪا کاڌي پاڻي يا صَفراء (ڦڪي رنگ جي ڪڙي پاڻي) جي هجي وضو ٽوڙي ڇڏيندي آهي، جيڪا الٽي روڪڻ سان نہ روڪي سگهجي ان کي وات ڀريل چوندا آهن،

وات پريل الٽي پيشاب وانگر ناپاڪ هوندي آهي ان جي ڇنڊن
ڪان پنهنجي ڪپڙن ۽ جسم کي بچائڻ ضروري آهي .
(بهارشريعت ج 1 ص 306، 390)

## ٽِلڻ جا احڪام

(1) رُڪوع ۽ سجدي واري نماز ۾ بالغ ٽهڪ ڏنو يعني ايتري آواز سان کِليو جو آس پاس وارن بہ ٻُڌو تہ وضو بہ ٽُٽي ويو ۽ نماز بہ، جيڪڏهن ايتري آواز سان کِليو جو رُڳو پاڻ ٻُڌائين تہ رُڳو نماز ٽُٽي وئي وضو باقي آهي، مُرڪڻ سان نہ نماز ٽُٽندي نہ وضو. (مراقي الفلاح معه حاشيه طحطاوي ص 91) چو تہ مُرڪڻ ۾ آواز بلڪل نہ هوندو آهي، پر صرف ڏند ظاهر ٿيندا آهن. (2) بالغ شخص جنازي نماز ۾ ٽهڪ ڏنو تہ نماز ٽُٽي وئي پر وضو باقي آهي. (ايضًا) (3) نماز کان ٻاهر ٽهڪ ڏيڻ سان وضو ناهي ٽُٽندو پر بيهر ڪرڻ مُستَحب آهي . (مراقي الفلاح معه حاشية الطحطاوي ص 84) اسان جي مِٺي مِٺي آقا صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ڪڏهن بہ ٽهڪ نہ ڏنو ان لاءِ اسان کي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اها سنّت بہ زنده ٿئي ۽ اسان زور زور سان نہ کِلون . **فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم آهي تہ اَلتَّبَسُّمُ مِنَ اللهِ تَعالٰى وَ القَهْقَهَةُ مِنَ الشَّيطٰن. يعني مُرڪڻ الله عزوجل جي طرفان آهي ۽ ٽهڪ شيطان جي طرفان آهي . (المعجم الصغير للطبراني ج 2 ص 104)

## ڇا اوڳهڙ ڏسڻ سان وضو ٽٽي ويندو آهي؟

**عوام** ۾ مشهور آهي تہ گوڏو يا پنهنجي يا ٻئي جي اوگهڙ ڏسڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي اهو بلڪل غلط آهي. ها وضو

جي آداب منجهان آهي تہ ڏن ڪان وٺي ٻنهي گوڏن سميت سڀ اوگهڙ ڏيکيل هجي بلڪ استنجا ڪانپوءِ جلدي ڍڪي ڇڏجي . جو بنا ضرورت جي اوگهڙ ڪليل رکڻ منع، ٻين جي سامهون اوگهڙ کولڻ حرام آهي . (بهارشريعت ج 1 ص 309)

## غُسل جو وضو ڪافي آهي

غسل ڪرڻ وقت جيڪو وضو ڪيو هجي تہ اهو ئي ڪافي آهي توڙي بغير ڪپڙن جي غسل ڪيو ويو هجي ۽ وري غسل کان پوءِ ٻيهر وضو ڪرڻ ضروري ناهي بلڪ جيڪڏهن وضو نہ بہ ڪيو ويو هجي تہ غسل ڪرڻ سان وضوءَ جي عضون تي بہ پاڻي وهي ويندو آهي تنهنڪري وضو بہ ٿي ويو، ڪپڙا بدلائڻ سان بہ وضو ناهي ٽُٽندو .

## ٿُڪ ۾ رت

(1) وات مان رت نڪتو ۽ جيڪڏهن ٿُڪَ کان گهٽو آهي تہ وضو ٽُٽي ويندو نہ تہ نہ، گهٽو هئڻ جي نشاني اها آهي تہ جيڪڏهن ٿُڪَ جو رنگ ڳاڙهو ٿي وڃي تہ رت گهٽو مڃيو ويندو ۽ وضو ٽُٽي ويندو ۽ اها ڳاڙهي ٿُڪَ ناپاڪ بہ آهي ۽ جيڪڏهن ٿُڪَ ڦِڪي هجي تہ رت کان ٿُڪَ گهٽي مڃي ويندي ان لاءِ نہ وضو ٽُٽندو ۽ نہ اها ڦِڪي ٿُڪَ ناپاڪ آهي . (بهارشريعت ج 1 ص 305) (2) وات مان ايترو رت نڪتو جو ٿُڪَ ڳاڙهي ٿي وئي ۽ ڪؤنري يا گلاس سان وات لڳائي گرڙيءَ لاءِ پاڻي کنيو ويو تہ ڪؤنري ۽ گلاس جو سڄو پاڻي ناپاڪ ٿي ويو ان لاءِ اهڙي موقعي تي

پاڻي جي ٻُڪ ڪٽي احتياط سان گرڙي ڪريو ۽ اهو به احتياط ڪريو ته ڦهنگون اڏي ڪري توهان جي ڪپڙن وغيره تي نه پون.

## ڪير پياڪ ٻار جو پيشاب ۽ الٽي

(1) هڪ ڏينهن واري ڪير پياڪ ٻار جو پيشاب به اهڙي طرح ئي ناپاڪ آهي جهڙي طرح عام ماڻهن جو. (بهارشريعت ج 1 ص 390) (2) ڪير پياڪ ٻار ڪير الٽي ڪري ڪڍيو ۽ اهو وات ڀريل آهي ته (اهو به پيشاب وانگر) ناپاڪ آهي، ها جيڪڏهن اهو ڪير معدي تائين ناهي پهتو رُڳو سيني تائين پهچي واپس آيو ته پاڪ آهي.
(بهارشريعت ج 1 ص 310)

## وضوءَ ۾ شڪ پوڻ جا پنج احڪام

﴿1﴾ جيڪڏهن وضو جي دؤران ڪنهن عُضوي جي ڌوئڻ ۾ شڪ پوي ۽ اهو جيڪڏهن زندگي جو پهريون واقعو آهي ته ان کي ڌوئي وٺو ۽ جيڪڏهن هميشه شڪ پوندو رهندو آهي ته ان ڏانهن توجهه نه ڏيو ۽ جيڪڏهن اهڙي طرح وضو ڪان پوءِ به شڪ پوي ته ان جو ڪو خيال نه ڪريو. (بهارشريعت ج 1 ص 310) ﴿2﴾ توهان وضوءَ سان هيؤ هاڻي شڪ پوڻ لڳو ته الائي وضو آهي يا نه، اهڙي صورت ۾ توهان وضوءَ سان آهيو ڇو ته رُڳو شڪ سان وضو ناهي ٽُٽندو. (ايضاً ص 11) ﴿3﴾ وسوسي جي صورت ۾ احتياط طور تي وضو ڪرڻ احتياط نه بلڪ شيطان جي پيروي آهي . (ايضاً) ﴿4﴾ يقيني طور تي توهان ان وقت تائين باوضوءَ

آهيو جسيتائين وضو ٽُٽڻ جو اهڙو يقين نہ ٿي وڃي جو قسم ڪائي سگهو ﴿5﴾ اهو ياد آهي تہ ڪو عضوو ڌوئڻ کان رهجي ويو آهي پر اهو ياد ناهي تہ ڪهڙو عضوو هو تہ کابو پير ڌوئي ڇڏيو. (درمختار ج 1 ص 310)

## ڪتو ڇُهي وڃي تہ!

ڪُتو جسم سان ڇهي وڃڻ سان ڪپڙا ناپاڪ ناهن ٿيندا توڙي جو ڪتي جو جسم آلو هجي. ها ڪتي جي ڳِگ ناپاڪ آهي . (بهارشريعت ج 1 ص 395)

## سمهڻ سان وضو ٽٽڻ يا نہ ٽُٽڻ جو بيان

سمهڻ سان وضو ٽُٽڻ جا ٻہ شرط آهن :

(1) ويهڻ واري جڳهہ جا ٻئي پاسا چڱيءَ طرح ڄميل نہ هجن (2) اهڙي حالت ۾ سُتو جو غافل ٿي ڪري سُمهڻ ۾ رُڪاوٽ نہ هجي، پوءِ جڏهن ٻئي شرط گڏ ٿي وڃن يعني ويهڻ واري جڳهہ جا ٻئي پاسا بہ چڱي طرح ڄميل نہ هجن ۽ گڏوگڏ اهڙي حالت ۾ سُتو هجي جو غافل ٿي ڪري سمهڻ ۾ رڪاوٽ نہ هجي تہ اهڙي ننڊ وضو ٽوڙي ڇڏيندي آهي، جيڪڏهن هڪ شرط موجود هجي ۽ ٻيو شرط موجود نہ هجي تہ وضو نہ ٽُٽندو .

**سمهڻ جا اهي ڏهہ طريقا جن سان وضو ناهي ٽُٽندو:**

﴿1﴾ اهڙيءَ طرح ويهڻ جو جيئن ويهڻ واري جاءِ جا ٻئي پاسا زمين تي هجن ۽ ٻئي پير هڪ پاسي دگهيريل هجن (ڪرسي، ريل، ۽ بس جي سيٽ تي ويهڻ جو بہ اهو ئي حڪم آهي) ﴿2﴾ اهڙيءَ

طرح ويھڻ جو جيئن ويھڻ واري جاءِ جا ٻئي پاسا زمين تي هجن ۽ پِنين ڪي ٻنهي هٿن جي گولائيءَ ۾ پڪڙي، توڙي جو هٿ زمين وغيره تي هجن يا مٿو گوڏن تي رکيل هجي ﴿3﴾ پلٿي هڻي ويھڻ، توڙي جو زمين، تخت يا کٽ وغيره ئي هجي ﴿4﴾ گوڏا پَجي ويھڻ ﴿5﴾ گھوڙي يا خچر وغيره تي سَنج رکي سوار ٿيڻ ﴿6﴾ اگھاڙي پُٺيءَ تي سوار هجي پر جانور چاڙھيءَ ڏانهن چڙهي رهيو هجي يا رستو هموار هجي ﴿7﴾ وهاڻي سان ٽيڪ لڳائي ڪري اهڙيءَ طرح ويھڻ جو ويھڻ واري جڳھ جا ٻئي پاسا جميل هجن توڙي جو وهاڻو هٽائڻ سان ٽيڪ لڳائيندڙ ڪِري پوي ﴿8﴾ بيٺل هجي ﴿9﴾ رُڪوع جي حالت ۾ هجي ﴿10﴾ سنّت مطابق جيئن مرد سجدو ڪندو آهي اهڙيءَ طرح سجدو ڪري جو پيٽ رانن ۽ ٻانهون پاسن کان جدا هجن. مٿي ڄاڻايل حالتون نماز ۾ پيدا ٿين يا نماز کان علاوه، وضو نہ ٽُٽندو ۽ نماز بہ فاسد نہ ٿيندي، توڙي جو ڄاڻي واڻي سمهي، البت جيڪو رڪن بلڪل سمهندي ادا ڪيو ويو ان جو ٻيهر ادا ڪرڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن جاڳندي شروع ڪيو ويو پوءِ ننڊ اچي وئي تہ جيڪو حصو جاڳندي ادا ڪيو ويو اهو ادا ٿي ويو ۽ باقي ادا ڪرڻو پوندو.

**سمهڻ جا اهي ڏهہ طريقا جن سان وضو ٽٽي ويندو آهي:**

﴿1﴾ اوڪڙو ويھڻ (پيرن تي ائين ويھڻ جو ٻئي گوڏا بيٺل هجن) ﴿2﴾ سڌو ٿي سمهڻ ﴿3﴾ اونڌو ٿي سمهڻ ﴿4﴾ کاٻي يا ساڄي پاسي

تي سمهڻ ﴿5﴾ هڪ نوٽ تي ٽيڪ لڳائي سُمهڻ ﴿6﴾ ويهي ائين سمهڻ جو هڪ پاسي جهڪيل هجي جنهن ڪري ويهڻ واري جڳهه جا هڪ يا ٻئي پاسا مٿي ٿي وڃن ﴿7﴾ اگهاڙي پُنيءَ تي سوار هجي پر جانور هيٺاهينءَ ڏانهن لهي رهيو هجي ﴿8﴾ پيٽ رانن تي رکي گوڏا پَچي ويهي ائين سمهڻ جو ويهڻ واري جڳهه جا ٻئي پاسا جميل نه هجن ﴿9﴾ پَلٿي هڻي ائين ويهڻ جو مٿو رانن يا پِنين تي رکيل هجي ﴿10﴾ اهڙيءَ طرح سمهڻ جيئن عورت سجدو ڪندي آهي جو جيئن پيٽ رانن ۽ ٻانهون پاسن سان مليل هجن ۽ ڪرايون وڇايل هجن، ڄاڻايل صورتون نماز ۾ پيدا ٿين يا نماز کان علاوه وضو ٽُٽي ويندو آهي پر جيڪڏهن هنن صورتن ۾ ڄاڻي واڻي سُتو ته نماز فاسد ٿي ويندي، ڄاڻي واڻي نه سُتو ته وضو ٽُٽي ويندو نماز باقي آهي، وضو ڪان پوءِ (مخصوص شرطن سان) رهيل نماز انهيءَ جاءِ تان پڙهي سگهي ٿو جتان ننڊ آئي هئي، شرطن جي خبر نه هجي ته نئين سر پڙهڻ گهرجي .

(ماخوذ از فتاويٰ رضويه شريف تخريج شده ج 1 ص 365 کان 366)

## مسجدن جا وضو خانا

ڏندڻ ڪرڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ڏندن ۾ رت اچي ويندو آهي ۽ ٿُڪ به ڳاڙهي ٿي وڃڻ جي ڪري ناپاڪ ٿي ويندي آهي پر افسوس جو احتياط ناهي ڪيو ويندو مسجدن جا وضو خانا به اونها گهٽ هوندا آهن جنهن سبب ڳاڙهي ٿُڪَ واري گرڙين

جون ڦهنگون ڪپڙن يا جسم تي پونديون آهن، ۽ گڏوگڏ گهر جي غسلخاني جي پڪي فرش تي وضو ڪرڻ وقت ان ڪان بہ وڌيڪ ڦهنگون پونديون آهن .

## گهر ۾ وضو خانو ٺهرايو

اڄڪلهہ واش بيسن(هٿ ڌوئڻ جي گيندي) تي بيٺي بيٺي وضو ڪرڻ جو رواج آهي جيڪو مُستَحب جي خلاف آهي، افسوس ماڻهو پُرآسائش وڏا وڏا بنگلا تہ ٺهرائيندا آهن پر ان ۾ وضو خانو ناهن ٺهرائيندا. سنّتن جو درد رکندڙ اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ مدني التجا آهي تہ ٿي سگهي تہ پنهنجي گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٽونٽيءَ وارو وضو خانو ضرور ٺهرايو، ان ۾ اهو احتياط ضرور رکو تہ ٽونٽيءَ مان پاڻي جي لار سڌو سنئون فرش تي ڪِرڻ بدران لاهيءَ تي ڪري نہ تہ ڏندن ۾رت وغيره اچڻ جي صورت ۾ ڦِهنگُون اڏڻ جو مسئلو رهندو، ۽ جيڪڏهن توهان محتاط وضو خانو ٺهرائڻ چاهيو ٿا تہ هن رسالي جي پُنيان ڏنل نقشي مان رهنمائي حاصل ڪيو. ڊبليو سي (W.C) ۾ پاڻي سان استنجا ڪرڻ جي صورت ۾ عام طور تي ٻنهي پيرن جي پيڏين ڏانهن ڦهنگون ايندیون آهن ان لاءِ فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ احتياط جي طور تي اهي پيرن جا حصا ڌوئي ڇڏجن .

## وضو خانو ٺهرائڻ جو طريقو

گهرو وضو خاني جي ڪُل مَساحت يعني ڊيگهہ ويڪر چاليهہ چاليهہ انچ، زمين کان مٿاهين 16 انچ، ان جي مٿان وڌيڪ 9

انچن جي ويهڻ واري جاءِ جنهن جي ويڪر ساڍا ڏھ انچ ۽ ڊيگھ هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين يعني ڏاڪي جيان هجي، ان ويهڻ واري جڳھ ۽ سامهون واري پٽ جو وچ وارو فاصلو 26 انچ، اڳيان کان اهڙي طرح لاهي (slope) نهرايو جو نالي ساڍا ٽي انچ کان وڌيڪ نہ هجي. پير رکڻ جي جڳھ قدم جي ڊيگھ جي مقدار کان ٿورو وڌيڪ هجي **مثال طور** ڪل ساڍا يارهن انچ هجي، ٻنهي قدمن جي وچ واري حصي ۾ وڌيڪ اندرئين پاسي کان ساڍن چئن انچن جي خالي جاءِ لهنواري زمين تائين ائين ڪٽي وجو جو نالي ساڍن ٽن انچن کان وڌي نہ ٿي وڃي، سڄي لاهي ۾ ڪٽي بہ اپار نہ رکيو وڃي L (ايل) بناوٽ جي مڪسچر ٽونٽي ناليءَ جي زمين کان 32 انچ مٿي هجي، هن پاڻي جي لار گهرائيءَ واري لاهيءَ (slope) تي ڪِرندي ۽ توهان لاءِ ڏندن جي رت وغيره ناپاڪيءَ کان بچڻ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آسان ٿي ويندو. معمولي ڦير ڦار ڪري مسجدن ۾ بہ انهيءَ ترڪيب سان وضو خانو ٺهرائي سگهجي ٿو .

## "يَارَسُولَ اللّٰه"جي ڏهن اکرن جي نسبت سان وضو خاني جا 10 مدني ڦل

﴿1﴾ **ٿي** سگهي تہ هن ئي رسالي جي پُنيان ڏنل وضو خاني جي نقشي مان رهنمائي حاصل ڪري پنهنجي گهر ۾ وضو خانو ٺهرايو ﴿2﴾ **ڪاريگر** جا دليل ٻُڌڻ کان سواءِ ڄاڻايل نقشي مطابق ٺهيل گهرو وضو خاني جي مٿاهين (يعني پيررکڻ واري) فرش جي

لاهي(slope) ٻہ انچ رکو﴿3﴾ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ ٽونٽيون لڳرائيٽيون هجن تہ ٻن ٽونٽين جي وچ ۾ 25 انچن جو فاصلو رکو ﴿4﴾ **وضو خاني** جي ٽونٽيءَ ۾ ضرورت مطابق پلاسٽڪ جي نِپل لڳائي ڇڏيو ﴿5﴾ **جيڪڏهن** پائيپ پِٽ کان ٻاهران لڳرايو تہ ضرورت مطابق ويهڻ جي جاءِ هڪ يا ٻہ انچ وڌيڪ پري ڪري ڇڏيو ﴿6﴾ **بهتر** اهو آهي تہ ڪچو ڪم ڪرائي هڪ ٻہ پيرا ان تي ويهي ڪري يا وضو ڪري چڱي طرح ڏسڻ کان پوءِ پڪو ڪرايو ﴿7﴾ وضو خاني يا غسل خاني وغيره جي فرش تي ٽائيلز لڳرائٽي هجي تہ کهري (Slip Resistance Tiles) لڳرايو، جيئن ترڪڻ جو خطرو گهٽجي وڃي ﴿8﴾ **بهتر** اهو آهي تہ وضو خاني تي چار خانيدار ٽائيلز (Check Tiles) لڳرايو تہ جيئن ترڪڻ جو امڪان ئي نہ رهي ﴿9﴾ جيڪڏهن چار خانيدار ٽائيلز نہ ملي سگهن تہ پير رکڻ واري جاءِ جو ڪنارو ۽ ان سان مليل لاهي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٻہ انچ پٽريلي ۽ خوب کهري ۽ گول نهرايو تہ جيئن ضرورت مطابق پير گسائي ڪري مٽي وغيره صاف ڪري سگهجي ﴿10﴾ بورچي خانو، غسلخانو، بَيتُ الخَلَاء جو فرش، کُليل اگڻ، ڇت، مسجد جو وضوخانو ۽ جتي جتي پاڻي وهائڻ جي ضرورت پوندي آهي انهن جڳهن جي فرش جي لاهي (Slope) ڪاريگر جيڪو ٻُڌائي ان کان ٻنا هيڪ جي ڏيوڻو (مثال طور هو ٻہ انچ چوي تہ توهان ٽي انچ) رکرايو، ڪاريگر اهو ئي چوندو تہ توهان ڳڻتي نہ ڪيو هڪ ڦڙو بہ پاڻيءَ جو نہ بيهندو،

جيڪڏهن توهان ان جي ڳالهين ۾ اچي ويندؤ ته ٿي سگهي ٿو لاهي برابر نه نهي، تنهنڪري ان جي ڳالهه تي ڀروسو نه ڪندؤ ته اِن شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو فائدو توهان پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ ڇو ته مشاهدو اهو ئي آهي ته گهڻو ڪري فرش وغيره تي جڳهه جڳهه تي پاڻي بيهي رهندوآهي .

## جن جو وضو برقرار نه رهندو هجي انهن جي لاءِ 6 احڪام

﴿1﴾ قطرا اچڻ، پويان ڪان ريح خارج ٿيڻ، زخم وهڻ، سور واري اک مان بيماريءَ جي ڪري ڳوڙها وهڻ، ڪن، ڌُن، ڇاتين مان پاڻي نڪرڻ، ڦرڙي يا ڦٽ مان رُطوبت وهڻ، ۽ دست اچڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي ان طرح جي بيماري لڳاتار جاري رهي ۽ شروع ڪان آخر تائين پورو هڪ وقت اهڙو گذري وڃي جو وضوءَ سان فرض نماز ادا نه ڪري سگهي ته اهو شرعي طور معذور آهي هڪ ئي وضوءَ سان ان وقت ۾ جيتريون نمازون چاهي پڙهي ان جو وضو ان مرض سان نه ٽُٽندو. (بهارشريعت ج 1 ص 385، درمختار معہ ردالمحتار ج 1 ص 553) هن مسئلي کي وڌيڪ آسان لفظن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. هن قسم جي مريض يا مريضہ پنهنجي معذور شرعي هجڻ يا نه هجڻ جي جانچ ائين ڪن جو ڪنهن به ٻن وقت جي فرض نمازن جي وچ واري وقت ۾ ڪوشش ڪري باوضو پاڪائي سان گهٽ مان گهٽ ٻه رڪعتون ادا ڪري سگهجن ٿيون. پوري

وقت ۾ هر هر ڪوشش جي باوجود جيڪڏهن ايتري مهلت نٿي ملي اهو ائين جو ڪڏهن وضو جي دوران عذر لاحق ٿي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن وضو مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ نماز ادا ڪرڻ مهل، ايستائين جو آخري وقت اچي وڃي ته به اجازت آهي وضو ڪري نماز ادا ڪن ته نماز ٿي ويندي، هاڻي چاهي نماز ادا ڪرڻ مهل بيماري جي سبب نجاست بدن مان خارج ٿيو نه ٿي رهي هجي . فقهاءِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ فرمائن ٿا: ڪنهن شخص جي نڪسير يا ان جو زخم وهڻ شروع ڪيو ته اهو آخري وقت جو انتظار ڪري جيڪڏهن رت نه رڪي (بلڪ مسلسل وقفي سان جاري رهي) ته وقت نڪرڻ ڪان پهرين وضو ڪري نماز ادا ڪري (البحرالرائق ج 1 ص 373، 374) **﴿2﴾** فرض نماز جو وقت ختم ٿيڻ سان معذور جو وضو ٽُٽي ويندو. جيئن ڪنهن عصر جي وقت وضو ڪيو هو ته سج لهندي ئي وضو ٽُٽي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن سج نڪرڻ ڪان پوءِ وضو ڪيو ته جيستائين ظهر جو وقت ختم نه ٿئي وضو نه ٽُٽندو جو اجا تائين ڪنهن فرض نماز جو وقت ختم ناهي ٿيو. فرض نماز جو وقت ختم ٿيندي ئي معذور جو وضو ٽُٽي ويندو آهي ۽ اهو حڪم ان صورت ۾ هوندو جڏهن معذور جو عُذر وضوءَ جي دؤران يا وضوءَ ڪان پوءِ ظاهر ٿئي جيڪڏهن ائين نه هجي ۽ ٻيو ڪو حدث به لاحق نه ٿيو هجي (يعني اهڙو ڪو سبب پيش نه آيو هجي جنهن جي ڪري وضو ڪرڻ لازمي ٿي پئي) ته فرض نماز جو وقت ختم ٿيڻ سان

وضو نہ ٽُٽندو۔ (بهارشريعت ج 1 ص 386 درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 555)

**﴿3﴾** جڏهن عذر ثابت ٿي ويو تہ جيستائين نماز جي هڪ پوري وقت ۾ هڪ دفعو بہ اها شيءِ موجود هوندي تہ اهو شخص معذور ئي رهندو، **مثال طور** ڪنهن کي پورو وقت قطرا ايندا رهيا ايتري مهلت ئي نہ ملي جو وضو ڪري فرض نماز ادا ڪري وٺي تہ پوءِ اهو معذور ٿي ويو، ۽ وري ٻئي وقت ۾ ايترو موقعو ملي ٿو وڃي تہ وضو ڪري نماز پڙهي وٺي پر هڪ اڌ ڀيرو قطرو اچي ٿو وڃي تہ پوءِ بہ معذور آهي ها جيڪڏهن پورو وقت اهڙو گذري ويو جو هڪ دفعو بہ قطرو نہ آيو تہ معذور نہ رهيو، پوءِ جڏهن بہ پهرين حالت آئي (يعني سمورو وقت مسلسل مرض رهيو) تہ وري معذور ٿي ويو۔ (بهارشريعت ج 1 ص 385)

**﴿4﴾** معذور جو وضو انهيءَ شيء سان نہ ٽُٽندو جنهن جي ڪري معذور آهي ها جيڪڏهن ٻي ڪا شيءِ وضو ٽوڙڻ واري موجود هوندي تہ وضو ٽُٽي ويندو۔ **مثال طور** جنهن کي ريح خارج ڪرڻ جو مرض آهي قطرو نڪرڻ سان ان جو وضو ٽُٽي ويندو ۽ جنهن کي قطري جو مرض آهي ان جو ريح خارج ٿيڻ سان وضو ٽُٽي ويندو۔ (ايضاً 386) **﴿5﴾** معذور ڪنهن حَدَث (وضو ٽوڙڻ واري عمل) ڪان پوءِ وضو ڪيو ۽ وضو ڪرڻ وقت اها شيءِ ناهي، جنهن جي ڪري معذور آهي پر پوءِ وضو ڪان پوءِ اها عُذر واري شيء اچي وئي تہ وضو ٽُٽي ويندو (اهو حڪم ان صورت ۾ ٿيندو جڏهن تہ معذور پنهنجي عذر جي بدران ڪنهن ٻئي سبب

جي ڪري وضو ڪيو هجي جيڪڏهن پنهنجي عُذر جي سبب وضو ڪيو تہ وضو ڪان پوءِ عذر موجود هجڻ جي صورت ۾ وضو نہ ٽُٽندو) **مثال طور** جنهن کي قطرو ايندو هو ان جي ريح خارج ٿي وئي ۽ ان وضو ڪيو ۽ وضو ڪرڻ وقت قطرو بند هو ۽ وضو ڪرڻ ڪان پوءِ قطرو آيو تہ وضو ٽُٽي ويو ۽ ها جيڪڏهن وضوءَ جي دؤران قطرو جاري هو تہ وضو نہ ٽُٽو. (بهارشريعت ج 1 ص 387 درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 557) ﴿6﴾ معذور کي اهڙو عُذر هجي جو جنهن سبب ڪپڙا ناپاڪ ٿي ويندا هجن تہ جيڪڏهن هڪ دِرهم ڪان وڌيڪ ناپاڪ ٿي ويا ۽ هو سمجهي ٿو تہ ايترو موقعو ملي ويندو جو ان کي ڌوئي پاڪ ڪپڙن سان نماز پڙهي وٺندس تہ پاڪ ڪري نماز پڙهڻ فرض آهي ۽ جيڪڏهن سمجهي ٿو تہ نماز پڙهندي پڙهندي وري ايترو ئي ناپاڪ ٿي ويندو تہ پوءِ ڌوئڻ ضروري ناهي، انهيءَ سان ئي پڙهي، جيتوڻيڪ مُصلو آلو ئي ڇو نہ ٿي وڃي ان جي نماز ٿي ويندي. (بهارشريعت ج 1 ص 387)

(معذور جي وضوءَ جا تفصيلي مسئلا فتاويٰ رضويہ مخرجہ ج 4 ص 367 تا 385 بهارشريعت ج 1 ص 385 تا 387 مان معلوم ڪريو)

## ست مختلف مسئلا

﴿1﴾ پيشاب، پائخانو، وَدي، مَذي، مَني، جيت، يا پٿري مرد يا عورت جي اڳيان يا پويان ڪان نڪري تہ وضو ٽُٽي ويندو. (عالمگيري ج 1 ص 9) ﴿2﴾ مرد يا عورت جي پُٺيان ڪان معمولي هوا بہ خارج ٿي تہ وضو ٽُٽي ويندو. مرد يا عورت جي اڳيان ڪان

هوا خارج ٿي تہ وضو نہ ٽُٽندو. (بهار شريعت ج 1 ص 304) ﴿3﴾ بيهوش ٿي وڃڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي. (عالمگيري ج 1 ص 12) ﴿4﴾ ڪجهہ ماڻهو چوندا آهن تہ خنزير جو نالو وٺڻ سان وضو ٽُٽي ويندو آهي اهو غلط آهي ﴿5﴾ وضوءَ جي دؤران جيڪڏهن ريح خارج ٿي وئي يا ڪنهن سبب جي ڪري وضو ٽُٽي وڃي تہ نئين سِر وضو ڪري وٺو ۽ اڳ ڌوتل عضوا اڻ ڌوتل ٿي ويندا. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 1 ص 255) ﴿6﴾ قُرآنِ پاڪ يا ان جي ڪنهن آيت کي يا ڪنهن بہ زبان ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو هجي تہ ان کي بغير وضوءَ جي ڇهڻ حرام آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 326، 327 وغيره) ﴿7﴾ آيت کي بنا ڇهڻ جي ڏسي ڪري يا زباني بغير وضوءَ جي پڙهڻ ۾ حرج نہ آهي.

**يا ربِّ عَزَّوَجَلَّ بطفيل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واٰلہٖ وسلَّم اسان کي اسراف کان بچندي شرعي وضوءَ سان هر وقت باوضو رهڻ نصيب فرماءِ. آمين بجاهِ النبي الامين صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واٰلہٖ وسلَّم**

## وضو ۾ پاڻيءَ جو اسراف

**اڄڪلهہ** ڪيترائي ماڻهو وضوءَ ۾ تيز ٽونٽي کولي تمام گهڻو پاڻي وهائيندا آهن، ايتري تائين جو کي تہ وضو خاني تي ايندي ئي پهريان ٽونٽي کوليندا آهن، ان کان پوءِ بانهون مٿي ڪندا آهن، ۽ ايتري دير تائين مَعَاذَالله پاڻي ضايع ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح مَسَحَ جي دؤران گهڻا ماڻهو ٽونٽي کُليل ڇڏي ڏيندا آهن، اسان سڀني کي اللهعَزَّوَجَلَّ کان ڊڄي ڪري اسراف کان بچڻ گهرجي، قيامت جي ڏينهن ذري ذري ۽ ڦڙي

ڦڙي جو حساب ٿيندو، اِسراف کان بچڻ جي لاءِ هيٺيون چار مبارڪ حديثون پڙهو ۽ خداعَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڏڄو.

## ﴿1﴾ وهندڙ نهر تي بہ اسراف

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا پيارا رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم حضرتِ سيّدُنا سَعد رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ وٽان گذريا جيڪي وضو ڪري رهيا هئا، ارشاد فرمايائون: اهو اسراف ڇا جو؟ عرض ڪيائون تہ: ڇا وضوءَ ۾ بہ اسراف آهي؟ تہ فرمايائون:”ها جيتوڻيڪ جو توهان وهندڙ نهر تي بہ هجو.“ (سنن ابن ماجه ج ا ص 254 رقم الحديث 425)

## اعليٰ حضرت جي فتويٰ

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ هن حديث جي تحت فرمائن ٿا: ”حديثِ مبارڪ وهندڙ نهر ۾ بہ اسراف ثابت فرمايو ۽ اسراف کي شريعت ۾ مَذمت جوڳو قرار ڏنو ويو آهي: **اِنَّهُ لَايُحِبُّ الْمُسْرِفِيْن (ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ ان کي پسند ناهن).** (سيپاري اٺين سورة الانعام آيت 141) واري آيت سڀڳوري جو حڪم مطلق (يعني عام) آهي تہ پوءِ اهو اسراف بہ مذموم ۽ منع قرار ڏنو ويو هوندو، بلڪ خود وضوءَ جي اسراف ۾ نهي (يعني منع) جو صيغو استعمال ٿيو آهي ۽ نهي حقيقي طور تي حرام هجڻ کي ظاهر ڪندي آهي“. ( فتاويٰ رضويه شريف تخريج شده ج 1 ص 731)

## مفتي احمد يار خان جو تفسير

مُفسرِ شهير مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰہ تعالٰی عَلَيْهِ اعليٰ حضرت جي فتويٰ ۾ پيش ڪيل سورةُالانعام جي 141 نمبر آيت سڀڳوري جي

تحت اجائي خرچ (يعني اسراف) جو تفصيل بيان ڪندي لکن ٿا: ”ناجائز جڳهہ تي خرچ ڪرڻ بہ اجايو خرچ آهي ۽ سڄو مال خرچ ڪري ٻارن ٻچن کي فقير ٻڻائي ڇڏڻ بہ اجايو خرچ آهي، ۽ ضرورت کان وڌيڪ خرچ بہ اجايو خرچ آهي ان لاءِ وضو وارن عضون کي بنا شرعي اجازت جي چار ڀيرا ڌوئڻ اسراف قرار ڏنو ويو“. (تفسير نورالعرفان ص 232)

## ﴿2﴾ اسراف نہ ڪر

حضرتِ سيّدُنا عَبدُالله بِن عُمَر رضی اللہ تعالٰی عنہما فرمائن ٿا الله عزوجل جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهُ عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم هڪ شخص کي وضو ڪندي ڏٺو تہ فرمايائون: ” اسراف نہ ڪر.“

(سنن ابن ماجه ج 1 ص 254 رقم الحديث 424)

## ﴿3﴾ اسراف شيطاني ڪم آهي

حضرتِ سيّدُنا اَنس رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي: وضو ۾ تمام گهڻو پاڻي وهائڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي ۽ اهو ڪم شيطان جي طرفان آهي . (ڪنزالعمال ج 9 ص 144 رقم الحديث 26255)

## ﴿4﴾ جنت جو اڇو محل گهرڻ ڪيئن آهي؟

**حضرتِ** سَيّدُنا عَبدُالله ابنِ مُغَفَل رضی اللہ تعالٰی عنہ پنهنجي پُٽ کي هيئن دعا گهرندي ٻُڌو تہ: ”اي الاهي عزوجل! مان توکان جنّت جو ساڄي پاسي وارو اڇو محل گهران ٿو تہ فرمايائون: اي منهنجا پٽ! الله عزوجل کان جنّت گُهر ۽ دوزخ کان ان جي پناهہ گهر، مون رَسُولُ الله صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ هن امت ۾ اها قوم

ٿيندي جيڪا وضوءَ دعا ۾ حد کان وڌي ويندي “.

(سنن ابي داؤد ج 1 ص 68 رقم الحديث 96)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مُفسرِ شهير حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللّٰهِ تعالىٰ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”دعا ۾ حد کان وڌڻ تہ اهو آهي جو اهڙي ڳالهہ خاص طور تي گهري وجي جنهن جي ضرورت نہ هجي جيئن سندن جي پُٺ ڪيو. فردوس (جيڪا سڀ کان اعليٰ جنّت آهي ان جو) گهرڻ بهتر آهي ڇو تہ ان ۾شخصي تعيُّن (ڪنهن خاص شيءِ کي مقرر ڪرڻ) ناهي بلڪ نوعي تَقَرُّر (ڪنهن قسم کي مقرر ڪرڻ) آهي ۽ انهيءَ جو حڪم ڏنو ويو آهي .

(مرآة المناجيح ج 1 ص 293)

## بُرو ڪيو، ظُلم ڪيو

هڪ اعرابي حضور سيّد عالم صَلَّى اللّٰهُ تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي خدمت اقدس حاضر ٿي ڪري وضوءَ جي باري ۾ پُڇيو؟ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ تعالىٰ عليه واٰله وسلم ان کي وضو ڪري ڏيکاريو، جنهن ۾ هر عضوو ٽي ٽي ڀيرا ڌوتائون پوءِ فرمايائون: وضو ائين آهي ۽ پوءِ جيڪو ان کان وڌيڪ ڪري يا گهٽ ڪري ان بُرو ڪيو ۽ ظلم ڪيو.

(سنن نسائي ص 31 حديث 140)

## عملي طور تي وضو سکو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ سيکارڻ جي لاءِ پاڻ عملي طور تي وضو ڪري ٻين کي ڏيکارڻ سنّت مان ثابت آهي، مبلغن کي گهرجي تہ هن تي عمل ڪندي،

بنا اسراف جي رُڳو ضرورت آهر پاڻي وهائي ٿي ٿي پيرا عضوا ڌوئي وضو ڪري اسلامي ڀائرن کي ڏيکاريو، ۽ بنا ضرورت جي ڪو عضوو چار ڀيرا نہ ڌوئجي ان جو خيال رکيو وڃي پوءِ جيڪو خوشيءَ سان پنهنجي اصلاح ڪرڻ چاهي تہ اهو بہ وضو ڪري مبلغ کي ڏيکاري ۽ پنهنجون غلطيون ختم ڪري. دعوتِ اسلامي جي **سنتن جي تربيت** جي مدني قافلن ۾ **عاشقان رسول** جي صحبت ۾ اهو مدني ڪم چڱيءَ طرح ٿي سگهي ٿو. صحيح وضو ڪرڻ ضرور ضرور ضرور سکي وٺو، رُڳو هڪ اڌ ڀيرو **وضوءَ جو طريقو** پڙهي ڇڏڻ سان صحيح معنيٰ ۾ وضو ڪرڻ اچي وڃي اهو ڏاڍو مشڪل آهي. پر هر هر مَشق ڪرڻي پوندي.

## مسجد ۽ مدرسي جي پاڻيءَ جو اسراف

مسجد ۽ مدرسي وغيره جي وضو خاني ۾ جيڪو پاڻي هوندو آهي اهو "**وقف**" جي حڪم ۾هوندو آهي ان ۾ ۽ پنهنجي گهر جي پاڻي جي حڪم ۾فرق هوندو آهي، جيڪي ماڻهو مسجد ۾ وضوخاني تي بيدرديءَ سان پاڻي وهائيندا آهن بلڪ وضوءَ ۾ بنا ضرورت جي فقط لاپرواهي يا جهالت جي ڪري ٽن کان وڌيڪ پيرا عضوا ڌوئيندا آهن اهي هن مبارڪ فتويٰ تي خوب غور ڪن ۽ خوفِ خدا عزوجل کان ڏڄن ۽ آئنده جي لاءِ توبهہ ڪن. جيئن تہ منهنجا آقا، اعليٰ حضرت، اِمامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عَظِيمُ البَرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع

رسالت، باعث خيرو برڪت، حضرت عَلامہ مَولَانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام اَحمَد رَضا خان رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن وقف جي پاڻيءَ سان وضو ڪيو ويو تہ گهڻو خرچ ڪرڻ بِالاِتفاق حرام آهي ڇو تہ ان ۾ گهڻو خرچ ڪرڻ جي اجازت ناهي ڏني وئي ۽ مدرسن جو پاڻي انهيءَ قسم جو هوندو آهي جيڪو صرف انهن ئي ماڻهن لاءِ وقف هوندو آهي جيڪي شرعي وضو ڪندا آهن .“ (فتاويٰ رضويه شريف تخريج شده ج 1 ص 658)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪو پنهنجو پاڻ کي اسراف کان نہ ٿو بچائي سگهي ان کي گهرجي تہ پنهنجي ذاتي پاڻي مثال طور پنهنجي گهر جي پاڻيءَ سان وضو ڪري، مَعَاذَالله ان جو اهو مطلب ناهي تہ ذاتي پاڻيءَ جي اسراف جي عام اجازت آهي، بلڪ گهر ۾ خوب مشق ڪري شرعي وضو سکي وٺي تہ جيئن مسجد جي پاڻيءَ جو اِسرَاف ڪري حرام جو مُرتَڪِب نہ ٿئي .

## ”احمد رضا“جي سٺ اکرن جي نسبت سان اعليٰ حضرت جي طرفان اسراف کان بچڻ جون 7 تدبيرون

﴿1﴾ **ڪجهہ** ماڻهو ٻُڪ ۾ پاڻي اهڙيءَ طرح وجهندا آهن جو وهڻ لڳندو آهي حالانڪ جيڪو پاڻي هارجي ويو سو بيڪار ٿي ويو ان معاملي ۾ احتياط ڪيو وڃي .

﴿2﴾ اهو ضروري ناهي تہ هر ٻُڪ پريل هجي پر جنهن ڪم جي لاءِ ٻُڪ ڀريو ان جو اندازو ڪيو مثال طور نڪ ۾ نرم هڏيءَ تائين پاڻي چاڙهڻ لاءِ سڄي ٻُڪ نہ، پر اڌ بہ ڪافي آهي

بلڪ پريل ٻُڪ گرڙيءَ جي لاءِ ٻہ نہ ڪٽو.

﴿3﴾ ڪؤنري جي ٽُن (منهن) وِچٽرو هئڻ گهرجي ۽ نہ ايترو سوڙهو جو پاڻي دير سان اچي ۽ نہ ايترو ڪُليل جوپاڻي ضرورت کان وڌيڪ وهي، ان جو فرق ائين معلوم ٿي سگهي ٿو تہ وڏي ٻاٽي ۾ پاڻي ڪٽي وضو ڪريو تہ گهٽو خرچ ٿيندو ۽ اهڙيءَ طرح ڪليل ٽُن مان پاڻي وهائڻ وڌيڪ خرچ ڪرڻ آهي ۽ جيڪڏهن ڪؤنرو اهڙو (يعني ڪليل ٽُن وارو) هجي، تہ احتياط ڪري پوري لار نہ ڪيرائجي بلڪ هلڪي ڪيرائجي. (ٿوٽتي کولڻ وقت بہ انهن ڳالهين جو خيال رکو.)

﴿4﴾ عُضوا ڌوئڻ کان اڳ انهن تي آلا هٿ ڦيرائي ڇڏجن جو ان سان پاڻي جلدي وهندو آهي ۽ ٿورو (پاڻي) گهڻي (پاڻي) جو ڪم ڏيندو آهي، خاص ڪري سياري جي ڏينهن ۾ ان جي گهڻي ضرورت پوندي آهي چو تہ عُضون ۾ خشڪي هوندي آهي ۽ وهندڙ لار وچ ۾ جڳهہ خالي ڇڏي ڏيندي آهي جيڪو (عام طور تي) ڏنو ويندو آهي .

﴿5﴾ ڪراين تي وار هجن تہ ڪترائي ڇڏيو چوتہ انهن جي هجڻ سان پاڻي وڌيڪ خرچ ٿيندو آهي پر ڪُوڙڻ سان اهي سخت ٿي ويندا آهن ان ڪري مشين جي ذريعي ڪترائڻ بهتر آهي جيڪا بلڪل صاف ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سيني کان بهترين ۽ افضل نُوره (هڪ قسم جو بال صفا پائودر) آهي جو انهن عُضون جي لاءِ اهو ئي سنّت مان ثابت آهي، جيئن تہ اُمُّ المؤمِنِين سَيِّدَتُنَا اُمِّ

سَلَم رضی اللہ تعالیٰ عنہا فرمائن ٿيون: رَسُولُ الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جڏهن نُوره جو استعمال فرمائيندا هئا تہ سِتر مبارڪ تي پنهنجي هٿ مبارڪ سان لڳائيندا هئا ۽ باقي نوراني جسم تي اَزواج مُطّهرات رَضِيَ الله تَعالٰی عَنهُنَّ لڳائينديون هيون . (ابن ماجه ج 4 ص 225 حديث 3751) ۽ جيڪڏهن نُوره وغيره نہ لڳايو تہ اڳ ۾ پاڻيءَ سان خوب آلو ڪيو جو سڀ وار سِڌا ٿي وڃن نہ تہ اُبن وارن جي پاڙ ڪان پاڻي گذري ويو ۽ چوٽيءَ ڪان نہ وهيو تہ وضو نہ ٿيندو.

﴿6﴾ هٿن ۽ پيرن تي جيڪڏهن بدني مان لار وجهو تہ ننهن ڪان وٺي نونين ڪان مٿي تائين يا پيڏين ڪان مٿي تائين لڳاتار وجهو جو هڪ ئي پيري ۾ هر جڳهہ تي هڪ ئي پيرو پاڻي هارجي، پاڻي جڏهن هارجي رهيو هجي ۽ هٿ جي چرپر ۾ دير ٿيندي تہ هڪ جڳهہ تي هرهر پاڻي هارجندو. (اهڙيءَ طرح اسراف جي صورت پيدا ٿي سگهي ٿي.)

﴿7﴾ **ڪجهہ** ماڻهو ائين ڪندا آهن جو ننهن ڪان نونٺ يا پيرن جي پيڏين تائين پاڻي وهائيندا آيا پوءِ جڏهن ننهن ڏانهن بئي ۽ ٽئين دفعي وهاين تہ هٿ نہ روڪين، پر اها ئي لار جاري رکن . ائين نہ ڪريو جو ان سان ٽي پيرا ڌوئڻ بدران پنج پيرا ٿي ويندا پر هر پيري نونٺ يا پيڏيءَتائين لار آڻي روڪي ڇڏيو ۽ روڪيل هٿ ننهن تائين ڪٽي وجو ۽ اتان وري پاڻي وهائڻ شروع ڪريو جو سنّت اها ئي آهي تہ ننهن ڪان نونين تائين يا پيڏينَ تائين وهي ۽ نہ ڪي ان جي اُبتڙ (يعني نوٺ يا پيڏين ڪان ننهن ڏانهن پاڻي

وهائيندو وجڻ سنّت ناهي) **جامع قول اهو آهي تہ سليقي کان ڪم** ونو، اِمَام شَافِعي رَحْمَةُاللّٰہِتعالیٰعَلَيْه**ﷺا خوب فرمايو آهي:** "سليقي سان ڪٽندؤ تہ ٿورو بہ ڪافي ٿي ويندو آهي ۽ بد سليقي سان تہ گهڻو بہ ڪافي ناهي ٿيندو." **(از افادات فتاويٰ رضويه شريف ج 1 ص 765 کان 770)**

## "خدا! اسراف کان بچاءِ"جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان اسراف کان بچڻ جا 14 مدني گل

**﴿1﴾** اڄ تائين جيترو بہ ناجائز اسراف ڪيو آهي ان کان توبہ ڪري اڳتي ان کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش شروع ڪريو.

**﴿2﴾** غور ۽ فڪر ڪريو تہ اهڙي صورت بڻجي وڃي جو وضو ۽ غسل بہ سنّت جي مطابق ڪجي ۽ پاڻي بہ گهٽ ۾ گهٽ خرچ ٿئي، پنهنجو پاڻ کي خوف ڏياريو تہ قيامت ۾ هڪ هڪ ذري ۽ ڦڙي ڦڙي جو حساب ٿيندو.

**﴿3﴾** وضو ڪرڻ وقت ٽونٽي احتياط سان کوليو، وضوءَ جي دؤران ڪوشش ڪريو تہ هڪ هٿ ٽونٽيءَ جي مٿان هجي ۽ ضرورت پوري ٿيڻ کانپوءِ هرهر ٽونٽي بند ڪندا رهو.

**﴿4﴾** ٽونٽيءَ جي مقابلي ۾ بَدني سان وضو ڪرڻ ۾ پاڻي گهٽ خرچ ٿيندو آهي جيڪو ڪري سگهي تہ اهو ڪؤنري سان وضو ڪري ۽ جيڪڏهن ٽونٽيءَ کان سواءِ گذارو نہ ٿئي تہ گهٽي قدر اهو بہ ڪري سگهجي ٿو تہ جن جن عضون ۾ آساني محسوس ڪري اهي بَدني سان ڌوئي. ٽونٽيءَسان وضو ڪرڻ جائز بہ آهي بس کهڙي بہ طرح اسراف کان بچڻ جي صورت ڪڍڻ گهرجي.

﴿5﴾ ڏندڻ، گرڙي، گرڙو، نڪ جي صفائي، ڏاڙهي ۽ هٿن پيرن جي آڱرين جو خِلال ۽ مَسَحَ ڪرڻ وقت هڪ به ڦڙو نہ ڪري ۽ ائين چڱيءَ طرح ٽونٽي بند ڪرڻ جي عادت بڻايو .

﴿6﴾ خاص طور تي سياري ۾ وضو يا غسل ڪرڻ يا ٿانوَ ۽ ڪپڙا وغيره ڌوئڻ لاءِ گرم پاڻي حاصل ڪرڻ خاطر پائيپ ۾ جمع ٿيل ٿڌو پاڻي ائين ئي وهائي ڇڏڻ بدران ڪنهن ٿانوَ ۾ ڀريان ئي ڪدي ونڻ جي ترڪيب بڻايو .

﴿7﴾ هٿ يا منهن ڌوئڻ لاءِ صابڻ جي گج بڻائڻ لاءِ بہ پاڻي احتياط سان خرچ ڪريو مثال طور هٿ ڌوئڻ لاءِ ٻُڪ ۾ پاڻي جا ٿورا قطرا وجهي صابڻ ڪٽي گج بڻائي سگهجي ٿي. جيڪڏهن اڳ ۾ئي صابڻ ڪٽي پاڻي وجهندؤ تہ پاڻي گهڻو ڪپي سگهي ٿو.

﴿8﴾ استعمال ڪان پوءِ اهڙي صابڻ داڻي ۾ صابڻ رکو جنهن ۾ پاڻي بلڪل نہ هجي جاڻي واڻي پاڻي ۾ رکي ڇڏڻ سان صابڻ ڳري ضايع ٿي ويندو هٿ ڌوئڻ واري بيسن جي ڪنارن تي صابڻ نہ رکيو وجي جو پاڻيءَ جي ڪري جلدي ڳري ويندو آهي.

﴿9﴾ پاڻي پيئڻ ڪان پوءِ گلاس ۾ بچيل ۽ ڪاڌو ڪائڻ ڪان پوءِ جڳ وغيره جو بچيل پاڻي هاري ڇڏڻ بدران ٻي ڪنهن کي پياري ڇڏيو يا ڪنهن ٻي ڪم ۾ استعمال ڪيو.

﴿10﴾ ميوا، ڪپڙا، ٿانوَ ۽ فرش بلڪ چانهہ جو ڪوپ يا هڪ چمچو بہ ڌوئڻ وقت ايترو گهڻو ۽ غير ضروري پاڻي وهائڻ جو اڄڪلهہ رواج آهي جو حُساس يا احساس رکندڙ ماڻهو ڏکي دل

ماڻهو ان کي ڏسي نہ ٿو سگهي!!! **اي ڪاش!**

*دل ميں اتر جائے مری بات*

﴿11﴾ گهٽن گهرن ۾ خوامخواهہ ڏينهن رات بتيون ٻرنديون رهنديون آهن ۽ پکا هلندا رهندا آهن، ضرورت پوري ٿيڻ کان پوءِ بتيون ۽ پکا وغيره بند ڪري ڇڏڻ جي عادت بڻايو، اسان سيني کي آخرت جي حساب ڪان ڊڄڻ ۽ هر مُعاملي ۾ اسراف کان بچندو رهڻ گهرجي .

﴿12﴾ بيت الخلا ۾ بَدنو استعمال ڪريو جو ڦوهاري سان پاڪائي ڪرڻ ۾ پاڻي بہ گهٽو کپندو آهي ۽ پير بہ اڪثر آلا ٿي ويندا آهن، هر ڪنهن کي گهرجي تہ هر ڀيري پيشاب ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪؤنرو پاڻي جو ڀري W.C جي ڪنارن تي ٿورو وهائي پوءِ ٿورو مٿي ڪري (ڦهنگن کان بچندي) وڏي سوراخ ۾ وجهي ڇڏيندا ڪريو، اِن شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بدبوءِ ۽ جراثيم پيدا ٿيڻ ۾ گهٽتائي ايندي، "فلش ٽينڪ" سان صفائي ۾ پاڻي گهٽو خرچ ٿيندو آهي.

﴿13﴾ ٽونٽيءَ مان جيڪڏهن قَطرَا ٽِمندا هجن تہ جلد ان جو ڪو حل ڳوليو نہ تہ پاڻي ضايع ٿيندو رهندو ۽ گهٽو ڪري مَسجدن ۽ مدرسن جون ٽونٽيون ٽِمنديون رهنديون آهن پر ڪو پُڇڻ وارو ڪونہ هوندو آهي.اِنتظَامِيہ کي پنهنجي ذميواري جو خيال ڪندي پنهنجي آخرت جي بهتري لاءِ جلد ڪا ترڪيب ڪرڻ گهرجي .

﴿14﴾ ڪاڌي کائڻ، چانهہ يا ڪو شربت پيئڻ، ميوا ڪٽڻ وغيره وارن مُعاملن ۾ احتياط ڪريو تہ جيئن هر داڻو، هر غذائي ذرو

۽ هر ڦڙو استعمال ٿي وڃي .

ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي صدقي اِسراف کان بچندي شرعي وضوءِ سان هر وقت باوضو رهڻ نصيب فرماءِ . آمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني گل

### حساب ۾ آساني ٿيڻ جا ٽي سبب

**حضرت سيدنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي ته رسول الله صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن فرمايو: ٽي ڳالهيون جنهن شخص ۾ هونديون، الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جو حِساب تمام آساني سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رَحمت سان جنت ۾ داخل فرمائيندو . صحابهءِ ڪِرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان عرض ڪيو ته يارسولَ الله صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن . فرمايائون: ﴿1﴾ جيڪو توهان کي مَحرُوم ڪري، ان کي عطا ڪريو ﴿2﴾ جيڪو توهان سان تَعلُق ٽوڙي ان سان مِيلاپ ڪريو ﴿3﴾ جيڪو توهان تي ظُلم ڪري ان کي معاف ڪريو .**

(اَلْمُعجَم الاَوسط لِلطبَراني ج4 ص 18 حديث 5064)

### جنتي محل

**حضرت سيدنا اُبَي بِن ڪعب رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته شهنشاهِ ڪَون ومَڪان، رحمتِ عالَميان صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن کي اهو پسند هجي ته ان جي لاءِ (جنت ۾) مَحل بڻايو وڃي ۽ ان جا درجا بُلند ڪيا وڃن ته ان کي گهرجي جيڪو ان تي ظُلم ڪري اهو ان کي مُعاف ڪري، ۽ جيڪو ان کي مَحرُوم ڪري ته اهو ان کي عطا ڪري ۽ جيڪو ان سان قَطَع تَعلُق ڪري ته اهو ان سان رِشتو جوڙي .**

(اَلْمُستَدرڪ للحاڪم ج3 ص 12 حديث 3215)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# وضوءِ سائنس

هي باب مڪمل پڙهي وٺو ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي وضو جي باري ۾ حيرت انگيز معلومات حاصل ٿينديون.

## درود شريف جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمت نشان آهي: "الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ هٿ ملائن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهن ته انهن جي جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن."

(مسند ابي يعلي ج 3 ص 95 رقم الحديث 2951 مطبوعه دارالڪتب العلميه بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وضو جي حڪمت سبب قبول اسلام

هڪ شخص جو بيان آهي مون بيلجيم (Belgium) ۾ يونيورسٽي جي هڪ شاگرد کي اسلام جي دعوت ڏني، ان سوال ڪيو ته وضوءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سائنسي حڪمتون آهن؟ مان لاجواب ٿي ويس، ان کي هڪ عالم وٽ وٺي ويس پر

(1) هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽه روزه سنتن ڀريي اجتماع نوابشاهه (محرم الحرام 1421 هه) ۾ فرمايو، ترميم ۽ اضافي سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي. مجلس مڪتبة المدينه

ان کي بہ ان جي معلومات نہ هئي، ايتري تائين جو سائنسي معلومات رکڻ واري هڪ شخص ان کي وضو جون ڪافي خوبيون ٻڌايون، پر ڪنڌ جي مسح جي حڪمت هو بہ نہ ٻڌائي سگهيو، هو هليو ويو ڪجھ عرصي کان پوءِ آيو ۽ چوڻ لڳو اسان جي پروفيسر ليڪچر جي دوران ٻڌايو تہ جيڪڏهن ڪنڌ ۽ ان جي پاسن تي روزانو پاڻي جا ڪجھ ڦڙا هنيا وڃن تہ ڪرنگهي جي هڏي ۽ حرام مغز جي خرابي مان پيدا ٿيڻ وارين بيمارين کان حفاظت حاصل ٿي ويندي آهي، اهو ٻڌي وضو ۾ ڪنڌ جي مسح جي حڪمت منهنجي سمجھ ۾ اچي وئي تنهن ڪري مان مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿو ۽ پوءِ هو مسلمان ٿي ويو.

صَلُّو عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جرمني جو سيمينار

مغرب جي ملڪن ۾ مايوسي يعني (Depression) جي بيماري تيزي سان وڌي رهي آهي، دماغ فيل ٿي رهيا آهن، پاڳل خانن جي تعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، نفسياتي بيمارين جي ماهرن وٽ مريضن جون قطارون لڳل آهن، اولھ جرمني جي ڊپلوما هولڊر هڪ پاڪستاني فزيوٿيراپسٽ جو چوڻ آهي: "اولھ جرمني ۾ هڪ سيمينار ٿيو جنهن جو موضوع هو، مايوسي (Depression) جو علاج دوائن کان علاوه ٻين ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان ممڪن آهي؟ هڪ ڊاڪٽر پنهنجي مقالي (Thesis) ۾

هي حيرت انگيز انڪشاف ڪيو تہ مون ڊپريشن جي ڪجھ مريضن کي روزانو پنج ڀيرا منهن ڌوئاريو، ڪجھ عرصي کان پوءِ انهن جي بيماري گهٽ ٿي وئي، وري اهڙن ئي مريضن جي ٻي گروپ جا روزانو پنج ڀيرا هٿ منهن ۽ پير ڌوئاريا تہ بيماري ڪافي گهٽ ٿي وئي، اهو ئي ڊاڪٽر پنهنجي مقالي جي آخر ۾ اعتراف ڪري ٿو تہ مسلمانن ۾ مايوسي جو مرض تمام گهٽ آهي ڇو تہ هو ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا هٿ منهن ۽ پير ڌوئيندا (يعني وضو ڪندا) آهن .

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وضو ۽ هاءِ بلڊ پريشر

هڪ هارٽ اسپيشلسٽ (Heart specialist) جو وڏي يقين سان چوڻ آهي تہ هاءِ بلڊ پريشر جي مريض کي وضو ڪرايو، پوءِ ان جو بلڊ پريشر چيڪ ڪريو لازماً گهٽ هوندو هڪ مسلمان ماهر نفسيات جو چوڻ آهي: **نفسياتي بيمارين جو بهترين علاج وضو آهي**، اولهہ جا ماهرين نفسياتي مريض کي وضوءَ وانگر روزانو ڪيترائي ڀيرا جسم تي پاڻي هڻڻ جو چوندا آهن .

## وضو ۽ فالج

وضو ۾ جيڪي ترتيب وار عضوا ڌوتا ويندا آهن، اهي بہ حڪمت کان خالي ناهن، پهريان هٿن کي پاڻي ۾ وجهڻ سان جسم جو اعصابي نظام بيدار ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ آهستي

آهستي ڇهري ۽ دماغ جي رڳن جي طرف ان جا اثر پهچندا آهن وضوءَ ۾ ڀهريان هٿ ڌوئڻ پوءِ گرڙي ڪرڻ پوءِ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ پوءِ چهرو ۽ ٻيا عضوا ڌوئڻ جي ترتيب فالج جي روڪٿام لاءِ مفيد آهي، جيڪڏهن چهرو ڌوئڻ ۽ مسح ڪرڻ ڪان شروعات ڪئي وڃي ته جسم ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

## ڏندڻ جو قدردان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** وضو ۾ ڪافي سنّتون آهن ۽ هر سنّت حڪمت جو خزانو آهي، ڏندڻ ڪي ئي ڏسو! ٻار ٻار جاڻي ٿو ته وضو ۾ ڏندڻ ڪرڻ سنّت آهي ۽ هن سنّت جي برڪتن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي؟ هڪ واپاري جو چوڻ آهي منهنجي سوئيزر لينڊ (Switzerland) ۾ هڪ نئين مسلمان (New Muslim) سان ملاقات ٿي، ان ڪي تحفي ۾ مون ڏندڻ پيش ڪيو، ان خوش ٿي اهو ورتو ۽ چمي ڪري اکين سان لڳايائين ۽ هڪدم ان جي اکين مان لڙڪ نڪري پيا، ان پنهنجي کيسي مان هڪ رومال ڪڍيو ۽ ان کي کوليو ته ان مان تقريباً ٻه انچن جو ننڍڙو ڏندڻ جو ٽڪرو نڪتو چوڻ لڳو ته منهنجي اسلام آڻڻ وقت مسلمانن مون کي هي تحفي ۾ ڏنو هو، مان بلڪل سنڀالي سنڀالي ان کي استعمال ڪري رهيو هوس، هي ختم ٿيڻ تي هو تنهنڪري مون کي ڳڻتي ٿي، ته الله عَزَّوَجَلَّ ڪرم فرمايو ته توهان مون کي ڏندڻ عنايت ڪيو، پوءِ هن ٻڌايو ته ڪافي عرصي کان مون کي

ڏندن ۽ مهارن جي تڪليف هئي اسان واري ڊينٽسٽ (Dentist) کان ان جو علاج نہ پئي ٿي سگهيو، مون هن ڏندڻ جو استعمال شروع ڪيو ٿورن ئي ڏينهن ۾ مون کي فائدو ٿي ويو مان ڊاڪٽر وٽ ويس تہ هو حيران ٿي ويو ۽ پڇڻ لڳو ”منهنجي دوا مان تنهنجي بيماري ايترو جلدي دور نہ ٿي ٿي سگهي سوچ کو ٻيو سبب هوندو“ مون جڏهن ذهن تي زور ڏنو تہ خيال آيو تہ مان مسلمان ٿي چڪو آهيان ۽ هي سڄي برڪت ڏندڻ جي ئي آهي جڏهن مون ڊاڪٽر کي ڏندڻ ڏيکاريو تہ هو حيرت مان ڏسندو ئي رهجي ويو .

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حافظي جي قوت لاءِ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏندڻ ۾ بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن، ان ۾ بيشمار ڪيميائي اجزا آهن، جيڪي ڏندن کي هر قسم جي بيماري کان بچائيندا آهن. ”حاشية طحطاوي“ ۾ آهي ”ڏندڻ سان حافظي جي قوت وڌندي آهي، مٿي جو سور ختم ٿيندو آهي ۽ مٿي جي رڳن کي سڪون ملندو آهي، ان سان بلغم ختم، نظر تيز، معدو درست ۽ کاڌو هضم ٿيندو آهي، عقل وڌندو ٻارن جي پيدائش ۾ اضافو ٿيندو ۽ پوڙهائپ دير سان ايندي ۽ پٺي مضبوط ٿيندي آهي“.

(ملخصاً حاشيہ طحطاوي علي المراقي الفلاح ص 69)

## ڏندڻ جي باري ۾ ٽي احاديث مبارڪ

﴿1﴾ جڏهن سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم پنهنجي گهر مبارڪ ۾ داخل ٿيندا هئا تہ سڀ کان پهريان ڏندڻ ڪندا هئا. (صحيح مسلم ج 1 ص 152 حديث 44)

﴿2﴾ جڏهن سرڪار نامدار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ننڊ مان سجاڳ ٿيندا هئا تہ ڏندڻ ڪندا هئا. (سنن ابي داؤد ج 1ص 36 رقم الحديث 57)

﴿3﴾ توهان ڏندڻ کي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات کي پاڪ ڪرڻ وارو ۽ ربّ تعاليٰ کي راضي ڪرڻ وارو آهي. (مسند امام احمد ج 2 ص 438 حديث 5869)

## وات جي ڇالن جو علاج

طبيبن جو چوڻ آهي ڪڏهن ڪڏهن گرمي ۽ معدي جي تيزابيت سان وات ۾ ڇالا پئجي ويندا آهن ۽ ان بيماري سان خاص قسم جا جراثيم وات ۾ ڦهلجي ويندا آهن ان لاءِ وات ۾ تازو ڏندڻ ڪريو ۽ ان جي لعاب کي ڪجھ دير تائين وات جي اندر ڦيرائيندا رهو، اهڙي طرح ڪيترائي مريض نيڪ ٿي چڪا آهن.

## ٽوٿ برش جا نقصان

ماهرين جي تحقيق جي مطابق 80 سيڪڙو بيماريون معدي ۽ ڏندن جي خرابي مان پيدا ٿينديون آهن، عام طور تي ڏندن جي صفائي جو خيال نہ رکڻ جي سبب مهارن ۾ قسمين قسمين جا جراثيم پرورش پائي، پوءِ معدي ۾ ويندا ۽ طرح طرح جي

بيمارين جو سبب بڻجندا آهن، ياد رهي **”ٽوٿ برش“** ڏندڻ جو نِعمُ البدل ناهي بلڪ ماهرين اعتراف ڪيو آهي ﴿1﴾ جڏهن برش کي هڪ ڀيرو استعمال ڪيو ويندو آهي ته ان ۾ جراثيم جو تهه جمي ويندو آهي پاڻي سان ڌوپجڻ جي باوجود به اهي جراثيم ناهن ويندا بلڪ اتي ئي نشونما پائيندا رهندا آهن ﴿2﴾ برش جي سبب ڏندن جو مٿانهون چمڪيلو تهه لهي ويندو آهي ﴿3﴾ برش جي استعمال سان مهارون آهستي آهستي پنهنجي جڳهه ڇڏينديون ويندويون آهن، جنهن سان ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) پيدا ٿي ويندو آهي ۽ ان ۾ غذا جا ذرا ڦاسندا ۽ خراب ٿيندا رهندا آهن جڏهن ته جراثيم گهر ڪري ويندا آهن، ان سان ٻين بيمارين کان علاوه اکين جون قسمين قسمين جون بيماريون جنم وٺنديون آهن، ان سان نظر ڪمزور ٿي ويندي آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو انڌو ٿي ويندو آهي .

## ڇا توهان کي ڏندڻ ڪرڻ ايندو آهي ؟

ٿي سگهي ٿو ته توهان جي دل ۾ هي خيال اچي ته مان ته ورهين کان ڏندڻ استعمال ڪيان ٿو پر منهنجا ته ڏند ۽ پيٽ ٻئي خراب آهن، منهنجا سادا اسلامي ڀاءُ! ان ۾ ڏندڻ جو نه توهان جو پنهنجو ڏوهه آهي، مان (سگ مدينه عُفِيَ عنه) هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اڄ شايد لکن مان ڪو هڪ ئي اهڙو هوندو جيڪو صحيح اصولن جي مطابق ڏندڻ ڪندو هجي، اسان جلدي جلدي ڏندن تي ڏندڻ هڻي وضو ڪري هلڻ لڳندا آهيون يعني

ائين چئو تہ اسان ڏندڻ نہ بلڪ ڏندڻ جي رسم ادا ڪندا آهيون .

## ”ڏندڻ ڪرڻ بہ سنت آهي“ جي 14 اکرن جي نسبت سان ڏنڻ جا 14 مدني گل

﴿1﴾ ڏندڻ جي ٿولهہ چيچ جي برابر هجي﴿2﴾ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نہ هجي نہ تہ ان تي شيطان ويهندو آهي ﴿3﴾ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ﴿4﴾ ڏندڻ تازو هجي تہ سنو نہ تہ ڪجهہ دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ﴿5﴾ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ﴿6﴾ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ﴿7﴾ جڏهن بہ ڏندڻ ڪرڻو هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ﴿8﴾ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ﴿9﴾ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٽو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي ﴿10﴾ پهريان ساڄي طرف کان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کاٻي طرف کان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو ﴿11﴾ سڌو ٽي ليٽي ڪري ڏندڻ ڪرڻ سان تري وڌي وڃڻ جو ۽ ﴿12﴾ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ﴿13﴾ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قبليہ (وضو کان پهريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آهي البت سنّت مؤڪده ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ شريف ج 1 ص 243 رضا فائونڊيشن) ﴿14﴾ استعمال ٿيل ڏندڻ جا تاندورا گڏوگڏ خود ڏندڻ

جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو .

(بهارشريعت ج 1 ص 294 مڪتبةالمدينہ ، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 250)

## هٿ ڌوئڻ جون حڪمتون

وضو ۾ سڀ کان پهريان هٿ ڌوتا ويندا آهن، ان جون حڪمتون ملاحظہ ڪريو، مختلف شين ۾ هٿ وجهندو رهڻ سان هٿن ۾ مختلف ڪيميائي جزا ۽ جراثيم لڳي ويندا آهن جيڪڏهن سڄو ڏينهن هٿ نہ ڌوتا وڃن تہ جلد ئي اهي چمڙي جي هنن بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا ﴿1﴾ هٿن جون آرايون ﴿2﴾ چمڙي جي سوزش ﴿3﴾ ايگزيما ﴿4﴾ سينور جون بيماريون ﴿5﴾ (سنيور جي بيماري ۾ جراثيم ڪنهن رطوبت سبب ڄمي ويندا آهن) چمڙي جون رنگ بدلجڻ وغيره جڏهن اسان هٿ ڌوئيندا آهيون تہ آڱرين جي سنڌن مان شعاع (Rays) نڪري هڪ اهڙي گولائي ناهيندا آهن جنهن سان اسان جو اندروني برقي نظام مُتحَرڪ ٿي ويندو آهي ۽ هڪ حد تائين برقي لهر اسان جي هٿن ۾ سمٽجي ايندي آهي، ان سان اسان جي هٿن ۾ حسن پيدا ٿي ويندو آهي .

## ڪرڙي ڪرڻ جون حڪمتون

پهريان هٿ ڌوتا ويندا آهن، جنهن سان اهي پاڪ ٿي ويندا آهن نہ تہ اهي ڪرڙي جي ذريعي وات ۾ ۽ پوءِ پيٽ ۾ وڃي ٿي

بيشمار بيمارين جو سبب بڻجي سگهن ٿا، هوا جي ذريعي بيشمار موتمار جراثيم ۽ غذا جا جزا اسان جي وات ۽ ڏندن ۾ لُعاب سان گڏ چنبڙي ويندا آهن، ان لاءِ وضو ۾ ڏندڻ ۽ گرڙي جي ذريعي وات جي بهترين صفائي ٿي ويندي آهي . جيڪڏهن وات کي صاف نہ ڪيو وڃي تہ هنن بيمارين جو خطرو پيدا ٿي ويندو آهي . ﴿1﴾ ايڊز (Aids) جو ان جي شروعاتي نشانين ۾ وات جو پچڻ بہ شامل آهي ﴿2﴾ وات جي ڪنارن جو ڦاٽڻ ﴿3﴾ وات ۽ چپن تي ڏڏڙ يا ڏڍ (Moniliasis) ﴿4﴾ وات ۾ سينور جون بيماريون ۽ ڇالا وغيره ۽ جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ گرڙي سان گڏ گُرڙا ڪرڻ بہ سنّت آهي ۽ پابندي سان گرڙا ڪرڻ وارو ڪاڪڙو وڌڻ (Tonsils) ۽ ڳلي جي بيشمار بيمارين ايتري تائين جو ڳلي جي ڪينسر کان محفوظ رهندو آهي .

## نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جون حڪمتون

ڦڦڙن کي اهڙي هوا درڪار هوندي آهي جيڪا جراثيمن، دونهين ۽ مٽي ڌوڙ کان پاڪ هجي ۽ ان ۾ 80 سيڪڙو رُطوبت يعني نمي هجي ۽ جنهن جو گرمي پد نوي درجا فارن هائيٽ کان وڌيڪ هجي، اهڙي هوا فراهم ڪرڻ جي لاءِ اللهعَزَّوَجَلَّ اسان کي نڪ جي نعمت سان نوازيو آهي، هوا کي نمي وارو بڻائڻ لاءِ نڪ روزانو تقريباً گيلن جو چوٿون حصو (هڪ گيلن 3 سير 50 تولن جي برابر هوندو آهي) نمي پيدا ڪندو آهي، صفائي ۽ ٻيا سخت ڪم ناسن جا وار سرانجام ڏيندا آهن، نڪ جي اندر هڪ

خورد بين (Micro scopic) ٻهارو آهي، ان ٻهاري ۾ نظر نہ ايندڙ سنهڙا وار هوندا آهن جيڪي هوا جي ذريعي داخل ٿيڻ وارن جراثيمن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن نظر نہ ايندڙ سنهڙن وارن جي ذمي هڪ ٻيو دفاعي نظام بہ آهي جنهن کي انگريزي ۾ (Lysozium) چوندا آهن، نڪ ان جي ذريعي اکين کي (Infection) کان محفوظ رکندو آهي. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ وضو ڪرڻ وارو نڪ ۾ پاڻي چڙهائيندو آهي، جنهن سان جسم جي هن اهم ترين عضوي نڪ جي صفائي ٿي ويندي آهي ۽ پاڻي جي اندر ڪم ڪرڻ واري برقي لهر سان نڪ جي صفائي ٿي ويندي آهي، دائمي نزلي ۽ نڪ جي زخم جي مريضن جي لاءِ نڪ جو غسل (يعني وضو جيان نڪ ۾ پاڻي چڙهائڻ) بيحد فائديمند آهي .

## منهن ڌوئڻ جون حڪمتون

اڄڪلهہ فضا ۾ دونهي (Pollution) وغيره جي گدلاڻ وڌي رهي آهي مختلف ڪيميائي جزا شيهو وغيره مر مٽي جي شڪل ۾ اکين ۽ چهرن وغيره تي جمندو رهندو آهي، جيڪڏهن چهرو نہ ڌوتو وڃي تہ چهري ۽ اکين جون ڪيتريون ئي بيماريون پيدا ٿي پون، هڪ يورپي ڊاڪٽر هڪ مقالو لکيو جنهن جو نالو هو ”اک، پاڻي، صحت (Eye, Water, Health)“ ان هُن هِن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ پنهنجي اکين کي ڏينهن ۾ گهڻا ڀيرا ڌوئيندا رهو نہ تہ توهان کي خطرناڪ بيماريون لڳي سگهن ٿيون چهرو ڌوئڻ سان منهن تي موهيڙا ناهن نڪرندا يا گهٽ نڪرندا آهن، حُسن

۽ صحت جا ماهرين هن ڳالهه تي مُتفق آهن ته هر طرح جون Creams ۽ Lotions وغيره چهري تي داغ پيدا ڪنديون آهن، چهري کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ چهري کي ڪافي پيرا ڌوئڻ لازمي آهي ”آمريڪن ڪائونسل فار بيوٽي“ جي اڳواٽي ڪندڙ ميمبر ”بيچر“ زبردست انڪشاف ڪيو آهي، چوي ٿي: ”مسلمانن کي ڪنهن به قسم جي ڪيميائي لوشن جي ضرورت ناهي، وضو سان انهن جو چهرو ڌوپجي ڪيترن ئي بيمارين کان محفوظ ٿي ويندو آهي. موسميات کاتي جي ماهرين جو چوڻ آهي چهري جي الرجي (Allergy) کان بچڻ لاءِ ان کي بار بار ڌوئڻ گهرجي. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ائين صرف وضو جي ذريعي ئي ممڪن آهي. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ وضو ۾ چهرو ڌوئڻ سان چهري جو مساج ٿي ويندو آهي، رت جي گردش چهري ڏانهن هلي ويندي آهي، مر مٽي به لهي ويندي آهي گڏوگڏ چهري جو حسن ٻيڻو ٿي ويندو آهي“.

## اندڌاپي کان حفاظت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مان اکين جي اهڙي مرض ڏانهن توهان جو ڌيان ڌياريان ٿو جنهن ۾ اکين جي رطوبت اصليه يعني اصلي آلاڻ گهٽ يا ختم ٿي ويندي آهي ۽ مريض انڌو ٿي ويندو آهي، طبي اصولن جي مطابق جيڪڏهن ڀرن کي وقت بوقت آلو ڪندو رهجي ته هن خوفناڪ مرض کان حفاظت حاصل ٿي سگهي ٿو. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ وضو ڪرڻ وارو منهن ڌوئندو آهي

۽ اهڙي طرح ان جون پرون آليون ٿينديون رهنديون آهن، جيڪي خوش نصيب پنهنجي چهري تي ڏاڙهي مبارڪ سجائيندا آهن اهي ٻڌن! ڊاڪٽر پروفيسر جارج ايل لکي ٿو: منهن ڌوئڻ سان ڏاڙهي ۾ الجهيل جراثيم وهي ويندا آهن، پاڙ تائين پاڻي پهچڻ سان وارن جون پاڙون مضبوط ٿينديون آهن، خلال (جي سنّت ادا ڪرڻ جي برڪت) سان جوئن جو خطرو دور ٿي ويندو آهي، وڌيڪ هي ته ڏاڙهي ۾ پاڻي جي آلاڻ رهڻ سان ڪنڌ جي رڳن ٿائيرائيڊ گليندس ۽ ڳلي جي بيمارين کان حفاظت ٿي ويندي آهي .

## ٺونٺيون ڌوئڻ جي حڪمت

نوٺ ۾ ٽي وڏيون رڳون آهن جن جو تعلق دل، جگر ۽ دماغ سان آهي، ۽ جسم جو هي حصو عام طور تي ڍڪيل رهندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي پاڻي ۽ هوا نه لڳي ته ڪيترين ئي دماغي ۽ اعصابي بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون، وضوءَ ۾ **ٺونٺين سميت هٿ ڌوئڻ سان دل، جگر ۽ دماغ کي سگهه ملندي آهي** ۽ ان طرح ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ هو انهن بيمارين کان محفوظ رهندا، وڌيڪ هي ته ٺونٺين سميت هٿ ڌوئڻ سان سيني جي اندر گڏ ٿيل روشنين سان سڌو سنئون انسان جو تعلق قائم ٿي ويندو آهي ۽ روشنين جو هجوم هڪ وهڪري جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي، هن عمل سان هٿن جا سنڌ وڌيڪ طاقتور ٿي ويندا آهن .

## مسح جون حڪمتون

متي ۽ ڪنڌ جي وچ ۾ ”حَبلُ الوَرِيد“ يعني شھ رڳ قائم آھي، ان جو تعلق ڪرنگھي جي ھڏي حرام مغز ۽ جسم جي تمام جوڙن سان آھي جڏھن وضو ڪرڻ وارو ڪنڌ جو مسح ڪندو آھي تہ ھٿن جي ذريعي برقي لھر نڪري شھ رڳ ۾ گڏ ٿي ويندي آھي ۽ ڪرنگھي جي ھڏي ڪان ٿيندي جسم جي سموري اعصابي نظام ۾ ڦھلجي ويندي آھي ۽ ان سان اعصابي نظام کي توانائي حاصل ٿيندي آھي .

## چريڻ جو ڊاڪٽر

ھڪ شخص جو بيان آھي مان فرانس (France) ۾ ھڪ جڳھ تي وضو ڪري رھيو ھوس تہ ھڪ شخص بيٺو وڏي غور سان مون کي ڏسي رھيو ھو، جڏھن مان فارغ ٿيس تہ ان مون کان پڇيو توھان ڪير آھيو؟ ۽ ڪٿان جا رھواسي آھيو؟ مون جواب ڏنو تہ مان پاڪستاني مسلمان آھيان، پڇيائين پاڪستان ۾ گھڻا پاڳل خانا آھن؟ ان عجيب ۽ غريب سوال تي مان حيران ٿيس پر مون چئي ڏنو تہ ٻہ چار ھوندا، وري پڇيائين ھاڻي تو ڇا پئي ڪيو؟ مون چيو وضو پيو ڪيان، چوڻ لڳو ڇا روزانو ڪندو آھين؟ مون چيو ھا بلڪ پنج وقت، ھو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ چيائين مان (Mental Hospital) ۾ سرجن آھيان ۽ چريائپ جي سببن جي تحقيق منھنجو مشغلو آھي، منھنجي تحقيق ھي آھي تہ دماغ مان سموري جسم ۾ سگنل ويندا آھن ۽ عضوا

ڪم ڪندا آهن ۽ اسان جو دماغ هر وقت Fluid (پاڻياٺ) جي اندر Float (يعني ترندو) رهندو آهي، ان لاءِ اسان پڇ ڊڪ ڪندا آهيون ۽ دماغ کي ڪجھ ناهي ٿيندو جيڪڏهن اها ڪا Rigid (سخت) شيءِ هجي ها تہ هاڻي تائين ٽٽي چڪو هجي ها، دماغ مان چند سنهڙيون رڳون Conductor (پهچائيندڙ) بڻجي اسان جي ڪنڌ مان سڄي جسم ۾ وينديون آهن، جيڪڏهن وار گهڻا وڏايا وڃن ۽ ڪنڌ کي خشڪ رکيو وڃي تہ انهن رڳن يعني Conductor ۾ خشڪي پيدا ٿي وڃڻ جو خطرو پيدا ٿي پوندو آهي ۽ اڪثر ائين بہ ٿيندو آهي تہ انسان جو دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ۽ هو چريو ٿي ويندو آهي، ان لاءِ مون سوچيو تہ ڪنڌ کي ڏينهن ۾ بہ چار ڀيرا ضرور آلو ڪيو وڃي، هاڻي مون ڏٺو تہ هٿ منهن ڌوئڻ سان گڏوگڏ ڪنڌ تي بہ تو ڪجھ ڪيو آهي، واقعي توهان چريا نہ ٿا ٿي سگهو، وڌيڪ هي تہ مسح ڪرڻ سان لُڪ (ڏينهن) لڳڻ ۽ گردن توڙ بخار کان بہ بچت ٿيندي آهي.

## پير ڌوئڻ جي حڪمت

پير سڀني کان وڌيڪ ڌوڙ ۾ ميرا ٿيندا آهن، پهريان پهريان (Infection) پيرن جي آڱرين جي وچين حصي کان شروع ٿيندو آهي، وضو ۾ پير ڌوئڻ سان مٽي ڌوڙ ۽ جراثيم وهي ويندا آهي ۽ رهيل جراثيم پيرن جي آڱرين جي خلال سان نڪري ويندا آهن، ان لاءِ وضو ۾ سنّت جي مطابق پير ڌوئڻ سان ننڊ ۾ ڪمي، دماغي خشڪي،گهٻراهٽ، ۽ مايوسي (Depression)

جهڙيون پريشان ڪندڙ بيماريون دور ٿينديون آهن .

صَـلُّو عَـلَى الحَبِـيب! صَـلَّى اللهُ تَعالٰى عَـلٰى مُحَمَّد

## وضو جو بچيل پاڻي

وضو جو بچيل پاڻي پيئڻ ۾ شفا آهي، ان سلسلي ۾ هڪ مسلمان ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ﴿1﴾ ان جو پهريون اثر مثاني تي پوندو آهي. پيشاب جي رڪاوٽ دور ٿيندي آهي ۽ خوب کلي ڪري پيشاب ايندو آهي ﴿2﴾ ان سان ناجائز شهوت کان بچاء ٿي ويندو آهي ﴿3﴾ جگر، معدي ۽ مثاني جي گرمي دور ٿيندي آهي فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تعالٰي فرمائن ٿا: ڪنهن ٿانو، يا بدني سان وضو ڪيو هجي ته ان جو بچيل پاڻي قبلي رخ بيهي ڪري پيئڻ مستحب آهي . (تبيين الحقائق ج 1 ص 44)

## انسان چنڊ تي

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** وضوءِ سائنس جو موضوع هلي رهيو هو ۽ اڄڪلهه سائنسي تحقيقات ڏانهن ماڻهن جو وڏيڪ رجحان آهي ڪيترائي اهڙا فرد هن معاشري ۾ موجود آهن جيڪي انگريز محققن ۽ سائنسدانن کان ڪافي مرعوب هوندا آهن، اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي ته ڪيتريون ئي حقيقتون اهڙيون آهن جن جي ڳولا ۾ سائنسدان اڄ مٿو ٽڪرائي رهيا آهن ۽ منهنجا مٺا مٺا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه وآله وسلم انهن ڪي پهريان ئي بيان فرمائي چڪا آهن: ڏسو! پنهنجي دعويٰ جي

مطابق سائنسدان هاڻي چنڊ تي پهچي چڪا آهن پر منهنجا پيارا پيارا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم اڄ کان تقريباً 1450 سال پهريان معراج جي سفر ۾ چنڊ کان به وَراءُ الوَرَاء (پري کان پري) تشريف کڻي ويا آهن، منهنجي آقا اعليٰ حضرت رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي عرس مبارڪ جي موقعي تي دارالعلوم امجديه عالمگير روڊ باب المدينه ڪراچي ۾ منعقد ٿيڻ واري هڪ مشاعري ۾ شرڪت جو موقعو مليو، جنهن ۾ حدائق بخشش شريف مان هي "مصرع طرحَ" رکي وئي هئي .

سَر وُہی سر جو ترے قدموں پہ قربان گیا

حضرت صدرالشريعه، مصنف بهار شريعت، خليفه اعليٰ حضرت مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ جي شهزادي مُفَسِّر قرآن حضرت علامه عبدالمصطفيٰ ازهري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ هن مشاعري ۾ پنهنجو جيڪو ڪلام پيش ڪيو هو ان جو هڪ شعر ملاحظه فرمايو:

کہتے ہیں سطح پہ چاند کی اِنسان گیا
عرشِ اعظم سے وَراء طیبہ کا سلطان گیا

يعني صرف دعويٰ ٿي رهي آهي ته هاڻي انسان چنڊ تي پهچي ويو آهي، سچ پچو ته چنڊ تمام ويجهو آهي، منهنجي مٺي مديني جي عظمت واري سلطان شهنشاهِ زمين و آسمان، رحمت عالميان صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم معراج واري رات چنڊ کي پُوئتي ڇڏيندي عرشِ اعظم کان به مٿي تشريف کڻي ويا .

عرش کی عقل دَنگ ہے چرخ میں آسمان ہے
جانِ مُراد اب کدھر ہائے ترا مکان ہے

## نور جو رانديڪو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو** ! رهيو چنڊ جنهن تي سائنسدان هاڻي پهچڻ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن، اهو چنڊ ته منهنجي پياري آقا صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو محتاج آهي، جيئن "**دلائل النبوة**" ۾ آهي، رحمت عالميان صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جا چاچا حضرت سيدنا عباس بن عبد المطلب رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: مون بارگاهه رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم مون توهان (جي ننڍپڻ ۾ توهان) ۾ اهڙي ڳالهه ڏٺي جيڪا توهان جي نبوت تي دلالت ڪندي هئي ۽ منهنجي ايمان آڻڻ جي سببن مان هي به هڪ سبب هو جيئن ته مون ڏٺو ته "توهان پينگهي ۾ ليٽي چنڊ سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ جنهن طرف توهان آڱر سان اشارو فرمائيندا هئا چنڊ انهي طرف تي ويندو هو." سرڪار نامدار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو: "مان ان سان ڳالهيون ڪندو هوس ۽ هو مون سان ڳالهيون ڪندو هو ۽ مون کي روئڻ کان روڪي وندرائيندو هو ۽ مان ان جي ڪرڻ جو آواز ٻڌندو هوس جڏهن اهو عرش الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي هيٺان سجدي ۾ ڪرندو هو." (دلائل النبوة للبيهقي ج 2 ص 41)

اعليٰ حضرت فرمائين ٿا:

چاند جُھک جاتا جِدھر اُنگلی اُٹھاتے مَہد میں | کیا ہی چلتا تھا اِشاروں پر کِھلونا نور کا

هڪ محبت واري چيو:

کھیلتے تھے چاند سے بچپن میں آقا اِسلئے  یہ سراپا نور تھے وہ تھا کھلونا نور کا

# شق القمر جو مُعجزو

بخاري شريف ۾ آهي مڪي جي ڪافرن سرڪار مدينہ صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم کي معجزو ڏيکارڻ جو مطالبو ڪيو تہ پاڻ صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم چنڊ جا ٻہ ٽڪر ڪري ڏيکاريا. (صحيح بخاري ج 1 ص 284 حديث 808)

الله تبارڪ و تعالي ستاويهين سيپاري سورةالقمر جي پهرين ۽ ٻي آيت ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اِقۡتَرَبَتِ السَّاعَۃُ وَ انۡشَقَّ الۡقَمَرُ ۝ وَ اِنۡ یَّرَوۡا اٰیَۃً یُّعۡرِضُوۡا وَ یَقُوۡلُوۡا سِحۡرٌ مُّسۡتَمِرٌّ ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** قيامت قريب اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي پيو ۽ جيڪڏهن ڪا نشاني ڏسن ٿا تہ منهن ڦيرائين ٿا ۽ چون ٿا هي تہ جادو آهي هليو ايندڙ.

مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان آيت جي هن حصي وَ انۡشَقَّ الۡقَمَرُ ترجمو ڪنزالايمان (**۽ چنڊ چيرجي پيو**) جي تحت فرمائن ٿا: هن آيت ۾ حضور صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جي هڪ عظيم معجزي شق القمر (يعني چنڊ جا ٻہ ٽڪر ٿيڻ) جو بيان آهي .

(نورالعرفان ص 635)

اِشارے سے چاند چیر دیا' چُھپے ہوئے خُور کو پھیر لیا
گئے ہوئے دن کو عصر کیا' یہ تاب وتُواں تمہارے لئے

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ

**منهنجا اسلامي ڀائرو!** وضو جا طبي فائدا ٻڌي توهان خوش تہ ٿي ويا هوندا، پر عرض ڪندو هلان تہ سموري جو سمورو طِب

جو فن ظَنِّيات (يعني گمانن) تي مشتمل آهي، سائنسي تحقيقات بہ حتمي ناهن هونديون بدلجنديون رهنديون آهن ها الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول الله صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جا احڪامات اٽل آهن اهي نہ بدلجندا، اسان کي سنّتن تي عمل طبي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ نہ پر صرف ۽ صرف رضاءِالهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ڪرڻ گهرجي، تنهن ڪري ان مقصد لاءِ وضو ڪرڻ تہ منهنجو بلڊ پريشر نارمل ٿي وڃي يا مان تازو توانو ٿي ويندس يا ڊائيٽنگ جي لاءِ روزو رکڻ تہ جيئن بک جا فائدا حاصل ٿين، مديني جو سفر ان لاءِ ڪرڻ جو آبهوا تبديل ٿي ويندي ۽ گهر ۽ ڪاروباري جهنجهٽن کان بہ ڪجهہ ڏينهن سڪون ملندو يا ديني مطالعو ان لاءِ ڪرڻ تہ منهنجو ٽائيم پاس ٿي ويندو، ان طرح جي نيتن سان اعمال بجا آڻڻ وارن کي ثواب ڪٿان ملندو. جيڪڏهن اسان عمل الله عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪنداسين تہ ثواب بہ ملندو ۽ ان جا فائدا بہ حاصل ٿيندا تنهنڪري ظاهري ۽ باطني آدابن جو لحاظ رکندي وضو بہ اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ئي ڪرڻ گهرجي.

## باطني وضو

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيدنا امام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي اِحياءُ العلوم ۾ فرمائن ٿا: جڏهن وضو کان فارغ ٿي ڪري آسمان ڏانهن متوجهہ ٿئي تہ غور ڪري تہ جسم جا اهي حصا جن تي ماڻهن جي نظر پوندي آهي انهن جي (بظاهر) پاڪيزگي تہ حاصل ڪري ورتي آهي، دل کي پاڪ ڪرڻ کان بغير الله تعاليٰ

ڪي ٻاڏائڻ حياء جي خلاف آهي، ڇو ته الله عَزَّوَجَلَّ دلين ڪي ڏسندو آهي. دل جي طهارت توبه ڪرڻ، خراب عادتون ڇڏڻ ۽ اخلاق سٺا بڻائڻ سان ٿيندي آهي جيڪو شخص دل ڪي گناهن سان پاڪ نه ٿو ڪري فقط ظاهري طهارت (يعني پاڪائي) ۽ زيب ۽ زينت تي اڪتفاء ڪندو آهي ان جو مثال ان شخص جهڙو آهي جنهن بادشاهه ڪي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني ۽ ان جي آجيان لاءِ گهر جي ٻاهرئين حصي تي رنگ ۽ روغن ڪيائين پر اندرئين حصي جي صفائي جي ڪا پرواهه نه ڪيائين ۽ جڏهن بادشاهه ان جي گهر اچي گندگي ڏسندو ته اهو ناراض ٿيندو يا راضي هي هر عقلمند سمجهي سگهي ٿو. (احياء العلوم ج 1 ص 185)

## سنت سائنسي تحقيق جي محتاج ناهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! منهنجي آقا صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي سنّت سائنسي تحقيق جي محتاج ناهي ۽ اسان جو مقصد سائنس جي پيروي نه بلڪ سنّت جي پيروي آهي، مون ڪي چوڻ ڏيو جڏهن آمريڪي ۽ يورپي ماهرين سالن جي جاکوڙ کان پوءِ نتيجي ڏانهن ايندا آهن ته انهن ڪي سامهون مرڪندي ۽ نور وسائيندي سنّت مصطفوي ئي نظر ايندي آهي، دنيا ۾ جيترو چاهيو گهمو ڦرو، جيترو چاهيو عيش و عشرت ڪيو پر توهان جي دل ڪي حقيقي سڪون نه ملندو، دل جو سڪون صرف ۽ صرف ياد خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ملندو، دل جو چين سَروَرِ ڪونين صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي عشق ۾ ئي حاصل ٿيندو، دنيا ۽ آخرت جون راحتون

سائنسي اوزارن V.C.R, TV ۽ INTERNET جي سامهون نہ سنّت جي پيروي ۾ ئي نصيب ٿينديون، جيڪڏهن توهان واقعي ٻنهي جهانن جون ڀلايون چاهيو ٿا تہ نمازن ۽ سنّتن کي مضبوطي سان پڪڙيو ۽ انهن کي سکڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو،هر اسلامي ڀاء نيّت ڪري تہ مان زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ يڪمشت (لڳاتار) 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ هر مهيني 3 ڏينهن سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندو رهندس . اِنْ شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاه نبوت، مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاة المصابيح ج1 ص 55 حديث 175)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "عمامو شريف ٻڌڻ سنت آ" جي سترهن اکرن جي نسبت سان عمامي جا 17 مدني گل

ڇھ فرامين مصطفيٰ: صَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿1﴾ عمامي سان گڏ ٻہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي . (الفردوس بماثورالخطاب ج 2 ص 265 حديث 3233)

﴿1﴾ ٽوپي تي عمامو اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي هر

ورَ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو (الجامع الصغير للسيوطي ص353 حديث 5725) ﴿3﴾ جمعي جي ڏينهن بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا درود موڪليند آهن عمامي وارن تي . (ايضاً ج 2 ص 406 حديث 529) ﴿4﴾ عمامي سان ڳڏ نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي (الفردوس بماثورالخطاب ج 2 ص 265 حديث 3805 فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 220) ﴿5﴾ عمامي سان ڳڏ هڪ جمعو بغير عمامي جي ستر جمعن جي برابر آهي (تاريخ مدينہ دمشق لابن عساڪر ج 37 ص 355) ﴿6﴾ عمامہ عرب جا تاج آهن تہ عمامہ ٻڌو توهان جو وقار وڌندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر ور تي هڪ نيڪي آهي (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 202 حديث 14536) ﴿7﴾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت حصو 16 صفحي 303 تي آهي: عمامو ٻيهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو، جنهن ان جو الٽ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو ٻيهي پاتائين) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي ﴿8﴾ مناسب آهي عمامي جو پهريون ور مٿي جي ساڄي پاسي وڃي (فتاويٰ رضويہ ج22 ص 199) ﴿9﴾ خاتم المرسلين، رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عمامي جو شملو عموماً پٺي مبارڪ تي هوندو هو ۽ ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ ٻہ شملہ هوندا آهن، کاٻي پاسي شملو لٽڪائڻ خلاف سنت آهي . (اشعة اللمعات ج 3 ص 582) ﴿10﴾ عمامي جي شملي جو مقدار گهٽ ۾ گهٽ

چار آڱر ۽ وڌ مان وڌ (اڌ پني تائين يعني) هڪ هٿ (فتاويٰ رضويہ ج22 ص 182) ﴿11﴾ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري ٻڌو (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 38) ﴿13-12﴾ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز مان گهٽ نہ هجي نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ ۽ ان جي بندش گنبد نما هجي(فتاويٰ رضويہ ج22 ص 186) ﴿15-14﴾ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ ور اچي سگهن ٻڌڻ مڪروهہ آهي (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 299) ﴿16﴾ عمامو لاهيندي وقت (ٻڌيل رکڻ بدران) هڪ هڪ ور کولجي (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 330) ﴿17﴾ محقق علي الاطلاق، خاتم المحديثين، حضرت علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلويعليہ رحمۃالقوي فرمائن ٿا: دَستار آنحضرت صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم دَر اکثر سفید بُود و گاہی سِیاہ اَحیاناً سبز . نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو عمامو شريف اڪثر سفيد، ڪڏهن ڪارو ۽ ڪڏهن سبز هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس ص 38)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبہ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بہارِ شریعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنّتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتنڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# غسل جو طريقو (حنفي)

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينه سلطانِ باقرينه قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن جو ارشادِ رَحمت بُنياد آهي: ”مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو بيشڪ اهو توهان لاءِ طَهارت آهي.“

(مسند ابي يعليٰ ج 5 ص 458 حديث 6383 دار الڪتب العلميه بيروت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انوکي سزا

حضرتِ سيّدُنا جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالىٰ عَلَيْهِ نقل ڪن ٿا، اِبنُ الڪُرَيْبي رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالىٰ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون کي اِحتِلام ٿي پيو، ۽ مون ارادو ڪيو ته انهيءَ وقت غُسل ڪري ڇڏيان، پر جيئن ته سخت سياري جي رات هئي نفس سُستي ڪندي مشورو ڏنو، اجا ڪافي رات پئي آهي ايتري جلدي ڇا جي لاءِ! صبح جو آرام سان غسل ڪري ڇڏجانءِ ”مون جلدي نفس کي عجيب سزا ڏيڻ لاءِ قسم ڪنيو ته هينئر ئي ڪپڙن سميت وهنجندس ۽ وهنجڻ کان پوءِ ڪپڙن کي نپوڙيندس به نه ۽ انهن کي پنهنجي بدن تي ئي خشڪ

ڪندس، پوءِ مون ائين ئي ڪيو . واقعي جيڪو اللهعَزَّوَجَلَّ جي ڪم ۾ سُستي ڪري اهڙي نافرمان نَفس جي اها ئي سزا آهي." (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 892)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! اسان جا بُزُرگ رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی پنهنجي نَفس جي چالبازين کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون مُصِيبتون سَهندا هئا، هن مان اهي اسلامي ڀائر درس حاصل ڪن جيڪي رات جو اِحتِلام پئجي وڃڻ جي صورت ۾ آخرت جي خوفناڪ شرم کي وساري رُڳو گهروارن کان شرمائي ڪري، يا غسل جي مُعاملي ۾ سُستي ڪري، نمازِ فَجر جي جماعت ضايع بلڪ مَعَاذَالله نماز بہ قَضا ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن بہ غُسل فرض ٿي وڃي تہ نماز جو وقت اچڻ تي جلد غُسل ڪري ڇڏڻ گهرجي، حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ"فِرِشتا ان گهر ۾ داخل ناهن ٿيندا، جنهن ۾ تصوير، ڪُتو ۽ جُنُب (يعني جنهن تي جِماع يا احتلام يا شَهوَت سبب مني خارج ٿيڻ جي ڪري غُسل فرض ٿي ويو) هجي". (سنن ابي داود ج 1 ص 109 حديث 227)

## غُسل جو طريقو (حَنفِي)

بنا زبان چورڻ جي دل ۾ هيئن نيّت ڪريو تہ آءُ پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ غُسل ڪريان ٿو، پوءِ پهرين ٻئي هٿ ڪراين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئو، پوءِ پيشاب واري جڳهہ ڌوئو چاهي نجاست هجي يا نہ ۽ پوءِ جسم تي جيڪڏهن نجاست هجي تہ ان کي ختم ڪيو، پوءِ نماز وارو وضو ڪريو پر پير نہ ڌوئو، ها جيڪڏهن صَندلي وغيره تي غسل ڪري رهيا آهيو تہ پير بہ

ڏوئي ڇڏيو، پوءِ جسم تي تيل وانگر پاڻي مکيو خاص ڪري سياري ۾(ان دؤران صابڻ بہ هڻي سگهو ٿا) پوءِ ٽي ڀيرا ساڄي ڪُلهي تي پاڻي وهايو ۽ پوءِ کاٻي ڪُلهي تي، پوءِ مٿي تي ۽ سڄي جسم تي ٽي ڀيرا، پوءِ غسل جي جاءِ کان جدا ٿي وڃو، جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ پير نہ ڌوتا هئا تہ هاڻي ڌوئي ڇڏيو، وهنجڻ ۾ قبلي ڏانهن رُخ نہ ڪيو، سڄي جسم تي هٿ ڦيري ۽ مَهٽي وهنجو، اهڙي جڳهہ تي وهنجو جو ڪنهن جي نظر نہ پوي، جيڪڏهن اهو ٿي نہ سگهي تہ مرد پنهنجي اوگهڙ (دُنَ کان وٺي ٻنهي گوڏن سميت) ڪنهن ٿُلهي ڪپڙي سان ڍڪي، ٿلهو ڪپڙو نہ هجي تہ ضرورت مطابق ٻہ يا ٽي ڪپڙا ويڙهي ڇڏي ڇوتہ سنهو ڪپڙو هوندو تہ پاڻيءَ سان جسم تي چنبڙي پوندو ۽ مَعَاذَاللّٰه گوڏن يا رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿيندي، عورت کي تہ اڃا گهڻي اِحتِياط جي ضرورت آهي . غُسل جي دؤران ڪنهن بہ قسم جي گفتگو نہ ڪريو ۽ ڪا دُعا بہ نہ پڙهو، وهنجڻ کان پوءِ ٽوال سان بدن اگهڻ ۾ حرج ناهي، وهنجڻ کان پوءِ جلدي ڪپڙا پائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن مڪروه وقت نہ هجي تہ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪرڻ مُسۡتَحَب آهي . (عامهءِ ڪتبِ فقه حنفي)

## غُسل جا ٽي فرض

﴿1﴾ ڪُرڙي ڪرڻ ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ . (فتاويٰ عالمگيري ج1 ص 13)

## ﴿1﴾ ڪُرڙي ڪرڻ

واتَ ۾ ٿورو پاڻي کڻي پُچ ڪري اُڇلڻ جو نالو ڪُرڙي ناهي پر وات جي هر حصي، پاسي، چپن کان نِڙيءَ جي پاڙ تائين هر جڳهه تي پاڻي وهي وڃي. اهڙيءَ طرح هوڙن جي پُنيان نِڙيءَ جي تهه ۾، ڏندن جي وِٿين ۽ پاڙن ۽ زبان جي هر پاسي تي بلڪ نِڙيءَ جي آخري حصي تائين پاڻي وهي وڃي . روزو نه هجي ته ڳُرڙا به ڪريو جو سنّت آهي، ڏندن ۾ سوپاري جا داڻا يا گوشت جا ذرڙا وغيره هجن ته انهن کي ڪڍڻ ضروري آهي، ها جيڪڏهن ڪڍڻ ۾ ڪو نقصان جو انديشو هجي ته معاف آهي. غسل کان اڳ ۾ اهي ذرڙا وغيره محسوس نه ٿيا ۽ رهجي ويا پوءِ نماز به پڙهي ڇڏي ۽ پوءِ خبر پوڻ تي ڪڍي پاڻي وهائڻ فرض آهي اڳ ۾ جيڪا نماز پڙهي هئي اها ٿي وئي . جيڪو لُڏندڙ ڏند مَسالي سان ڄمايو ويو هجي يا تار سان ٻَڌو ويو هجي ۽ تار يا مسالي جي هيٺان پاڻي نه پهچندو هجي ته معاف آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 316، فتاويٰ رضويه ج 2 ص 439،440) **جيئن هڪ ڪُرڙي** غسل جي لاءِ فرض آهي تيئن ٽي ڪرڙيون وضوءَ جي لاءِ سنّت آهن .

## ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ

جلدي جلدي نڪ جي چوٽيءَ تي پاڻي لڳائڻ سان ڪم نه هلندو پر جيسيتائين نرم جڳهه آهي يعني سخت هڏي جي شروع تائين ڌوئڻ لازمي آهي، ۽ اهو ائين ٿي سگهندو جو پاڻي سنگهي مٿي

ڇڪيو ۽ اهو خيال ڪريو تہ وار برابر بہ جڳھ ڏوئڻ کان رهجي نہ وڃي نہ تہ غسل نہ ٿيندو، نڪ جي اندر سنگھہ ڄمي وئي هجي تہ ان کي صاف ڪرڻ فرض آهي ۽ نڪ جي وارن جو ڌوئڻ بہ فرض آهي . (ايضاً، ص 442،443)

## ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ

مٿي جي وارن کان وٺي پيرن جي ترين تائين جسم جي هر حصي ۽ هر هر وار تي پاڻي وهي وڃڻ فرض آهي، جسم جون ڪجھ جڳھون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن اِحتِياط نہ ڪيو وڃي تہ اهي خُشڪ رهجي وينديون ۽ غُسل نہ ٿيندو.

(بهار شريعت ج 1 ص 317)

## "صَلَّي اللّٰہ عَلَيکَ يَا رَسُولَ اللّٰہ" جي 21 اکرن جي نسبت سان مرد ۽ عورت ٻنهي جي لاءِ غُسل جا 21 اِحتِياط

﴿1﴾ جيڪڏهن مرد جي مٿي جا وار ڳُتيَل هجن تہ انهن کي کولي پاڙ کان چوٽيءَ تائين پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽

﴿2﴾ عورت جي لاءِ رُڳو پاڙ کي آلو ڪرڻ ضروري آهي کولڻ ضروري ناهي، ها جيڪڏهن چوٽي ايتري سخت ڳُتيل آهي جو بنا کولڻ جي پاڙون آليون نہ ٿينديون تہ کولڻ ضروري آهي .

﴿3﴾ جيڪڏهن ڪنن ۾ والي يا نڪ ۾ نٿ جو سوراخ هجي ۽ اهو بند نہ هجي تہ ان ۾ پاڻي وهائڻ فرض آهي، وضوءَ ۾ رُڳو نڪ جي سوراخ ۾ ۽ غسل ۾ جيڪڏهن ڪن ۽ نڪ ٻنهي ۾ سوراخ هجن تہ ٻنهي ۾ پاڻي وهايو.

﴿4﴾ پِرون، مُڇن ۽ ڏاڙهيءَ جي هر وار جو پاڙ کان چوٽيءَ تائين ۽ ان جي هيٺين کَل جو ڌوئڻ ضروري آهي .
﴿5﴾ ڪَنَ جو هر حصو ۽ ان جي هر سوراخ جو منهن ڌوئو.
﴿6﴾ ڪنن جي پُٺيان وار هٽائي ڪري پاڻي وهايو.
﴿7﴾ ڪاڏي ۽ ڳِلي جو سَنڌ جيڪو ڪاڏي کڻڻ بنا نہ ڌوپندو.
﴿8﴾ ٻانهن کي چڱيءَ طرح مٿي کڻي بغل ڌوئو.
﴿9﴾ ٻانهن جو هر پاسو ڌوئو.
﴿10﴾ پُٺيءَ جو هر حصو ڌوئو.
﴿11﴾ پيٽ جا گُهنج کولي ڌوئو.
﴿12﴾ دُنَ ۾ بہ پاڻي وجهو جيڪڏهن پاڻي وهڻ ۾ شڪ هجي تہ دُنَ ۾ آڱر وجهي ڪري ڌوئو.
﴿13﴾ جسم جو هر وار پاڙ کان چوٽيءَ تائين ڌوئو.
﴿14﴾ ران ۽ دُنَ جي هيٺئين حصي جي سَنڌ کي ڌوئو.
﴿15﴾ جڏهن ويهي ڪري وهنجو تہ ران ۽ پِنيءَ جي سَنڌ تي بہ پاڻي وهائڻ ياد رکو.
﴿16﴾ سُرين (يعني ويهڻ واري جڳهہ) جو خاص خيال رکو، خاص ڪري جڏهن بيهي ڪري وهنجو.
﴿17﴾ رانن جي گولائي ۽
﴿18﴾ پِنين جي پاسن تي پاڻي وهايو.
﴿19﴾نازڪ عُضوي ۽ خُصِين جي هيٺين سطح واري سَنڌ تائين
﴿20﴾ خُصِين واري هيٺين جاءِ پاڙ تائين ڌوئو.

﴿21﴾ جنهن جو ڳُطر ٿيل نہ هجي اهو جيڪڏهن ڪل چڙهي سگهندي هجي تہ ڪل چاڙهي ڌوئي ۽ ڪل جي اندر پاڻي چاڙهي.
(ملخص از بهارِ شريعت ج 1 ص 317،318)

## عورتن لاءِ 6 احتياط

﴿1﴾ لڙڪيل ڇاتين کي مٿي ڪري پاڻي وهايو.
﴿2﴾ ڇاتين ۽ پيٽ جي جوڙ جي سَنڌ ڌوئو.
﴿3﴾ فَرجِ خارج (يعني عورت جي شرمگاهہ جي ٻاهرئين حصي) جو هر پاسو ۽ هر حصو هيٺ مٿي خوب احتياط سان ڌوئو.
﴿4﴾ فَرجِ داخل (يعني شرمگاهہ جي اندروني حصي) ۾ آڱر وجهي ڪري ڌوئڻ فرض ناهي بلڪ مُسۡتَحب آهي .
﴿5﴾ جيڪڏهن حَيض يا نِفاس کان فارغ ٿي ڪري غسل ڪريو تہ ڪنهن پراڻي ڪپڙي سان فَرجِ داخل جي اندران رت جو اثر صاف ڪرڻ مُسۡتَحَب آهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 318)
﴿6﴾ جيڪڏهن نيل پالش (يعني ننهن جو رنگ) ننهن تي لڳل آهي تہ ان کي ختم ڪرڻ بہ فرض آهي نہ تہ غسل نہ ٿيندو، ها ميندئ جي رنگ ۾ حرج ناهي .

## زخم جي پٽي

زخم تي پٽي وغيره ٻَڌل هجي ۽ ان کي کولڻ ۾ نقصان يا حَرج ٿئي تہ پٽيءَ تي ئي مَسۡحُ ڪرڻ ڪافي آهي ۽ ڪنهن جاءِ تي بيماري يا سور جي ڪري پاڻي وهائڻ نقصان ڏيندو هجي تہ ان پوري عُضوي تي مَسۡحُ ڪري ڇڏيو، پٽي ضرورت کان وڌيڪ

ويڙهيل نہ هجڻ گهرجي نہ تہ مَسَحُ ڪافي نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن ضرورت ڪان وڌيڪ جڳهہ گهيرڻ ڪان سواءِ پَٽي ٻَڌڻ ممڪن نہ ٿي سگهي . **مثال طور:** ٻانهن تي زخم آهي پر پَٽي ٻانهن جي گولائيءَ ۾ ٻَڌل آهي جنهن ڪري ٻانهن جو چڱو حصو پَٽيءَ ۾ لِڪيل آهي تہ پوءِ جيڪڏهن کولي سگهي تہ کولي ڪري ان حصي کي ڌوئڻ فرض آهي، جيڪڏهن ناممڪن هجي يا کولي تہ سگهجي ٿي پر وري اهڙي ٻيهر نہ ٻَڌي سگهبي ۽ ائين زخم وغيره کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي تہ سڄي پَٽيءَ تي مَسَحُ ڪرڻ ڪافي آهي ۽ جسم جو اهو صحيح حصو بہ ڌوئڻ کان معاف ٿي ويندو. (بهارِ شريعت ج 1 ص 318)

## غُسل فرض ٿيڻ جا 5 سبب

﴿1﴾ مَنِيءَ جو پنهنجي جڳهہ کان شَهوَت سان پنهنجي عضوي مان نڪرڻ ﴿2﴾ اِحتِلام يعني ننڊ ۾ مني جو نڪري وڃڻ ﴿3﴾ شرمگاهہ ۾ خاص عُضوي جي مُنڍ واري حصي جو داخل ٿيڻ، چاهي شَهوَت هجي يا نہ هجي.(انزَال ٿئي يا نہ ٿئي ٻنهي تي غُسل فرض آهي) ﴿4﴾ حَيض کان فارغ ٿيڻ. ﴿5﴾ نِفاس (يعني ٻار ڄَڻَڻ کان پوءِ جيڪو رَت ايندو آهي ان)کان فارغ ٿيڻ. (بهارِ شريعت ج 1 ص 324، 321)

گهڻين عورتن ۾ اهو مشهور آهي تہ ٻار ڄَڻَڻ کان پوءِ عورت چاليهہ ڏينهن تائين لازمي طور تي ناپاڪ رهندي آهي، اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي. مهرباني ڪري نِفاس جي ضروري وضاحت پڙهي وٺو.

## نِفاس جي ضروري وضاحت

**ٻار** ڄڻَڻ کان پوءِ جيڪو رت ايندو آهي ان کي نِفاس چئبو آهي ان جي وڌ ۾ وڌ مُدَت چاليهہ ڏينهن آهي يعني جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن کان پوءِ بہ بند نہ ٿيو تہ بيماري آهي ان لاءِ چاليهہ ڏينهن پورا ٿيندي ئي غُسل ڪري وٺي ۽ جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن کان اڳ بند ٿي وڃي يا ٻار ڄمڻ کان هڪ مِنٽ جي اندر ئي بند ٿي وڃي تہ جنهن وقت بہ بند ٿيو تہ غُسل ڪري وٺي ۽ نماز روزا شروع ٿي ويا. جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن جي اندر اندر ٻيهر رت اچي ويو تہ ٻار ڄمڻ جي شروعات کان وٺي رت بند ٿيڻ تائين سيئي ڏينهن نِفاس ۾ ئي شمار ٿيندا. مثال طور ڄَمڻ کان پوءِ ٻن مِنٽن تائين رت اچڻ بند ٿي ويو ۽ عورت غسل ڪري نماز روزو وغيره ادا ڪندي رهي، چاليهہ ڏينهن پورا ٿيڻ ۾ باقي بہ منٽ هئا جو ٻيهر رت اچي ويو تہ مڪمل چاليهہ ڏينهن نِفاس جا قرار ڏنا ويندا. جيڪي بہ نمازون پڙهيون يا روزا رکيا سڀ بيڪار ٿي ويا، ايتري تائين جو جيڪڏهن ان دؤران فرض ۽ واجِب نمازون يا روزا قضا ڪيا هئائين تہ اهي بہ ٻيهر ادا ڪري. (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ ج 4ص 354 کان 356 رضا فاؤنديشن لاهور)

## 5 ضروري احڪام

﴿1﴾ مَنِي شَهوَت سان پنهنجي جڳهہ کان الڳ نہ ٿي پر وزن کڻڻ يا مٿان کان هيٺ لهڻ، پائخانو خارج ڪرڻ لاءِ زور لڳائڻ جي صورت ۾ خارج ٿئي تہ غُسل فرض ناهي پر وضو بهرحال

ٿئي ويندو.

﴿2﴾ جيڪڏهن مَنِي پَتري ٿي وئي ۽ پيشاب جي وقت يا هونئن ئي بنا شهوت جي ان جا قطرا نڪري آيا غسل فرض نہ ٿيو وضو ٽٽي پوندو.

﴿3﴾ جيڪڏهن اِحتلام پوڻ ياد آهي پر ان جو ڪو اثر ڪپڙن وغيره تي ناهي تہ غسل فرض ناهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 321)

﴿4﴾ نماز ۾ شَهوَت ٿي ۽ مني نڪرندي محسوس ٿي پر ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ۾ ئي نماز پوري ڪري ورتي ۽ پوءِ نڪتي تہ نماز ٿي وئي پر هاڻي غسل فرض ٿي ويو. (بهارِ شريعت ج 1 ص 322)

﴿5﴾ پنهنجي هٿن سان مني خارج ڪرڻ سان غسل فرض ٿي ويندو آهي اهو گناهہ جو ڪم آهي، حديثِ پاڪ ۾ ائين ڪرڻ واري کي مَلعُون چيو ويو آهي . (مراقي الفلاح معه حاشية الطحطاوي ص 96)

ائين ڪرڻ سان مَردانہ ڪمزوري پيدا ٿيندي آهي ۽ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ آخرڪار اهڙو ماڻهو شاديءَ جي لائق نہ رهندو آهي .

## هٿ سان مَنِي خارج ڪرڻ جو عذاب

سرڪارِ اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو هڪ شخص مَجلُوق (يعني هٿ سان مني خارج ڪندڙ) آهي اهو ان ڪم کان نہ ٿو مُڙي ۽ ڪيترائي ڀيرا ڪيس سمجهايو ويو آهي، توهان تحرير فرمايو تہ ان جو ڇا حشر ٿيندو ۽ ان کي ڪهڙي دعا پڙهڻ گهرجي جنهن سان ان جي عادت ختم ٿي وڃي؟

**اعليٰ حضرت جو ارشاد:** اهو (شخص) گناهگار آهي، بدڪار آهي، گناهه تي اِصرار ڪرڻ ڪري ڪبيره گناهه جو مُرتَڪِب ٿي رهيو آهي، فاسِق بہ آهي، جيڪڏهن اهي توبہ نہ ڪن تہ قيامت جي ڏينهن اهڙن جي (يعني هٿ سان مني خارج ڪرڻ وارن جي) هٿن جون تِريون حامله (يعني ڳورهاريون) هونديون جنهن سان وڏي ميڙ ۾ ان جي تَذلِيل (يعني بدنامي) ٿيندي جيڪڏهن توبهہ ڪن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي مُعاف فرمائيندو آهي، ۽ جنهن کي چاهي عذاب فرمائيندو آهي، ان کي گهرجي تہ لَاحَولَ شريف جي ڪثرت ڪري، جڏهن شيطان ان حرڪت جي طرف سڏي تہ فورًا دل سان خدا عَزَّوَجَلَّ ڏانهن توجهہ ڪري لَاحَول پڙهي، پنج وقتن جي نماز جي پابندي ڪري فجر جي نماز کان پوءِ لڳاتار سُورهءِ اِخلَاص جو وِرد جاري رکي وَاللهُ تَعَاليٰ اَعلَم (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 244)

(شجرهءِ عطاريه ص 16 ۾ آهي هر صبح جو سورهءِ اخلاص يارهن ڀيرا پڙهي، پوءِ جيڪڏهن شيطان لشڪر سميت ان کان گناهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري تہ نہ ڪرائي سگهندو جيستائين هو پاڻ نہ ڪري.)[1]

## وهندڙ پاڻيءَ ۾ غُسل جو طريقو

**جيڪڏهن** وهندڙ پاڻي **مثال طور** درياءَ يا واهه ۾ وهجندو تہ ٿوري دير ان ۾ رهڻ سان ٿي ڀيرا ڏوئڻ، ترتيب ۽ وضو اهي سڀ سنّتون ادا ٿي ويون ۽ ان جي بہ ضرورت ناهي تہ عضون

(1) هٿ سان مني خارج ڪرڻ جي هوش وڃائيندڙ نقصان جي تفصيلي معلومات لاءِ سگِ مدينه عفي عنه جو رُڳو 18 صفحن جو رسالو"امرد پسنديءَ جون تباهه ڪاريون" پڙهي وٺو .

ڪي ٿي پيرا حرڪت ڏئي. جيڪڏهن تلاءُ وغيره بيٺل پاڻي ۾ وهنجو ته عُضون کي ٽي ڀيرا حرڪت ڏيڻ يا جڳهه بدلائڻ سان ٽي ڀيرا ڌوئڻ جي سنّت ادا ٿي ويندي، برسات ۾ (نلڪي يا ڦوهاري جي هيٺان) بيهڻ وهندڙ پاڻيءَ جي حُڪم ۾ آهي، وهندڙ پاڻيءَ ۾ وضو ڪيو ته اهو ئي ٿوري دير عُضوي کي پاڻيءَ ۾ رکي ڇڏڻ ۽ بيٺل پاڻيءَ ۾حرڪت ڏيڻ ٽي ڀيرا ڌوئڻ جي قائم مقام آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 322، الدر المختار ج 1 ص 321،320) وُضُو ۽ غسل جي انهن سيني صورتن ۾ ڳُرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو پوندو.

## ڦوهارو وهندڙ پاڻيءَ جي حڪم ۾ آهي

فَتَاويٰ اهلسنّت (اڻ ڇپيل) ۾ آهي ڦوهاري (يا نلڪي) جي هيٺان غسل ڪرڻ وهندڙ پاڻي جي حڪم ۾ آهي، ان لاءِ ان جي هيٺان غُسل ڪندي وضو ۽ غُسل ڪرڻ واري وقت جي مدت تائين بيٺو ته ٽي ڀيرا ڌوئڻ واري سنّت ادا ٿي ويندي جيئن دُرِّمُختار ۾ آهي: ”جيڪڏهن وهندڙ پاڻي وڏي حوض يا برسات ۾ وضو غسل ڪرڻ جي وقت جي مدت تائين بيٺو ته ان پوري سنّت ادا ڪئي.“ (درمختار معه ردالمحتار ج1 ص 320) اهو ياد رهي ته غسل يا وضو ۾ ڳُرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو آهي .

## ڦوهاري جا احتياط

جيڪڏهن توهان جي غسل خاني ۾ ڦوهارو (SHOWER) هجي ته ان کي چڱيءَ ريت ڏسي وٺو ته ڪٿي ان ڏانهن منهن ڪري بغير ڪپڙن جي وهنجڻ سان منهن يا پُٺ قبلي ڏانهن ته

نہ ٿي رهي آهي، بيت الخلاء (يعني ليٽرين) ۾ بہ اهڙيءَ طرح احتياط ڪريو. قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ هجڻ جي معنيٰ اها آهي تہ 45 ڊگري جي ڪنڊ جي اندر اندر هجي، تنهن ڪري اهو احتياط بہ ضروري آهي تہ 45 ڊگري جي ڪنڊ ڪان ٻاهر هجي، هن مسئلي ڪان ڪافي ماڻهو ناواقف آهن .

## W.C جو رخ صحيح ڪريو

مهرباني ڪري پنهنجي گهر وغيره جي ڊبليو سي (W.C) ۽ ڦوهاري جو رخ پلڪار يا ڪنهن اوزار جي ذريعي معلوم ڪري ڏسي ڇڏيو، جيڪڏهن غلط هجي تہ ان ڪي صحيح ڪري ڇڏيو تہ جيئن دنيا جي اها ٿوري تڪليف آخرت جي خوفناڪ مصيبت ڪان حفاظت جو سبب بڻجي سگهي .

گهڻو اِحتِياط ان ۾ آهي تہ W.C قبلي ڪان 90 درجن تي يعني نماز پڙهڻ ۾ سلام ڦيرڻ جي رخ ڏانهن ڪري ڇڏيو. ڪاريگر عام طور تي تعميراتي سهولت ۽ خوبصورتيءَ جو لحاظ رکندا آهن ۽ قبلي جي آداب جي پرواهہ ناهن ڪندا، مسلمان ڪي گهرن جي غير واجبي بهتري بجاءِ آخرت جي حقيقي بهتريءَ تي نظر رکڻ گهرجي.

ڪچھ نیکیاں کمالے جلد آخرت بنالے
بھائی نہیں بھروسا ہے کوئی زندگی کا

## ڪڏهن غسل ڪرڻ سنت آهي

جُمعۃُالمُبارَڪ، عِيدُالفطر، عِيدُالاضُحیٰ، عَرَفَه جي ڏينهن

(يعني نائين ذوالحَجّةُ الحَرام) ۾ اِحرام بَڌڻ وقت غُسل ڪرڻ سنّت آهي .
(بهارِ شريعت ج 1 ص 324، در مختار ج 1 ص 339،341)

## ڪڏهن غُسل ڪرڻ مُستَحَب آهي

﴿1﴾ عَرَفات ۾ وُقُوف ڪرڻ (ترسڻ) وقت ﴿2﴾ مُزدَلِفِي ۾ وُقوف ڪرڻ وقت ﴿3﴾ حرم شريف جي حاضريءَ وقت ﴿4﴾ سرڪارِ مدينه صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي حاضريءَ وقت ﴿5﴾ طَواف ﴿6﴾ مِنيٰ ۾ داخل ٿيڻ وقت﴿7﴾ جَمرا(يعني شيطانن)ڪي پٿريون هڻڻ لاءِ ٽئي ڏينهن ﴿8﴾ شبِ براءَت ۾﴿9﴾ شبِ قَدر ۾﴿10﴾ عَرَفه يعني نائين ذُوالحَج جي رات ﴿11﴾ مِيلادشريف جي مَجلِس ﴿12﴾ ٻين نيڪ مجلسن لاءِ ﴿13﴾مُردي کي وهنجارڻ کان پوءِ﴿14﴾چريي جي لاءِ چريائپ ختم ٿيڻ کان پوءِ ﴿15﴾ بيهوشيءَ کان هوش اچڻ کان پوءِ ﴿16﴾ نشو لهڻ کان پوءِ ﴿17﴾ گناهه کان توبهه ڪرڻ ۾ ﴿18﴾ نوان ڪپڙا پائڻ وقت ﴿19﴾ سفر کان اچڻ وارن لاءِ ﴿20﴾ اِستِحاضه جو رَت بند ٿيڻ کان پوءِ ﴿21﴾ سج گرهڻ ۾ چنڊ گرهڻ جي نماز لاءِ ﴿22﴾ اِستِسقاءِجي نماز لاءِ ﴿23﴾ خوف،اوندهه ۾ تيز آنڌاري جي لاءِ ﴿24﴾ جسم تي ناپاڪي لڳي ۾ اها خبر نه پئي ته ڪهڙي جڳهه تي لڳي آهي .

(بهارِ شريعت ج 1 ص 324،325 تنويرالابصار،درمختار ج 1 ص 341،342)

## هڪ غُسل ۾ مختلف نيتون

جنهن تي ڪجهه غسل هجن، مثال طور اِحتلام به ٿيو، عيد به آهي ۽ جُمعي جو ڏينهن به، ته انهن ٽنهي جي نيّت ڪري هڪ

غسل ڪيو تہ سڀ ادا ٿي ويا ۽ سڀني جو ثواب ملندو ـ
(بهارِ شريعت ج 1 ص 325)

## بَرسات ۾ غُسل

ماڻهن جي سامهون اوگهڙ کولي وهنجڻ حرام آهي.(فتاويٰ رضويه ج 3 ص 306) برسات وغيره ۾ بہ وهنجو تہ پاجامو يا سلوار جي مٿان وڏيڪ ٿلهي چادر ويڙهي ڇڏيو تہ جيئن سلوار يا پاجامو پاڻيءَ سان چنبڙي بہ وڃي تہ رانن وغيره جي رنگت ظاهر نہ ٿئي ـ

## سوڙهي لباس واري ڏانهن ڏسڻ ڪيئن آهي؟

لباس سوڙهو هجي يا زور سان هوا هلي يا برسات يا سمنڊ جي ڪناري يا واهہ وغيره ۾ پلي ٿلهي ڪپڙي سان وِهنججي جو ڪپڙو اهڙيءَ طرح چنبڙي وڃي جو ڪنهن پوري عُضوي جي اوگهڙ **مثال طور** ران جي مڪمل گولائي ظاهر ٿي وڃي، اهڙي صورت ۾ ان (مخصوص) عُضوي ڏانهن بئي ڪي ڏسڻ جائز ناهي، اهو ئي حڪم سوڙهي لباس واري جي اوگهڙ جي ايريل سڄي عُضوي ڏانهن ڏسڻ جو آهي ـ

## بنا ڪپڙن جي وهنجڻ وقت خوب احتياط

غُسلخاني ۾ اڪيلا بغير ڪپڙن جي وهنجو يا اهڙو پاجامو پائي وهنجو،جو ان جي چنبڙي وڃڻ سان رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿيندي هجي تہ اهڙي صورت ۾ قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ نہ ڪيو.

## غسل ڪرڻ سان نزلو ٿي ويندو هجي تہ؟

زُڪام يا اکيون اُٿڻ جي بيماري وغيره هجي ۽ اهو صحيح گمان هجي تہ مٿي تي پاڻي وجهي وهنجڻ سان بيماري وڌي ويندي ۽ ٻيون بيماريون پيدا ٿينديون تہ گرڙي ڪريو، نڪ ۾ پاڻي وجهو ۽ ڪنڌ تي پاڻي وجهي وهنجو ۽ مٿي جي هر حصي تي آلو هٿ ڦيري ڇڏيو تہ غسل ٿي ويندو. صحتياب ٿيڻ کان پوءِ مٿو ڌوئي ڇڏيو ۽ سڄو غسل نئين سر ڪرڻ ضروري ناهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 318)

## بالٽيءَ سان وهنجڻ وقت اِحتِياط

جيڪڏهن بالٽيءَ سان غسل ڪريو تہ احتياط جي طور تي ان کي اسٽول (STOOL) وغيره تي رکي ڇڏيو تہ جيئن بالٽيءَ ۾ ڦهنگون نہ اچن ۽ پڻ غسل ۾ استعمال ڪرڻ جو مگو بہ فرش تي نہ رکو.

## وارن جي ڳنڍ

وارن ۾ ڳنڍ پئجي وڃي تہ غُسل ۾ ان کي کولي ڪري پاڻي وهائڻ ضروري نہ آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 318)

## "قرآن تہ مقدس آ" جي ڏهہ اکرن جي نسبت سان ناپاڪيءَ جي حالت ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ يا ڇهڻ جا 10 ادب

﴿1﴾ جنهن تي غسل فرض هجي تہ ان کي مسجد ۾ وڃڻ، طواف ڪرڻ، قرآن پاڪ ڇُهڻ، بغير هٿ لڳائڻ جي پڙهڻ، ڪنهن آيت جو لکڻ، آيت جو تعويذ لکڻ (هي ان صورت ۾ حرام

آهي جنهن ۾ ڪاغذ ڪي ڇُهڻو پوي جيڪڏهن ڪاغذ ڪي نہ ڇهي تہ لکڻ جائز آهي) (فتاويٰ اهلسنّت،اڻ ڇپيل) اهڙو تعويذ ڇهڻ، اهڙي مُندي ڇُهڻ يا پائڻ جنهن تي آيت يا حروفِ مُقَطَّعات (يعني الم، ق، ڪهيعص وغيره) لکيل هجن تہ حرام آهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 326) (ميڻ سان بند ڪيل، ڪپڙي يا پلاسٽڪ ۾ ويڙهي بند ٿيل تعويذ کي پائڻ يا ڇُهڻ ۾ حرج ناهي)

﴿2﴾ جيڪڏهن قرآن پاڪ ڪنهن جُزدان (يعني پيتي يا ٿيلهي وغيره) ۾ هجي تہ بغير وضوءَ جي جُزدان کي ڇُهڻ ۾ حرج ناهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 326)

﴿3﴾ اهڙيءَ طرح ڪنهن اهڙي ڪپڙي يا رومال وغيره سان قرآن پاڪ پڪڙڻ جائز آهي جيڪو نہ پنهنجي تابع هجي نہ قرآن پاڪ جي . (ايضاً)

﴿4﴾ قميص جي اڳ يا رَئي جي ڪناري سان، ايتريقدر جو چادر جي هڪ ڪنڊ تہ ڪلهي تي آهي تہ چادر جي ٻي ڪنڊ سان قرآن پاڪ ڇهڻ حرام آهي ڇوتہ اهي سڀ شيون ان جي تابع آهن. (ايضاً)

﴿5﴾ قرآنِ پاڪ جي آيت دعا جي نيّت سان يا برڪت جي طور مثال طور بِسمِ اللهِ الرَّحمنِ الرَّحِيم يا شڪر ادا ڪرڻ لاءِ اَلحَمدُلله ربِ العَالَمِين يا ڪنهن مسلمان جي موت يا ڪنهن قسم جي نقصان جي خبر تي اِنَا لله وَاِنَا اِلَيہِ رَاجِعُون يا ثناء جي نيّت سان پوري سورهءِ فاتحه يا آيَةُ الڪُرسِي يا سُورَةِ الحَشر جون آخري ٽي آيتون پڙهيون ويون ۽ انهن سيني سورتن ۾ قرآن پڙهڻ جي نيّت نہ هجي تہ ڪو حرج ناهي . (ايضاً)

﴿6﴾ ٿئي قُل بنا لفظ ”قُل“ جي ثناء جي نيّت سان پڙهي سگهو ٿا، ”قُل“ لفظ سان گڏ ثناء جي نيّت سان به نه ٿا پڙهي سگهو، ڇوته ان صورت ۾ انهن جو قرآن هجڻ واضح آهي، نيّت ڪي ڪو دخل ناهي . (ايضاً)

﴿7﴾ بنا وضوءَ جي قرآن شريف يا ڪنهن آيت کي هٿ لڳائڻ حرام آهي، بنا هٿ لڳائڻ جي زباني يا ڏسي ڪري پڙهڻ ۾ حرج ناهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 326)

﴿8﴾ جنهن ٿانوَ يا وَٽي تي سورت يا قرآني آيت لکيل هجي، بي وضو ۽ بي غسل ماڻهو جو ان کي هٿ لڳائڻ حرام آهي .
(ايضاً ص 327)

﴿9﴾ ان جو استعمال سيني لاءِ مڪروهه آهي، ها خاص شِفا جي نيّت سان ان ۾پاڻي وغيره وجهي ڪري پيئڻ ۾حرج ناهي. (ايضاً)

﴿10﴾ قُرآن پاڪ جو ترجمو فارسي يا سنڌي يا ڪنهن ٻي زبان ۾ هجي ان کي به پڙهڻ يا هٿ لڳائڻ ۾ قرآن پاڪ وارو ئي حڪم آهي . ((ايضاً)

## بي وضو ديني ڪتابن تي هٿ لڳائڻ

بي وضو يا اهو جنهن تي غسل فرض هجي ان کي فِقه، تفسير ۽ حديث جي ڪتابن کي هٿ لڳائڻ مڪروهِ تَنزِيهي آهي. ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڪپڙي سان هٿ لڳايو جيتوڻيڪ ان کي پهريل يا ويڙهيل هو ته حرج ناهي، پر ڪتابن ۾ قرآني آيت يا ان جي ترجمي تي به هٿ رکڻ حرام آهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 327)

بي وضو اسلامي ڪتاب کي هٿ لڳائڻ وارا بلڪ اخبارن ۽ رسالن کي بہ هٿ لڳائڻ وارا احتياط ڪندا رهن جو عام طور تي انهن ۾ آيتون ۽ ترجما شامل هوندا آهن .

## ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ دُرود شريف پڙهڻ

﴿1﴾ جن تي غسل فرض هجي انهن کي دُرود شريف ۽ دعائون پڙهڻ ۾ حَرج ناهي پر بهتر اهو آهي تہ وضو يا ڪُرڙي ڪري پڙهن . (بهارِ شريعت ج 1 ص 327)

﴿2﴾ اذان جو جواب ڏيڻ انهن لاءِ جائز آهي .

(فتاويٰ عالمگيري ج1 ص 38)

## آٽي ۾ مس(ink) جو تهہ جميل هجي تہ ؟

پَچائڻ واري جي ننهن ۾ اٽو، لکڻ واري جي هٿ ۾ مَس جو تهہ، عام ماڻهن لاءِ مَک، مَڇر جي گندگي لڳل رهجي وئي ۽ ڌيان نہ رهيو هجي تہ غسل ٿي ويندو. ها خبر پوڻ کان پوءِ صاف ڪرڻ ۽ ان جڳهہ جو ڌوئڻ ضروري آهي، اڳ ۾ جيڪا نماز پڙهي وئي اها ٿي وئي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 319)

## ٻار ڪڏهن بَالِغ ٿيندو آهي؟

ڇوڪري کي 12 کان 15 سالن جي عمر جي دؤران ۽ ڇوڪريءَ کي 9 کان 15 سالن جي عمر جي دؤران جڏهن پهريون ڀيرو اِحتِلام ٿيو تہ اهي بالغ ٿي ويا . پوءِ انهن تي شَريعت جي احڪامن جي پابندي لاڳو ٿي وئي، ان لاءِ اِحتِلام جي ذريعي بالغ ٿيڻ جي صورت ۾انهن تي غُسل فرض ٿي ويو ۽ جيڪڏهن

بالغ ٿيڻ جي ڪا نشاني نہ ظاهر ٿي اهي ٻئي هجري سن جي حِساب سان پورن پندرهن سالن جا ڄڏهن ٿيندا تہ بالغ مڃيا ويندا۔ (فتاويٰ رضويہ ج 19 ص 630)

## ڪِتاب رکڻ جي ترتيب

﴿1﴾ قُرآن پاڪ سڀني جي مٿان رکو پوءِ تفسير پوءِ حديث پوءِ فِقه پوءِ ٻيا اسلامي ڪتاب ۔ (بهارِ شريعت ج 1 ص 326)

﴿2﴾ ڪتاب تي ڪابہ ٻي شيءِ ايتري تائين جو قلم بہ نہ رکو بلڪ جنهن صندوق ۾ ڪتاب هجي ان تي بہ ڪا شيءِ نہ رکو۔ (ايضاً)

## ڪاغذن ۾ پُڙِي ٻڌڻ

﴿1﴾ ديني مَسئلَن واري ڪاغذ ۾ پُڙي ٻَڌڻ جنهن دسترخوان يا بستري تي شعر يا ڪنهن بہ زبان ۾ ڪجهہ عبارتون(جيئن ڪمپني جو نالو وغيره) لکيل هجي تہ انهن جو استعمال منع آهي ۔ (بهارِ شريعت ج 1 ص 328)

﴿2﴾ هر زبان جي حروفِ تَهَجِّي جو ادب ڪرڻ گهرجي ۔ (وڌيڪ تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت جي باب ”فَيضانِ بِسمِ الله“ ص 113 کان 123 تائين جو مطالعو ڪريو۔)

﴿3﴾ مُصلّي جي ڪنڌ ۾ عام طور تي ڪمپني جي نالي واري پٽي (CHIT) سلائي ڪيل هوندي آهي، ان کي ڪڍي ڇڏيو.

## مُصلي تي ڪَعبَۃُ الله شريف جي تصوير

اهڙا مُصلا جن تي ڪَعبَۃُالله شريف يا گُنبذ خَضرا نهيل هجي انهن کي نماز ۾ استعمال ڪرڻ سان مُقَدّس تصوير تي پير يا

ڳوڙهو پوڻ جو امڪان رهندو آهي، ان لاءِ نماز ۾ اهڙي مُصلّي جو استعمال ڪرڻ مناسب ناهي . (فتاويٰ اهلسنّت)

## وَسوَسَن جو هڪ سبب

غُسل خاني ۾ پيشاب ڪرڻ سان وسوسا پيدا ٿيندا آهن. حضرتِ سيّدُنا عَبدُالله بِن مُغَفَّل رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته رسولِ ڪريم، رؤف رحيم عَلَيهِ اَفضَلُ الصلوۃ والتَّسلِيم ان کان منع فرمايو ته ڪو شخص غسلخاني ۾ پيشاب ڪري ۽ فرمايائون: ”بيشڪ عام طور تي ان سان وسوسا پيدا ٿيندا آهن .“

(سن ابي داؤد ج 1 ص 44 حديث 27)

## تيَمُم جو بيــان

## تيَمُم جا فرض

تَيَمُّم ۾ ٽي فرض آهن ﴿1﴾ نيّت ﴿2﴾ سڄي منهن تي هٿ ڦيرڻ ﴿3﴾ نونين سميت ٻنهي ٻانهن جو مَسَحُ ڪرڻ .

(بهارِ شريعت ج 1 ص 355،354،353)

## ”تيَمُم سکي وٺو“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان تيمُم جون 10 سنتون

﴿1﴾ بِسمِ الله شريف پڙهڻ ﴿2﴾ هٿن کي زمين تي هڻڻ ﴿3﴾ زمين تي هٿ هڻي اڳتي پوئتي ڪرڻ ﴿4﴾ آڱريون کليل رکڻ ﴿5﴾ هٿن کي ڇنڊڻ يعني هڪ هٿ جي آڱوٺي جي پاڙ کي ٻئي هٿ جي آڱوٺي جي پاڙ تي هڻڻ پر اهو احتياط رهي ته تاڙيءَ جو آواز پيدا نه ٿئي ﴿6﴾ پهرين منهن پوءِ ٻانهن جو مَسَحُ ڪرڻ ﴿7﴾ ٻنهي جو مَسَحُ مُتواتر ڪرڻ ﴿8﴾ پهرين ساڄي پوءِ کابي

ٻانهن جو مَسَحُ ڪرڻ ﴿9﴾ ڏاڙهيءَ جو خِلال ڪرڻ ﴿10﴾ آڱرين جو خِلال ڪرڻ جڏهن تہ مٽي لڳي وئي هجي، جيڪڏهن مٽي نہ لڳي هجي مثال طور پٿر وغيره ڪنهن اهڙي شيءِ تي هٿ هنيو جنهن تي مٽي نہ هئي تہ خِلال فرض آهي. خِلال جي لاءِ ٻيهر زمين تي هٿ هڻڻ ضروري ناهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 356)

## تَيَمُّم جو طريقو (حَنفي)

تَيَمُّم جي نيّت ڪريو (نيّت دل جي ارادي جو نالو آهي، زبان سان بہ چئي ڇڏيو تہ بهتر آهي **مثال طور** پاڪائي حاصل ڪرڻ ۽ نماز جائز هئڻ جي لاءِ تَيَمُّم ڪريان ٿو) بِسمِ اللهِ الرَّحمنِ الرَّحِيم پڙهي ڪري ٻنهي هٿن جون آڱريون ويڪريون ڪري ڪنهن اهڙي پاڪ شيءِ جيڪا زمين جي قسم (**مثال طور** پٿر، چوني، سر، پِٽ، مٽي وغيره) مان هجي ان تي هٽي ڪري اڳتي ۽ پوئتي ڪريو ۽ جيڪڏهن گهڻي مٽي لڳي وڃي تہ ڇنڊي ڇڏيو ۽ ان سان سڄي منهن جو اهڙيءَ طرح مَسَحُ ڪيو جو ڪو حصو رهجي نہ وڃي، جيڪڏهن وار جيتري بہ ڪا جڳهہ رهجي وئي تہ تَيَمُّم نہ ٿيندو، پوءِ ٻيهر اهڙي طرح هٿ زمين تي هٽي ڪري ٻنهي ٻانهن جو ننهن کان وٺي نونين سميت مَسَحُ ڪريو. ان جو بهتر طريقو اهو آهي تہ کابي هٿ جي آڱوٺي کان علاوه چار آڱرين جو پيٽ ساڄي هٿ جي پُٺيءَ تي رکو ۽ آڱرين جي مُنڍن کان نونين تائين ڪٽي وڃو پوءِ اتان کان کابي هٿ جي ئي ترِيءَ سان ساڄي ٻانهن جي پيٽ جو مَسَحُ ڪندي ڪرائيءِ تائين آڻيو ۽ کابي

آڱوني جي پيٺ سان ساڄي آڱوني جي پُنيءَ جو مَسَحُ ڪريو. اهڙيءَ طرح ساڄي هٿ سان کابي ٻانهن جو مَسَحُ ڪريو. جيڪڏهن هڪ ئي دفعي سان سڄي تِريءَ ۽ آڱرين سان مَسَحُ ڪري ورتو تہ تڏهن بہ تَيَمُّم ٿي ويو چاهي نوٽ ڪان آڱرين ڏانهن هٿ ڪڍي ويو يا آڱرين ڪان نوٽ ڏانهن ڪڍي ويو پر سنّت جي خلاف ٿيو تَيَمُّم ۾ مٽي ۽ پيرن جو مَسَحُ ناهي .

(بهارِ شريعت ج 1 ص 355،354،353)

## ”منهنجي اعليٰ حضرت جي 25 هين شريف“ جي پنجويهہ اکرن جي نسبت سان تَيَمُم جا 25 مدني گل

﴿1﴾ جيڪا شيءِ باهہ ۾ سڙي خاڪ نہ ٿيندي هجي ۽ نہ پگهرندي هجي ۽ نہ ئي نرم ٿيندي هجي تہ اها زمين جي جنس (يعني قسم) مان آهي ان سان تَيَمُّم جائز آهي. ريتي،چوني، سرمي، گندرَف، پٿر، زمرد، فيروزي، عقيق وغيره جَواهِرن سان تَيَمُّم جائز آهي چاهي انهن تي مٽي هجي يا نہ هجي-(بهارِ شريعت ج 1 ص 357)

﴿2﴾ پڪي سر، چيني يا نڪر جي ٿانوَ سان تَيَمُّم جائز آهي، ها جيڪڏهن انهن تي ڪنهن اهڙي شيءِ جو تهہ هجي جيڪا زمين جي جنس مان ناهي **مثال طور** شيشي جو تهہ هجي تہ تَيَمُّم جائز ناهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 358)

﴿3﴾ جنهن مٽي، پٿر وغيره سان تَيَمُّم ڪيو وڃي ان جو پاڪ هئڻ ضروري آهي يعني نہ ان تي ناپاڪيءَ جو اثر هجي ۽ نہ ئي ائين هجي جو رڳو خشڪ ٿيڻ سان ناپاڪيءَ جو اثر ختم ٿي ويو

هجي ـ (ايضاً) زمين، پٽ ۽ اها مٽي جيڪا زمين تي پئي هوندي آهي جيڪڏهن ناپاڪ ٿي وڃي ۽ وري اُس يا هوا سان سُڪي وڃي ۽ ناپاڪيءَ جو اثر ختم ٿي وڃي ته پاڪ آهي ۽ ان تي نماز جائز آهي پر ان سان تَيَمُّم نه ٿو ٿي سگهي ـ

﴿4﴾ اهو وهم ڪرڻ اجايو آهي ته ڪڏهن ته ناپاڪ ٿي هوندي ان جو اعتبار نه آهي ـ (ايضاً ص 357)

﴿5﴾ جيڪڏهن ڪنهن ڪاني، ڪپڙي يا گِلم وغيره تي ايتري مٽي هجي جو هٿ هڻڻ سان آڱرين جو نشان بڻجي وڃي ته ان سان تَيَمُّم جائز آهي ـ (ايضاً ص 359)

﴿6﴾ چوني، مٽي ۽ سرن جي پٽ چاهي گهر جي هجي يا مسجد جي ان سان تَيَمُّم جائز آهي پر ان تي آئل پينٽ، پلاسٽڪ پينٽ ۽ ميٽ فنش يا وال پيپر وغيره ڪا اهڙي شيءِ نه هئڻ گهرجي جيڪا زمين جي جنس کان علاوه هجي پٽ تي ماربل هجي ته ڪو حرج ناهي ـ

﴿7﴾ جنهن جو وضو نه هجي يا ڪيس غسل ڪرڻ جي حاجت هجي ۽ پاڻي حاصل ڪري نه سگهي ته اهو وضو ۽ غسل جي بدران تَيَمُّم ڪري ـ (بهارِ شريعت ج 1 ص 346)

﴿8﴾ اهڙي بيماري جو وضو يا غسل ڪرڻ سان ان جي وڌي وڃڻ يا دير سان صحيح ٿيڻ جو انديشو هجي يا پاڻ کي تجربو هجيس ته جڏهن به وضو يا غسل ڪيو آهي ته بيماري وڌي وئي آهي يا ائين هجي ته ڪو مسلمان سنو قابل حڪيم يا ڊاڪٽر

جيڪو ظاهري طور تي فاسق نہ هجي اهو چئي تہ پاڻي نقصان ڪندو تہ انهن صورتن ۾ تَيَمُّم ڪري سگهو ٿا.

(بهارِ شريعت ج 1 ص 346، الدر المختار معه ردالمحتار ج1 ص 441،442)

﴿9﴾ جيڪڏهن مٿي تي پاڻي هاري وهنجڻ ۾ نقصان ٿيندو هجي تہ ڪنڌ ڪان پاڻي وجهي ۽ پوري مٿي جو مَسَحُ ڪريو.

(ايضاً)

﴿10﴾ جتي چئني پاسي هڪ هڪ ميل تائين پاڻي نہ ملندو هجي اتي بہ تَيَمُّم ڪري سگهو ٿا . (ايضاً)

﴿11﴾جيڪڏهن ايترو آبِ زَمزَم شريف پاڻ وٽ موجود آهي جيڪو وضو جي لاءِ ڪافي آهي تہ پوءِ تَيَمُّم جائز ناهي . (ايضاً)

﴿12﴾ ايتري ٿڌ آهي جو وهنجڻ سان مري وڃڻ يا بيمار ٿي وڃڻ جو پڪو انديشو هجي ۽ وهنجڻ ڪان پوءِ ٿڌ ڪان بچڻ جو سامان بہ نہ هجي تہ تَيَمُّم جائز آهي . (ايضاً ص 348)

﴿ 13﴾ قيديءَ کي قيد خاني وارا وضو نہ ڪرڻ ڏين تہ تَيَمُّم ڪري نماز پڙهي بعد ۾ ورائي پڙهي ۽ جيڪڏهن اهي قيد خاني وارا يا دشمن نماز بہ پڙهڻ نہ ڏين تہ اشاري سان پڙهي ۽ بعد ۾ بيهر پڙهي . (ايضًا ص 349)

﴿14﴾ جيڪڏهن اهو شڪ آهي تہ پاڻي ڳولڻ ۾ قافلو نظرن ڪان غائب ٿي ويندو (يا ريل نڪري ويندي) تہ تَيَمُّم جائز آهي .(ايضًا ص 350)

﴿15﴾ مسجد ۾ سُتو پيو هو تہ غسل فرض ٿي ويو تہ جتي هيو اتي ئي جلدي تَيَمُّم ڪري وڃي اِهو ئي احتياط جي گهٽو ويجهو

آهي ۔ (ماخوذ ازفتاويٰ رضويه ج 3 ص 479 رضا فاؤنڊيشن لاهور)پوءِ ٻاهر نڪري اچي، دير ڪرڻ حرام آهي ۔ (بهار شريعت ج 1 ص 352)

﴿16﴾ وقت ايترو ٿورو بچيو آهي جو ان ۾ وضو يا غسل ڪندو ته نماز قضا ٿي ويندي ته تَيَمُّم ڪري نماز پڙهي پوءِ وضو يا غسل ڪري نماز ٻيهر پڙهڻ لازمي آهي ۔
(فتاويٰ رضويه ج 3 ص 307 رضا فاؤنڊيشن لاهور)

﴿17﴾ عورت حَيض ۽ نِفاس کان پاڪ ٿي وئي ۽ پاڻي نہ ٿو ملي سگهي ته تَيَمُّم ڪري ۔ (بهارِ شريعت ج 1 352)

﴿18﴾ جيڪڏهن ڪا اهڙي جڳهه آهي جتي نہ پاڻي ملي ٿو نہ ئي تَيَمُّم جي لاءِ پاڪ مٽي ته ان کي گهرجي ته نماز جي وقت ۾ نماز جهڙي صورت ٺاهي يعني تمام نماز جا رڪن بنا نماز جي نيّت جي بجا آڻي. (بهارِ شريعت ج 1ص 353) پر پاڪ پاڻي ۽ مٽي ملي وڃڻ تي وضو يا تَيَمُّم ڪري نماز پڙهڻي پوندي ۔

﴿19﴾ وضو ۽ غسل ٻنهي جي تَيَمُّم جو هڪ ئي طريقو آهي ۔
(الجوهرة النيرة الجز الاول ص 28)

﴿20﴾ جنهن تي غسل فرض آهي ان جي لاءِ اهو ضروري ناهي ته وضو ۽ غسل ٻنهي لاءِ ٻہ تَيَمُّم ڪري بلڪ ٻنهي ۾ هڪ ئي نيّت ڪري ٻئي ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن رُڳو غسل يا وضو جي نيّت ڪئي تڏهن بہ ڪافي آهي ۔ (بهار شريعت ج 1 ص 354)

﴿21﴾ جن شين سان وضو ٽُٽي ويندو آهي يا غُسل فرض ٿي ويندو آهي انهن سان تَيَمُّم بہ ٽُٽي ويندو آهي ۽ پاڻي ملي وڃڻ جي صورت ۾ بہ تَيَمُّم ٽُٽي ويندو آهي ۔ (ايضاً ص 360)

﴾22﴿ عورت کي جيڪڏهن نڪ ۾ ڪوڪو وغيره پاتل هجي ته لاهي ڇڏي نہ تہ ڪوڪي جي جڳهہ تي مَسَحُ نہ ٿي سگهندو.
(ايضاً ص 355)

﴾23﴿ چپن جو اهو حصو جيڪو عام طور تي بند هئڻ جي حالت ۾ نظر ايندو آهي ان تي مَسَحُ ٿيڻ ضروري آهي جيڪڏهن منهن تي هٿ ڦيرڻ وقت ڪنهن چپن کي زور سان دٻايو جو ڪجهہ حصو مَسَحُ ٿيڻ کان رهجي ويو تہ تَيَمُّم نہ ٿيندو، ائين ئي زور سان اکيون بند ڪري ڇڏيون تڏهن بہ نہ ٿيندو. (ايضاً)

﴾24﴿ مُندي، گهڙي وغيره پاتل هجي تہ لاهي انهن جي هيٺان هٿ ڦيرڻ فرض آهي. (ايضاً) اسلامي ڀينرون چوڙيون وغيره هٽائي ڪري انهن جي هيٺان مَسَحُ ڪن. تَيَمُّم جا احتياط وضوءَ کان وڌيڪ آهن .

﴾25﴿ بيمار يا مَعذُور پاڻ تَيَمُّم نہ ٿو ڪري سگهي تہ ڪو ٻيو ڪرائي ان ۾ تَيَمُّم ڪرائڻ واري جي نيّت جو اعتبار ناهي جنهن کي تَيَمُّم ڪرايو پيو وڃي ان کي نيّت ڪرڻي پوندي .
(ايضاً ص 354، فتاويٰ عالمگيري ج1 ص 26)

**مدني مشورو** : وضو جا احڪام سکڻ جي لاءِ رسالو "وضو جو طريقو" ۽ نماز جا احڪام سکڻ جي لاءِ رسالو "نماز جو طريقو" جو مطالعو فائديمند آهي .

**ياالله** عَزَّوَجَلَّ **بطفيل مُصطفٰی** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم! اسان کي بار بار غسل جا مسئلا پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ ۽ سنّت جي مطابق غسل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ . **آمِين بجاہ النبيِ الاَمِين** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضان اذان

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهي وٺو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن.

## درود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ، سلطان باقرينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو ارشاد رحمت بنياد آهي: ”جنهن قرآن پاڪ پڙهيو، رب تعالي جي حمد ڪئي ۽ نبي صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم تي درود پڙهيو ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان مغفرت طلب ڪئي تہ ان پلائي کي پنهنجي جڳهہ تان ڳولي ورتو“. (شعب الايمان ج 2 ص373 حديث 2084)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”اذان“ جي چار اکرن جي نسبت سان اذان جي فضيلت تي چار روايتون

### (1) قبر ۾ ڪيڙا نہ پوندا

مديني جي تاجدارِ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو فرمان خوشگوار آهي: ”ثواب جي خاطر اذان ڏيڻ وارو ان شهيد جيان آهي جيڪو رت ۾ لٿڙيل آهي ۽ جڏهن مرندو تہ قبر ۾ ان جي جسم ۾ ڪيڙا نہ پوندا.“ (المعجم الڪبير للطبراني ج 12 ص 322 حديث 13554)

## (2) موتي جا گنبذ

رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بنِي آدم صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان مُعَظَّم آهي: ”مان جنّت ۾ ويس، ان ۾ موتي جا گنبذ ڏٺا، ان جي مٽي مُشڪ جي آهي، پڇا ڪئي اي جبريل! هي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيائون: توهان صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي امت جي مُؤذِنن ۽ امامن جي لاءِ.“ (الجامع الصغير للسيوطي ص 255 حديث 4179)

## (3) گذريل گناهہ معاف

سلطان مدينہ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جو فرمان باقرينہ آهي: ”جنهن پنجن ئي نمازن جي اذان ايمان جي سبب، ثواب جي نيت سان ڏني ان جا جيڪي گناهہ اڳ ۾ ٿيا آهن معاف ٿي ويندا ۽ جيڪو ايمان جي سبب ثواب جي لاءِ پنهنجي ساٿين جي پنجن نمازن ۾ امامت ڪندو ان جا گناهہ جيڪي پهريان ٿيا آهن معاف ڪيا ويندا “. (السنن الڪبريٰ للبيهقي ج 1 ص 636 حديث 2039)

## (4) مڇيون بہ اِستِغفار ڪنديون آهن

منقول آهي اذان ڏيڻ وارن لاءِ هر هڪ شيءِ مغفرت جي دعا ڪندي آهي ايتري تائين جو درياء ۾ مڇيون بہ، مؤذن جنهن وقت اذان ڏيندو آهي فرشتا بہ دهرائيندا ويندا آهن ۽ جڏهن فارغ ٿي ويندو آهي تہ فرشتا قيامت تائين ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا آهن، جيڪو مؤذني جي حالت ۾ مري ويندو آهي، ان کي قبر جو عذاب ناهي ٿيندو ۽ مؤذن سڪرات جي سختين کان بچي ويندو آهي، قبر جي سختي ۽ تنگي کان بہ محفوظ رهندو

آهي . (ملخص از تفسير سورت يوسف للغزالي ص 14)

## اذان جي جواب جي فضيلت

مديني جي تاجدار صلى الله تعالى عليه واله وسلم هڪ ڀيري فرمايو:”اي عورتو! جڏهن توهان بلال کي اذان ۽ اِقامت (تڪبير) ڏيندي ٻڌو ته جيئن هو چوي تيئن توهان به چؤ، اللهعَزَّوَجَلَّ توهان جي لاءِ هر جملي جي بدلي ۾ هڪ لک نيڪيون لکندو ۽ هڪ هزار درجا بلند فرمائيندو ۽ هڪ هزار گناهه معاف فرمائيندو، عورتن اهو ٻڌي عرض ڪيو هي ته عورتن جي لاءِ آهي مردن جي لاءِ ڇا آهي؟ فرمايائون مردن لاءِ ٻيڻو“. (تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 55 ص 75)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 3 ڪروڙ 24 لک نيڪون ڪمايو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو**! اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! ان اسان جي لاءِ نيڪيون ڪمائڻ پنهنجا درجا وڌائڻ ۽ گناهه بخشرائڻ ڪيترو ته آسان فرمائي ڇڏيو آهي، پر افسوس ايترين آسانين جي باوجود به اسان غفلت جو شڪار رهندا آهيون، پيش ڪيل حديث مبارڪ ۾ اذان جي جواب جي جيڪا فضيلت بيان ٿي ان جو تفصيل ملاحظه فرمايو، اَللّٰهُ اَكْبَر اَللّٰهُ اَكْبَر هي به جملا آهن اهڙي طرح پوري اذان ۾ 15 جملا آهن، جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ هڪ اذان جو جواب ڏي يعني مؤذن جيڪو چوندو وڃي اسلامي ڀيڻ به دهرائيندي وڃي ته ان کي 15 لک نيڪيون

ملنديون، 15 هزار درجا بلند ٿيندا ۽ 15 هزار گناهہ معاف ٿيندا ۽ جڏهن تہ اسلامي ڀائرن لاءِ ثواب ٻيڻو آهي، فجر جي اذان ۾ ٻہ ڀيرا اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْم آهي تہ فجر جي اذان ۾ 17 جملا ٿيا ۽ ائين فجر جي اذان ۾ 17 لک نيڪيون، 17 هزار درجن جي بلندي ۽ 17 هزار گناهن جي معافي ملي ۽ اسلامي ڀائرن لاءِ ٻيڻو، اقامت ۾ بہ ٻہ ڀيرا "قَدْ قَامَتِ الصَّلٰوةُ" بہ آهي، ائين اقامت ۾ بہ 17 جملا ٿيا تہ اقامت جي جواب جو ثواب بہ فجر جي اذان جي جواب جيترو ٿيو، مطلب تہ جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ اهتمام سان روزانو پنجن ئي نمازن جي اذانن ۽ پنجن ئي اقامتن جو جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ ان کي روزانو هڪ ڪروڙ 62 لک نيڪيون ملنديون، هڪ لک 62 هزار درجا وڌندا ۽ هڪ لک 62 هزار گناهہ معاف ٿيندا ۽ اسلامي ڀاءُ کي ٻيڻو يعني 3 ڪروڙ 24 لک نيڪيون ملنديون، 3 لک 24 هزار درجا بلندا وڌندا ۽ 3 لک 24 هزار گناهہ معاف ٿيندا.

## اذان جو جواب ڏيڻ وارو جنتي ٿي ويو

حضرت سيدنا ابوهريره رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا تہ هڪ شخص جنهن جو بظاهر ڪو تمام وڏو نيڪ عمل نہ هو، اهو فوت ٿي ويو تہ رسول الله صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم صحابہ ڪرام علیھم الرضوان جي موجودگي ۾ فرمايو: ڇا توهان کي معلوم آهي تہ الله تعالي ان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي، ان تي ماڻهو حيران ٿيا ڇو تہ بظاهر ان جو ڪو وڏو عمل نہ هو، پوءِ هڪ صحابي رضی اللہ تعالٰی عنہ سندس گهر

ويا ۽ سندس بيوهرضي الله تعالیٰ عنها کان پڇيائون تہ ان جو ڪو خاص عمل اسان کي ٻڌايو تہ ان جواب ڏنو ”ٻيو تہ ڪو خاص وڏو عمل مونکي معلوم ناهي، صرف ايترو ڄاڻان ٿي تہ ڏينهن هجي يا رات، جڏهن بہ اذان ٻڌندا هئا تہ جواب ضرور ڏيندا هئا.“

(تاريخ ابن عساڪر ج 40 ص 413،412 دار الفڪر بيروت)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

آمين بجاہِ النّبي صلی الله تعالیٰ عليہ واٰلہٖ وسلم

گُنہِ گدا کا حساب کیا وہ اگرچہ لاکھ سے ہیں سِوا
مگر اے عَفُو ترے عَفُو کا تو حِساب ہے نہ شمار ہے

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اذان ۽ اقامت جي جواب جو طريقو

مؤذن صاحب کي گهرجي تہ اذان جا جملا آهستي آهستي ادا ڪري، اَللّٰهُ اَكْبَر اَللّٰهُ اَكْبَر ٻئي ملي (بنا وقفو ڪندي هڪ ٻئي سان ملائي پڙهڻ جي اعتبار کان) هڪ جملو آهن . ٻنهي کان پوءِ وقفو ڪري (يعني چپ ٿي وڃي) ۽ وقفي جو مقدار هي آهي تہ جواب ڏيڻ وارو جواب ڏئي وٺي، وقفي کي ڇڏي ڏيڻ مڪروه آهي ۽ اهڙي اذان ٻيهر ڏيڻ مستحب آهي. (الدرمختار مع رد المحتار ج 2 ص 66) جواب ڏيڻ واري کي گهرجي تہ جڏهن مؤذن صاحب اَللّٰهُ اَكْبَر اَللّٰهُ اَكْبَر چئي وقفو ڪري يعني خاموش ٿئي تہ ان وقت اَللّٰهُ اَكْبَر اَللّٰهُ اَكْبَر چئي اهڙي طرح ٻين جملن جو جواب ڏئي جڏهن مؤذن پهريون ڀيرو ”اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسولُ اللهِ“ چوي تہ جواب ڏيڻ وارو چوي

”صَلَّى اللهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله“ ترجمو: توهان تي درود هجي يارسول الله صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم (رد المحتار ج 2 ص 84) جڏهن ٻيو ڀيرو چوي تہ جواب ڏيڻ وارو چوي.

”قُرَّةُ عَيْنِيْ بِكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ“ ترجمو: يارسول الله توهان منهنجي اکين جي ٺڏاڻ آهيو (ايضاً)

۽ هر ڀيري آڱونن جا ننهن اکين سان لڳائي آخر ۾ چوي.

اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِيْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ اي الله عزوجل! منهنجي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت مان مونکي نفعو عطا فرماءِ. (ايضاً)

جيڪو ائين ڪندو سرڪار مدينہ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم ان کي پنهنجي پويان پويان جنت ۾ وٺي ويندا. (ايضاً)

حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ ۽ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ جي جواب ۾ (چار ئي ڀيرا) لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ چوي ۽ بهتر هي آهي تہ ٻئي چوي(يعني جيڪو موذن چيو اهو بہ چوي ۽ لاحول بہ) بلڪ وڌيڪ اهو بہ ملائي ڇڏي:

”مَاشَآءَ اللهُ كَانَ وَمَا لَمْ يَشَاءْ لَمْ يَكُنْ“ ترجمو: جيڪو الله عزوجل چاهيو ٿيو ۽ جيڪو نہ چاهيو نہ ٿيو. (الدرمختار معہ رد المحتار ج 2 ص 82، فتاويٰ عالمگيري ج1 ص 57)

” اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ “ جي جواب ۾ چوي:

”صَدَقْتَ وَبَرَرْتَ وَبِالْحَقِّ نَطَقْتَ“ ترجمو: ۽ تون سچو ۽ نيڪو ڪار آهين ۽ تو حق چيو. (ايضاً ص 83 )

اقامت جو جواب مستحب آهي، ان جو جواب بہ اذان وانگر آهي پر فرق ايترو آهي جو قَد قامتِ الصَّلوة جي جواب ۾ چوي :

”اَقَامَهَا اللهُ وَاَدَامَهَا مَادَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ“ ترجمو: الله عزوجل ان کي قائم رکي جيستائين آسمان ۽ زمين آهن. (بهارشريعت ج 1 ص 473، عالمگيري ج 1ص 57)

## ”صدقي يارسول اللهﷺ“جي 14 اکرن جي نسبت سان اذان جا 14 مدني گل

﴿1﴾ پنج ئي فرض نمازون انهن ۾ جمعو بہ شامل آهي جڏهن جماعت اوليٰ (پهرين جماعت) سان مسجد ۾ وقت تي ادا ڪيون وڃن تہ انهن جي لاءِ اذان سنّت مؤڪده آهي، ان جو حڪم واجب وانگر آهي جيڪڏهن اذان نہ ڏني وئي تہ اتان جا تمام ماڻهو گناهگار ٿيندا ۔ (بهارشريعت ج 1 ص 464)

﴿2﴾ جيڪڏهن ڪو شخص شهر جي اندر گهر ۾ نماز پڙهي تہ اتان جي مسجد جي اذان ان جي لاءِ ڪافي آهي پر اذان چوڻ مستحب آهي ۔ (ردالمحتار ج 2 ص 62، 78)

﴿3﴾ جيڪڏهن ڪو شخص شهر کان ٻاهر يا ڳوٺ، باغ يا ٻني وغيره ۾ آهي ۽ اها جڳهہ ويجهو آهي تہ ڳوٺ يا شهر جي اذان ڪافي آهي پر ٻيهر بہ اذان چوڻ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن جڳهہ ويجهو ناهي تہ اها اذان ڪافي ناهي، ويجهو هجڻ جي حد هي آهي تہ هتان جي اذان جو آواز اتي پهچندو هجي. (عالمگيري ج 1 ص 54)

﴿4﴾ مسافر اذان ۽ اقامت ٻئي نہ ڏنيون يا اقامت نہ چئي تہ مڪروه آهي ۽ جيڪڏهن صرف اقامت چئي تہ ڪراهت ناهي پر بهتر هي آهي تہ اذان بہ چوي، توڙي جو اڪيلو هجي يا ان جا ٻيا ساٿي اتي موجود هجن ۔

(بهارشريعت ج 1 ص 464، الدرمختار معہ رد المحتار ج 2 ص 78)

﴿5﴾ وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ اذان ڏيو، جيڪڏهن وقت کان اڳ ۾ ڏئي ڇڏي يا وقت کان اڳ ۾ شروع ڪئي ۽ اذان جي دوران

وقت اچي ويو، پنهي صورتن ۾ اذان وري ڏيو (هداية ج 1 ص 45)
مؤذن صاحبان کي گهرجي ته اهي ٽائم ٽيبل ڏسندا رهن، ڪٿي ڪٿي مؤذن صاحبان وقت کان اڳ ۾ ئي اذان شروع ڪري ڇڏيندا آهن، امام صاحبان ۽ انتظاميه جي خدمت ۾ به مدني التجا آهي ته اهي به هن مسئلي تي نظر رکن .

﴿6﴾ عورتون پنهنجي نماز ادا پڙهنديون هجن يا قضا ان ۾ انهن جي لاءِ اذان ۽ اقامت ڏيڻ مڪروه آهي . (در مختار ج 2 ص 72)

﴿7﴾ عورتن کي جماعت سان نماز ادا ڪرڻ ناجائز آهي .
(بهارشريعت ج 1 ص 584، درمختار ج 2 ص 367)

﴿8﴾ سمجهدار ٻار به اذان ڏئي سگهي ٿو . (در مختار ج 2 ص 75)

﴿9﴾ بي وضو جي اذان صحيح آهي پر بي وضوءَ جو اذان ڏيڻ مڪروه آهي . (بهارشريعت ج 1 ص 466، مراقي الفلاح ص 64)

﴿10﴾ ڪدڙي، فاسق جيتوڻيڪ عالم ئي ڇو نه هجي، نشي واري، چريي بنا غسل واري ۽ بي سمجهه ٻار جو اذان ڏيڻ مڪروه آهي، انهن سڀني جي اذان ٻيهر ڏيڻي پوندي.
(بهارشريعت ج 1 ص 466،درمختار ج 2 ص 75)

﴿11﴾ جيڪڏهن مؤذن ئي امام به هجي ته بهتر آهي .
(در مختار ج 2 ص 88)

﴿12﴾ مسجد کان ٻاهر قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ڪري، ڪنن ۾ آڱريون وجهي بلند آواز سان اذان چئي وجي پر طاقت کان وڌيڪ آواز ڪڍڻ مڪروه آهي .
(بهارشريعت ج 1 ص 468،469 عالمگيري ج 1 ص 55)

﴿13﴾ حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ ساڄي طرف منهن ڪري چوي ۽ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ کاٻي طرف منهن ڪري، جيتوڻيڪ اذان نماز جي لاءِ نہ هجي مثلاً ٻار جي ڪن ۾ ڏني، اهو ڦيرڻ فقط منهن جو آهي سڄي جسم کي نہ ڦيري . (بهارشريعت ج 1 ص 469 درمختار ج 2 ص 66)

ڪجھ موذن "صلاة " ۽ "فلاح" تي پهچڻ تي نرمي سان ساڄي ۽ کاٻي ڇهري کي ٿورو ڦيريندا آهن اهو طريقو غلط آهي صحيح طريقو هي آهي تہ پهريان چڱي طرح چهرو ساڄي يا کاٻي ڪيو وڃي ان کان پوءِ لفظ "حي" چوڻ شروع ڪيو وڃي .

﴿14﴾ فجر جي اذان ۾ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ کان پوءِ اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ چوڻ مستحب آهي . (درمختار ج 2 ص 67 ) جيڪڏهن نہ چيو ويو تڏهن بہ اذان ٿي ويندي . (قانون شريعت ص 89)

## "اذان بلالي" جي نو اکرن جي نسبت سان اذان جي جواب جا 9 مدني گل

﴿1﴾ نماز جي اذان کان علاوه ٻين اذانن جو جواب بہ ڏنو ويندو مثلاً ٻار پيدا ٿيڻ وقت جي اذان. (ردالمحتار ج 2 ص 82)

﴿2﴾ مُقتَدين کي خُطبي جي اذان جو جواب هرگز نہ ڏيڻ گهرجي، احتياط انهي ۾ آهي، ها جيڪڏهن اهو اذان جو جواب يا (ٻن خطبن جي وچ ۾) دعا، دل ۾ ڪريو ۽ زبان سان اچار بلڪل ادا نہ ٿين تہ ڪو حرج ناهي، ۽ امام يعني خطيب جيڪڏهن زبان سان بہ اذان جو جواب ڏئي يا دعا ڪري تہ بيشڪ جائز آهي . (فتاويٰ رضويہ ج 8 ص 330، 331)

﴿3﴾ اذان ٻڌڻ واري جي لاءِ اذان جو جواب ڏيڻ جو حڪم آهي (عالمگيري ج 1 ص 57) **جُنُب** (يعني جنهن کي همبستري يا اِحتِلام جي سبب غسل ڪرڻ جي حاجت هجي) اهو بہ اذان جو جواب ڏي، البت حَيض ۽ نِفاس واري عورت، خطبو ٻڌڻ وارا، جنازي نماز پڙهڻ وارا، همبستري ۾ مشغول يا جيڪي قضاءِ حاجت ۾ هجن انهن تي جواب ناهي . (درمختار ج 2 ص 81)

﴿4﴾ جڏهن اذان ٿئي تہ ايتري دير جي لاءِ سلام، گفتگو ۽ سلام جو جواب ۽ سڀ ڪم ڇڏي ڏيو، ايتري تائين جو تلاوت بہ، اذان کي غور سان ٻڌو ۽ جواب ڏيو اقامت ۾ بہ ائين ئي ڪريو . (بهارشريعت ج 1 ص 473 درمختار ج 2 ص 86،87، عالمگيري ج 1 ص 57)

﴿5﴾ اذان جي دوران هلڻ، گهمڻ، ٿانو گلاس وغيره ڪابہ شيءِ کڻڻ، ماني وغيره رکڻ، ننڍن ٻارن سان کيڏڻ، اشارن ۾ گفتگو ڪرڻ وغيره سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏيڻ ئي مناسب آهي .

﴿6﴾ جيڪو اذان جي وقت ڳالهين ۾ مَشغول رهي ان جو مَعاذ الله خاتمو بُرو ٿيڻ جو خوف آهي . (بهارشريعت ج 1 ص 473)

﴿7﴾ ڪو رستي تي هلي رهيو هو تہ اذان جو آواز آيو تہ بهتر هي آهي تہ اوتري دير بيهي چپ چاپ ٻڌي ۽ جواب ڏئي . (بهارشريعت ج 1 ص 473 ، عالمگيري ج 1 ص 57)

﴿8﴾ جيڪڏهن چند اذانون ٻڌي تہ ان تي پهرين جو ئي جواب آهي ۽ بهتر هي آهي تہ سڀني جو جواب ڏئي . (درمختار ج 2 ص 82)

﴿9﴾ جيڪڏهن اذان جي وقت جواب نہ ڏنائين تہ جيڪڏهن گهڻي دير نہ گذري هجي تہ جواب ڏئي ڇڏي . (درمختار ج 2 ص 83)

## يا مصطفيٰ جي سنت اُترن جي نسبت
## سان اِقامت جا 7 مدني گل

﴿1﴾ اِقامت مسجد ۾ امام جي بلڪل پٺيان بيهي ڪري ڏيڻ بهتر آهي جيڪڏهن بلڪل پٺيان موقعو نہ ملي تہ ساڄي طرف کان مُناسب آهي۔ (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 372)

﴿2﴾ اقامت اذان کان وڌيڪ تاڪيدي سنّت آهي ۔
(رد المحتار ج 2 ص 67 )

﴿3﴾ اقامت جو جواب ڏيڻ مستحب آهي ۔ (عالمگيري ج 1 ص 57)

﴿4﴾ اقامت جا جُملا جلد جلد چئو ۽ وچ ۾ وقفو نہ ڪريو ۔
(بهارشريعت ج 1 ص 470 )

﴿5﴾ اقامت ۾ بہ حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ ۽ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ۾ ساڄي کاٻي منهن ڦيريو ۔ (درمختار ج 2 ص 66)

﴿6﴾ اقامت انهي جو حق آهي جنهن اذان ڏني آهي، اذان ڏيڻ واري جي اجازت سان ٻيو ڏئي سگهي ٿو جيڪڏهن بنا اجازت جي ڏني ۽ مُؤَذِّن (جنهن اذان ڏني ان) کي بُرو محسوس ٿيو تہ مڪروه آهي ۔ (عالمگيري ج 1 ص 54)

﴿7﴾ اقامت جي وقت ڪو ماڻهو آيو تہ ان کي بيهي ڪري انتظار ڪرڻ مڪروه آهي بلڪ ويهي رهي اهڙي طرح جيڪي ماڻهو مسجد ۾ موجود آهن اهي بہ ويٺا رهن ۽ ان وقت اٿي بيهن جڏهن تڪبير ڏيڻ وارو حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ تي پهچي اهو ئي حڪم امام جي لاءِ آهي۔
(عالمگيري ج 1 ص 57، بهارشريعت ج 1 ص 471 )

## ”يا غوث الاعظم“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان اذان ڏيڻ جا 11 مستحب موقعا

(1) ٻار (2) ڏکايل (3) مِرگهي واري (4) غُصي واري ۽ بد مِزاج ماڻهو (5) بدمِزاج جانور جي ڪن ۾ (6) جنگ جي شدّت جي وقت (7) باهه لڳڻ وقت (8) مَيِّت دفن ڪرڻ کان پوءِ (9) جنّ جي سرڪشي جي وقت (يا ڪنهن کي آسيب جو اثر ٿئي) (10) جهنگ ۾ رستو ڀُلجي وڃي ۽ ڪو ٻڌائڻ وارو نہ هجي ان وقت ۽ (11) وَبا جي زماني ۾ بہ اذان ڏيڻ مستحب آهي .

(بهارشريعت ج 1 ص 466، فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 370)

## مسجد ۾ اذان ڏيڻ سنت جي خلاف آهي .

اڄڪلهہ اڪثر مسجد جي اندر ئي آذان ڏيڻ جو رواج پئجي ويو آهي جيڪو سنت جي خلاف آهي، عالمگيري وغيره ۾ آهي، آذان مسجد کان ٻاهر ڏني وڃي مسجد ۾ آذان نہ ڏي .

(فتاوي عالمگيري ج 1 ص 55 )

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، ولي نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہءِ شمع رسالت، مجدد دين ۽ ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پير طريقت حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَيْہِ فرمائن ٿا: ”هڪ ڀيرو بہ ثابت ناهي تہ حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم مسجد جي اندر اذان ڏياري هجي“. (فتاويٰ رضويہ تخريج شده ج 5 ص 412 ) سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَيْہِ وڌيڪ فرمائن ٿا: ”مسجد ۾ آذان ڏيڻ مسجد ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي درٻار جي

گستاخي ۽ بي ادبي آهي (ايضاً 411) مسجد جي صحن جي پرسان جتي جُتيون لاٽيون ويندون آهن اها جڳهه مسجد کان ٻاهر هوندي آهي . اتي اذان ڏيڻ بنا ڪنهن تڪلف جي سنّت مطابق آهي .(ايضاً ص 408) جمعي جي ٻي آذان جيڪا اڄڪلهه خطبي کان اڳ ۾ مسجد ۾ خطيب جي ممبر جي سامهون مسجد جي اندر ڏني ويندي آهي اها بہ سنت جي خلاف آهي، ۽ جمعي جي ٻي اذان بہ مسجد کان ٻاهر ڏني وڃي پر مُؤَذِّن خطيب جي سامهون هجي.

## سو شهيدن جو ثواب ڪمايو

سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰہِتعالیٰعَلَیۡہِ فرمائن ٿا: سنت کي زنده ڪرڻ تہ علماءُ جو خاص منصبي فرض آهي ۽ جنهن مسلمان کان ممکن هجي ان جي لاءِ عام حڪم آهي، هر شهر جي مسلمانن کي گهرجي تہ پنهنجي شهر يا ڳوٺ ۾ گهٽ پنهنجي پنهنجي مسجدن ۾ (آذان ۽ جمعي جي ٻي آذان مسجد کان ٻاهر ڏيڻ جي) هن سنت کي زنده ڪن ۽ سؤ سؤ شهيدن جو ثواب حاصل ڪن . ( فتاويٰ رضويہ تخريج شده ج 5 ص 403) رسول اللّٰه صَلَّیاللّٰہتعالیٰعلیہوالہٖوسلَّم جو فرمان آهي: جيڪو امت جي فساد جي وقت منهنجي سنّت کي مضبوطي سان پڪڙيندو ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو.

(الزُهد الكبير للبيهقي ص 118 حديث 207 ، فتاويٰ رضويہ تخريج شده ج 5 ص 402،403)

هن مسئلي جي تفصيل لاءِ فتاويٰ رضويہ ج 5 باب الاذان و الاقامة (مطبوعہ رضا فائونديشن) جو **مطالعو** فرمايو .

## اذان کان اڳ ۾ ھي دورد پاڪ پڙھو

اَذان ۽ اقامت کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط پڙهي ڪري درود ۽ سلام جا اهي چار صيغا پڙهي :

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰہِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ اللّٰہِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِیَّ اللّٰہ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ اللّٰہِ

پوءِ دُرُود و سلام ۽ اذان ۾ وٿي ڪرڻ لاءِ هي اعلان ڪريو ”اذان جو احترام ڪندي گفتگو ۽ ڪم ڪار روڪي آذان جو جواب ڏيو ۽ بيشمار نيڪيون ڪمايو، ان ڪانپوءِ آذان ڏيو، درود ۽ سلام ۽ اقامت جي وچ ۾ هي اعلان ڪريو، اِعتِڪاف جي نِيّت ڪري ڇڏيو موبائل فون هجي ته بند ڪري ڇڏيو“ آذان ۽ اِقامت کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۽ دُرُود و سلام جي چار خاص صيغن جي مدني التجا ان شوق ۾ ڪري رهيو آهيان ته ان طرح منهنجي لاءِ به ڪجھ ثواب جارِيه جو سبب ٿي وڃي ۽ وٿي جو مشورو **فتاويٰ رضويه** جي فيضان سان پيش ڪيو آهي، جيئن ته هڪ سوال جي جواب ۾ امام اهلسنت رَحۡمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَيۡہِ فرمائن ٿا: ”دُرُود شريف اقامت کان اڳ ۾ پڙهڻ ۾ حرج ناهي پر اقامت لاءِ ان جي وچ ۾ وٿي هجي يا درود شريف جو آواز اقامت جي آواز کان ائين جدا هجي جو فرق ظاهر ٿئي(مثلاً درود شريف جو آواز اقامت جي بنسبت هلڪو هجي) ۽ عام ماڻهن درود شريف کي اقامت جو حصو نه سمجهن . (فتاوي رضويه ج 5 ص 386)

وسوسو: سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰہ تعالیٰ عليہ واٰلہٖ وسلم جي ظاهري حيات ۽ خلفاءِ

راشدينعليهم الرضوانجي دور ۾ آذان ڪان اڳ ۾ درود شريف نہ پڙهيو ويندو هو، ان لاءِ ائين ڪرڻ بري بدعت ۽ گناهہ آهي .
(معاذ الله)

**وسوسي جو جواب:** جيڪڏهن اهو قاعدو مڃيو وڃي تہ جيڪو ڪم ان دؤر ۾ نہ ٿيندو هو اهو هاڻي ڪرڻ بدعت ۽ گناهہ آهي تہ پوءِ هن زماني ۾ سڄو نظام ئي درهم برهم ٿي ويندو، بيشمار مثالن مان فقط ٻارهن مثال پيش ڪيان ٿو تہ اهي ڪم ان مبارڪ دؤر ۾ نہ هئا ۽ هاڻي انهن کي سڀ پيا ڪن . (1) قرآن پاڪ تي نُقطا ۽ اِعراب حَجّاج بن يوسف سن 95 ھ ۾ لڳرايا (2) ان ئي آيتن جي ختم ٿيڻ واري جڳهہ تي علامتن جي طور تي نُقطا لڳرايا (3) قرآن پاڪ جي ڇپائي (4) مسجد جي وچ ۾ امام صاحب جي ويهڻ لاءِ مِحراب پهرين نہ هئا وليد مرواني جي دور ۾ سيدنا عمر بن عبد العزيزرضی اللہ تعالیٰ عنہجن اهي ٺهرايا، اڄ ڪا مسجد ان ڪان خالي ناهي (5) ڇهہ ڪلما (6) صَرف و نَحو جو عِلم (7) حديث جو علم ۽ حديثن جا قسم (8) درسِ نِظامي (9) شريعت ۽ طريقت جا چار سلسلا (10) زبان سان نماز جي نيّت (11) هوائي جهاز جي ذريعي حَجّ جو سفر (12) جديد سائنسي هٿيارن جي ذريعي جهاد، اهي سڀ ڪم ان مبارڪ دور ۾ نہ هئا پر هاڻي انهن کي ڪو گناهہ نٿو چوي تہ آخر اَذان ۽ اقامت ڪان اڳ ۾ مٺي مٺي آقا صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم تي درود و سلام پڙهڻ ئي ڇو بري بِدعت ۽ گناهہ ٿي ويو، ياد رکو! ڪنهن معاملي ۾

ناجائز هئڻ جو دليل نہ هئڻ خود جائز هئڻ جو دليل آهي، يقيناً يقيناً يقيناً هر اها نئين شيءِ جنهن کي شريعت منع ناهي ڪيو اها بِدعت حَسَنہ ۽ مُباح يعني سُني بِدعت ۽ جائز آهي ۽ هي تسليم ڪيل ڳالهہ آهي تہ اذان کان اڳ ۾ درود شريف پڙهڻ کي ڪنهن بہ حديث ۾ منع ناهي ڪيو ويو ان لاءِ منع نہ ڪرڻ خود بخود اجازت بڻجي ويو ۽ سنيون سنيون ڳالهيون اسلام ۾ ايجاد ڪرڻ جي تہ خود مديني جي تاجوَر، نَبِين جي سَروَر، حُضورِ اَنور صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم تَرغِيب ارشاد فرمائي آهي ۽ مسلم شريف جي باب ڪتاب العلم ۾ ٻنهي جهانن جي سردار صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو فرمان اجازت نشان موجود آهي :

مَنْ سَنَّ فِى الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَعُمِلَ بِهَا بَعْدَه، كُتِبَ لَه مِثْلُ اَجْرِ مَنْ عَمِلَ بِهَا وَلَا يَنْقُصُ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْئٌ۔

ترجمو: جنهن شخص مسلمانن ۾ ڪو سُنو طريقو اِيجاد ڪيو ۽ ان کان بعد ان طريقي تي عمل ڪيو ويو تہ ان طريقي تي عمل ڪرڻ وارن جو اَجر بہ ان (يعني جاري ڪرڻ واري) جي اَعمال نامي ۾ لکيو ويندو ۽ عمل ڪرڻ وارن جي عمل ۾ بہ ڪا ڪمي نہ ٿيندي۔

﴿صحيح مسلم ص1437 حديث 1017﴾

مطلب اهو آهي تہ جيڪو اسلام ۾ سنو طريقو جاري ڪندو اهو وڏي ثواب جو حقدار آهي تہ بيشڪ جنهن خوش نصيب اذان ۽ اقامت کان اڳ ۾ دُرُود سلام جو رواج وڌو آهي اهو بہ ثوابِ جارِيہ جو مُستَحق آهي قِيامت تائين جيڪي مسلمان ان طريقي تي عمل ڪندا رهندا انهن کي بہ ثواب ملندو ۽

جاري ڪرڻ واري کي بہ ملندو رهندو ۽ ٻنهي جي ثواب ۾ ڪا ڪمي نہ ٿيندي، ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي ذهن ۾ هي سوال هجي تہ حديث پاڪ ۾ آهي تہ ” كُلُّ بِدعَةٍ ضَلَالَةٌ وَّكُلُّ ضَلَالَةٍ فِي النّار “ يعني هر بدعت (نئين ڳالھ) گمراهي آهي ۽ هر گمراهي جهنم ۾ (وٺي وڃڻ واري) آهي (صحيح ابن خزيمہ ج 3 ص 143 حديث 1785) ان حديث شريف جي ڇا معني آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ حديث پاڪ حق آهي، هتي بدعت مان مراد بدعت سيئہ يعني بُري بِدعت آهي ۽ يقيناً هر اها بدعت بُري آهي جيڪا ڪنهن سنّت جي خلاف هجي يا سنّت کي مٽائڻ واري هجي، جيئن تہ سيّدنا شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي رحمة الله عليه فرمائن ٿا: ”اها بدعت جيڪا سنّت جي اصولن ۽ قاعدن جي مطابق هجي ۽ ان جي مطابق قِياس ڪيل هجي (يعني شريعت ۾ سنت سان نہ ٽڪرائيندي هجي ) ان کي بدعت حَسنہ (سني بدعت) چوندا آهن ۽ جيڪا ان جي خلاف هجي اها بدعت گمراهي آهي . (اشعة المعات ج 1 ص 135)

# اذان

| | |
|---|---|
| اَللّٰهُ اَكْبَرُ | اَللّٰهُ اَكْبَرُ |
| الله سڀ کان وڏو آهي | الله سڀ کان وڏو آهي |
| اَللّٰهُ اَكْبَرُ | اَللّٰهُ اَكْبَرُ |
| الله سڀ کان وڏو آهي | الله سڀ کان وڏو آهي |

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ط

مان گواهي ڏيان ٿوته الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ط

مان گواهي ڏيان ٿوته الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي

اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ

مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد ﷺ الله جا رسول آهن

اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط

مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد ﷺ الله جا رسول آهن

حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ ط

نماز پڙهڻ جي لاءِ اچو

حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ ط

نماز پڙهڻ جي لاءِ اچو

حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ط

ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اچو

حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ط

ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ اچو

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط

الله سڀ کان وڏو آهي

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط

الله سڀ کان وڏو آهي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ط

الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي

# اذان جي دعا

اَذان کان پوءِ مؤذن ۽ ٻڌندڙ درود شريف پڙهي ڪري هي دعا پڙهن .

اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّآمَّةِ وَ الصَّلٰوةِ الْقَآئِمَةِ اٰتِ سَيِّدَنَا مُحَمَّدَا نِالْوَسِيْلَةَ وَ الْفَضِيْلَةَ وَ الدَّرَجَةَ الرَّفِيْعَةَ وَ ابْعَثْهُ مَقَامًامَّحْمُوْدَا نِالَّذِىْ وَعَدْتَّه وَارْزُقْنَا شَفَاعَتَه يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ط اِنَّكَ لَاتُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ط بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ط

ترجمو : اي الله عَزَّوَجَلَّ هن دعوت تامّہ ۽ صلاةِ قائمہ جا مالڪ! تون اسان جي سردار حضرت محمد صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم کي وسيلو ۽ فضيلت ۽ تمام بلند درجو عطا فرماءِ ۽ انهن کي مقام مَحمُود ۾ بيهار جنهن جو تون ساڻن واعدو ڪيو آهي ۽ اسان کي قِيامت جي ڏينهن سندن شَفاعت نصيب فرماءِ بيشڪ تون واعدي جي خلاف ناهين ڪندو، اسان تي پنهنجي رحمت فرماءِ اي سڀ کان وڌا رحم ڪرڻ وارا .

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

الله جي نالي سان شروع جيڪو تمام مهربان رحمت وارو.

## ايمان مُفَصل :

اٰمَنْتُ بِاللهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالٰى وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ ط

ترجمو: مون ايمان آندو الله تي ۽ ان جي فِرشتن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قِيامت جي ڏينهن تي ۽ ان تي تہ سُٺي ۽ بُري تقدير الله جي طرفان آهي ۽ موت کان پوءِ اٿارڻ تي .

## ايمان مُجمَل :

اٰمَنْتُ بِاللهِ كَمَا هُوَ بِاَسْمَآئِهٖ وَصِفَاتِهٖ وَقَبِلْتُ جَمِيْعَ اَحْكَامِهٖ اِقْرَارٌ بِاللِّسَانِ وَتَصْدِيْقٌ بِالْقَلْبِ ط

ترجمو: مون ايمان آندو الله تي جيئن هو پنهنجي نالن ۽ پنهنجي صِفتن سان آهي ۽ مون ان جا سڀ احڪام قبول ڪيا زبان سان اِقرار ڪندي ۽ دل سان تصديق ڪندي .

## ڇهہ ڪلما

## پهريون ڪلمو طيب :

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ط

ترجمو: الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله جا رسول آهن .

## ٻيو ڪلمو شهادت :

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط

ترجمو: مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله جا ٻانها ۽ رسول آهن .

## ٽيون ڪلمو تمجيد :

سُبۡحَانَ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكۡبَرُ ط

وَلَاحَوۡلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ ط

ترجمو: الله پاڪ آهي ۽ سڀ خوبيون الله جي لاءِ آهن ۽ الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ الله سڀ کان وڏو آهي گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي توفيق الله عَزَّوَجَلَّ جي ئي طرفان آهي جيڪو سڀ کان بلند عَظمت وارو آهي .

## چوٿون ڪلمو توحيد :

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَاشَرِيۡكَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡكُ وَلَهُ الۡحَمۡدُ يُحۡيِ وَيُمِيۡتُ

وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوۡتُ اَبَدًا اَبَدًا ط ذُوالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَامِ ط بِيَدِهِ الۡخَيۡرُ ط

وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ ط

ترجمو: الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي انهي جي لاءِ آهي بادشاهي ۽ انهي جي لاءِ حمد آهي اهو ئي زنده ڪندو ۽ ماريندو آهي ۽ هو زنده آهي ان کي هرگز ڪڏهن موت نہ ايندو وڏي جلال ۽ بزرگي وارو آهي ان جي هٿ ۾ ڀلائي آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي .

## پنجون ڪلمو اِستغفار :

اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ رَبِّیْ مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ اَذْنَبْتُهٗ عَمَدًا اَوْ خَطَأً سِرًّا اَوْ عَلَانِيَةً وَّ

اَتُوْبُ اِلَيْهِ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِیْۤ اَعْلَمُ وَمِنَ الذَّنْبِ الَّذِیْ لَاۤ اَعْلَمُ

اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ وَسَتَّارُ الْعُيُوْبِ وَغَفَّارُ الذُّنُوْبِ

وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّابِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

ترجمو: مان الله کان معافي گهران ٿو جيڪو منهنجو پَروَردگار آهي هر گناهہ کان جيڪو مون ڄاڻي واڻي ڪيو يا ڀلجي ڪيو لڪي ڪري ڪيو يا سامهون ڪيو ۽ مان ان جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪيان ٿو ان گناهہ کان جنهن کي مان ڄاڻان ٿو ۽ ان گناهہ کان بہ جنهن کي مان نٿو ڄاڻان (اي الله) بيشڪ تون غيبن جو ڄاڻيندڙ ۽ عيبن کي لڪائيندڙ ۽ گناهن جو بخشيندڙ آهين ۽ گناهہ کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوت الله عَزَّوَجَلَّ جي ئي طرفان آهي جيڪو سڀ کان بلند عظمت وارو آهي .

## ڇهون ڪلمو رد ڪفر :

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْۤ اَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ اُشْرِكَ بِكَ شَيْـئًا وَّاَنَا اَعْلَمُ بِهٖ

وَاَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَاۤ اَعْلَمُ بِهٖ تُبْتُ عَنْهُ وَتَبَرَّاْتُ مِنَ الْكُفْرِ

وَالشِّرْكِ وَالْكِذْبِ وَالْغِيْبَةِ وَالْبِدْعَةِ وَالنَّمِيْمَةِ وَالْفَوَاحِشِ

وَالْبُهْتَانِ وَالْمَعَاصِیْ كُلِّهَا وَاَسْلَمْتُ وَاَقُوْلُ

لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط

ترجمو: اي الله مان تنهنجي پناهہ گهران ٿو هن ڳالهہ کان تہ مان ڪنهن شيءِ کي تنهنجو شريڪ بڻايان ڄاڻي واڻي ۽ بخشش گهران ٿو توکان ان (شرڪ) جي جنهن کي مان نہ ٿو ڄاڻان ۽ مان ان کان توبہ ڪئي ۽ مان بيزار ٿيس ڪفر کان ۽ شرڪ کان ۽ ڪوڙ کان ۽ غيبت کان ۽ بدعت کان ۽ چغلي کان ۽ بي حيائين کان ۽ بهتان کان ۽ تمام گناهن کان ۽ مان اسلام قبول ڪيو ۽ مان چوان ٿو الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي محمد صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم الله جا رسول آهن .

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني گل

## مسلمان تي ڪيئن هٿ ڌرجي؟

**حضرت** سيِّدُنا عبدالله ابن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، محبوب رب الاعظم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم فرمايو: هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي نہ ان تي ظلم ڪندو آهي ۽ نہ ان کي بي يارو مددگار ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪري الله عزوجل ان جي ضرورت پوري ڪندو آهي ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف دور ڪري الله عزوجل قيامت جي تڪليفن مان ان جي تڪليف دور فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جا عيب ڍڪيندو تہ خداءِ ستار عزوجل قيامت جي ڏينهن ان جا عيب ڍڪيندو.

(صحيح مسلم الحديث 6580 ص 1394)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نماز جو طريقو (حنفي)

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهو، قوي امکان آهي جو اوهان جون کيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن.

## درود شريف جي فضيلت

سَرکارِ مدينه، سُلطانِ بَاقرينه، قَرارِ قَلب وَ سِينَه، فَيض گنجينه صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم نماز کان پوءِ حَمد و ثَنا ۽ درود شريف پڙهڻ واري کي ارشاد فرمايو: "دعا گُهر قُبُول کئي ويندي، سوال کر ڏنو ويندو." (سنن نسائي ج 1 ص 220 حديث 1281)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قُرآن ۽ حديث ۾ نَماز پڙهڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ نہ پڙهڻ جون سخت سزائون موجود آهن، جيئن تہ 28 سيپاري جي سُورةُ الْمُنافِقُون جي آيت 9 ۾ ارشادِ ربّاني آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝ (پ ٢٨ المنافقون ٩)

**ترجمو کنزالايمان:** اي ايمان وارو توهان کي غافل نہ کري توهان جو مال نہ توهان جو اولاد نہ ئي کا ٻي شيءِ الله جي ذکر کان ۽ جيکو ائين کندو پوءِ اهو ئي نقصان ۾ آهي.

**حضرتِ** سيّدُنا اِمَام مُحَمّد بِن اَحمَد ذَهبِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي نقل ڪن ٿا: مُفَسِّرين ڪرام رحمهم الله تعالي فرمائن ٿا تہ هن آيتِ مُبارَڪہ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر مان مُراد پنج نمازون آهن، پوءِ جيڪو شخص پنهنجي مال يعني خريداري ۽ وڪري، مال ۽ مَتاع، ٻارن ٻچن ۾ مَصرُوف رهي ۽ وقت تي نماز نہ پڙهي اهو نقصان ڪٽڻ وارن مان آهي۔ (ڪتاب الڪبائر ص 20)

## قِيامت جو سڀ کان پهريون سوال

**سرڪارِ** مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن جو ارشادِ حقيقت بُنياد آهي: ”تہ قِيامت جي ڏينهن ٻانهي جي عملن مان سڀ کان پهريون نماز جو سوال ٿيندو. جيڪڏهن اها صحيح ٿي تہ ان ڪاميابي ماڻي ۽ جيڪڏهن ان ۾ گهٽتائي رهجي وئي تہ هو ذَليل ٿيو ۽ ان کي نقصان رسيو۔“ (المعجم الاوسط للطبراني ج 3 ص 32 حديث 3782)

## نَمازي جي لاءِ نور

**سرڪارِ** دو عالَم، نورِ **مُجَسَّم**، شاهِ بَني آدم، رسولِ **مُحتَشَم** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو ارشاد مُبارڪ آهي: ”جيڪو شخص نَماز جي حفاظت ڪندو ان جي لاءِ نماز قِيامت جي ڏينهن نور، دليل ۽ ڇوٽڪارو هوندي ۽ جيڪو ان جي حِفاظت نہ ڪندو ان جي لاءِ قِيامت جي ڏينهن نہ نور هوندو ۽ نہ دليل ۽ نہ ئي ڇوٽڪارو ۽ اهو شخص قِيامت جي ڏينهن فِرعون، قارون، هامان ۽ اُبَيّ بن

خَلَف سان گڏ هوندو.“ (مسند امام احمد ج 2 ص 574 حديث 6587)

## ڪنهن جو ڪنهن سان گڏ حَشر ٿيندو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرتِ سَيِّدُنا امام محمد بن احمد ذَهبِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي نقل ڪن ٿا: ڪجھ عُلماءِ ڪرام رحمهم الله تعالىٰ فرمائن ٿا تہ بي نمازيءَ کي انهن چئن(فرعون، قارون، هامان ۽ اُبَيِ بن خلف) سان گڏ ان ڪري اٿاريو ويندو جو ماڻهو عام طور تي دولت، حڪومت، وَزارت ۽ تِجارت جي ڪري نماز کي ڇڏي ڏيندا آهن. جيڪو **حڪومت** جي مَشغُولِيّت جي سبب نماز نہ پڙهندو ان جو **فرعون** سان حشر ٿيندو جيڪو **دولت** جي ڪري نماز ڇڏيندو ان جو **قارون** سان گڏ حشر ٿيندو ۽ جيڪڏهن نماز نہ پڙهڻ جو سبب **وَزارت** هوندي تہ فرعون جي وزير **هامان** سان گڏ حشر ٿيندو ۽ جيڪڏهن **تِجارت** جي مصروفيّت جي ڪري نماز ڇڏيندو تہ ان کي مڪي شريف جي تمام وڏي ڪافر واپاري اُبَي بِن خَلَف سان گڏ قيامت جي ڏينهن اٿاريو ويندو .

(ڪتاب الڪبائر ص 21)

## شديد زخمي حالت ۾ نماز

جڏهن حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ تي قاتلاڻو حملو ٿيو تہ عرض ڪيو ويو: يَا اَمِيرالمؤمِنِين! نماز (جو وقت آهي) فرمايائون: جي ها، ٻُڌي ونو! ”جيڪو شخص نماز کي ضايع ڪري ٿو ان جو اسلام ۾ ڪو حصو ناهي.“ ۽ حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ **شديد زخمي** هئڻ جي باوجود نماز ادا فرمائي.“ (ايضًا 22)

## نَماز تي نور يا اونداهيءَ جا سبب

حضرتِ سيّدُنا عُباده بن صَامِت رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ نبيِّ رَحمت، شفيعِ اُمت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جيڪو شخص چڱي طرح وضو ڪري پوءِ نماز جي لاءِ بيهي، ان جا رُڪوع، سَجدا ۽ قِراءَت مڪمل ڪري تہ نماز چوندي آهي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ تنهنجي حفاظت ڪري جيئن تو منهنجي حفاظت ڪئي پوءِ ان نماز کي آسمان ڏانهن ڪنيو ويندو آهي ۽ ان جي لاءِ چمڪ ۽ نور هوندو آهي . پوءِ ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ايتري تائين جو ان کي اللہ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي ۽ اها نماز ان نمازي جي شَفاعت ڪندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو ان جا رُڪوع، سجدا ۽ قِراءَت مڪمل نہ ڪري تہ نماز چوندي آهي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ توکي ڇڏي ڏئي جيئن تو مونکي ضايع ڪيو. پوءِ ان نماز کي اهڙيءَ طرح آسمان ڏانهن ڪنيو ويندو آهي جو ان تي اونداهي ڇانيل هوندي آهي ۽ ان تي آسمان جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن پوءِ ان کي پراڻي ڪپڙي وانگر ويڙهي ان نمازيءَ جي منهن تي هنيو ويندو آهي . (ڪنزالعمال ج 7 ص 129 حديث 19049)

## بُري خاتمي جو هڪ سبب

حضرتِ سيّدُنا امام بُخاري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البَارِي فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا حُذَيفہ بن يَمان رضی اللہ تعالٰی عنہ هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو نماز پڙهڻ وقت رڪوع ۽ سجدا پورا ادا نہ ڪري رهيو هو، تہ ان

ڪي فرمايائون: ”تو جيڪا نماز پڙهي جيڪڏهن انهي نماز جي حالت ۾ مري وڃين تہ حضرتِ سيّدُنا مُحَمَّد مُصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن جي طريقي تي توکي موت نہ ايندو.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 284 حديث 808) سُنَنِ نَسائي جي روايت ۾ اهو بہ آهي تہ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ ان کان پڇيو: ”تون ڪڏهن کان ائين نَماز پڙهي رهيو آهين؟ ان چيو چاليهہ سالن کان، فرمايائون: ”تون چاليهہ سالن کان بلڪل نماز ئي ناهي پڙهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ توکي موت اچي ويو تہ دينِ محمدي تي نہ مرندين.“ (سننِ نَسائي ص 225 حديث 1309)

## نَماز جو چور

**حضرتِ** سيّدُنا ابو قَتَادہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ مُعَطّر پسينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن جو فرمانِ باقرينہ آهي تہ ”انسانن ۾ بدترين چور اهو آهي جيڪو پنهنجي نماز ۾ چوري ڪري.“ عرض ڪيو ويو، **يَارَسُولَ الله** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم نماز جو چور ڪير آهي؟ فرمايو: (اهو جيڪو نماز جا) رُڪوع ۽ سَجدا پورا نہ ڪري.
(مسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 386 حديث 22705)

## چور جا ٻہ قسم

**مُفسّرِ شَهِير حَڪِيمُ الأُمت حضرتِ مُفتي اَحمَد يَار خَان** علیہ رحمۃ الحنّان هن حديث جي تحت فرمائن ٿا: خبر پئي تہ مال جي چور کان **نماز جو چور** بدتر آهي ڇو تہ مال جي چور کي جيڪڏهن سزا بہ ملندي آهي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ نفعو بہ کٽي وٺندو آهي پر

نماز جي چور کي پوري سزا ملندي ان جي لاءِ نُفعي جي ڪا صورت ناهي، مال جو چور ماڻهوءَ جو حق ٿو ڦٻائي جڏهن تہ نماز جو چور اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو حق، اها حالت انهن جي آهي جيڪي نماز کي صحيح ناهن پڙهندا، ان مان اهي ماڻهو عبرت جو درس حاصل ڪن جيڪي بلڪل نماز ئي ناهن پڙهندا .

(مرأة المناجيح ج 2 ص 78)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اول تہ ماڻهو نماز پڙهندا ئي ناهن ۽ جيڪي پڙهندا آهن انهن مان گهڻا سنّتن سکڻ جي جذبي جي گهٽتائيءَ جي ڪري اڄڪلهہ صحيح طريقي سان نماز پڙهڻ کان محروم رهندا آهن، هتي مختصر طور تي نماز پڙهڻ جو طريقو پيش ڪيو وڃي ٿو براءِ مدينه! تمام گهڻي غور ۽ فڪر سان پڙهو ۽ پنهنجي نمازن جي اصلاح فرمايو.

## نماز جو طريقو (حنفي)

وضو ڪري قبلي ڏانهن اهڙيءَ طرح منهن ڪري بيهو جو ٻنهي پيرن جي وچ ۾ چئن آڱرين جو مُفاصلو هجي ۽ ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي وڃو اهڙيءَ طرح جو آڱوٺا ڪن جي پاپڙين کي لڳن ۽ آڱريون نہ پاڻ ۾ مليل هجن نہ بلڪل ڪليل بلڪ پنهنجي حالت تي نارمل (Normal) رکو ۽ هٿن جون تِريون قِبلي ڏانهن هجن نظر سجدي جي جڳهہ تي هجي، پوءِ جيڪا نماز پڙهڻي آهي، ان جي نِيّت يعني دل ۾ ان جو پڪو ارادو ڪريو، ۽ زبان سان بہ چئي ڇڏيو تہ وڌيڪ بهتر آهي (مثال طور:

نيّت ڪئي مون اڄ جي ظهر جي چار رڪعتون فرض نماز جي، جيڪڏهن جماعت سان پڙهي رهيا آهيو تہ اهو بہ چئي ڇڏيو پُٺيان هن امام جي) هاڻي تڪبيرِ تَحريمه يعني اَللّٰہ اَڪبَر چوندي هٿ هيٺ ڪريو ۽ ڏُن جي هيٺان اهڙيءَ طرحَ ٻَڌو جو ساڄي هٿ جي تِري کاٻي هٿ جي ڪَرائيءَ جي منڍ تي ۽ وچ واريون ٽي آڱريون کاٻي ڪرائيءَ جي پُٺ تي ۽ آڱوٺو ۽ ڇيچ ڪرائيءَ جي چؤڌاري، هاڻي هيئن ثناء پڙهو:

## ثناء

سُبۡحٰنَکَ اَللّٰھُمَّ وَبِحَمۡدِکَ وَتَبَارَکَ اسۡمُکَ وَتَعَالٰی جَدُّکَ وَلَآ اِلٰہَ غَیۡرُکَ

يعني پاڪ آهين تون اي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ آءٌ تنهنجي واکاڻ ڪريان ٿو، تنهنجو نالو برڪت وارو آهي ۽ تنهنجي عظمت بلند آهي ۽ توکان سواءِ ڪو معبود ناهي .

پوءِ **تعوذ** پڙهو:

اَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ۔

آءٌ الله تعاليٰ جي پناهہ ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان .

پوءِ **تسميہ** پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)

پوءِ سڄي **سورهءِ فاتحہ** پڙهو:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ۙ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۙ مٰلِکِ یَوۡمِ الدِّیۡنِ ؕ اِیَّاکَ نَعۡبُدُ وَ اِیَّاکَ نَسۡتَعِیۡنُ ؕ اِہۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِیۡمَ ۙ صِرَاطَ الَّذِیۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَیۡہِمۡ ۬ۙ غَیۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَیۡہِمۡ وَلَا الضَّآلِّیۡنَ ٪

**ترجمو ڪنزالايمان:** سڀ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جيڪو سڄي جهان وارن جو پالڻهار، نهايت مهربان ٻاجهارو، جزا جي ڏينهن جو مالڪ آهي. اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ۽ توکان ئي مدد گهرون، اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ . انهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو، نہ (انهن جو) جن تي غضب ٿيو ۽ نہ گمراهن جو.

سُورَہء **فاتحه** ختم ڪري آهستي **آمين** چئو، پوءِ ٽي آيتون يا هڪ وڏي آيت جيڪا ٽن ننڍين آيتن جي برابر هجي يا ڪا **سورت** مثال طور سورهءِ اِخلاص پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؚ

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ؚ اَللّٰهُ الصَّمَدُ لَمۡ يَلِدۡ ؚ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ؚ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّه، كُفُوًا اَحَدٌ ؚ

**ترجمو ڪنزالايمان:** **الله** نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع).

**تون فرماءِ اهو الله آهي اهو هڪ آهي، الله بي نياز آهي، نہ ان جي ڪا اولاد ۽ نہ اهو ڪنهن کان پيدا ٿيو، ۽ نہ وري ان جو ڪو ثاني (۽ مٽ) آهي۔**

**هاڻي الله اڪبر** چوندي **رُڪُوع** ۾ وڃو ۽ گوڏن کي اهڙيءَ طرح هٿن سان پڪڙيو جو هٿن جون ترِيون گوڏن تي ۽ آڱريون چڱيءَ طرح کُليل هجن پُٺي وڇايل ۽ مٿو پُٺيءَ سان برابر هجي هيٺ مٿي نہ هجي ۽ نظر پيرن تي هجي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا **رُڪوع واري تسبِيح** يعني سُبۡحٰنَ رَبِّيَ الۡعَظِيۡم (يعني پاڪ آهي منهنجو عَظمت وارو ربّ) پوءِ **تسمِيع** يعني سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَه، ۔ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ڳالهه ٻڌي ورتي جنهن ان جي واکاڻ ڪئي) چوندي **بلڪل سڌا** ٿي بيهو، ان بيهڻ کي **قَومہ** چئبو آهي جيڪڏهن توهان **مُنفَرِد** آهيو يعني اڪيلا نماز پڙهي رهيا آهيو تہ ان کان پوءِ چئو، اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الۡحَمۡد (يعني اي الله اسان جا مالڪ سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن) پوءِ **اَللّٰهُ اَكبَر** چوندي اهڙيءَ طرح **سجدي** ۾ وڃو جو اڳ ۾ گوڏا زمين تي رکو ۽ پوءِ هٿ پوءِ ٻنهي هٿن جي وچ ۾ اهڙي طرح مٿو رکو جو اڳ ۾ نڪ پوءِ پيشاني ۽ **اهو خاص**

خيال رکو تہ نڪ جي چوٽي نہ بلڪ هڏي لڳي ۽ پيشاني زمين تي ڄمي وڃي نظر نڪ تي رهي، ٻانهن کي پاسن کان، پيٽ کي رانن کان ۽ رانن کي پِنين کان الڳ رکو، (ها جيڪڏهن صَف ۾ هجو تہ ٻانهون پاسن سان لڳائي رکو) ۽ ٻنهي پيرن جي ڏهن ئي آڱرين جو رُخ اهڙي طرح قبلي ڏانهن رهي جو ڏهن ئي آڱرين جا پيٽ (يعني آڱرين جي ترن جا اپريل حصا) زمين تي لڳل رهن، هٿن جون ترِيون وڇايل هجن ۽ آڱريون قبلي ڏانهن هجن پر ٻانهون زمين سان لڳائي نہ رکو ۽ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا سجدي جي تَسبِيح سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْاَعْلٰی (پاڪ آهي منهنجو پروردگار سڀني کان بلند) پڙهو پوءِ مٿو اهڙي طرح کڻو جو پهريان پيشاني پوءِ نڪ ۽ پوءِ هٿ کڻو پوءِ ساڄو پير بيهاري ان جون آڱريون قبلي ڏانهن ڪري ڇڏيو ۽ کاٻو پير وڇائي ان تي بلڪل سڌا ٿي ويهي رهو ۽ ترِيون وڇائي ڪري رانن تي گوڏن وٽ اهڙيءَ طرح رکو جو ٻنهي هٿن جون آڱريون قبلي ڏانهن ۽ آڱرين جا مُنڍا گوڏن وٽ هجن، ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهڻ کي **جلسہ** چئبو آهي، پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو سُبْحٰنَ اللّٰہ چوڻ جيتري مقدار برابر ترسو(ان وقفي ۾ اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِی يعني "اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرماءِ" چوڻ مستحب آهي) پوءِ الله اڪبر چوندي پهرئين سجدي وانگر ٻيو سجدو ڪريو، هاڻي پهريان مٿو مٿي کڻو پوءِ هٿن کي گوڏن تي رکي ڪري پيرن پر اٿي بيهو، اُٿڻ وقت بنا مجبوري جي زمين تي هٿن سان ٽيڪ نہ لڳايو، اها توهان جي هڪ رَڪعت پوري ٿي، هاڻي ٻي رڪعت ۾

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري **اَلحَمدُ** ۽ **سورت** پڙهو ۽ اڳ وانگر **رُڪوع** ۽ **سجدا ڪريو**، **ٻئي سجدي** مان مٿو کڻڻ کان پوءِ ساڄو پير بيهاري کاٻو پير وڇائي ڪري ويهي رهو، ٻن رَڪعتن جي ٻئي سجدي کانپوءِ ويهڻ کي **قَعدَه** (يعني التَّحِيّات ۾ ويهڻ چئبو آهي)

**هاڻي قعده ۾ تَشَهُد (يعني التَّحِيّات) پڙهو:**

اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَ الصَّلَوَاتُ وَ الطَّيِّبٰتُ ط اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصّٰلِحِيۡنَ ط اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَ رَسُوۡلُهٗ ط

**ترجمو:**"سڀئي قولي، فعلي ۽ مالي عبادتون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي آهن، سلام هجي توهان تي اي نبي، ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون، سلام هجي اسان تي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي، آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهيۦ آءٌ گواهي ڏيان ٿو، محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن .

**جڏهن تَشَهُد** ۾ لفظ "**لا**" تي پهچو تہ ساڄي هٿ جي وچين آڱر ۽ آڱوٺي جي گولائي ٺاهيو ۽ ڇيچ ۽ ان سان مليل آڱر کي ترِيءَ سان ملائي ڇڏيو ۽ (اشهد اَنۡ کان فورًا پوءِ) لفظ **لَا** چوندي ئي شهادت واري آڱر کڻو پر ان کي هيڏي هوڏي نہ لوڏيو ۽ لفظ **اِلَّا** تي هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ جلدي سڀئي آڱريون سِڌيون ڪري ڇڏيو، هاڻي جيڪڏهن ٻن کان وڌيڪ رڪعتون پڙهڻيون هجن تہ **اَللّٰهُ اَكۡبَر** چوندي اٿي بيهو جيڪڏهن فرض نماز پڙهي رهيا آهيو تہ ٽين ۽ چوٿين رڪعت جي قِيام ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۽ **اَلحَمد** شريف پڙهو، ۽ هاڻي سورت ملائڻ جي ضرورت ناهي، باقي رڪن بہ ائين ئي پورا ڪريو ۽ جيڪڏهن سنّت ۽ نفل هجن تہ سورهءِ فاتحه کان پوءِ

سورت بہ ملايو (ها جيڪڏهن امام جي پُٺيان نماز پڙهي رهيا آهيو تہ ڪنهن بہ رڪعت جي قِيام ۾ قِراءَت نہ ڪريو خاموش بيٺا رهو) پوءِ چار ئي رَڪعتون پوريون ڪري **قَعدهءِ اَخِيره** ۾ **تَشَهُد** ڪان پوءِ **دُرُودِ ابراهيم** عَلَيهِ الصلوٰة وَالسلام پڙهو :

## دُرُودِ اِبرَاهِيم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرٰهِيْمَ وَ عَلٰى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ط اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرٰهِيْمَ وَ عَلٰى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ۔ ط

**ترجمو:** اي **الله** عَزَّوَجَلَّ درود موڪل(اسان جي سردار) محمد تي ۽ سندن آل تي جهڙي طرح تون درود موڪليو(سيدنا) ابراهيم تي ۽ سندن آل تي بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين، اي الله عَزَّوَجَلَّ برڪت نازل ڪر (اسان جي سردار) محمد تي ۽ سندن آل تي جهڙي طرح تون برڪت نازل ڪئي (سيدُنا) ابراهيم ۽ سندن آل تي بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين.

پوءِ ڪا بہ **دعاءِ ماثُوره** پڙهو مثال طور هيءَ دعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ۔

**اي الله** عَزَّوَجَلَّ!اي ربّ اسان جا اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ .

پوءِ نماز ختم ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ ساڄي ڪلهي جي طرف مُنهن ڪري اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَةُ الله چئو ۽ اهڙي طرح کاٻي طرف، هاڻي نماز ختم ٿي .

(بهار شريعت ج 1 ص 504 تا 506 وغيره )

## اِسلامي ڀينرن جي نماز ۾ ڪجهہ فرق آهي

ذڪر ڪيل نماز جو طريقو امام يا اڪيلي مرد جو آهي اسلامي ڀينرون تڪبيرِ تحريمه جي وقت هٿ ڪلهن تائين کڻن ۽ چادر کان ٻاهر نہ ڪڍن. قيام ۾ کاٻي تِري سيني تي ڇاتي جي هيٺان رکي ان جي مٿان ساڄي تِري رکو، رُڪوع ۾ ٿورو جهڪو يعني ايترو جو گوڏن تي هٿ رکو، زور نہ ڏيو ۽ گوڏن کي نہ پڪڙيو ۽ آڱريون مليل ۽ پير جهڪيل رکو، مردن وانگر بلڪل سڌا نہ ڪريو سجدو سميٽجي ڪريو يعني ٻانهون پاسن سان پيٽ رانن سان ۽ رانون پِنين سان ۽ پِنيون زمين سان ملائي ڇڏيو. ۽ ٻئي پير پوئتي ڪڍي ڇڏيو ۽ قَعدي ۾ ٻئي پير ساڄي پاسي ڪڍي ڇڏيو ۽ ويهڻ واري جڳهہ جي کاٻي پاسي تي ويهو ۽ ساڄو هٿ ساڄي ران جي وچ ۾ ۽ کاٻو هٿ کاٻي ران جي وچ تي رکو، باقي سڄو طريقو ساڳيو ئي آهي .

(ردالمحتار ج2 ص 259، فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 74)

## ڌيان ڏيو!

اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي ڏنل هن نماز جي طريقي ۾ ڪجھ ڳالهيون فرض آهن جو ان کان سواءِ نماز ٿيندي ئي نہ، ڪجهہ واجب آهن جو انهن کي ڄاڻي واڻي ڇڏڻ گناهہ ۽ توبهہ ڪرڻ ۽ نماز کي ورائي پڙهڻ واجب ۽ ڀُل ۾ رهجي وڃڻ سان سجدهءِ سهو واجب آهي ۽ ڪجهہ سنّتِ مُؤَڪَّده

آهن جنهن جي ڇڏڻ جي عادت بڻائڻ گناهه آهي ۽ ڪجهه **مُستَحَب** آهن جو جنهن جو ڪرڻ ثواب ۽ نه ڪرڻ گناهه ناهي .
(بهارِشريعت ج 1 ص 507 وغيره)

## "ياالله" جي ڇهن اکرن جي نسبت سان
## نماز جا ڇهه 6 شرط

﴿1﴾ **طهارت:** نمازي جو جسم، ڪپڙا ۽ جنهن جڳهه تي نماز پڙهي رهيو آهي ان جڳهه جو هر قسم جي نجاست (ناپاڪي) کان پاڪ هئڻ ضروري آهي . (شرح الوقايہ ج 1 ص 156)

﴿2﴾ **سِتـرِ عورت:** (1) مرد لاءِ دُن کان وٺي گوڏن سميت جسم جو سڄو حصو ڍڪيل هئڻ لازمي آهي جڏهن ته عورت جي لاءِ هنن پنجن عُضون: چهرو، ٻنهي هٿن جي ترين ۽ ٻنهي پيرن جي ترن کان سواءِ سڄو جسم ڍڪڻ لازمي آهي (درالمختار ج 2 ص 95) پر جيڪڏهن ٻئي هٿ(ڪراين تائين)، پير (پيڏين تائين) بلڪل ظاهر هجن ته هڪ **مُفتيٰ** بہ قول مطابق نماز صحيح آهي (2) جيڪڏهن اهڙا سنها ڪپڙا پاتل هجن جن سان جسم جو اهو حصو جنهن کي نماز ۾ ڍڪڻ فرض آهي نظر اچي يا جسم جي رنگت ظاهر ٿئي ته نماز نہ ٿيندي. (بهارِشريعت ج 1 ص 480 فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص58) (3) اڄڪلهه سنهن ڪپڙن جو رواج وڌي رهيو آهي. اهڙن سنهن ڪپڙن جو پاجامو يا سلوار پائڻ جنهن سان ران يا اوگهڙ جو ڪو حصو ڏسڻ ۾ ايندو هجي نماز کان علاوه بہ پائڻ **حرام** آهي.(بهارِشريعت ج 1 ص 480) (4) ٿُلها ڪپڙا جن سان جسم جو رنگ تہ

ڏسڻ ۾ نہ ايندو هجي پر جسم سان ائين چنبڙيل هجي جو ڏسڻ سان عُضوي جي بيهڪ معلوم ٿيندي هجي اهڙن ڪپڙن سان جيتوڻيڪ نماز ٿي ويندي پر ان عُضوي ڏانهن بين ڪي ڏسڻ جائز ناهي. (ردالمحتارج2 ص103) اهڙا ڪپڙا ماڻهن جي سامهون پائڻ منع آهي ۽ عورتن لاءِ تہ بدرجهءِ اَوليٰ (اجا وڌيڪ) منع آهي. (بهارِشريعت ج 1 ص 480) (5) ڪجهہ عورتون مَلمَل وغيره جي سنهي چادر نماز ۾ پائينديون آهن جنهن سان وارن جي ڪاراڻ نظر ايندي آهي يا اهڙا ڪپڙا پائينديون آهن جن سان عُضون جو رنگ نظر ايندو آهي اهڙن ڪپڙن ۾ بہ نماز ناهي ٿيندي .

**﴿3﴾ اِستِقبالِ قِبلہ:** يعني نماز ۾ **قِبلي** يعني ڪعبي ڏانهن منهن ڪرڻ (1) نمازيءَ بنا ڪنهن عذر جي ڄاڻي واڻي **قبلي** کان سينو ڦيرائي ڇڏيو جيتوڻيڪ جلد ئي **قبلي** ڏانهن ٿي ويو، نماز فاسد ٿي وئي ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي نہ ڦيرايائين ۽ ٿي پيرا **سبحٰن الله** چوڻ جي وقفي کان اڳ ۾ واپس **قِبلي** رخ ٿي ويو تہ فاسد نہ ٿي.(منية المصلي ص 193 البحر الرائق ج 1 ص 497) (2) جيڪڏهن رُڳو منهن **قِبلي** کان ڦيريائين تہ واجب آهي تہ جلدي **قبلي** ڏانهن منهن ڪري وٺي ۽ ان سان نماز نہ ٽُٽندي پر بنا عُذر جي ائين ڪرڻ مَڪروهِ تحريمي آهي. (المرجع السابق) (3) جيڪڏهن اهڙي جڳهہ تي آهيو جتي **قبلي** جي شناخت جو ڪو ذريعو ناهي نہ ڪو اهڙو مسلمان آهي جنهن کان پُڇي ڪري معلوم ڪري سگهجي تہ تَحَرّي ڪيو (يعني سوچيو تہ جنهن طرف **قبلو** هجڻ تي

دل مطمئن ٿئي ان طرف ئي رخ ڪيو جو توهان جي حق ۾ اهو ئي **قبلو** آهي) (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 143) (4) **تَحَرّي** ڪري نماز پڙهيائين پوءِ خبر پئي تہ **قِبلي** ڏانهن نماز نہ پڙهي هئي اها نماز ٿي وئي ورائي پڙهڻ جي حاجت ناهي. (تنويرالابصار ج 2 ص 143) (5) **هڪ شخص تَحَرّي ڪري** (سوچي) **نماز پڙهي رهيو هو ٻيو ان کي ڏسي ڪري انهيءَ طرف نماز پڙهندو تہ نہ ٿيندي ٻئي جي لاءِ بہ تَحَرّي ڪرڻ جو حڪم آهي .** (ردالمحتار ج 2 ص 143)

**﴿4﴾ وقت:** يعني جيڪا نماز پڙهڻي آهي ان جو وقت هئڻ ضروري آهي. مثال طور اڄ جي عصر جي نماز ادا ڪرڻي آهي تہ اهو ضروري آهي تہ عصر جو وقت شروع ٿي وڃي جيڪڏهن عصر جو وقت شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پڙهي ڇڏيائين تہ نماز نہ ٿيندي.

(1) عام طور تي مسجدن ۾ **نظامُ الاوقات** جا نقشا لڳل هوندا آهن انهن ۾ جيڪي مُستَنَد تَوقِيت دانن جا مُرتَب ڪيل ۽ علماءِ اهلسنّت جا تصديق ڪيل هجن تہ انهن مان نماز جو وقت معلوم ڪرڻ ۾ سهولت رهندي آهي (2) **اسلامي ڀينرن** لاءِ اول وقت ۾ فجر جي نماز اد ڪرڻ **مُستَحَب** آهي ۽ باقي نمازن ۾ بهتر اهو آهي تہ مردن جي جماعت جو انتظار ڪن جڏهن جماعت ٿي وڃي تہ پوءِ پڙهن . (درمختار ج 2 ص 30)

**ٽي مڪروه وقت:** (1) سج اُڀرڻ کان ويهہ منٽ پوءِ تائين (2) سج لهڻ کان ويهہ منٽ پهريان (3) نِصَفُ النّهار يعني ضحوهٔ

ڪُبرىٰ کان وٺي زوال (يعني سج جي زوال) تائين.انهن ٽنهي وقتن ۾ ڪا نماز جائز ناهي نہ فرض نہ واجب نہ نفل نہ قضا. ها جيڪڏهن ان ڏينهن جي عصر جي نماز نہ پڙهي هجي ۽ مَڪروهہ وقت شروع ٿي ويو تہ پڙهي وٺي البت ايتري دير ڪرڻ حرام آهي . (بهارِ شريعت ج 1 ص 454، درمختار ج 2 ص 37، عالمگيري ج 1 ص 52)

## نماز جي دوران مڪروهہ وقت داخل ٿي وڃي تہ؟

سج لهڻ کان گهٽ ۾ گهٽ 20 مِنٽ اڳ ۾ عصر جي نماز جو سلام ڦيريو وڃي، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: عصر جي نماز ۾ جيتري دير ٿئي اوترو اَفضل آهي جڏهن تہ مڪروه وقت (اچڻ) کان پهرين پهرين ختم ٿي وڃي. (فتاويٰ رضويه شريف تخريج شده ج 5 ص 156) پوءِ جيڪڏهن ان اِحتِياط ڪيو ۽ نماز ڊگهي ڪئي ايتري تائين جو ڪراهت جو وقت وچ نماز ۾ اچي ويو تڏهن بہ ان تي اعتراض ناهي .

(فتاويٰ رضويه شريف تخريج شده ج 5 ص 139)

﴿5﴾ **نِيت:** نيّت دل جي پڪي ارادي جو نالو آهي (تنويرالابصار ج 2 ص 111) (1) زبان سان نيّت ڪرڻ ضروري ناهي البت دل ۾ نيّت حاضر هوندي زبان سان چوڻ بهترآهي . (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 65)

عربي ۾ چوڻ ضروري ناهي سنڌي وغيره ڪنهن بہ زبان ۾ چئي سگهو ٿا.(ملخص از درمختار ج 2 ص 113) (2) نيّت ۾ زبان سان چوڻ جو اعتبار ناهي يعني جيڪڏهن دل ۾ مثال طور ظهر جي نيّت

هجي ۽ زبان مان عصر جو لفظ نڪتو تڏهن بہ ظهر جي نماز ٿي وئي. (ايضاً 112) (3) نيّت جو اَدنيٰ (يعني گهٽ ۾ گهٽ) درجو اهو آهي تہ جيڪڏهن ان وقت ڪو پُڇا ڪري تہ ڪهڙي نماز پڙهين ٿو؟ تہ هڪدم ٻُڌائي . جيڪڏهن حالت اها رهي جو سوچي ٻُڌائيندو تہ نماز نہ ٿي. (ايضاً 112) (4) فرض نماز ۾ فرض جي نيّت بہ ضروري آهي مثال طور دل ۾ اها نيّت هجي تہ اڄ جي ظهرؔ جي فرض نماز پڙهان ٿو. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 117) (5) اَصَح (يعني صحيح) اهو آهي تہ نَفل، سنّت ۽ تَراوِيح ۾ مُطلَق نماز جي نيّت ڪافي آهي پر اِحتِياط اهو آهي تہ تَراويح ۾ تراويح جي يا وقت جي سنّت جي نيّت ڪري ۽ باقي سنّتن ۾ سنّت يا سرڪارِ مدينه صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم جي پيروي جي نيّت ڪري ڇاڪاڻ جو ڪجھ مَشائخ ڪرام رحمهم الله تعالیٰ انهن ۾ مُطلَق نماز جي نيّت کي ناڪافي قرار ڏين ٿا. (منية المصلي ص 225) (6) نفل نماز ۾ رُڳو نماز جي نيّت ڪافي آهي جيتوڻيڪ نَفل چوڻ نيّت ۾ نہ هجي (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 116) (7) اهو چوڻ تہ منهن منهنجو قبلي شريف ڏانهن آهي شرط ناهي. (درمختار ج 2 ص 129) (8) اِقتِداء ۾ مقتدي جو هيئن نيّت ڪرڻ بہ جائز آهي تہ جيڪا نماز اِمام جي آهي اها ئي نماز منهنجي آهي. (عالمگيري ج 1 ص 67) (9) **جنازي نماز جي نيّت اها آهي ”نماز واسطي الله عَزَّوَجَلَّ جي، دعا واسطي هن مَيِّت جي.“** (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 126) (10) واجب ۾ واجب جي نيّت ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان کي مُعَيَّن يعني خاص بہ ڪريو مثال طور عيدُالفِطر، عيدُالاَضحيٰ،

نذر، طَواف ڪان پوءِ واري نماز (واجِبُ الطَّواف) يا اها نفل نماز جنهن کي ڄاڻي واڻي فاسد ڪئي وئي هجي ڇو ته ان جي قضا به واجب ٿي ويندي آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 119) (11) **شُڪراني جو سجدو** جيتوڻيڪ نفل آهي پر ان ۾ به نيّت ضروري آهي مثال طور دل ۾ اها نيّت هجي ته آءٌ شڪراني جو سجدو ڪريان ٿو. (ايضاً) (12) **سجدهءِ سَهُو** ۾ به "**صاحبِ نهرالفائق**" جي نزديڪ نيّت ضروري آهي (ايضًا) يعني ان وقت دل ۾ اها نيّت هجي آءٌ سجدهءِ سَهُو ڪريان ٿو .

**﴿6﴾ تڪبيرِ تحريمه:** يعني نماز کي "الله اڪبر" چئي شروع ڪرڻ ضروري آهي . (بهار شريعت ج 1 ص 500)

## "بسم الله" جي ستن اکرن جي نسبت سان نماز جا ست فرض

(1) تَڪبيرِ تَحرِيمه (2) قِيام (3) قِراءَت (4) رُڪُوع (5) سَجدا (6) قَعَده اَخِيرَه (7) خُرُوجِ بِصُنعِه (بهار شريعت ج 1 ص 507.درمختار ج 2 ص 158،)

**﴿1﴾ تَڪبيرِ تَحريمه:** حقيقت ۾ تڪبيرِ تَحرِيمه (يعني تڪبيرِ اُوليٰ) نماز جي شرطن مان آهي پر نماز جي رڪنن سان بلڪل مليل آهي ان لاءِ ان کي نماز جي فرضن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. (غنية المستملي ص 256) (1) مُقتَدي تڪبيرِ تحريمه جو لفظ "الله" امام سان گڏ چيو پر "اڪبر" امام کان اڳ ۾ ختم ڪيائين ته نماز نه ٿيندي. (عالمگيري ج 1 ص 68) (2) امام اڳ ۾ ئي رُڪُوع ۾ هو ءِ مُقتَدي تڪبيرِ تحريمه چوندو رڪوع ۾ ويو يعني تڪبير ان

وقت ختم ڪيائين جو هٿ وڏائي تہ گوڏن تائين پهچي وڃن (ان صورت ۾) نماز نہ ٿيندي . (عالمگيري ج 1 ص 69 ردالمحتار ج 2 ص176) اهڙن موقعن تي قاعدي مطابق اڳ ۾ بيني بيني تڪبيرِ تحريمه چئي ونو ۽ ان کان پوءِ الله اڪبر چوندي رُڪوع ڪريو، امام سان گڏ جيڪڏهن رڪوع ۾ معمولي بہ شرڪت ٿي وئي تہ رَڪعت ملي وئي، جيڪڏهن توهان جي رڪوع ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ امام اٿي بينو تہ رڪعت نہ ملي. (3) جيڪو شخص تڪبير جي تَلَفُّظ کي ادا نہ ڪري سگهندو هجي مثال طور گونگو هجي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري زبان بند ٿي وئي هجي ان تي تَلَفُّظ لازم ناهي، دل ۾ ارادو ڪافي آهي.(درمختار ج 2 ص 220) (4) **لفظ الله کي آلله يا اڪبر کي آڪبر يا اَڪبار** چيو ويو تہ نماز نہ ٿيندي بلڪ جيڪڏهن انهن جي فاسد معنيٰ سمجهي ڪري ڄاڻي واڻي چيائين تہ ڪافر آهي. (درمختار ج 2 ص 218) نمازين جو تعداد گهڻو هجڻ جي صورت ۾ پوئتي آواز پهچائڻ وارن مُڪَبِّرن جي اڪثريت علم جي گهٽتائيءَ جي ڪري اَڄڪلهہ "اَڪبر" کي "اَڪبَار"چوندي ٻُڌڻ ۾ ايندي آهي اهڙيءَ طرح انهن جي پنهنجي نماز بہ پڃي پوندي آهي ۽ گڏوگڏ انهن جي بہ جيڪي انهن جي آواز تي نماز جا رُڪن ادا ڪندا آهن انهن جي نماز بہ ٽُٽي پوندي آهي تنهن ڪري بنا سکڻ جي ڪڏهن بہ مُڪَبّر نہ ٿيڻ کپي (5) پهرين رَڪعت جو رُڪوع ملي ويو تہ **تڪبيرِ اُوليٰ** جي فضيلت ملي وئي . (عالمگيري ج 1 ص 69)

﴿2﴾ **قيام:** (1) گهٽ ۾ گهٽ قيام جي حد اها آهي ته هٿ وڌائي ته گوڏن تائين نه پهچن ۽ پورو قيام اهو آهي ته سڌو ٿي بيهي. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 163) (2) **قيام** ايتري دير تائين آهي جيتري دير تائين قِراءَت آهي. فرض قِراءَت جيترو قِيام به فرض، واجب جيترو واجب ۽ سنّت جيترو سنّت آهي. (ايضًا) (3) فرض، وِتر، عيدن، ۽ فجر جي سنّت ۾ قيام فرض آهي. جيڪڏهن بنا ڪنهن صحيح عُذر جي ڪو اهي نمازون ويهي ڪري ادا ڪندو ته نه ٿينديون. (ايضًا) (4) بيهڻ سان رُڳو ٿوري تڪليف ٿيڻ عُذر ناهي پر قيام ان وقت ساقط (معاف) ٿيندو جڏهن بيهي نه سگهي يا سجدو نه ڪري سگهي يا بيهڻ يا سجدو ڪرڻ سان زخم وهي ٿو يا بيهڻ سان قطرو اچي ٿو يا اوگهڙ جو چوٿون حصو کلي ٿو يا قراءَت کان مجبور محض (يعني پڙهڻ کان بلڪل عاجز) ٿي وڃي ٿو. يا بيهي ته سگهي ٿو پر ان سان بيماري وڌي ٿي يا دير سان صحيح ٿيندو يا ناقابل برداشت تڪليف ٿيندي ته ويهي ڪري پڙهي. (غنية ص 267، 261) (5) جيڪڏهن لَٺ (يا گهوڙيُن) خادم يا ڀت تي ٽيڪ لڳائي بيهڻ ممڪن ٿي سگهي ته فرض آهي ته بيهي ڪري پڙهي . (غنية ص 261) (6) جيڪڏهن رُڳو ايترو بيهڻ ممڪن آهي جو بيٺي بيٺي تڪبيرِ تحريمه چئي وٺندو ته فرض آهي بيهي ڪري الله اڪبر چئي ۽ پوءِ بيهڻ ممڪن نه هجي ته ويهي رهي . (غنية ص 262)

**خبردار!** ڪي ماڻهو معمولي تڪليف (يا زخم) جي ڪري

فرض نمازون ويهي پڙهندا آهن اهي هن شَرعِي حُڪم تي غور ڪن، جيتريون نمازون بيهي سگهڻ جي طاقت هوندي ويهي ادا ڪيون آهن انهن ڪي ورائي پڙهڻ فرض آهي، ائين ئي هونئن ته بيهي نه پئي سگهيا پر لٺ، يت يا ماڻهو جي ٽيڪ تي بيهڻ ممڪن هو پر ويهي ڪري پڙهندا رهيا ته انهن جون به نمازون نه ٿيون انهن ڪي ورائي پڙهڻ فرض آهي. (ملخص از بهارِشريعت ج 1 ص 511) عورتن لاءِ به اهو ئي حڪم آهي اهي به بنا شَرعِي اجازت جي ويهي ڪري نماز نه ٿيون پڙهي سگهن. ڪجهه مسجدن ۾ ڪرسين جو انتظام به هوندو آهي ڪجهه ڪُراڙا وغيره ان تي ويهي ڪري فرض نماز پڙهندا آهن حالانڪ پنڌ ايندا آهن، نماز ڪان پوءِ بيني بيني ڳالهه ٻولهه به ڪري وننداآهن. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن بنا شرعي اجازت جي ويهي نمازون پڙهندا ته انهن جون نمازون نه ٿينديون . (8) بيهي ڪري پڙهڻ جي طاقت هجي ته تڏهن به ويهي نفل پڙهي سگهجن ٿا پر بيهي ڪري پڙهڻ افضل آهي جو حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن عَمّرو رضی اللہ تعالٰی عنہ ڪان روايت آهي ته رَحمتِ عالَم،نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رَسُولِ مُحتَشَم صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ويهي پڙهڻ واري جي نماز بيهي پڙهڻ واري جو اڌ (يعني اڌ ثواب) آهي (صحيح مسلم ص 370 حديث 735) پر عُذر جي ڪري ويهي پڙهي ته ثواب ۾ گهٽتائي نه ٿيندي . اڄڪلهه جيڪو عام رواج پئجي ويو آهي ته نفل ويهي پڙهندا آهن ۽ ظاهر ۾ ته ائين ٿو لڳي ته شايد ويهي پڙهڻ ڪي افضل

سمجهندا آهن ۽ جيڪڏهن ائين آهي تہ انهن جو خيال غلط آهي. وِتر ڪان پوءِ جيڪي بہ رڪعت نفل پڙهبا آهن انهن جو بہ اهو ئي حڪم آهي تہ بيهي ڪري پڙهڻ افضل آهي ۔
(بهارِ شريعت ج 1 ص 670)

**قِراءَت**: (1) قِرَاءَت اها آهي تہ سڀ اکر مَخارِج سان ادا ڪيا وڃن جو هر اکر ٻئي کان واضح طور تي نمايان ٿي وڃي . (عالمگيري ج 1 ص 69) (2) آهستي پڙهڻ ۾ بہ اهو ضروري آهي تہ پاڻ ٻُڌي وٺي. (ايضاً) (3) جيڪڏهن اکر تہ صحيح ادا ڪيا پر ايترا آهستي جو پاڻ نہ ٻُڌائين ۽ ڪا رُڪاوٽ مثال طور گوڙ ۽ شور نہ هجي ۽ ان کان علاوه وڏي آواز سان ٻُڌڻ جي بيماري بہ نہ هجي تہ نماز نہ ٿي. (عالمگيري ج 1 ص 69) (4) جيتوڻيڪ پاڻ ٻُڌڻ ضروري آهي پر اهو بہ احتياط ڪريو تہ سِرّي (يعني آهستي قِراءَت واري) نمازن ۾ قِراءَت جو آواز ٻين تائين نہ پهچي، اهڙيءَ طرح تسبيحن وغيره ۾ بہ خيال رکو (5) نماز کان علاوه بہ جتي ڪجھ چوڻ يا پڙهڻ مقرر ٿيل آهي ان مان بہ اها ئي مراد آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو آواز هجي جو پاڻ ٻُڌي سگهي مثال طور طلاق ڏيڻ، آزاد ڪرڻ يا جانور ذبح ڪرڻ جي لاءِ اللهﷻ جو نالو وٺڻ ۾ ايترو آواز ضروري آهي جو پاڻ ٻُڌي سگهي. (ايضاً) دُرُود شريف وغيره اَوراد پڙهندي بہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو آواز هئڻ گهرجي جو پاڻ ٻُڌي سگهي تڏهن ئي ان کي پڙهڻ چئبو. (6) مُطلقاً (يعني ڪابہ) هڪ آيت پڙهڻ فرض جي ٻن رڪعتن ۾ ۽

وِتر، سنّتن ۽ نفلن جي هر رڪعت ۾ امام ۽ مُنفَرِد (يعني اڪيلو نماز پڙهڻ واري) تي فرض آهي. (مراقي الفلاح ص 51) (7) مُقتَدي لاءِ نماز ۾ قِراءَت جائز ناهي نہ سورةُ الفاتحه نہ ڪا آيت. نہ سِرّي (يعني آهستي قِراءَت واري) نماز ۾ نہ جَهري (يعني بلند آواز سان قِراءَت واري) نماز ۾. امام جي قِراءَت مقتدي جي لاءِ بہ ڪافي آهي. (مراقي الفلاح ص 51) (8) فرض جي ڪنهن رڪعت ۾ قِراءَت نہ ڪئي يا رُڳو هڪ ۾ ڪئي تہ نماز فاسد ٿي وئي. (عالمگيري ج 1 ص 69) (9) فرضن ۾ آهستي آهستي قِراءَت ڪري ۽ تراويح ۾ وچٿري انداز ۾ ۽ رات جي نفلن ۾ جلدي پڙهڻ جي اجازت آهي پر ائين پڙهي جو سمجهہ ۾ اچي سگهي يعني گهٽ ۾ گهٽ مَد جو جيڪو درجو قارِين رکيو آهي ان کي ادا ڪري نہ تہ حرام آهي، ان ڪري جو تَرتِيل سان (يعني رڪجي رڪجي) قرآن پڙهڻ جو حڪم آهي. (درمختار ، ردالمحتار ج 2 ص 320) اڄڪلهہ جا گهڻا حافظ ائين پڙهندا آهن جو مَد جو ادا ٿيڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي يَعۡلَمُونَ تَعۡلَمُونَ کان سواءِ ڪنهن لفظ جي خبر ناهي پوندي، نہ ئي اکرن کي صحيح پڙهيو ويندو آهي، بلڪ جلدي ۾ لفظن جا لفظ کائي ويندا آهن ۽ ان تي فخر ڪيو ويندو آهي تہ فلاڻو ايترو جلدي پڙهندو آهي! حالانڪہ ائين قرآن شريف پڙهڻ حرام ۽ سخت حرام آهي . (بهارِ شريعت ج 1ص 547)

## اکرن جي صحيح ادائگي ضروري آهي

گهڻا ماڻهو ط، ت، س، ص، ث، ا، ء، ع، ه، ح ، ض، ذ، ظ،

۾ ڪو فرق ناهن ڪندا، ياد رکو! اکر بدلجي وڃڻ سان جيڪڏهن معنيٰ فاسد ٿي وئي ته نمازنه ٿيندي . (بهارِ شريعت حصو 3 ص 125) مثال طور جنهن سُبۡحٰنَ رَبِّیَ الۡعَظِيۡم ۾ **عظيم ڪي عَزِيۡم** (ظ بدران ز) پڙهي ڇڏيو ته نماز ٽُٽي وئي تنهنڪري، جنهن کان "عظيم" صحيح ادا نه ٿئي اهو سُبۡحٰنَ رَبِّیَ الۡڪَرِيۡم پڙهي .

(قانونِ شريعت حصو 1 ص 105 ردالمحتار ج 2 ص 242)

## خبردار! خبردار! خبردار!

**جنهن کان اکر صحيح ادا نه ٿا ٿين ان جي لاءِ ٿوري دير مَشق ڪرڻ ڪافي ناهي بلڪ لازمي آهي ته انهن ڪي سکڻ جي لاءِ رات ڏينهن پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن صحيح پڙهڻ واري جي پُٺيان نماز پڙهي سگهي ٿو ته فرض آهي ته ان جي پُٺيان پڙهي يا اهي آيتون پڙهي جنهن جا اکر صحيح ادا ڪري سگهندو هجي ۽ اهي ٻئي صورتون ٿي نه سگهن ته ڪوشش واري زماني ۾ ان جي پنهنجي نماز ٿي ويندي. اڄڪلهه ڪيترائي ماڻهو ان بيماري ۾ مبتلا آهن جو نه انهن کي قرآن صحيح پڙهڻ ايندو آهي نه سکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ياد رکو! ائين نمازون برباد ٿينديون آهن** (ملخص از بهارِ شريعت ج 1 ص 570) جنهن رات ڏينهن ڪوشش ڪئي پر سکڻ ۾ ناڪام رهيو، جيئن ڪجهه ماڻهن کان صحيح اکر ادا ٿيندا ئي ناهن ان جي لاءِ لازمي آهي ته رات ڏينهن سکڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ڪوشش جي زماني ۾ هو **مَعذُور** آهي ان جي پنهنجي نماز ته ٿي ويندي

پر صحيح پڙهڻ وارن جي اِمامت نہ ٿو ڪرائي سگهي. ها جيڪي اڪر ان جا پنهنجا غلط آهن اهي ئي ٻين جا بہ غلط هجن تہ ڪوشش جي زماني ۾ اهڙن جي امامت ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪوشش بہ نہ ٿو ڪري تہ پاڻ ان جي پنهنجي نماز ئي نہ ٿي ٿئي تہ ٻين جي هن جي پُنيان ڪيئن ٿيندي!

(ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 6 ص 254)

## مدرسۃ المدينہ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان قِرَاءَت جي اَهمِيّت جو بخوبي اندازو لڳايو هوندو. واقعي اهو مسلمان وڏو بدنصيب آهي جيڪو صحيح قرآن مجيد پڙهڻ نہ ٿو سڪي. **الحمدللہ** عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”**دعوتِ اسلامي**“ جا بيشمار مدرسا ”**مدرسةُالمدينه**“ جي نالي سان قائم آهن، انهن ۾ مَدَني مُنّن ۽ مدني مُنّين کي قرآن مجيد حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي ۽ پڻ بالغن کي عام طور تي عشاءَ جي نماز کان پوءِ حرفن جي صحيح ادائگي سان گڏوگڏ سنّتن جي تربيت ڏني ويندي آهي. ڪاش! قرآن جي تعليم جي هر گهر ۾ ڌوم مچي وڃي. ڪاش! هر اهو اسلامي ڀاءُ جيڪو صحيح قرآن پاڪ پڙهڻ ڄاڻي ٿو اهو ٻئي اسلامي ڀاءُ کي سيکارڻ شروع ڪري ڇڏي. اسلامي ڀينرون بہ ائين ئي ڪن يعني جيڪي صحيح پڙهڻ ڄاڻين ٿيون اهي ٻين اسلامي ڀينرن کي پڙهائن ۽ نہ ڄاڻڻ واريون انهن کان سکن، ان شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ پوءِ

تہ هر طرف قرآن جي تعليم جي بهار اچي ويندي ۽ سکڻ سيکارڻ وارن لاءِ ان شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب جا انبار لڳي ويندا.

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآن عام ہوجائے

تلاوت شوق سے کرنا ہمارا کام ہوجائے

﴿4﴾ **رُڪوع**:ايترو جُھڪڻ جو هٿ وڌائي تہ گوڏن تائين پهچي وڃن، اهو رُڪوع جو ادنيٰ درجو آهي ۽ پورو هي تہ پُٺي سڌي وڃائجي. (درمختار ج 2 ص 165 بهار شريعت ج 1 ص 513) سلطانِ مڪہءِمُڪرمہ، تاجدارِ مدينہءِ مُنوره صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ بانهي جي ان نماز ڏانهن نظر نہ ٿو فرمائي جنهن ۾ رڪوع ۽ سجدن جي وچ ۾ پُٺي سڌي نہ ڪري.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 3 ص 617 حديث 10803)

﴿5﴾ **سجدا** : (1) سلطانِ مڪہءِ مڪرمہ، تاجدارِ مدينہءِ منوره صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جو فرمانِ عَظمت نشان آهي تہ مونکي حڪم ٿيو تہ ستن هڏين تي سجدو ڪريان، پيشاني، ٻئي هٿ ٻئي گوڏا ۽ ٻئي پير ۽ اهو حڪم ٿيو تہ ڪپڙا ۽ وار نہ سميٽيان.(صحيح مسلم ص 253 حديث 490) (2) هر رَڪعت ۾ ٻہ ڀيرا سجدو فرض آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 513) (3) سجدي ۾ پيشاني ڄمائڻ ضروري آهي. ڄمائڻ جي معنيٰ اها آهي تہ زمين جي سختي محسوس ٿئي جيڪڏهن ڪنهن ائين سجدو ڪيو جو پيشاني نہ ڄمايائين تہ سجدو نہ ٿيو. (ايضاً) (4) ڪنهن نرم شيءِ مثال طور گاهہ (جيئن باغ جي ساوڪ) ڪپهہ يا قالين (Carpet) وغيره تي سجدو ڪيو تہ جيڪڏهن

پيشاني ڄمائي يعني ايترو دٻائي وڃي جو پوءِ دٻائڻ سان نہ دٻجي تہ سجدو ٿي ويندو نہ تہ نہ . (عالمگيري ج 1 ص 70) (5) اڄڪلهہ مسجدن ۾ **ڪارپيٽ** (**Carpet**) وڇائڻ جو رواج پئجي ويو آهي (بلڪ ڪجهہ هنڌن تي تہ ڪارپيٽ جي هيٺان وري فوم بہ وڇائيندا آهن) ڪارپيٽ تي سجدو ڪرڻ وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻو آهي تہ پيشاني چڱي طرح ڄمائي وڃي نہ تہ نماز نہ ٿيندي ۽ نڪ جي هڏي زور سان نہ لڳي تہ نماز مڪروهِ تحريمي واجِبُ الاِعَاده (يعني ورائي پڙهڻ واجب) آهي. (ملخص از بهارِ شريعت ج 1 ص 514) (6) اسپرنگ واري گدي تي پيشاني خوب ڄمائي ناهي سگهبي تنهنڪري نماز نہ ٿيندي . (ملخص از بهارِ شريعت ج 1 ص 514)

## ڪارپيٽ جا نقصان

**ڪارپيٽ** سان هڪ تہ سجدي ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي ٻيو اهو تہ صحيح معنيٰ ۾ ان جي صفائي بہ ناهي ٿي سگهندي تنهن ڪري دَزَ وغيره جمع ٿيندي رهندي آهي ۽ جراثيمن جي پرورش ٿيندي رهندي آهي، سجدي ۾ ساهہ جي ذريعي جراثيم، دَزَ وغيره اندر داخل ٿي ويندا آهن، ڪارپيٽ تي نماز پڙهڻ سان مٽيءَ جا سنهڙا ذرا ڦڦڙن ۾ وڃي چنبڙي وڃڻ جي صورت ۾ **معاذالله** **ڪينسر** جو خطرو پيدا ٿي ويندو آهي. اڪثر ڪري ٻارڙا ڪارپيٽ تي الٽي يا پيشاب وغيره ڪري وجهندا آهن، ٻليون گندگي ڪنديون آهن ڪوئا ۽ ڪرڙيون بہ نجاست خارج ڪندا آهن، ڪارپيٽ ناپاڪ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ عام طور تي پاڪ

ڪرڻ جي تڪليف بہ ناهي ڪئي ويندي، ڪاش! ڪارپيٽ وڇائڻ جو رواج ئي ختم ٿي وڃي.

## ناپاڪ ڪارپيٽ پاڪ ڪرڻ جو طريقو

**ڪارپيٽ** جو ناپاڪ حصو هڪ ڀيرو ڌوئي لڙڪائي ڇڏيو ايتري تائين جو پاڻي ٽِمڻ بند ٿي وڃي پوءِ ٻيهر ڌوئي لڙڪايو ايتري تائين جو ٽِمڻ بند ٿي وڃي وري ٽئين ڀيري اهڙيءَ طرح ڌوئي لڙڪايو جڏهن ٽمڻ بند ٿي ويندو تہ پاڪ ٿي ويندو. تڏوءِ جوتو ۽ نڪر جو اهو ٿانءُ جنهن ۾ پاڻي جذب ٿي ويندو هجي ائين ئي پاڪ ڪريو. جيڪڏهن ناپاڪ ڪارپيٽ يا ڪپڙا وغيره وهندڙ پاڻي ۾ (مثال طور درياءَ يا نهر ۾ يا ٽونٽي هينان) ايتري دير تائين رکي ڇڏيو جو پڪ ٿئي تہ پاڻي ناپاڪي کي وهائي ويو تڏهن بہ پاڪ ٿي ويندو، ڪارپيٽ تي ٻار پيشاب ڪري ڇڏي تہ ان جڳهہ تي پاڻي جا ڇنڊا هڻڻ سان اهو پاڪ ناهي ٿيندو. ياد رهي! تہ هڪ ڏينهن جي ٻار يا ٻارڙيءَ جو پيشاب بہ ناپاڪ هوندو آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب بهارِ شريعت جلد اول ص 396 تا 405 جو مطالعو فرمايو)

**﴿6﴾ قعدهءِ اَخِيره:** يعني نماز جون رڪعتون پوريون ڪرڻ ڪانپوءِ ايتري دير تائين ويهڻ جو پوري تَشَهُّد (يعني پوري اَلتَّحِيّات) رسوله' تائين پڙهي سگهجي فرض آهي. (عالمگيري ج 1 ص 70) ڪنهن چئن رڪعتن واري فرض ۾ چوٿين رڪعت ڪان پوءِ قعدو نہ ڪيو تہ جيستائين پنجين جو سجدو نہ ڪيو هجي تہ

ويهي رهي ۽ جيڪڏهن پنجين جو سجدو ڪري ورتو يا فجر جي نماز ۾ ٻئي تي نہ وينو ۽ ٽئين جو سجدو ڪري ورتو يا مغرب ۾ ٽئين تي نہ وينو ۽ چوٿين جو سجدو ڪري ورتو انهن سيني صورتن ۾ فرض ختم ٿي ويا، مغرب ڪان علاوه ٻين نمازن ۾ هڪ رڪعت وڌيڪ ملائي وٺي ـ (غنية ص 290)

**﴿7﴾ خُروجِ بِصُنعِہٖ:** يعني **قعدهءِ اَخِيره** ڪانپوءِ سلام يا ڳالهہ ٻولهہ وغيره ڪو اهڙو ڪم ڄاڻي واڻي ڪرڻ جيڪو نماز ڪان الڳ ڪري ڇڏي. پر سلام ڪان علاوه ڪو ٻيو ڪم ڄاڻي واڻي ڪيو ويو تہ نماز واجِبُ الْاِعاده ٿيندي ۽ جيڪڏهن بنا ارادي ڪو اهڙو ڪم ڪيو ويو تہ نماز باطل ٿي ويندي۔ (بهارِ شريعت ج 1 ص 516)

## ”قيامت ۾ سڀ کان اڳ ۾ نماز جو پڇاڻو ٿيندو“ جي ٿيهہ اکرن جي نسبت سان نماز جا تقريبا 30 واجب

(1) تڪبيرِ تَحرِيمہ ۾ لفظ ”الله اڪبر“ چوڻ (2) فرض جي ٽين ۽ چوٿين رڪعت ڪان علاوه باقي سيني نمازن جي هر رڪعت ۾ **الحمد** شريف پڙهڻ، سورت ملائڻ يا قرآن پاڪ جي هڪ وڏي آيت جيڪا ننڍين ٽن آيتن جي برابر هجي يا ٽي ننڍيون آيتون پڙهڻ (3) الحمد شريف جو سورت ڪان اڳ ۾ پڙهڻ (4) الحمد شريف ۽ سورت جي وچ ۾ ”آمين“ ۽ ”بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ ڪان علاوه ڪجهہ ٻيو نہ پڙهڻ (5) قِراءَت ڪان پوءِ جلد رڪوع ڪرڻ (6) هڪ سجدي ڪانپوءِ ٻيو سجدو ڪرڻ (7) تَعۡدِيلِ ارڪان يعني

رُڪوع، سجدن، قومہ ۽ جلسہ ۾ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ڀيرو ”سبحٰن الله“ چوڻ جيترو بيھڻ (8) قومہ يعني رڪوع مان سڌو اٿي بيھڻ (ڪجھ ماڻھو ڇيلھ سڌي ناھن ڪندا اھڙي طرح انھن جو واجب رھجي ويندو آھي) (9) جَلسَہ يعني ٻن سجدن جي وچ ۾ سڌو ٿي ويھڻ (ڪجھ ماڻھو جلد بازيءَ جي ڪري سڌو ٿي ويھڻ کان اڳ ۾ ئي ٻئي سجدي ۾ هليا ويندا آھن، ائين انھن جو واجب ترڪ ٿي ويندو آھي، ڪيتري بہ جلدي ھجي سڌو ٿي ويھڻ لازمي آھي، نہ تہ نماز مڪروھِ تحريمي واجب الاعاده ٿيندي) (10) قعدهءِ اُولیٰ (يعني پھريون قعدو) واجب آھي، جيتوڻيڪ نفل جي نماز ھجي (دراصل ٻن نفلن جو ھر قعدو ”قعدهءِ اخيره“ آھي ۽ فرض آھي، جيڪڏھن قعدو نہ ڪيو ۽ ڀل ۾ اٿي بيٺو تہ جيستائين ان رڪعت جو سجدو نہ ڪري موٽي اچي ۽ سجدهءِ سَھو ڪري) (بهارِ شريعت ج 1 ص 580) جيڪڏھن نفل جي ٽين رڪعت جو سجدو ڪري ورتو تہ چار پوريون ڪري سجدهءِ سھو ڪري. سجدهءِ سَھوَ ان لاءِ واجب ٿيو تہ جيتوڻيڪ نفل ۾ ھر ٻن رڪعتن ڪان پوءِ قعدو فرض آھي پر ٽين يا پنجين (وعليٰ ھٰذ القياس) رڪعت جو سجدو ڪرڻ ڪان پوءِ قعدهءِ اُوليٰ فرض بدران واجب ٿي ويو. (ملخصًا حاشيہ طحطاوي علي المراقي الفلاح ص 466) (11) فرض، وِتر ۽ سنّتِ مُؤَڪَّدَه ۾ تَشَهُّد (يعني اَلتَّحِيّات)ڪان پوءِ ڪجھ نہ وڌائڻ (12) ٻنھي قعدن ۾ ”تَشَھُّد“ مڪمل پڙھڻ جيڪڏھن ھڪ لفظ بہ رھجي ويو تہ واجب ترڪ ٿي ويندو ۽ سجدهءِ سَھو واجب ٿيندو (13) فرض، وِتر ۽ سنّتِ مُؤَڪَّده جي قعدهءِ اُولي ۾ تَشَھُّد ڪان پوءِ جيڪڏھن بي خيالي ۾ ”اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد يا اللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنا“ پڙھيو تہ سجدهءِ

سَهُو واجب ٿي ويو ۽ جيڪڏهن قصداً پڙهيائين ته نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي. (درمختار ج 2 ص 269) (14) ٻنهي پاسي سلام ڦيرڻ وقت لفظ "اَلسَّلامُ" ٻئي ڀيرا واجب آهي لفظ "عَلَيكُم" واجب ناهي بلڪ سنّت آهي (15) وِتُر ۾ دعاءِ قنُوت لاءِ تڪبير چوڻ (16) وِتُر ۾ دعاءِ قنُوت پڙهڻ (17) عيدن جون ڇهه تڪبيرون (18) عيدن ۾ ٻي رڪعت جي رڪوع لاءِ تڪبير ۽ ان تڪبير لاءِ لفظ "اللّٰه اڪبر" هئڻ (19) "جَهَري نماز" مثال طور مغرب ۽ عشاءَ جي پهرين ۽ ٻي رڪعت ۽ فجر، جمعي، عيدن، تراويح ۽ رمضان شريف جي وِتُر جي هر رڪعت ۾ امام کي جَهَر (يعني ايترو آواز جو گهٽ ۾ گهٽ ٽي ماڻهو ٻُڌي سگهن) سان قِراءَت ڪرڻ (20) غير جَهَري نماز (مثال طور ظهر ۽ عصر) ۾ آهستي قِراءَت ڪرڻ (21) هر فرض ۽ واجب جو ان جي جاءِ تي هجڻ (22) رڪوع هر رڪعت ۾ هڪ ڀيرو ئي ڪرڻ (23) سجدو هر رڪعت ۾ ٻه ڀيرا ئي ڪرڻ (24) ٻي رڪعت کان اڳ ۾ قعدو نه ڪرڻ (25) چئن رڪعتن واري نماز ۾ ٽين رڪعت تي قعدو نه ڪرڻ (26) سجدي واري آيت پڙهي وئي هجي ته سجدهءِ تلاوت ڪرڻ (27) سجدهءِ سَهُوَ واجب ٿيو هجي ته سجدهءِ سَهُوَ ڪرڻ (28) ٻن فرضن يا ٻن واجبن جي وچ ۾ ٽن تسبيحن جيترو (يعني ٽي ڀيرا سُبحٰن الله چوڻ جيترو) وقفو نه هئڻ (29) امام جڏهن قِراءَت ڪري چاهي وڏي آواز سان يا آهستي آواز سان مقتدي جو خاموش رهڻ (30) قِراءَت کان سواءِ سيني واجبن ۾ امام جي پيروي

ڪرڻ . (بهارِ شريعت ج 1 ص 517، 519 درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 230،184)

# نماز جون تقريبا 96 سنتون

## تڪبيرِ تحريمہ جون سنتون

(1) تڪبيرِ تَحرِيمه جي لاءِ هٿ کڻڻ (2) هٿن جون آڱريون پنهنجي حال تي نارمل (Normal) ڇڏڻ يعني بلڪل نہ ملايو نہ انهن ۾ سختي پيدا ڪريو (3) هٿن جي تِرين ۽ آڱرين جو پيٽ قبلي ڏانهن هجڻ (4) تڪبير جي وقت مٿو نہ جهڪائڻ (5) تڪبير شروع ڪرڻ کان پهريان ئي ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻڻ (6) دعاءِ قُنُوت جي تڪبير (7) عيدن جي تڪبيرن ۾ بہ اهي ئي سنّتون آهن. (8) امام جو وڏي آواز سان الله اڪبر (9) سَمِعَ اللهُ لِمَنْ حَمِدَه ۽ (10) سلام چوڻ (حد کان وڌيڪ وڏو آواز ڪرڻ مڪروه آهي) (رد المحتار ج 2 ص 208) (11) تڪبير کان پوءِ جلد هٿ ٻَڌڻ سنّت آهي (ڪجھ ماڻهو تڪبير اُوليٰ کان پوءِ هٿ ڇڏي ڏيندا آهن يا ٺونٺيون پوئتي ڪرڻ کان پوءِ هٿ ٻڌندا آهن انهن جو اهو ڪم سنّت کان هٽيل آهي) (بهارِ شريعت ج 1 ص 520، 522)

## قِيام جون سنتون

(12) مرد ڏُن جي هيٺان ساڄي هٿ جي تري کابي هٿ جي ڪرائي جي سنڌ تي، چيچ ۽ آڱوٺو ڪرائي جي چوڌاري ۽ بيون آڱريون هٿ جي ڪرائيءَ تي رکي. (13) پهريان ثنا (14) پوءِ تَعَوُّذ يعني اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهڻ (15) پوءِ تَسمِيه يعني بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ (16) انهن ٽنهي کي هڪ ٻئي کان پوءِ جلد چوڻ (17) انهن

سيني ڪي آهستي پڙهڻ. (18) آمين چوڻ (19) ان کي بہ آهستي چوڻ (20) تڪبيرِ اُوليٰ ڪان پوءِ جلد ثناء پڙهڻ (نماز ۾ **تَعَوُّذ ۽ تَسمِيَه** قِراءَت جي تابع آهن ۽ مقتدي تي قِراءَت ناهي تنهنڪري **تَعَوُّذ ۽ تَسمِيَه** بہ مقتدي لاءِ سنّت ناهي. ها جنهن مُقتَدي جي ڪا رڪعت رهجي وئي هجي اهو پنهنجي رهيل رڪعت ادا ڪرڻ وقت انهن ٻنهي کي پڙهي) (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 234) (21) **تَعَوُّذ** رُڳو پهرين رڪعت ۾ آهي ۽ (22) **تَسمِيَه** هر رڪعت جي شروع ۾ سنّت آهي ـ (بهارِ شريعت ج 1 ص 523،522)

## رڪوع جون سنتون

(23) رُڪوع جي لاءِ الله اڪبر چوڻ (24) رڪوع ۾ ٽي ڀيرا سُبحٰنَ ربِّیَ العَظِیم چوڻ (25) مرد جو گوڏن کي هٿن سان پڪڙڻ (26) آڱريون بلڪل کليل رکڻ (27) رڪوع ۾ ٽنگون سڌيون رکڻ (ڪجھ ماڻهو ڪمان وانگر ٽيڏيون ڪري ڇڏيندا آهن اهو مڪروهہ آهي) (بهارِ شريعت ج 1 ص 525) (28) رڪوع ۾ پُٺي اهڙي طرح وڇايل هجي جو جيڪڏهن پاڻي جو پيالو پُٺيءَ تي رکيو وڃي تہ ڇلڪي نہ. (فتح القدير ج 1 ص 259) (29) رڪوع ۾ مٿو هيٺ مٿي نہ هجي بلڪ پُٺيءَ سان برابر هجي. (هداية ج ا ص 50) سرڪارِ مدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم فرمائن ٿا : ”ان جي نماز ناڪافي آهي (يعني ڪامل ناهي) جيڪو رُڪوع ۽ سجدن ۾ پُٺي سڌي نٿو ڪري.“ (ابو داؤد ج 1 ص 325 حديث 855)سرڪارِمدينه صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم فرمائن ٿا: ”رڪوع ۽ سجدن کي پورو ڪريو جو خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آءُ توهان کي پنهنجي پٺيان

ڪان بہ ڏسان ٿو.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 263 حديث 742) (30) بهتر اهو آهي تہ الله اڪبر چوندي رڪوع ۾ وڃي يعني جڏهن رڪوع جي لاءِ جهڪڻ شروع ڪري ۽ رڪوع ختم ٿيڻ تي تڪبير ختم ڪري (عالمگيري ج 1 ص 74) ان مفاصلي ڪي پورو ڪرڻ لاءِ لفظ ” الله “ جي لام کي وڌائي اڪبر جي ب وغيره ڪنهن اکر کي نہ وڌائي (بهارِ شريعت ج 1 ص 525) جيڪڏهن آلله يا آڪبر يا اڪبار چيائين تہ نماز فاسد ٿي ويندي . (درمختار، ردالمحتار ج 1 ص 218)

## قَومہ جون سنتون

(31) رُڪوع کان جڏهن اٿو تہ هٿ ڇڏي ڏيو (عالمگيري ج 1 ص 73) (32) رُڪوع کان اٿڻ مهل امام جي لاءِ سَمِعَ اللهُ لِمَن حَمِدَہ چوڻ (33) مقتدي جي لاءِ اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْد چوڻ (34) مُنْفَرِد (يعني اڪيلو نماز پڙهڻ واري) جي لاءِ ٻئي چوڻ سنّت آهي رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْد چوڻ سان بہ سنّت ادا ٿي ويندي پر ”رَبَّنَا“ کانپوءِ ”وَ“ هجڻ بهتر آهي ”اَللّٰهُمَّ“ هجڻ ان کان بهتر ۽ ٻئي هجڻ اڃا وڌيڪ بهتر آهي، يعني اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْد چئو. (درمختار ج 2 ص 246) (35) مُنْفَرِد (اڪيلو نماز پڙهڻ وارو) سَمِعَ اللهُ لِمَن حَمِدَہ چوندي رڪوع کان اٿي جڏهن سڌو بيهي تہ پوءِ اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْد چوي . (درمختار ج 2 ص 247)

## سجدي جون سنتون

(36) سجدي ۾ وڃڻ جي لاءِ ۽ (37) سجدي مان اٿڻ لاءِ الله اڪبر چوڻ . (38) سجدي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى

چوڻ (ايضاً) (39) سجدي ۾ ٽريون زمين تي رکڻ (40) هٿن جون آڱريون ملائي قِبلي رخ رکڻ (41) سجدي ۾ وچو تہ زمين تي پهريان گوڏا پوءِ (42) هٿ پوءِ (43) نڪ، پوءِ (44) پيشاني رکڻ (45) جڏهن سجدي مان اٿو تہ ان جي اُبتڙ ڪريو يعني (46) پهريان پيشاني، پوءِ (47) نڪ، پوءِ (48) هٿ، پوءِ (49) گوڏا کڻڻ (50) مرد جي لاءِ سجدي ۾ سنّت اها آهي تہ ٻانهون پاسن کان ۽ (51) رانون پيٽ کان جدا هجن (52) ڪرايون زمين تي وڇايل نہ هجن ها جڏهن صف ۾ هجو تہ ٻانهون پاسن کان جدا نہ رکو (53) **سجدي** ۾ ٻنهي پيرن جي ڏهن ئي آڱرين جو پيٽ اهڙي طرح زمين تي لڳايو جو ڏهہ ئي آڱريون قِبلي رُخ رهن .

(بهارشريعت ج 1 ص 528، 530)

## جَلسَہ جون سنتون

(54) ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهڻ کي **جلسه** چئبو آهي. (55) جلسہ ۾ ساڄو پير بيهاري کاٻو پير وڇائي ان تي ويهڻ (56) ساڄي پير جون آڱريون قبلي رخ ڪرڻ (57) ٻئي هٿ رانن تي رکڻ . (بهارشريعت ج 1 ص 530)

## ٻي رڪعت لاءِ اُٿڻ جون سنتون

(58) جڏهن ٻئي سجدا ڪري چڪو تہ ٻي رڪعت جي لاءِ پيرن پر (59) گوڏن تي هٿ رکي ڪري اٿڻ سنّت آهي. ها ڪمزوري يا پير ۾ تڪليف وغيره جي ڪري زمين تي هٿ رکي ڪري بيهڻ ۾ حرج ناهي . (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 262)

## قَعدي جون سنتون

(60) مرد جو ٻي رڪعت جي سجدن کان فارغ ٿي ڪري کاٻو پير وڇائي (61) ويهڻ واري جڳهه ان تي رکي ويهڻ ۽ (62) ساڄو پير بيهاري ڇڏڻ (63) ساڄي پير جون آڱريون قِبلي رخ ڪرڻ. (64) ساڄو هٿ ساڄي ران تي ۽ (65) کاٻو هٿ کاٻي ران تي رکڻ (66) آڱريون پنهنجي حالت تي يعني (normal) ڇڏڻ نہ گهٽيون ڪليل هجن نہ بلڪل مليل (67) آڱرين جون چوٽيون گوڏن وٽ هجڻ، گوڏا پڪڙڻ نہ گهرجن. (68) اَلتَّحِيّات ۾ شَهادت تي اشارو ڪرڻ، ان جو طريقو اهو آهي تہ ڇيچ ۽ ان جي پر واري آڱر کي بند ڪري ڇڏيو، آڱوٺي ۽ وچين آڱر جي گولائي ناهيو ۽(" لا " تي شهادت واري آڱر کڻو ان کي هيٺ هوڏي نہ لوڏيو ۽ "الا " تي رکي ڇڏيو ۽ سڀ آڱريون سڌيون ڪري ڇڏيو. (بهارشريعت ج 1 ص 530) (69) ٻئي قعدي ۾ بہ اهڙي طرح ويهو جهڙي طرح پهرئين ۾ وينا هيؤ ۽ تَشَهُّد بہ پڙهو (درمختار ج 2 ص 272) (70) تَشَهُّد کانپوءِ دُرُود شريف پڙهو. دُرودِ ابراهيم پڙهڻ افضل آهي (بهارِ شريعت ج 1 ص 530 ) (71) نفلن ۽ سنّت غير مُؤَڪَّده جي قعده اُوليٰ ۾ بہ تَشَهُّد کان پوءِ دُرُود شريف پڙهڻ سنّت آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 281) (72) درود شريف کان پوءِ دعا پڙهڻ . (بهارِ شريعت ج 1 ص 534)

## سلام ڦيرڻ جون سنتون

(73) هنن لفظن سان بہ ٻيرا سلام چوڻ اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحمَةُ اللهِ (74) پهريان ساڄي پاسي، پوءِ (75) کاٻي پاسي منهن ڦيرڻ (بهارِ شريعت ج

1 ص 535) (76) امام جي لاءِ ٻئي سلام وڏي آواز سان چوڻ سنت آهي پر ٻيو سلام پهرئين سلام جي ڀيٽ ۾ گهٽ آواز ۾ چوي (درمختار ج 2 ص 294) (77) پهرين دفعي واري سلام ۾ "سلام" چوندي ئي امام نماز کان ٻاهر ٿي ويو جيتوڻيڪ عليڪم نه چيو هيائين، ان وقت جيڪڏهن ڪو جماعت ۾ شريڪ ٿيو ته پوءِ اقتداء صحيح نه ٿي ها جيڪڏهن سلام کانپوءِ امام سجدهٔ سَهُو ڪيو بشرطيڪ ان تي سجدهٔ سَهُو هجي ته اقتداء صحيح ٿي وئي. (ردالمحتار ج 2 ص 292) (78) امام ساڄي پاسي واري سلام سان انهن مُقتَدين جي نيّت ڪري جيڪي ساڄي پاسي هجن ۽ کاٻي سلام سان کاٻي پاسي وارن جي، پر عورت جي نيّت نه ڪري جيتوڻيڪ جماعت ۾ شريڪ هجي ۽ ٻنهي سلامن ۾ ڪِراماً ڪاتبين ۽ انهن ملائڪن جي نيّت ڪري جن کي الله عَزَّوَجَلَّ حفاظت جي لاءِ مقرر ڪيو ۽ نيّت ۾ ڪو عدد مقرر نه ڪري. (درمختار ج 2 ص 294) (79) مُقتَدي به هر پاسي واري سلام ۾ ان پاسي وارن مقتدين ۽ انهن ملائڪن جي نيّت ڪري ۽ گڏوگڏ جنهن پاسي امام هجي ان پاسي واري سلام ۾ امام جي به نيّت ڪري ۽ جيڪڏهن امام ان جي بلڪل سامهون واري سِڌ ۾ هجي ته ٻنهي پاسن واري سلام ۾ امام جي به نيّت ڪري ۽ مُنفَرِد (يعني اڪيلو) رُڳو انهن فِرشتن جي ئي نيّت ڪري. (درمختار ج 2 ص 299) (80) مُقتَدي جا سڀ رُڪن (يعني رڪوع سجدا وغيره) امام سان گڏ هئڻ . (بهارِ شريعت ج 1 ص 535)

## سلام ڦيرڻ کان پوءِ واريون سنتون

(81) سلام ڪان پوءِ امام جي لاءِ سنّت اها آهي ته ساڄي پاسي يا کابي پاسي رخ ڪري، ساڄي پاسي منهن ڪرڻ افضل آهي ۽ مقتدين ڏانهن رخ ڪري به ويهي سگهي ٿو جڏهن ته آخري صف تائين به ڪو ان جي سامهون(يعني ان جي ڇهري جي سامهون) نماز نه پڙهندو هجي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 537) (82) مُنفَرِد بنا رخ بدلائڻ جي جيڪڏهن اتي ئي دعا گهري ته جائز آهي . (عالمگيري ج 1 ص 77)

## سنتِ بعديہ جون سنتون

(83) جن فرضن کان پوءِ سنّتون آهن انهن ۾ فرض کان پوءِ ڳالهائڻ نه گهرجي جيتوڻيڪ سنّتون ته ٿي وينديون پر ثواب گهٽ ملندو ۽ سنّتن ۾ دير ڪرڻ مڪروه آهي اهڙيءَ طرح وڏن وڏن وِردن ۽ وظيفن جي به اجازت ناهي. (غنية ص 343، ردالمحتار ج 2 ص 300) (84) (فرضن کانپوءِ) سنّت کان اڳ ۾ مختصر دعا تي قِناعت ڪرڻ گهرجي نه ته سنّتن جو ثواب گهٽ ٿي ويندو. (بهارِ شريعت ج 1 ص 539) (85) سنّت ۽ فرضن جي وچ ۾ ڳالهائڻ جي باري ۾ اَصَحّ (زياده صحيح) اهو ئي آهي ته سنّت ختم ناهي ٿيندي پر ثواب گهٽجي ويندو آهي اهو حڪم هر ان ڪم لاءِ آهي جيڪو تحريمه جي خلاف[1] آهي (تنوير الابصار ج 2 ص 558) (86) سنّتون اتي ئي نه پڙهو بلڪ ساڄي کابي، اڳتي پوئتي هٽي ڪري يا گهر ۾ ادا ڪريو.(عالمگيري ج 1 ص 77 درمختار ج 2 ص 302) (سنّتون پڙهڻ جي لاءِ گهر

---

(1) جيئن کائڻ، پيئڻ، ونڻ يا وڪڻڻ (حاشيہ طحطاوي علي الدرالمختار ج1 ص 286)

وچڻ جي ڪري جيڪو فاصلو ٿيو ان ۾ حرج ناهي جڳهه بدلائڻ يا گهر وڃڻ لاءِ نمازي جي اڳيان گذرڻ يا ان ڏانهن پنهنجو منهن ڪرڻ گناهه آهي، جيڪڏهن نڪرڻ جي جڳهه نه ملي ته اتي ئي سنّتون پڙهي وٺو)

## سنتن جو هڪ اهم مسئلو

جيڪي اسلامي ڀائر اڳيون سنّتون يا آخري سنّتون پڙهي گهمڻ ڦرڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ لڳي ويندا آهن اهي سرڪارِ اعلىٰ حضرت رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي هن مُبارڪ فتوىٰ مان درس حاصل ڪن، جيئن ته هڪ سوال جي جواب ۾ پاڻ ارشاد فرمائن ٿا: "فرضن کان اڳ وارين سنّتن ۾ اَولىٰ (سڀ کان بهتر) پهريون وقت آهي، پر شرط اهو آهي ته فرض ۽ سنّتن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه يا ڪو اهڙو ڪم نه ڪيو وڃي جيڪو نماز جي خلاف هجي ۽ آخري سنّتن ۾ مُسۡتَحَب اهو آهي ته فرضن سان ملائي پڙهڻ، پر گهر اچي ڪري پڙهي ته ان ۾ حرج ناهي، پر ٻيا غير متعلق ڪم وچ ۾ نه هجن، (جو ته) اهي پهرين ۽ پويَن سنّتن ٻنهي جي ثواب کي ختم ۽ انهن کي مَسنُون (يعني سنّت جي) طريقي کان خارج ڪري ڇڏن ٿا." (فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 5 ص 139 رضا فاؤنڊيشن لاهور)

## بيان ڪيل 86 سنتن جي ضمن ۾ اسلامي ڀينرن لاءِ ٻه سنتون آهن انهن لاءِ "عائشه صديقه" جي ڏهه اکرن جي نسبت سان 10 سنتون

(1)اسلامي ڀيڻ جي لاءِ تڪبيرِ تَحۡرِيمه ۽ دعاءِ قُنُوت جي تڪبير ۾ سنّت اها آهي ته ڪلهن تائين هٿ کڻي. (درمختار،ردالمحتار ج 2 ص 222)

(2) قِيام ۾ عورت ۽ خُنثيٰ (يعني کدڙو) کابي هٿ جي تري سيني تي ڇاتي جي هيٺان رکي ڪري ان جي پُٺ تي ساڄي تري رکن (غنية ص 300) (3) اسلامي ڀيڻ جي لاءِ رُڪوع ۾ گوڏن تي هٿ رکڻ ۽ آڱريون ڪشاديون نہ ڪرڻ سنّت آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 525) (4) رڪوع ۾ ٿورو جهڪي يعني صرف ايترو جو هٿ گوڏن تائين پهچي وڃن پُٺي سڌي نہ ڪري ۽ گوڏن تي زور نہ ڏئي فقط هٿ رکي ۽ هٿن جون آڱريون مليل رکي ۽ پير جُهڪيل رکي مردن وانگر بلڪل سڌا نہ ڪري. (عالمگيري ج 1 ص 74) (5) سميٽجي سجدو ڪري يعني ٻانهون پاسن سان (6) پيٽ رانن سان (7) رانون پِنين سان ۽ (8) پِنيون زمين سان ملائي (بهار شريعت ج 1 ص 529) (9) ٻي رڪعت جي سجدن مان فارغ ٿي ڪري ٻئي پير ساڄي پاسي ڪڍي ڇڏي ۽ (10) ويهڻ واري جاءِ جي کابي پاسي تي ويهي. (بهار شريعت ج 1 ص 530)

## ”صدقي يارسول اللهﷺ“جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان نماز جا تقريباً 14 مُستَحَب

(1) نيّت جا لفظ زبان سان چوڻ. (درمختار ج 2 ص 113) جڏهن تہ دل ۾ نيّت حاضر هجي نہ تہ نماز ٿيندي ئي نہ (2) قِيام ۾ ٻنهي پيرن جي وچ ۾ چئن آڱرين جو فاصلو هئڻ (عالمگيري ج1 ص 73) (3) قِيام جي حالت ۾ سجدي جي جڳهہ (4) رُڪوع ۾ ٻنهي پيرن جي پُٺ تي (5) سجدي ۾ نڪ واري پاسي (6) قعدي ۾ جهوليءَ ڏانهن (7) پهرئين سلام ۾ ساڄي ڪلهي واري پاسي ۽ (8) ٻئي سلام

۾ ڪابي ڪلهي واري پاسي نظر ڪرڻ ـ (تنويرالابصار ج 2 ص 214) (9) اڪيلي ڪي رُڪوع ۾ سجدن ۾ ٽن پيرن ڪان وڌيڪ (پر اِڪي عدد ۾ مثال طور پنج، ست نو پيرا) تَسبِيح چوڻ . (فتح القدير ج 1 ص 259) (10) "حِلَيہ" وغيره ۾ حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن مبارڪ رضي الله تعالیٰ عنه وغيره ڪان روايت آهي تہ امام جي لاءِ تسبيحون پنج پيرا چوڻ مُستَحَب آهي (بهار شريعت ج 1 ص 527) (11) جنهن ڪي ڪنگهہ اچي ان جي لاءِ مُستَحَب اهو آهي تہ جيستائين ٿي سگهي تہ نہ ڪنگهي. (بهار شريعت ج 1 ص 538) (12) اوباسي اچي تہ وات بند رکو ۽ نہ بيهي سگهي تہ چپن کي ڏندن جي هيٺان زور ڏيو، جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان بہ نہ بيهي تہ قيام ۾ ساڄي هٿ جي پُٺ سان ۽ قيام ڪان علاوه ڪابي هٿ جي پُٺي وات تي ڏئي ڇڏيو.اوباسي روڪڻ جو بهترين طريقو اهو بہ آهي تہ دل ۾ خيال ڪريو تہ سرڪارِ مدينہ صلی الله تعالیٰ عليه واله وسلم ۽ بين اَنبياءِ ڪرام عليهم السلام کي اوباسي ڪڏهن بہ نہ آئي هئي. ان شآءَالله عزوجل فوراً رڪجي ويندي (بهار شريعت ج 1 ص 538، درمختار، ردالمحتار ج2 ص 215 ملخصاً) (13) جڏهن مُڪَبِّر حَيَّ عَلَي الْفَلاح چوي تہ امام ۽ مُقتدي سيني جو اُٿي بيهڻ. (بهار شريعت ج 1 ص 538) (14) سجدو زمين تي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي هئڻ ـ (ايضاً)

## عُمر بِن عَبدُالعَزِيز رضي الله تعالیٰ عنه جو عمل

حُجَّةُ الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي رحمة الله تعالیٰ عليه نقل فرمائن ٿا: حضرتِ سيّدُنا عُمر بِن عَبدُالعَزِيز رضي الله تعالیٰ عنه هميشہ

زمين تي ئي سجدو ڪندا هئا يعني سجدي واري جڳهه تي مُصلو وغيره نہ وڇائيندا هئا. (احياء العلوم ج 1 ص 204)

## مٽي لڳل پيشانيءَ جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا واثِلہ بن اسقَع رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ حُضُور سراپا نور، شاهِ غَيور صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمانِ پُر سُرور آهي: ”توهان مان ڪو شخص جيستائين نماز مان فارغ نہ ٿي وڃي تيستائين پنهنجي پيشاني (جي مٽيءَ) کي صاف نہ ڪري ڇو تہ جيستائين ان جي پيشانيءَ تي نماز جي سجدي جو نشان رهندو آهي فِرشتا ان جي لاءِ مَغفرت جي دُعا ڪندا رهندا آهن.“
(المعجم الکبير للطبراني ج 22 ص 56 حديث 134)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نماز جي دؤران پيشانيءَ کان مٽي صاف ڪرڻ صحيح ناهي ۽ مَعَاذَاللّٰه تَڪَبُّر جي طور تي صاف ڪرڻ گناهہ آهي. جيڪڏهن صاف ڪرڻ سان تڪليف ٿئي يا ڌيان نہ رهي تہ صاف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۽ جيڪڏهن رِياڪاريءَ جو خوف هجي تہ ان کي گهرجي نماز کان پوءِ پيشاني تان مٽي صاف ڪري ڇڏي.

## ”پيارا ڀائرو نماز جا مُفسِد ستڻ فرض آهن“جي اٺيهہ اکرن جي نسبت سان نماز ٽوڙڻ واريون 29 ڳالهيون

(1) ڳالهائڻ (درمختار ج 2ص 445) (2) ڪنهن کي سلام ڪرڻ (3) سلام جو جواب ڏيڻ (عالمگيري ج 1 ص 98) (4) ڇِڪَ جو جواب ڏيڻ (نماز ۾ پاڻ کي ڇِڪَ اچي تہ خاموش رهي) جيڪڏهن اَلحَمدُلِلّٰهِ چئي

ورتائين تڏهن به حرج ناهي ۽ جيڪڏهن ان وقت حمد نه ڪئي ته فارغ ٿي ڪري چوي (ايضاً) (5) خوشخبري ٻُڌي ڪري جواب ۾ اَلحَمدُلِلّٰهِ چوڻ (ايضاً ص 99) (6) بُري خبر (يا ڪنهن جي موت جي خبر) ٻُڌي ڪري اِنَّالِلّٰهِ وِاِنَّآاِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ چوڻ(ايضاً) (7) اذان جو جواب ڏيڻ (ايضا ص 100) (8) الله عزّوجلّ جو نالو ٻُڌي جواب ۾ "جَلّ جلالُه" چوڻ (9) سرڪارِ مدينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو نالو مبارڪ ٻُڌي ڪري جواب ۾ دُرود شريف پڙهڻ مثال طور صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم چوڻ ۔ (درمختار ج 2 ص 460) (جيڪڏهن جَلّ جلالُه يا صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جواب جي نيّت سان نه چيائين ته نمار نه ٽُٽي)

## نماز ۾ روئڻ

(10) سور يا مصيبت جي ڪري اهي لفظ "آه"،"اُوه" "اف" "تُف" نڪري ويا يا آواز سان روئڻ ۾ اکر پيدا ٿي ويا ته نماز فاسد (يعني ختم) ٿي وئي. جيڪڏهن روئڻ ۾ رُڳو ڳوڙها نڪتا آواز ۽ اکر نه نڪتا ته حرج ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 101، ردالمحتار ج 2 ص 455) جيڪڏهن نماز ۾ امام جي پڙهڻ جي آواز تي روئڻ لڳو ۽ "اري" "نعم"،"ها" زبان مان نڪتو ته ڪو حرج ناهي جو اهو خُشُوع جي سبب آهي، جيڪڏهن امام جي خوش اِلحَاني (يعني سني آواز) جي سبب اهي لفظ چيا ته نماز ٽٽي وئي ۔

(درمختار،ردالمحتار ج 2 ص 456)

## نماز ۾ کَنگهڻ

(11) مريض جي زبان مان بي اختيار آه! اوه نڪتو ته نماز نه

ٿُڪي، ائين ئي ڇڪ، اوٻاسي، کنگهه اوڳرائي وغيره ۾ جيترا اکر مجبوراً نڪرندا آهن اهي معاف آهن. (درمختار ج 1 ص 456) (12) ڦوڪ ڏيڻ ۾ جيڪڏهن آواز پيدا نه ٿئي ته اهو ساهه کڻڻ جي مثل آهي ۽ نماز فاسد نه ٿيندي پر ڄاڻي واڻي ڦوڪ ڏيڻ مڪروهه آهي ۽ جيڪڏهن ٻه حرف پيدا ٿين جيئن اف، تف ته نماز فاسد ٿي وئي(غنيه ص 451) (13) کنگهڻ ۾ جڏهن ٻه اکر پيدا ٿين جيئن اَخ ته نماز فاسد ٿي ويندي، ها جيڪڏهن عُذر يا صحيح مقصد هجي مثال طور طبيعت چاهيندي هجي يا آواز صاف ڪرڻ لاءِ هجي يا امام کي لقمو ڏيڻ مقصد هجي يا ڪو اڳيان گذري رهيو هجي ۽ ان کي ڌيان ڏيارڻو هجي ته انهن سببن جي بنياد تي کنگهڻ ۾ ڪو حرج ناهي .

(بهار شريعت ج 1 ص 608،درمختار ، ردالمحتار ج 2 ص 455)

## نماز جي دوران ڏسي پڙهڻ

(14) قرآن شريف مان يا ڪنهن ڪاغذ مان يا مِحراب وغيره ۾ لکيل ڏسي ڪري قرآن پاڪ پڙهڻ (ها جيڪڏهن ياد پڙهي رهيا آهيو ۽ قرآن شريف يا مِحراب وغيره تي رُڳو نظر آهي ته حرج ناهي، جيڪڏهن ڪنهن ڪاغذ وغيره تي آيتون لکيل آهن ان کي ڏٺو ۽ سمجهيو پر پڙهيو نه ته ان ۾ ڪو حرج ناهي) (در مختار و ردالمحتار ج2 ص 463) (15) اسلامي ڪتاب يا اسلامي مضمون نماز جي دوران ڄاڻي واڻي ڏسڻ ۽ ارادي سان سمجهڻ مڪروهه آهي دُنياوي مضمون هجي ته وڌيڪ ڪراهيت آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 609) ان لاءِ نماز ۾ پنهنجي پرسان ڪتاب يا لکيل پيڪيٽ، شاپنگ بيگ، موبائيل فون يا

گھڙي وغيره ائين رکو جو انھن جي لکت تي نظر نہ پئي يا انھن جي مٿان رومال وغيره ڏئي ڇڏيو گڏوگڏ نماز جي دؤران ٿنڀن وغيره تي لڳل اسٽيڪرز، اِشتِھار ۽ فريمن وغيره تي نظر وجھڻ کان بہ بچو .

## عملِ ڪثير جي تعريف

(16) عملِ ڪثير نماز کي فاسد (يعني ختم) ڪري ڇڏيندو آھي جڏھن تہ نہ نماز جي عمل مان ھجي نہ ئي نماز کي صحيح ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو ھجي، جنھن ڪم جي ڪرڻ واري کي پري کان ڏسڻ سان ائين لڳي تہ اھو نماز ۾ ناھي بلڪ جيڪڏھن غالب گمان اھو ھجي تہ نماز ۾ ناھي تڏھن بہ **عملِ ڪثير** آھي ۽ جيڪڏھن پري کان ڏسڻ واري کي شڪ ۽ شبھو آھي تہ نماز ۾ آھي يا نہ تہ **عملِ قليل** آھي ۽ نماز فاسد نہ ٿيندي .

(درمختار ، ردالمحتار ج 2 ص 464)

## نماز جي دوران ڪپڙا پائڻ

(17) نماز جي دؤران پھراڻ يا سلوار پائڻ يا گوڏ ٻَڌڻ (غنيہ ص 452)

(18) نماز جي دؤران اوگھڙ کُلي وڃڻ ۽ انھي حالت ۾ ڪو رڪن ادا ڪرڻ يا ٽي ڀيرا سُبحٰنَ اللّٰہ چوڻ جيترو وقفو گذري وڃڻ .

(درمختارمعه ردالمحتار ج 2 ص 467)

## نماز ۾ ڪجھہ ٻِھڻ

(19) معمولي بہ ڪائڻ پيئڻ مثال طور تر بنا چباڙڻ جي ڳھي ويو يا ڦڙو وات ۾ ڪريو ۽ پي ڇڏيو . (درمختارمعه ردالمحتار ج 2 ص 462)

(20) نمازشروع ڪرڻ کان پهريائين ڪا شيءِ ڏندن ۾ موجود هئي اها ڳهي ويو تہ جيڪڏهن اها چڻي جيتري يا ان کان وڌيڪ هئي تہ نماز فاسد ٿي ويئي ۽ جيڪڏهن چڻي کان گهٽ هئي تہ مڪروھ آهي ۔ (درمختار ج 2 ص 462 عالمگيري ج 1 ص 102) (21) نماز کان اڳ ۾ ڪا مٺي شيءِ کاڌي هئي هاڻي ان جا ذرا وات ۾ ناهن رُڳو ٿڪ ۾ ڪجھ اثر رهجي ويو آهي ان جي ڳهڻ سان نماز فاسد نہ ٿيندي (عالمگيري ج 1 ص 102) (22) وات ۾ کنڊ وغيره هجي جيڪا ڳري نڙي ۾ پهچندي هجي تہ نماز فاسد ٿي ويئي (ايضاً) (23) ڏندن مان رَت نڪتو جيڪڏهن ٿُڪ گهڻي آهي تہ ڳهڻ سان فاسد نہ ٿيندي نہ تہ (يعني جيڪڏهن رت وڌيڪ آهي تہ) فاسد ٿي ويندي. (عالمگيري ج 1 ص 102) (گهڻي هجڻ جي نشاني اها آهي تہ جيڪڏهن نڙيءَ ۾ مزو محسوس ٿيو تہ نماز فاسد ٿي ويئي نماز ٽوڙڻ ۾ ذائقي جو اعتبار آهي ۽ وضوء ٽٽڻ ۾ رنگ جو تنهنڪري وضو ان وقت ٽٽندو آهي جڏهن ٿڪ ڳاڙهي ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن ٿُڪ ڦڪي آهي تہ وضو باقي آهي)

## نماز دوران قِبلي کان ڦرڻ

(24) بنا ڪنهن عُذر جي سيني کي ڪعبي واري پاسي کان 45 درجا يا ان کان وڌيڪ ڦيرڻ سان نماز فاسد ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن ڪنهن عُذر سان هجي تہ نہ ٽٽندي، مثال طور حَدَث (يعني وضو ٽُٽي وڃڻ) جو گمان ٿيو ۽ منهن ڦيريو ئي هو تہ گمان جي غلطي ظاهر ٿي تہ جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر نہ ٿيو هجي تہ نماز فاسد نہ ٿيندي ۔ (بهار شريعت ج 1 ص 611 درمختار ج 2 ص 468)

## نماز ۾ نانگ مارڻ

(25) نانگ، وڇونءَ کي مارڻ سان نماز ناهي ٽُٽندي جڏهن تہ نہ ٽي قدم هلڻو پوي ۽ نہ ئي ٽي ڌڪ هڻڻ جي ضرورت هجي نہ تہ فاسد(يعني ختم) ٿي ويندي. (عالمگيري ج 1 ص 103) نانگ، وڇونءَ کي مارڻ ان وقت مُباح آهي جڏهن سامهون ڪان گذرڻ ۽ ڏنگڻ جو خوف هجي، جيڪڏهن ڏنگڻ جو انديشو نہ هجي تہ مارڻ مڪروهہ آهي. (عالمگيري ج1 ص 103) (26) لڳاتار ٽي وار پٽيا يا ٽي جوئون ماريون يا هڪ ئي جونءَ کي ٽي ڀيرا ماريو تہ نماز ٽُٽي ويندي جيڪڏهن لڳاتار نہ هجي تہ نماز فاسد نہ ٿي البت مڪروهہ آهي. (عالمگيري ج1 ص 103،غنيہ ص 448)

## نماز ۾ کنهڻ

(27) هڪ رڪن ۾ ٽي ڀيرا کنهڻ سان نماز فاسد ٿي ويندي آهي، يعني هيئن تہ کنهي هٿ هٽائي ورتو وري کنهيو وري هٿ هٽائي ورتو اهي ٻہ ڀيرا ٿيا، جيڪڏهن پوءِ ائين ٽيون ڀيرو ڪيو ويو تہ نماز ٽُٽي ويندي، جيڪڏهن هڪ ڀيرو هٿ رکي ڪجهہ ڀيرا حرڪت ڏني تہ اهو هڪ ڀيرو کنهڻ چئبو . (عالمگيري ج 1 ص 104، غنية ص 448) منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللهِ تعالیٰ عَلَيۡهِ نماز ۾ کنهڻ جي باري ۾ فرمائن ٿا: (نماز ۾ جيڪڏهن خارش ٿئي تہ) صبر ڪري ۽ صبر نہ ڪري سگهي ۽ انهي ڪري دل پريشان ٿئي تہ کنهي پر هڪ رڪن مثلاً قيام يا قعود يا رڪوع يا سجدن ۾ ٽي ڀيرا نہ کنهي، ٻہ

پيرا ڪنهڻ جي اجازت آهي . (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 384)

## الله اڪبر چوڻ ۾ غلطيون

(28) تَڪبِيراتِ اِنتِقالات (يعني هڪ رڪن کان ٻئي رڪن ۾ وڃڻ لاءِ تڪبيرون چوڻ) ۾ الله اڪبر جي الف کي ڊگهو ڪيائين يعني اللّٰه آڪبر چيائين يا "ب" کانپوءِ الف وڌايائين يعني"اڪبار" چيائين تہ نماز فاسد (يعني ختم) ٿي وئي ۽ جيڪڏهن تڪبيرِ تحريمه ۾ ائين چوي تہ پوءِ نماز شروع ئي نہ ٿي (درمختار ج 2 ص 473) گهڻا مُڪَبِّر (يعني جماعت ۾ امام جي تڪبيرن تي زور سان تڪبيرون چئي ڪري آواز پهچائڻ وارا) اهي غلطيون گهڻيون ڪندا آهن ۽ ائين پنهنجون ۽ ٻين جون نمازون برباد ڪندا آهن تنهنڪري جيڪو انهن حڪمن کي چڱيءَ طرح نہ سمجهندو هجي تہ ان کي مُڪَبّر نہ ٿيڻ گهرجي (29) قِراءَت يا نماز جي اَذڪار (يعني نماز ۾ پڙهيا ويندڙ وِردن) ۾ اهڙي غلطي جنهن سان معنىٰ فاسد ٿي وڃي ان سان نماز بہ فاسد ٿي ويندي آهي . (بهار شريعت ج 1 ص 614)

## "بيشڪ پڪو نمازي جنت الفردوس جو حقدار آهي" جي ٻٽيهہ اکرن جي نسبت سان نماز جا 32 مڪروهاتِ تحريمہ

﴿1﴾ ڏاڙهيءِ، جسم يا ڪپڙن سان ڪيڏڻ .(عالمگيري ج1 ص 105) ﴿2﴾ ڪپڙا سميٽڻ (ايضاً) جيئن اڄڪلھ ڪجھ ماڻهو سجدي ۾ وڃڻ وقت سلوار وغيره اڳيان يا پويان کان مٿي ڪندا آهن جيڪڏهن ڪپڙو جسم سان چنبڙي پوي تہ هڪ هٿ سان ڇڏائڻ ۾ حرج ناهي.

## ڪُلهن تي چادر لڙڪائڻ

﴿3﴾ **سَدَل** يعني ڪپڙو لڙڪائڻ مثال طور مٿي يا ڪلهن تي اهڙيءَ طرح چادر يا رومال وغيره وجهڻ جو ٻئي ڪنارا لڙڪندا هجن. ها جيڪڏهن هڪ ڪنارو ٻئي ڪلهي تي وجهي ڇڏيو ۽ ٻيو لڙڪي رهيو آهي تہ حرج ناهي . (درمختار معه ردالمحتار ج 2 ص 488)

﴿4﴾ اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو هڪ ڪلهي تي ائين رومال رکندا آهن جو ان جو هڪڙو ڪنارو پيٽ تي لڙڪي رهيو هوندو آهي ۽ ٻيو پُٺيءَ تي اهڙيءَ طرح نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي. (بهارِشريعت ج 1 ص 624) ﴿5﴾ ٻنهي ٻانهن مان جيڪڏهن هڪ ٻانهن بہ اڌ ڪرائيءَ کان مٿي چڙهيل هوندي تہ نماز مڪروهِ تحريمي ٿيندي . (درمختار ج 2 ص 490)

## طبعي حاجت جي شدت

﴿6﴾ پيشاب، پائخاني يا ريح جي شِدّت هئڻ. جيڪڏهن نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي شدت هجي تہ وقت هئڻ جي صورت ۾ نماز شروع ڪرڻ ئي گناهہ آهي.ها جيڪڏهن ائين آهي جو فارغ ٿيڻ ۽ وضو ڪان پوءِ نماز جو وقت ختم ٿي ويندو تہ نماز پڙهي وٺو ۽ جيڪڏهن نماز جي دؤران اها حالت پيدا ٿي تہ جيڪڏهن وقت ۾ گنجائش هجي تہ نماز ٽوڙي ڇڏڻ واجب آهي، جيڪڏهن ائين پڙهي ورتي تہ گنهگار ٿيندو . (ردالمحتار ج 2 ص 492)

## نماز ۾ پٿريون هٽائڻ

﴿7﴾نماز جي دؤران پٿريون هٽائڻ مڪروهِ تحريمي آهي (درمختار

و ردالمحتار ج 2 ص 492) حضرتِ سيّدُنا جابر رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: ”مون نماز جي دؤران پٿريءَ کي هٿ لائڻ جي مُتعلق بارگاهِ رسالت ۾ سوال ڪيو، ارشاد ٿيو: ”هڪ ڀيرو ۽ جيڪڏهن تون ان کان بچين ته ڪارين اکين وارين سؤ ڏاچين کان بهتر آهي.“ (صحيح ابن خزيمه ، حديث 897، ج 2 ص 52) ها جيڪڏهن سنّت جي مطابق سجدو ادا نه ٿي سگهندو هجي ته هڪ ڀيرو هٽائڻ جي اجازت آهي ۽ جيڪڏهن بغير هٽائڻ جي واجب ادا نه ٿيندو هجي ته هٽائڻ واجب آهي چاهي هڪ ڀيري کان وڌيڪ جي ضرورت پوي.

## آڱرين مان ٽَڪاءُ ڪڍڻ

﴿8﴾ نماز ۾ آڱرين ما ٽڪاءُ ڪڍڻ (درمختار ج 2 ص 493) **خاتم المُحَقِّقِين** حضرت علامه ابنِ عابِدين شامي رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ابن ماجه جي روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو: نماز ۾ پنهنجي آڱرين مان ٽڪاءُ نه ڪڍو. (سنن ابن ماجه ج 1 ص 514 حديث 965) ”مُجتَبىٰ“ جي حوالي سان نقل ڪيو ته شَهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم نماز جي انتظار جي دؤران آڱرين مان ٽڪاءُ ڪڍڻ کان منع فرمايو، وڌيڪ هڪ روايت ۾ آهي،”نماز جي لاءِ ويندي آڱرين مان ٽڪاءُ ڪڍڻ کان منع فرمايو آهي.“ انهن مبارڪ حديثن مان اهي ٽي حڪم ثابت ٿيا (الف) نماز جي دؤران ۽ نماز جي توابع، مثال طور نماز جي لاءِ ويندي، نماز جو انتظار ڪندي آڱرين مان ٽڪاءُ ڪڍڻ **مَڪروهِه تَحريمي** آهي (ب) نماز کان ٻاهر (يعني نماز جي توابع ۾ به نه هجي)

بنا ضرورت جي آڱرين مان نڪاءُ ڪڍڻ **مَکروهِ تنزِيهي** آهي (بهار شريعت ج 1 ص 625) (ج) نماز کان ٻاهر ڪنهن ضرورت سبب مثال طور آڱرين کي آرام ڏيڻ لاءِ آڱرين مان نڪاءُ ڪڍڻ **مُباح** (يعني بغير ڪراهت جي جائز) آهي. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 493، 494) **﴿9﴾ تَشْبِيْڪ** يعني هڪ هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي آڱرين ۾ وجهڻ (درمختار ج 1 ص 493) **سرڪارِ مدينه** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو: جيڪو مسجد جي ارادي سان نڪري ته تَشْبِيْڪ يعني هڪ هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي آڱرين ۾ نه وجهي بيشڪ اهو نماز (جي حڪم) ۾ آهي (سنن ترمذي ج 1 ص 396 حديث 386) نماز جي لاءِ ويندي وقت ۽ نماز جي انتظار ۾ به اهي ٻئي شيون مڪروهِ تحريمي آهن. (بهار شريعت ج 1 ص 625 درمختار ج 1 ص 493)

## چيلهہ تي هٿ رکڻ

**﴿10﴾** چيلهہ تي هٿ رکڻ نماز کان علاوه به (بنا عذر جي) چيلهہ تي (يعني ٻنهي پاسن جي وچ ۾) هٿ نه رکڻ گهرجي (درمختار ج 2، ص494) الله عزوجل جا محبوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمائن ٿا: ”چيلهہ تي هٿ رکڻ جهنّمين جي لاءِ راحت آهي.“ (شرح السنة للبغوي ج 2 ص 313 حديث 731) يعني اهو يهودين جو فعل آهي جو اهي جهنّمي آهن نه ته جهنّمين جي لاءِ جهنّم ۾ ڪهڙي راحت آهي. (حاشيہ بهارِ شريعت ج 1 ص618)

## آسمان ڏانهن ڏسڻ

**﴿11﴾** نظر آسمان ڏانهن ڪڻڻ (بهارِ شريعت ج 1 ص 626) الله عزوجل جا محبوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمائن ٿا:”ڪهڙو حال آهي انهن ماڻهن جو

جيڪي نماز ۾ آسمان ڏانهن نظرون کڻندا آهن، (اهي) ان کان مُڙي وجن نہ تہ انهن جون اکيون کسيون وينديون.“ (صحيح بخاري، ج 1 ص265 حديث 750)﴿12﴾ هيڏي هوڏي منهن ڦيرائي ڪري ڏسڻ، چاهي پورو منهن ڦيرايو يا ٿورو، بغير منهن ڦيرائڻ جي رُڳو اکيون ڦيرائي هيڏي هوڏي بغير ضرورت جي ڏسڻ مڪروهِ تَنزِيهي آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ضرورت جي تحت هجي تہ حرج ناهي. (بهارشريعت ج 1 ص 626) **سرڪارِ مدينه،** قرارِ قلب وسينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم فرمائن ٿا :”جيڪو ٻانهو نماز ۾ آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاص رَحمت ان ڏانهن مُتَوَجّهہ رهندي آهي جيستائين هيڏي هوڏي نہ ڏسي جڏهن ان پنهنجو منهن ڦيريو تہ ان جي رَحمت بہ ڦري ويندي آهي.“ (ابوداؤد، ج1، ص344، رقم الحديث 909) ﴿13﴾ مرد جو سجدي ۾ ڪرائيون وڇائڻ . (درمختار معه رد المحتار، ج2، ص496)

## نمازيءَ ڏانهن ڏسڻ

﴿14﴾ ڪنهن شخص جي منهن سامهون نماز پڙهڻ، ٻئي شخص ڪي بہ نمازيءَ ڏانهن منهن ڪرڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ڪو اڳ ۾ ئي منهن ڪري وينو هجي ۽ پوءِ ڪو ان جي چهري ڏانهن منهن ڪري نماز شروع ڪري تہ نماز شروع ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو ۽ ان نمازي تي ڪراهت آئي نہ تہ منهن ڪرڻ واري تي گناهہ ۽ ڪراهت آهي (درمختار ج 2، ص 496،497) جيڪي ماڻهو جماعت جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ پنهنجي بلڪل پُٺيان نماز پڙهڻ واري ڏانهن منهن ڪري ان کي ڏسندا آهن يا پوئتي

وڃڻ جي لاءِ ان ڏانهن منهن ڪري ويهي رهندا آهن ته اهو سلام ڦيري ته نڪران، يا نمازي جي بلڪل سامهون ويهي ڪري يا ويهي ڪري اِعلان ڪندا آهن، درس ڏيندا آهن ۽ بيان ڪندا آهن اهي سڀ توبهه ڪن. ﴿15﴾ نماز ۾ نڪ ۽ منهن ڍڪڻ. (درمختار ج 2 ص 511 عالمگيري، ج1، ص106) ﴿16﴾ بنا ضرورت جي کنگهڻ (يعني بلغم وغيره ڪڍڻ) (درمختار ج2، ص 511) ﴿17﴾ جاڳي واڳي اوٻاسي ڏيڻ. (مراقي الفلاح ص354) (جيڪڏهن پنهنجوپاڻ اچي ته حرج ناهي پر روڪڻ مُستَحَب آهي) الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم فرمائن ٿا: ”جڏهن نماز ۾ ڪنهن کي اُوٻاسي اچي ته جيترو ٿي سگهي روڪي جو شَيطان وات ۾ داخل ٿي ويندو آهي.“ (صحيح مسلم، ص1597 حديث 2995) ﴿18﴾ اُبتو قرآنِ مجيد پڙهڻ (مثال طور پهرين رڪعت ۾ ”تَبَّت يدا“ ۽ ٻيءَ ۾ ”اِذَا جَآءَ“) ﴿19﴾ ڪنهن واجب کي ڇڏي ڏيڻ. مثال طور ”قَومَه“ ۽ ”جَلسَه“ ۾ پُٺي سڌي ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي رُڪوع يا ٻئي سجدي ۾ هليو وڃڻ. (بهارشريعت ج 1 ص 629) ان گناهه ۾ مسلمانن جو چڱو ڀلو تعداد مُلَوَّث نظر ايندو آهي، ياد رکو! جيتريون به نمازون ائين پڙهيون هونديون سيني جو ورائي پڙهڻ واجب آهي . ﴿20﴾ ”قِيام“ کان سواءِ ڪنهن ٻئي موقعي تي قرآنِ مجيد پڙهڻ. (بهار شريعت ج 1 ص 629) ﴿21﴾ قِراءَت رُڪوع ۾ پهچي ڪري ختم ڪرڻ. (ايضًا) ﴿22﴾ امام کان اڳ مُقتدي جو رُڪوع ۽ سجدن وغيره ۾ هليو وڃڻ يا ان کان اڳ ۾ مٿو مٿي ڪڻڻ.(ايضاً) **حضرتِ سيّدُنا** امام مالڪ رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ کان روايت ڪن

ٿا تہ **حضور** صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه وآلهٖ وسلَّم فرمايو:”جيڪو امام کان اڳ مٿو مٿي ڪڍندو آهي ۽ جهڪائيندو آهي ان جي پيشانيءَ جا وار شيطان جي هٿ ۾ آهن.“(مؤطا امام مالڪ ج1ص 102 رقم212) **حضرتِ سيّدُنا ابو هريره** رضي الله تعالٰی عنه کان روايت آهي **الله** عَزَّوَجَلَّ **جا محبوب** صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه وآلهٖ وسلَّم فرمائن ٿا: ”ڇا جيڪو شخص امام کان اڳ ۾ مٿو کڻي ٿو ان کان نہ ٿو ڊڄي تہ الله تعالىٰ ان جو مٿو گڏھ جو مٿو ڪري ڇڏي“.

(صحيح مسلم، ص 228 حديث 427)

## گڏھ جهڙو منهن

**حضرتِ** سيّدُنا امام نَوَوِي عليه رحمة الله القوي **حديث** (جو سبق) وٺڻ لاءِ هڪ وڏي مشهور شخص وٽ دِمشق ويا. اهي پردو ڪري پڙهائيندا هئا، ڪافي عرصي تائين انهن وٽ گهڻو ڪجھ پڙهيو پر سندن منهن نہ ڏٺو، جڏهن گهڻو عرصو گذريو ۽ ان مُحَدِّث صاحب ڏٺو تہ کين (يعني امام نَوَوِي کي) حديث جي علم جي گهڻي خواهش آهي تہ هڪ ڏينهن پردو هٽايائين! ڇا ٿا ڏسن تہ انهن جو **گڏھ جهڙو منهن** آهي!! انهن فرمايو تہ پٽ! جماعت جي دؤران امام کان اڳيان وڌڻ کان ڊڄ جو اها حديث جڏهن مونکي پهتي تہ مون ان کي مُسۡتَبۡعَد (يعني ڪجھ راوِين جي صحيح نہ هئڻ ڪري عقل ۾ نہ ايندڙ) سمجهيو ۽ آءُ ڄاڻي واڻي امام کان اڳتي وڌيس تہ منهنجو منهن اهڙو ٿي ويو جهڙو تون ڏسين ٿو . (بهارِ شريعت، ج 1 ص 560 مرقاة المفاتيح ج 3 ص 221) ﴿23﴾ بيو ڪپڙو هئڻ باوجود رُڳو سلوار يا گوڏ ۾ نماز پڙهڻ ﴿24﴾ ڪنهن اڇڻ واري

واقفڪار جي لاءِ (يعني خوشامد جي طور تي) امام جو نماز ڪي ڊگهو ڪرڻ. (عالمگيري، ج1 ، ص 106) جيڪڏهن ان ڪي نماز تي مدد ڏيڻ جي لاءِ هڪ ٻن تَسبِيحن جيترو ڊگهو ڪيو ته حرج ناهي. (عالمگيري، ج1 ، ص 108) ﴿25﴾ مَغْصُوبَہ زمين (يعني اهڙي زمين جنهن تي زبردستي قبضو ڪيو هجي) يا ﴿26﴾ پَرائي ٻَني جنهن ۾ فصل موجود آهي. (مراقي الفلاح معه حاشية الطحطاوي، ص258، درمختار ج 2 ص 54) يا ﴿27﴾ پوک واري ٻَنيءَ ۾ (ايضًا) يا ﴿28﴾ قبر جي سامهون جڏهن ته قبر ۽ نمازي جي وچ ۾ ڪا شيء رڪاوٽ نه هجي نماز پڙهڻ. (عالمگيري، ج 5 ص 319) ﴿29﴾ ڪافرن جي عبادتگاهن ۾ نماز پڙهڻ بلڪ انهن ۾ وڃڻ به منع آهي. (ردالمحتار ج2، ص53) ﴿30﴾ اُبتا ڪپڙا پائي ڪري يا اوڍي ڪري نماز پڙهڻ. ﴿31﴾ پهراڻ وغيره جا بٽڻ ڪليل هئڻ جنهن سان سينو ڪليل رهي مڪروهِ تحريمي آهي. ها جيڪڏهن هينان ڪو ٻيو ڪپڙو آهي جنهن سان سينو نه ٿو ظاهر ٿئي ته مڪروهِ تنزيهي آهي. (بهارِ شريعت، ج 1 ص 630)

## نماز ۽ تصويرون

﴿32﴾ جاندار جي تصوير وارا ڪپڙا پائي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي نماز کان علاوه به اهڙا ڪپڙا پائڻ جائز ناهن. (درمختار معه رد المحتار، ج2، ص502) ﴿33﴾ نمازيءَ جي مٿانهون يعني ڇت تي يا سجدي جي جڳهه تي يا اڳيان يا ساڄي يا کاٻي پاسي جاندار جي تصوير لڳل هجڻ مڪروهِ تَحريمي آهي ۽ پويان هئڻ به مڪروهه آهي پر بيان ڪيل صورتن کان گهٽ،

جيڪڏهن تصوير فرش تي آهي ۽ ان تي سجدو نہ ٿو ٿئي تہ ڪراهت ناهي جيڪڏهن تصوير غير جاندار جي آهي جيئن درياھ، جبل وغيره تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي. ايتري ننڍي تصوير هجي جنهن کي زمين تي رکي بيهي ڪري ڏسجي تہ عُضوا واضح نظر نہ اچن، (جيئن عام طور تي ڪعبي جي طواف جي مَنظَر واريون تصويرون تمام ننڍيون هونديون آهن اهي تصويرون) نماز جي لاءِ ڪراهت جو سبب ناهن. (بهارِ شريعت، ج 1 ص 627، 628) ها طواف جي رش ۾ هڪ بہ چهرو واضح ٿي ويو تہ مُمانعَت باقي رهندي. چهري کان علاوه مثال طور هٿ، پير، پُني، چهري جو پويون حصو يا اهڙو چهرو جنهن جون اکيون، نڪ، چَپَ وغيره سڀ عضوا مٽيل هجن اهڙين تصويرن ۾ ڪو حرج ناهي .

## ”خدا پنهنجي پسند جي نماز پڙهڻ جي سعادت ڏي“ جي ٿيٽيھہ اکرن جي نسبت سان نماز جا 33 مڪروهاتِ تنزيهي

﴿1﴾ ٻيا ڪپڙا هجڻ جي باوجود ڪم ڪار جي ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ. (شرح الوقاية ج 1 ص 198) وات ۾ ڪا شيءِ هجڻ جي ڪري جيڪڏهن ان جي ڪري قِراءَت نہ ٿي سگهندي هجي يا اهڙا لفظ نڪرن جيڪي قرآن پاڪ جا نہ هجن تہ نماز ئي فاسد ٿي ويندي. (درمختار، رد المحتار ج 2 ص 496) ﴿2﴾ سُستيءَ جي ڪري مٿي اگهاڙي نماز پڙهڻ. (درمختار ج 2 ص 491) نماز ۾ ٽوپي يا عِمامو شريف ڪري پوي تہ کڻڻ افضل آهي جڏهن تہ عملِ ڪثير جي

ضرورت نہ پوي نہ تہ نماز فاسِد ٿي ويندي ۽ هر هر ڪٽڻو پوي تہ ڇڏي ڏيو ۽ نہ ڪٽڻ سان خُشُوع و خُضُوع مقصود هجي تہ نہ ڪٽڻ افضل آهي . (درمختار معه رد المحتار، ج 2 ص491) جيڪڏهن ڪو مٿي اگهاڙو نماز پڙهي رهيو هجي يا ان جي ٽوپي ڪِري پئي هجي تہ ان کي ٻيو شخص ٽوپي نہ پارائي. ﴿2﴾ رُڪوع يا سجدي ۾ بنا ضرورت جي ٽن پيرن کان گهٽ تسبيح چوڻ (جيڪڏهن وقت ٿورو هجي يا ٽرين نڪري وڃڻ جو خوف هجي تہ حرج ناهي، جيڪڏهن مقتدي ٽي تسبيحون نہ چئي سگهيو هو جو امام مٿو مٿي ڪنيو تہ امام جو ساٿ ڏئي) (بهارِ شريعت ج 1 ص 630) ﴿4﴾ نماز ۾ پيشانيءَ تان مٽي يا ڪَک وغيره پري ڪرڻ، ها جيڪڏهن انهن جي ڪري نماز مان ڌيان هٽجي ٿو تہ پري ڪرڻ ۾ حَرج ناهي. (عالمگيري، ج1، ص106) ﴿5﴾ سجدي وغيره ۾ آگريون قبلي کان ڦيري ڇڏڻ. (عالمگيري، ج1، ص 108) ﴿6﴾ مرد جو سجدي ۾ ران کي پيٽ سان ملائي ڇڏڻ.(عالمگيري، ج1، ص109) ﴿7﴾ نماز ۾ هٿ يا مٿي جي اشاري سان سلام جو جواب ڏيڻ. (درمختار ج 2 ص497) زبان سان جواب ڏيڻ سان نماز ٽُٽي ويندي آهي. (عالمگيري، ج1، ص 98) ﴿8﴾ نماز ۾ بنا عذر جي پلٿي هڻي ويهڻ. (درمختار ج 2 ص 48) ﴿9﴾ آرس ڀڃڻ ۽ ﴿10﴾ جاٽي واٽي ڪنگهڻ، نِڙي صاف ڪرڻ. (بهارِ شريعت ج 1 ص 633 عالمگيري، ج1، ص 107) جيڪڏهن طبيعت چاهيندي هجي تہ حرج ناهي. ﴿11﴾ سجدي ۾ وڃڻ وقت گوڏن کان اڳ ۾ بنا عذر جي هٿ زمين تي رکڻ. (منية المصلي ص 340) ﴿12﴾ اٿڻ وقت گوڏن کان اڳ

۾ بنا عذر جي هٿن کان اڳ گوڏا زمين تان کڻڻ. (ايضاً) ﴿13﴾ رڪوع ۾ مٿي کي پُٺي کان هيٺ مٿي ڪرڻ. (ايضاً 349) ﴿14﴾ نماز ۾ ثناء تَعَوُّذ، تَسَمِيَه ۽ آمين زور سان چوڻ. (غنية ص 353، عالمگيري، ص107) ﴿15﴾ بنا عُذر جي ڀِت وغيره تي ٽيڪ لڳائڻ (غنية ص 353) ﴿16﴾ رُڪوع ۾ گوڏن تي ۽ ﴿17﴾ سجدن ۾ زمين تي هٿ نہ رکڻ ﴿18﴾ ساڄي کاٻي جهومڻ.(تراوُح يعني ڪڏهن ساڄي پير تي ۽ ڪڏهن کاٻي پير تي زور ڏيڻ اها سنّت آهي) (فتاويٰ رضوبہ ج 7 ص 379 بهارِ شريعت ج 1 ص 634) ۽ سجدي ۾ وڃڻ لاءِ ساڄي پاسي زور ڏيڻ ۽ اٿڻ وقت کاٻي پاسي زور ڏيڻ مُستَحَب آهي. (عالمگيري، ج1، ص 108) ﴿19﴾ نماز ۾ اکيون بند رکڻ. ها جيڪڏهن خُشُوع ايندو هجي تہ اکيون بند رکڻ افضل آهي (درمختار و رد المحتار، ج2، ص499) ﴿20﴾ ٻرندڙ باهہ جي سامهون نماز پڙهڻ. ميڻ بتي يا ڏيئو سامهون هجي تہ حرج ناهي (عالمگيري، ج1، ص108) ﴿21﴾ اهڙي شيءِ جي سامهون نماز پڙهڻ جنهن سان ڌيان هٽجي مثال طور سينگار ۽ راند روند وغيره (بهارِ شريعت ج 1 ص 636)﴿22﴾ نماز لاءِ ڊوڙڻ ﴿23﴾ عام رستو ﴿24﴾ گند اڇلائڻ جي جڳهہ ﴿25﴾ مَذبَح يعني جتي جانور ذبح ڪيا ويندا آهن اتي ﴿26﴾ اِصطَبَل يعني گهوڙا ٻَڌڻ جي جڳهہ ﴿27﴾ غسل خانو ﴿28﴾ واڙا خاص طور تي جتي اُٺ ٻَڌا ويندا آهن. ﴿29﴾ بيت الخلاء جي ڇت ﴿30﴾ ريگستان ۾ بنا سُتري جي جڏهن تہ اڳيان ماڻهن جي گُذرڻ جو امڪان هجي انهن جڳهن تي نماز پڙهڻ. (بهارِ شريعت ج 1 ص 636، 637 درمختار ج 2 ص 52،

54) ﴿31﴾ بنا عذر جي هٿ سان مَک يا مَڇر اڏائڻ. (عالمگيري، ج 1 ص 109) (نماز ۾ جوڻ يا مڇر ايذاء ڏيندا هجن ته پڪڙي مارڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن ته عملِ ڪثير سان نه هجي.(بهارِ شريعت ج 1 ص 635، غنية ص 353) ﴿32﴾ هر اهو عملِ قليل جيڪو نمازي جي لاءِ فائديمند هجي جائز آهي ۽ جيڪو مفيد نه هجي اهو مڪروهه آهي.(عالمگيري، ج1، ص105) ﴿33﴾ابتا ڪپڙا پائڻ يا اوڍڻ .

(فتاويٰ رضويه مخرجه ج 7 ص 357 تا 360 فتاوي اهلسنت غير مطبوعه وغيره)

## اڌ آستين ۾ نماز پڙهڻ ڪيئن آهي؟

اڌ ٻانهن وارو ڪُڙتو يا قميص پائي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهِ تنزيهي آهي جڏهن ته ان وٽ ٻيا ڪپڙا موجود هجن. حضرتِ صَدرُالشَّرِيعه مفتي محمد امجد علي اَعظميعليه رحمة القوي فرمائن ٿا: ”جنهن وٽ ڪپڙا موجود هجن ۽ رُڳو اڌ ٻانهن (وارا ڪپڙا) يا گنجي پائي نماز پڙهي ٿو ته ڪراهتِ تنزيهي آهي ۽ ڪپڙا موجود ناهن ته ڪراهت به ناهي.“ (فتاويٰ امجديه، حصو1، ص193،) مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا مفتي وقارالدين قادري رضوي عليه رحمة القوي فرمائن ٿا: اڌ ٻانهن وارو ڪڙتو، قميص يا شرٽ ڪم ڪار ڪرڻ وارن ڪپڙن ۾ شامل آهن.(جو ڪم ڪار ڪرڻ وارا ڪپڙا پائي ڪري انسان مُعَزّزن آڏو وڃڻ کان لنوائيندو آهي)، ان لاءِ جيڪي اڌ ٻانهن وارو ڪڙتو پائي ڪري ٻين ماڻهن جي سامهون وڃڻ نه ٿا چاهن، انهن جي نماز مڪروهِ تنزيهي آهي ۽ جيڪي ماڻهو اهڙا ڪپڙا پائي ڪري سيني جي سامهون وڃڻ ۾ ڪا

بُرائي محسوس نہ ٿا ڪن، انهن جي نماز مڪروهہ ناهي .

(وقار الفتاويٰ، ج2، ص246)

## ظهر جي آخري ٻن نفلن جي ٻيا ٻالهہ ڪجي!

**ظهر** ڪانپوءِ چار رڪعتون پڙهڻ مُستَحَب آهي جو **حديثِ پاڪ** ۾ فرمايو ويو:”تہ جنهن ظهر کان اڳ ۾ چار ۽ بعد ۾ چئن جي حِفاظت ڪئي **اللّٰہ**تعاليٰ ان تي باهہ حرام فرمائي ڇڏيندو.“(سنن ترمذي ج 1 ص436 حديث 428) **علامہ سيّد طحطاوي**عليہ رحمة القوي فرمائن ٿا تہ اهو مورُڳو باهہ ۾ داخل ئي نہ ٿيندو ۽ ان جا گناهہ مِٽايا ويندا ۽ ان تي (ماڻهن جي حق تَلفِين جون) جيڪي جوابداريون آهن الله تعاليٰ ان جي فريق (يعني ٻي ڌر) کي راضي ڪري ڇڏيندو يا اهو مطلب آهي تہ اهڙن ڪمن جي توفيق ڏيندو جن تي سزا نہ هجي (حاشيہ الطحطاوي علي الدرالمختار ج 1 ص 284) ۽ **علامہ شامي** رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ فرمائن ٿا تہ ان جي لاءِ بِشارت اها آهي تہ سعادت تي ان جو خاتمو ٿيندو ۽ دوزخ ۾ نہ ويندو. (ردالمحتار ج 2 ص 547)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ جتي ظُهرَ جون ڏهہ رڪعتون نماز پڙهي وٺندا آهيو اتي آخر ۾ وڌيڪ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي ڪري ٻارهين شريف جي نسبت سان 12 رڪعتون ڪرڻ ۾ ڪهڙي دير لڳندي آهي، اِستِقامت سان ٻہ رڪعتون نفل پڙهڻ جي نيّت ڪري ڇڏيو .

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اِمامت جو بيان

**مرد (غير مَعذُور) جي امام هجڻ لاءِ ڇهہ شرط آهن:**

﴿1﴾ صحيحُ العقيده مسلمان هجڻ ﴿2﴾ بالغ هجڻ ﴿3﴾ عاقل هجڻ ﴿4﴾ مرد هجڻ ﴿5﴾ قِراءَت صحيح هجڻ﴿6﴾ معذور نہ هجڻ

(نورالايضاح ص 73 بهارِ شريعت ج 1 ص 560)

## "يا امامَ الانبيا" صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي نيرهن اٿرن جي نسبت سان اِقتِداء جا 13 شرط

﴿1﴾ نيّت ﴿2﴾ اقتداء ۽ ان اقتداء جي نيّت جو تڪبيرِ تحريمہ سان گڏ هئڻ يا تڪبيرِ تحريمه کان اڳ ۾ هئڻ پر شرط اهو آهي تہ اڳ ۾ هئڻ جي صورت ۾ ڪو غير مُتَعَلق ڪم نيّت ۽ تڪبير ۾فرق ڪرڻ وارو نہ هجي ﴿3﴾ امام ۽ مقتدي ٻنهي جو هڪ جڳهہ ۾ هجڻ ﴿4﴾ ٻنهي جي نماز هڪ هجي يا امام جي نماز مقتدي جي نماز کي پنهنجي ضِمن ۾ ورتل هجي ﴿5﴾ امام جي نماز جو مقتدي جي مذهب (يعني طريقي) تي صحيح هئڻ ۽ ﴿6﴾ امام ۽ مقتدي ٻنهي جو ان کي صحيح سمجهڻ ﴿7﴾ شرطن جي موجودگي ۾ عورت جو برابر نہ هئڻ ﴿8﴾ مقتدي جو امام کان اڳتي نہ هجڻ ﴿9﴾ امام جي انتقالات (يعني رُڪنن کي ختم ڪرڻ) جو علم هجڻ ﴿10﴾ امام جو مقيم يا مسافر هجڻ جي خبر هئڻ ﴿11﴾ رڪنن جي ادائگي ۾ شريڪ ٿيڻ ﴿12﴾ رڪنن جي ادائگي ۾ مقتدي امام جي مثل هجي يا گهٽ ﴿13﴾ ائين ئي شرطن ۾ مقتديءَ جو امام کان وڌيڪ نہ هجڻ.

(بهارِ شريعت ج 1 ص 562 ردالمحتار، ج2، ص 338)

## اِقامت کان پوءِ امام صاحب اعلان ڪري

**پنهنجيون** ڪڙيون، ڪنڌ ۽ ڪُلها هڪ سڌ ۾ ڪري صَف سڌي ڪريو، ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جڳهه ڇڏڻ گناهه آهي ڪلهي سان ڪلهو ملائي يعني ٺپ ڪري رکڻ واجب، صف سڌي رکڻ واجب ۽ جيستائين اڳين صف آخر تائين پوري نه ٿي وڃي، ڄاڻي واڻي پوئتي نماز شروع ڪرڻ ناجائز ۽ گناهه آهي. 15 سالن کان ننڍين نابالغ ٻارن کي صفن ۾ نه بيهاريو، انهن کي ڪنڊ ۾ به نه موڪليو، ننڍين ٻارن جي صف سڀ کان آخر ۾ ٺاهيو .

(تفصيلي معلومات جي لاءِ ڏسو فتاويٰ رضويه ج7 ص 219 کان 225)

## جماعت جو بيان

**عاقل**، بالغ، آزاد ۽ طاقت رکندڙ تي مسجد جي جماعتِ اُولیٰ (يعني پهرين جماعت) واجب آهي بنا عُذر جي هڪ ڀيرو به ڇڏڻ وارو گناهگار ۽ سزا جو حقدار آهي ۽ تمام گهڻا ڀيرا ڇڏي ته فاسق، مَردُودُالشّهادَت (يعني جنهن جي گواهي قابل قبول نه هجي) ۽ ان کي سخت سزا ڏني ويندي جيڪڏهن پاڙيسرين خاموشي اختيار ڪئي ته اهي به گنهگار ٿيا .(درمختارردالمحتار ج2ص340 غنيہ ص 508)

ڪجهه فُقهاءِ ڪرام رحمهم الله تعالىٰ فرمائن ٿا ته جيڪو شخص اذان ٻُڌي ڪري گهر اقامت جو انتظار ڪري ٿو ته اهو گناهگار ٿيندو ۽ ان جي شهادت (يعني گواهي) قبول ناهي . (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 102)

## ”منهنجا آقا مديني ڌڻي“ جي ويهن اکرن جي نسبت سان جماعت ڇڏڻ جا 20 عُذر

﴿1﴾ مريض،جنهن کي مسجد تائين وڃڻ ۾ تڪليف ٿيندي هجي

﴿2﴾ معذور ﴿3﴾ جنهن جو پير ڪٽجي ويو هجي، ﴿4﴾ جنهن تي فالج جو حملو ٿيو هجي، ﴿5﴾ ايترو پوڙهو جو مسجد تائين وڃڻ کان لاچار هجي ﴿6﴾ انڌو ايتري قدر جو انڌي جي لاءِ اهڙو ماڻهو هجي جو هٿ کان وٺي مسجد تائين پهچائي ﴿7﴾ سخت برسات ۽ ﴿8﴾ تمام گهڻي گپ هئڻ ﴿9﴾ سخت سردي ﴿10﴾ سخت اونداهي ﴿11﴾ آنڌاري ﴿12﴾ مال يا ڪاڌي جي ضايع ٿي وڃڻ جو انديشو ﴿13﴾ قرض واري جو خوف هجي ۽ هي تنگدست آهي ﴿14﴾ ظالم جو خوف ﴿15﴾ پائخاني يا ﴿16﴾ پيشاب يا ﴿17﴾ رِيح جي سخت حاجت آهي ﴿18﴾ ڪاڌو سامهون هجي ۽ نفس کي ان جي خواهش هجي ﴿19﴾ قافلي جي وڃڻ جو انديشو آهي ﴿20﴾ مريض جي سار سنڀال، جو جماعت جي لاءِ وڃڻ سان ان کي تڪليف ٿيندي ۽ گهٻرائيندو. اهي سڀ جماعت ڇڏڻ جا عذر آهن . (درمختار، رد المحتار، ج2، ص 347، 349)

## ڪفر تي خاتمي جو خوف

**اِفطار** پارٽين، دعوتن، نيازن ۽ نعت خوانين وغيره جي ڪري فرض نمازن جي مسجد جي جماعتِ اُوليٰ (يعني پهرين جماعت) ڇڏڻ جي ڪڏهن به اجازت ناهي.ايتري تائين جو جيڪي ماڻهو گهر يا هال يا بنگلي جي ڪمپائونڊ وغيره ۾ تراويح جي جماعت قائم ڪندا آهن ۽ پرسان مسجد موجود آهي ته انهن تي واجب آهي ته اڳ ۾ فرض رڪعتون جماعتِ اُوليٰ سان مسجد ۾ ادا ڪن، جيڪي ماڻهو بنا عذر جي ۽ طاقت هوندي فرض

نماز مسجد ۾ جماعتِ اُولىٰ سان ادا نہ ٿا ڪن انهن کي ڏجڻ گهرجي، جو حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن جو فرمانِ عِبرت نشان آهي: ”جنهن کي اهو پسند هجي تہ سڀاڻي الله عَزَّوَجَلَّ سان مسلمان ٿي ڪري ملي تہ اهو هنن پنج نمازن (جي جماعت) جي اتي پابندي ڪري جتي اذان ڏني ٿي وڃي ڇو تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي نبي صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي لاءِ سُنَنِ هُديٰ مَشرُوع ڪيون (يعني مقرر ڪيون) ۽ اهي (باجماعت) نمازون بہ سُنَنِ هُديٰ مان آهن ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي نبيءَ جي سنّت ڇڏي ڏيندؤ تہ گمراهہ ٿي ويندؤ.“ (مسلم شريف ص 328 حديث 654) هن حديثِ مبارڪ مان اشارو ملي ٿو تہ جماعتِ اُولىٰ جي پابندي ڪرڻ واري جو خاتمو بالخير ٿيندو ۽ جيڪو بنا شرعي مجبوريءَ جي مسجد جي جماعتِ اُولىٰ ڇڏي ڏيندو آهي ان جي لاءِ ڪفر تي خاتمي جو خوف آهي، جيڪي ماڻهو خوامخواهہ سُستيءَ جي ڪري پوري جماعت حاصل ناهن ڪندا اهي توجهہ فرمائن جو منهنجا آقا اعلىٰ حضرت امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فرمائن ٿا: ”بَحرالرَّائق“ ۾ آهي، قنيه ۾ آهي تہ ”جيڪڏهن اذان ٻُڌي مسجد ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اقامت جو انتظار ڪندو رهيو تہ گناهگار ٿيندو.“ (فتاويٰ رضويه، ج7، ص102، البحر الرائق، ج 1 ص 603) فتاويٰ رضويه شريف جي انهيءَ صفحي تي آهي، ”جيڪو شخص اذان ٻُڌي گهر ۾ اِقامت جو انتظار ڪندو آهي ان جي شَهادَت (يعني گواهي) قبول ناهي.“ (البحر الرائق، ج 1 ص 453)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪو اقامت تائين مسجد ۾ نٿو اچي وڃي ڪجھ فُقهاءِ ڪرام رحمهم الله تعالي جي مطابق اهو گناهگار ۽ مَردُودُ الشَّهادت (يعني گواهيءَ جي لاءِ نا اهل آهي تہ جيڪو بنا عذر جي گهر ۾ جماعت قائم ڪندو يا بغير جماعت جي نماز پڙهندو يا نماز ئي ناهي پڙهندو ان جو ڇا حال ٿيندو!

**ياالله** عَزَّوَجَلَّ **پنهنجي پياري محبوب** صلى الله تعالى عليه واله وسلم **جي صدقي!** اسانکي پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اُولىٰ سان ادا ڪرڻ جي هميشہ سعادت نصيب فرماءِ . آمِين بِجاهِ النبی الاَمِين صلى الله تعالى عليه واله وسلم

*میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت*
*ہو توفیق ایسی عطا یا الٰہی عزوجل*

# "يارسولِ پاڪ" جي نو اکرن جي نسبت سان وِتر جي نماز جا 9 مدني گل

﴿1﴾ وِتْر جي نماز واجب آهي. ﴿2﴾ جيڪڏهن اها رهجي وڃي تہ ان جي قضا لازمي آهي. (عالمگيري، ج1، ص 111) ﴿3﴾ وِتْر جو وقت سومهڻيءَ جي فرض ڪانپوءِ صبح صادق تائين آهي. ﴿4﴾ جيڪو سمهي پوءِ اُٿي سگهندو هجي تہ افضل آهي تہ رات جي پوئين حصي ۾ اٿي ڪري اڳ ۾ تَهَجُّد ادا ڪري پوءِ وِتْر ﴿5﴾ ان جون 3 رڪعتون آهن. (درمختار و رد المحتار، ج2، ص 532) ﴿6﴾ هن ۾ قعدهءِ اُولىٰ واجب آهي رُڳو تَشَهُّد (التحيات) پڙهي اٿي بيهو ﴿7﴾ ٽين رڪعت ۾ قِراءَت ڪان پوءِ دعاءِ قُنُوت جي تڪبير چوڻ واجب آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 527) ﴿8﴾ يعني جهڙي طرح تڪبيرِ

تحريمه چئبي آهي اهڙيءَ طرح اڳ ۾ هٿ ڪنن تائين کڻو پوءِ الله اڪبر چئو ﴿9﴾ پوءِ هٿ ٻڌي دعاءِ قُنوت پڙهو:

## دُعاءِ قُنُوت

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْتَعِيْنُكَ وَ نَسْتَغْفِرُكَ وَنُؤْمِنُ بِكَ وَ نَتَوَكَّلُ عَلَيْكَ وَنُثْنِيْ عَلَيْكَ الْخَيْرَوَنَشْكُرُكَ وَلَا نَكْفُرُكَ وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ ط

**ترجمو** : اي الله! اسان توکان مدد گهرون ٿا ۽ توکان بخشش چاهيون ٿا ۽ توتي ايمان آڻيون ٿا ۽ توتي ڀروسو ڪيون ٿا ۽ تنهنجي تمام سٺي تعريف ڪريون ٿا ۽ تنهنجو شڪر ڪريون ٿا ۽ تنهنجي ناشڪري نٿا ڪريون ۽ الڳ ڪريون ٿا ۽ ڇڏيون ٿا ان شخص کي جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري.

اَللّٰهُمَّ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَلَكَ نُصَلِّيْ وَنَسْجُدُ وَاِلَيْكَ نَسْعٰى وَنَحْفِدُ وَ نَرْجُوْا رَحْمَتَكَ وَنَخْشٰى عَذَابَكَ اِنَّ عَذَابَكَ بِالْكُفَّارِ مُلْحِقٌ ط

اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تنهنجي لاءِ ئي نماز پڙهون ٿا ۽ سجدو ڪريون ٿا ۽ تنهنجي طرف ئي ڊوڙون ٿا ۽ خدمت جي لاءِ حاضر ٿيون ٿا ۽ تنهنجي رحمت جا اميدوار آهيون ۽ تنهنجي عذاب کان ڊڄون ٿا بيشڪ تنهنجو عذاب ڪافرن کي ملڻ وارو آهي.

﴿10﴾ دعاءِ قُنُوت کانپوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي (غنيہ ص 418)

﴿11﴾ جيڪي دُعاءِ قُنوت نہ پڙهي سگهن اهي هي پڙهن:

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ.

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ اي اسان جا مالڪ! تون اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ۽ آخرت ۾ بہ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

يا هي پڙهو

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِيْ

يا هي پڙهو :

**ترجمو:** اي الله! منهنجي مغفرت فرماءِ.

﴿12﴾ جيڪڏهن دعاءِ **قُنوت** پڙهڻ وسري وئي ۽ رُڪوع ۾ هليا

ويۀ تہ واپس نہ ٿيو بلڪ سجدهٔ سَهۡوَ ڪري ڇڏيو. (عالمگيري ج1 ص111، 128) ﴿13﴾ وِتُر جماعت سان ٿي رهي هجي (جيئن رمضان المبارڪ ۾ پڙهندا آهن) ۽ مقتدي دُعاءِ قُنُوت کان فارغ نہ ٿيو هو تہ امام رڪوع ۾ هليو ويو تہ مقتدي بہ رڪوع ۾ هليو وڃي .

(عالمگيري، ج1 ص111، رد المحتار، ج2، ص 540)

## سجدهٔ سَهو جو بيان

(1) نماز جي واجبن مان ڪو واجب ڀُلَ ۾ رهجي وڃي يا نماز جي فرضن يا واجبن ۾ ڀُل ۾ دير ٿي وڃي تہ سجدهٔ سَهۡوَ واجب آهي.(درمختار ج2 ص655) (2) جيڪڏهن سجدهٔ سَهۡوَ واجب هئڻ باوجود نہ ڪيائين تہ نماز ورائي پڙهڻ واجب آهي. (ايضًا) (3) ڄاڻي واڻي واجب ڇڏي ڏنائين تہ سجدهٔ سَهۡوَ ڪافي ناهي بلڪ نماز ورائي پڙهڻ واجب آهي (ايضًا) (4) ڪو اهڙو واجب رهجي ويو جيڪو نماز جي واجبن مان نہ هجي بلڪ ان جو واجب هئڻ ڪنهن ٻئي سبب کان هجي تہ سجدهٔ سَهۡوَ واجب ناهي مثال طور قرآنِ پاڪ جي ترتيب جي خلاف قرآنِ پاڪ پڙهڻ واجب جو ترڪ (۽ گناهہ) آهي پر ان جو تعلُّق نماز جي واجبن سان نہ بلڪ تلاوت جي واجبن سان آهي تنهن ڪري سجدهٔ سَهۡوَ ناهي (البت ان کان توبهہ ڪري) (رد المحتار، ج2، ص 655) (5) فرض ترڪ ٿي وڃڻ سان نماز ٽُٽي ويندي آهي سجدهٔ سَهۡوَ سان ان جي تلافي (يعني پورائو) نہ ٿو ٿي سگهي تنهن ڪري ٻيهر پڙهي، (6) سنّتون يا مُستَحَب مثال طور، تَعوُّذ، تَسۡمِيه، آمين، تڪبيراتِ انتقالات، ۽ تسبيحات

ڇڏي ڏيڻ سان سجدهءِ سَهۡوَ واجب ناهي ٿيندو، نماز ٿي وئي، (ايضاً) پر ٻيهر پڙهڻ مُسۡتَحَب آهي پُل ۾ ڇڏي ڏنو هجي يا ڄاڻي واڻي (بهارشريعت ج 1ص 709) (7) نماز ۾ جيتوڻيڪ ڏهه واجب ترڪ ٿيا هجن سَهۡوَ جا ٻہ ئي سجدا سيني جي لاءِ ڪافي آهن. (ردالمحتار ج2، ص655 بهارشريعت ج 1ص 710) (8) تَعۡدِيۡلِ ارڪان (مثال طور رڪوع کان پوءِ سڌو ٿي بيهڻ يا ٻن سجدن جي وچ ۾ هڪ ڀيرو سُبۡحٰنَ الله چوڻ جيترو وقفو سڌو ٿي ويهڻ) وسري وڃي تہ سجدهءِ سَهۡوَ واجب آهي. (عالمگيري ج 1 ص127) (9) قُنُوت يا تڪبير قُنُوت وسري وئي تہ سجدهءِ سَهۡوَ واجب آهي (ردالمحتار ج 2 ص677) (10) قِرَاءَت وغيره يا ڪنهن موقعي تي سوچڻ ۾ ٽي ڀيرا "**سُبۡحٰنَ الله**"چوڻ جو وقفو گذري ويو تہ سجدهءِ سَهۡوَ واجب آهي (ردالمحتار، ج2، ص655) (11) سجدهءِ سَهۡوَ ڪانپوءِ بہ اَلتَّحِيَّات پڙهڻ واجب آهي. اَلتَّحِيَّات پڙهي ڪري سلام ڦيريو ۽ بهتر اهو آهي تہ ٻنهي قَعدن(يعني سجدهءِ سَهۡوَ کان اڳ ۾ ۽ بعد) ۾ دُرود شريف بہ پڙهو. (عالمگيري، ج1، ص125) (12) امام کان سَهۡوَ ٿيو ۽ سجدهءِ سَهۡوَ ڪيائين تہ مُقتَدي تي بہ سجدهءِ سَهۡوَ واجب آهي.(درمختار و رد المحتار، ج2،ص658)(13) جيڪڏهن مقتدي کان اِقتِداء جي حالت ۾ سَهۡوَ ٿيو تہ سجدهءِ سَهۡوَ واجب ناهي، ۽ نماز ورائي پڙهڻ جي بہ ضرورت ناهي . (بهارشريعت ج 1ص 715)

## نهايت اهم مسئلو

**ڪيترائي** اسلامي ڀائر ناواقفيت جي ڪري پنهنجي نماز ضايع ڪري ويهندا آهن ان لاءِ اهو مسئلو خوب ڌيان سان پڙهو

(14) مَسبُوق (يعني جيڪو هڪ يا ڪجھ رڪعتون رهجي وڃڻ ڪانپوءِ نماز ۾ شامل ٿيو ان) کي امام سان گڏ سلام ڦيرڻ جائز ناهي جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ڦيريندو ته نماز ٽُٽي ويندي ۽ جيڪڏهن ڀُلجي امام سان گڏ بنا وقفي جلدي سلام ڦيريائين ته حَرج ناهي، پر ائين تمام گهٽ ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڀُلجي سلام امام کان ٿورو به پوءِ ڦيريائين ته اٿي بيهي ۽ پنهنجي نماز پوري ڪري سجدهءِ سَهوَ ڪري. (فتاويٰ رضويه ج 7 ص 238 بهارشريعت ج 1ص 713 درمختار ج2، ص659) (15) مَسبُوق امام سان گڏ سجدهءِ سَهوَ ڪري جيتوڻيڪ ان جي شريڪ ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي امام کي سَهوَ ٿيو هجي ۽ جيڪڏهن امام سان گڏ سجدو نه ڪيائين ۽ پنهنجي رهيل (نماز) پڙهڻ لاءِ اٿي بيٺو ته آخر ۾ سجدهءِ سَهوَ ڪري ۽ هن مَسبُوق کان پنهنجي نماز ۾ به سَهوَ ٿيو هجي ته آخر وارا اهي ئي سجدا ان امام واري سَهوَ جي لاءِ به ڪافي آهن. (عالمگيري ج1، ص128 رد المحتار، ج2، ص659) (16) قعدهءِ اُوليٰ ۾ تَشَهُّد کانپوءِ ايترو پڙهيائين "اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد" ته سجدهءِ سَهوَ واجب آهي، ان جو سبب اهو ناهي ته درود شريف پڙهيائين بلڪ ان جو سبب هي آهي ته ٽين رڪعت جي قِيام ۾ دير ٿي تنهنڪري. جيڪڏهن ايتري دير تائين خاموش رهيو تڏهن به سجدهءِ سَهوَ واجب آهي .

(بهارشريعت ج 1ص 713 درمختار و ردالمحتار ج2، ص 657)

## حڪايت

حضرتِ سيّدُنا امامِ اعظم ابوحَنيفه رضي الله تعالیٰ عنه کي خواب ۾ سرڪارِ

مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جو ديدار ٿيو، ۽ سرڪارِ نامدار صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم پُڇا فرمائي: دُرود شريف پڙهڻ واري تي تو سجدهءِ سَهۡوَ واجب ڇو چيو آهي؟ عرض ڪيائين ان لاءِ جو ان پُلجي (يعني غفلت سان) دُرود پڙهيو. سرڪارِ عالي وقار صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم اهو جواب پسند فرمايو. (ايضاً) (17) ڪنهن قعدي ۾ تَشَهُّد مان ڪجهه رهجي ويو ته سجدهءِ سَهۡوَ واجب آهي چاهي نماز نفل هجي يا فرض. (عالمگيري، ج1، ص127)

## سجدهءِ سَهو جو طريقو

اَلتَّحِيَّاتُ پڙهو بلڪ افضل هي آهي ته دُرود شريف به پڙهو، ساڄي پاسي سلام ڦيري ڪري ٻه سجدا ڪيو پوءِ تَشَهُّد، درود شريف ۽ دعا پڙهي ڪري سلام ڦيري ڇڏيو.

## سجدهءِ سهو ڪرڻ وسري وڃي تہ...

سجدهءِ سَهۡوَ ڪرڻو هجي ۽ ڀُل ۾ سلام ڦيريو ته جيستائين مسجد کان ٻاهر نه نڪتو هجي(سجدو) ڪري وٺي. (درمختار و ردالمحتار، ج2، ص674) ميدان ۾ هجي ته جيستائين صَفن کان اڳتي نه وڌيو هجي يا سجدي جي جاءِ کان اڳيان نه گذريو هجي ته ڪري وٺي، جيڪا شيءِ ڪرڻ منع آهي مثال طور ڳالهائڻ وغيره جنهن سان نماز ٽُٽي پئي جيڪڏهن اها سلام کان پوءِ ڪئي وئي ته پوءِ سجدهءِ سَهۡوَ نه ٿو ٿي سگهي.

(عالمگيري ج 1 ص 125،ردالمحتار ج 2 ص 654)

## سجدهءِ تلاوت ۾ شيطان جي بربادي

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جڏهن ماڻهو سجدي واري آيت پڙهي ڪري سجدو ڪندو آهي، ته شيطان هٽي ويندو آهي ۽ روئي ڪري چوندو آهي، هاءِ منهنجي بربادي! ابنِ آدم کي سجدي جو حڪم ڏنو ان سجدو ڪيو ان جي لاءِ جنّت آهي ۽ مونکي حڪم ڏنو مون انڪار ڪيو منهنجي لاءِ دوزخ آهي.

(صحيح مسلم ص 56 حديث 81)

## اِن شاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مُراد پوري ٿيندي

**ڪنهن به** مقصد لاءِ هڪ ئي هنڌ سجدي جون سڀ (يعني 14) آيتون پڙهي ڪري سجدا ڪري ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو مقصد پورو فرمائيندو، چاهي هڪ هڪ آيت پڙهي ڪري ان جو سجدو ڪندو وڃي يا سڀ پڙهي ڪري آخر ۾ 14 سجدا ڪري.

(غنيه ص507، درمختار ج 2 ص 719وغيرهما)

## ”قرآن مجيد“ جي اڻ اکرن جي نسبت سان سجدهءِ تِلاوت جا 8 مدني گل

(1) **آيتِ** سجده پڙهڻ يا ٻُڌڻ سان سجدو واجب ٿي ويندو آهي، پڙهڻ لاءِ شرط اهو آهي ته ايتري آواز ۾ هجي جو جيڪڏهن ڪو عذر نه هجي ته پاڻ ٻُڌي سگهي، ٻُڌڻ واري جي لاءِ اهو ضروري ناهي ته ڄاڻي واڻي ٻُڌي، بغير اِرادي جي ٻڌڻ سان به سجدو واجب ٿي ويندو آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 728،عالمگيري، ج1، ص132)

(2) ڪنهن ٻي زبان ۾ آيت جو ترجمو پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ واري تي سجدو واجب ٿي ويو، جيتوڻيڪ ٻُڌڻ واري اهو سمجهيو هجي يا نه سمجهيو هجي ته ترجمو سجدي واري آيت جو ترجمو آهي، پر هي ضروري آهي ته ان کي خبر نه هجي ته ٻُڌايو ويو هجي ۽ آيت پڙهي وئي ته ضرورت ناهي ته ٻُڌڻ واري کي سجدي واري آيت جو هجڻ ٻُڌايو ويو هجي. (عالمگيري، ج1، ص133) (3) **سجدو** واجب هئڻ لاءِ سڄي آيت پڙهڻ ضروري آهي پر ڪجھ **علماءِمُتَاخِّرِين** جي مطابق اهو لفظ جنهن ۾ سجدي جو مادو موجود آهيَ ان سان گڏ اڳ وارو يا پوءِ وارو ڪو لفظ ملائي ڪنهن پڙهيو ته **سجدهءِ تِلاوت** واجب ٿي ويندو آهي تنهنڪري اِحتِياط اهو ئي آهي ته ٻنهي صورتن ۾ تلاوت وارو سجدو ڪيو وڃي. (ملخصًا فتاويٰ رضويه، ج8، ص233-232) (4) سجدي واري **آيت** نماز کان ٻاهر پڙهيائين ته جلد ئي سجدو ڪرڻ واجب ناهي البت وضو هجي ته دير ڪرڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. (درمختار ج2، ص 703) (5) سجدهءِ تلاوت نماز ۾ جلد واجب آهي جيڪڏهن دير ڪيائين يعني ٽن آيتن کان وڌيڪ پڙهي ويو ته گناهگار ٿيندو ۽ جيستائين نماز ۾ آهي يا سلام ڦيرڻ کان پوءِ ڪو نماز جي خلاف ڪم نه ڪيائين ته سجدهءِ تلاوت ڪري سجدهءِ سَهو بجا آڻي .

(درمختار معه رد المحتار، ج2، ص 704)

## خبردار!ياد رکو!

(6) رمضان المبارڪ ۾ تراويح يا شَبِيني ۾ جيتوڻيڪ شريڪ

نہ هجو بيشڪ پنهنجي ئي الڳ نماز پڙهي رهيا هجو، سجدي واري آيت ٻُڌڻ سان توهان تي بہ سجدهءِ تلاوت واجب ٿي ويندو. ڪافر، يا نابالغ کان آيتِ سجده ٻُڌي تڏهن بہ سجدهءِ تلاوت واجب ٿي ويو بالغ ٿيڻ کان پوءِ جيترا پيرا بہ سجدي واريون آيتون ٻُڌي ڪري اڃا تائين سجدو نہ ڪيو هجي، انهن جو غالب گمان جي اعتبار کان حساب لڳائي اوترا پيرا با وضو سجدهءِ تلاوت ڪري وٺو .

## سجدهءِ تلاوت جو طريقو

(7) بيهي ڪري **الله اڪبر** چوندي سجدي ۾ وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي پيرا **سُبحٰن ربّي الأعليٰ** چوي پوءِ **الله اڪبر** چوندي اٿي بيهي. اڳيان، ۽ پويان ٻئي پيرا **الله اڪبر** چوڻ سنّت آهي ۽ بيهي ڪري سجدي ۾ وڃڻ ۽ سجدي کان پوءِ بيهڻ، اهي ٻئي قِيام مُستَحَب آهن. (بهار شريعت ج 1 ص 731) (8) سجدهءِ تلاوت جي لاءِ **الله اڪبر** چوڻ وقت نہ هٿ کڻڻا آهن نہ ان ۾ تَشَهُّد آهي ۽ نہ سلام . (تنوير الابصار ج 2، ص700)

## سجدهءِ شُڪر جو بيان

اولاد پيدا ٿي يا دولت ملي يا گم ٿيل شيءِ ملي وئي يا مريض کي شفا ملي يا سفر تان واپس موٽيو مطلب تہ ڪنهن بہ نِعمت حاصل ٿيڻ تي سجدهءِ شڪر ڪرڻ مستحب آهي. ان جو طريقو اهوئي آهي جيڪو سجدهءِ تلاوت جو آهي.(عالمگيري، ج1، ص136ردالمحتار ج 2 ص 720) اهڙيءَ طرح جڏهن بہ ڪا خوشخبري يا نِعمت ملي تہ

سجدهٴ شڪر ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي مثال طور مدينهٴ منوره جي ويزا لڳي وئي، ڪنهن تي **انفرادي ڪوشش** ۾ ڪاميابي ٿي ۽ اهو **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي لاءِ تيار ٿي ويو، ڪنهن سُنّي عالمِ باعمل جي زيارت ٿي وئي، مبارڪ خواب نظر آيو، عِلمِ دين جو طالب امتحان ۾ ڪامياب ٿيو، آفت ٽري وئي ۽ ڪو اسلام جو دشمن مُئو وغيره وغيره.

## نمازي جي اڳيان گذرڻ سخت گناهہ آهي

(1) سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب وسينہ فيض گنجينہ، باعثِ نُزُولِ سَڪِينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم فرمايو: "جيڪڏهن ڪنهن کي خبر هجي ها تہ پنهنجي ڀاءُ جي سامهون نماز ۾ اڳيان گذرڻ ڪيئن آهي تہ سؤ سال بيٺو رهڻ ان هڪ قدم هلڻ کان بهتر سمجهي ها." (سنن ابن ماجه، ج1، ص506، رقم الحديث 946) (2) حضرتِ سيّدُنا اِمَام مَالِڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا ڪَعبُ الْاَحبار رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو ارشاد آهي: "نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ واري کي خبر هجي ها تہ ان تي ڪهڙو گناهہ آهي تہ زمين ۾ دٻجي وڃڻ کي گذرڻ کان بهتر ڄاڻي ها."(مؤطا امام مالڪ ج1، ص154 رقم الحديث 371) نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ وارو بيشڪ گناهگار آهي پر خود نمازيءَ جي نماز ۾ ان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي.

(ملخص از فتاويٰ رضويه، ج7، ص 254)

# ”يا رسولِ خدا نظرِ ڪرم“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان نمازيءَ جي اڳيان لنگهڻ جي باري ۾ 15 احڪام

﴿1﴾ ميدان ۽ وڏي مسجد ۾ نمازي جي قدم کان مَوضَعِ سُجود (يعني سجدي جي جڳهه) تائين گذرڻ ناجائز آهي، **سجدي جي جڳهه** مان مُراد اها آهي ته قيام جي حالت ۾ سجدي جي جڳهه تي نظر ڄمائي جو جيترو پري تائين نظر پهچي اها سجدي جي جڳهه آهي، ان جي وچ مان گذرڻ جائز ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 104 درمختار ج 2 ص 479) سجدي جي جڳهه جو فاصلو اندازًا پيرن کان ٽي گز تائين آهي. (قانونِ شريعت حصو اول ص 114) تنهن ڪري ميدان ۾ نمازي جي پيرن کان ٽن گزن کان پوءِ گذرڻ ۾ حرج ناهي ﴿2﴾ گهر ۽ ننڍي مسجد ۾ نمازي جي اڳيان جيڪڏهن سُترو (يعني رُڪاوٽ) نه هجي ته قدم کان قبلي جي ديوار تائين ڪٿان کان گذرڻ جائز ناهي. (عالمگيري،ج1، ص104) ﴿3﴾ نمازي جي اڳيان سُترو (يعني رڪاوٽ) هجي ته ان سُتري کان پوءِ گذرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، (عالمگيري،ج1، ص104) ﴿4﴾ سُترو گهٽ ۾ گهٽ هڪ هٿ (يعني تقريبًا اڌ گز) ڊگهو ۽ آڱر جيترو ٿلهو هجڻ گهرجي.(درمختار ج 2 ص 484) ﴿5﴾ امام جو سُترو مقتدي جي لاءِ به سُترو آهي يعني امام جي اڳيان سُترو هجي ته جيڪڏهن ڪو مقتدي جي اڳيان گذري وڃي ته گنهگار نه ٿيندو. (رد المحتار، ج2، ص484) ﴿6﴾ وڻ، ماڻهو ۽ جانور وغيره جو به سُترو ٿي سگهي ٿو. (غنيه ص 367) ﴿7﴾ ماڻهوءَ کي ان حالت ۾

سُتّرو ڪيو وڃي جڏهن ان جي پُٺي نمازيءَ ڏانهن هجي (بهارشريعت ج1 ص 616) (جيڪڏهن نماز پڙهڻ واري جي بلڪل سامهون واري پاسي ڪان ڪنهن منهن ڪيو تہ پوءِ ڪراهت نمازي تي ناهي پر ان منهن ڪرڻ واري تي آهي تنهنڪري امام جي سلام ڦيرڻ ڪانپوءِ ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسڻ ۾ احتياط ضروري آهي جو توهان جي بلڪل پوئين پاسي جيڪڏهن ڪو پنهنجي رهيل نماز پڙهي رهيو هجي ۽ ان ڏانهن توهان پنهنجو منهن ڪندؤ تہ گنهگار ٿيندؤ **﴿8﴾** هڪ شخص نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ چاهي ٿو جيڪڏهن ٻيو شخص ان کي آڙ بڻائي ان جي هلڻ واري جي رفتار جيتري ان سان گڏ ئي لنگهي وڃي تہ پهريون شخص گناهگار ٿيو ۽ ٻئي جي لاءِ اهو ئي پهريون شخص سُتّرو بہ بڻجي ويو. (عالمگيري،ج1، ص104) **﴿9﴾** باجماعت نماز ۾ اڳين صف ۾ جڳھ هئڻ جي باوجود ڪنهن پوئتي نماز شروع ڪري ڏني تہ اچڻ وارو ان جو ڪنڌ اورانگهيندي وڃي سگهي ٿو جو ان پنهنجي حُرمت پنهنجو پاڻ وڃائي. (در مختار ج2، ص483) **﴿10﴾** جيڪڏهن ڪو ايترو مٿاهين جڳھ تي نماز پڙهي رهيو آهي جو گذرڻ واري جا عُضوا نمازي جي سامهون نہ ٿيا تہ گذرڻ وارو گناهگار ناهي) (بهارشريعت ج1 ص 615) **﴿11﴾** ٻہ شخص نمازي جي اڳيان گذرڻ چاهن ٿا ان جو طريقو اهو آهي تہ انهن مان هڪ نمازي جي سامهون پُٺ ڏئي بيهي رهي، هاڻي ان کي آڙ بڻائي ٻيو گذري وڃي، پوءِ ٻيو پهرئين جي پُٺيءَ جي

پويان نمازيءَ ڏانهن پُٺي ڪري ويهي رهي، پوءِ پهريون گذري وڃي پوءِ ٻيو جتان ڪان آيو هو انهيءَ پاسي هٽي وڃي. (عالمگيري ج 1 ص 104، ردالمحتار ج2 ص483) ﴿12﴾ ڪو نمازيءَ جي اڳيان گذرڻ چاهي ٿو ته نمازي کي اجازت آهي ته هو ان کي اتان گذرڻ کان روڪي چاهي پاڻ **سُبحٰن الله** چوي يا جهر (يعني وڏي آواز) سان قِراءَت ڪري يا هٿ يا مٿي يا اک جي اشاري سان منع ڪري ان کان وڌيڪ جي اجازت ناهي، مثال طور ڪپڙا پڪڙي جهٽڪو ڏيڻ يا مارڻ بلڪ جيڪڏهن عملِ ڪثير ٿي ويو ته نماز ئي ٽُٽي ويندي .(درمختار معه ردالمحتار،ج2، ص 485) ﴿13﴾ تسبيح ۽ اشارو ٻنهي کي بنا ضرورت جي جمع ڪرڻ مڪروهه آهي (درمختار ج 2 ص 486)

﴿14﴾ عورت جي اڳيان گذري ته عورت تَصفِيق سان منع ڪري يعني ساڄي هٿ جون آڱريون کاٻي هٿ جي پُٺ تي هڻي، جيڪڏهن مرد تَصفِيق ڪئي ۽ عورت تسبيح چئي ته نماز فاسد نه ٿي پر سنّت جي خلاف ورزي ٿي. (ايضاً)

﴿15﴾ طواف ڪرڻ واري کي طواف جي دؤران نمازي جي اڳيان گذرڻ جائز آهي . (ردالمحتارج2ص482)



طالبِ غم مدينه
و
بقيع
و
مغفرت

11 شعبان المعظم 1426 هه

دؤ هجڻ جي حالت ۾ کائڻ چٽي پيدا ڪندو آهي .
(قوت القلوب مترجم ج 2 ص 589)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# مسافرجي نماز (حنفي)

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهي وٺو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن.

## درود شريف جي فضيلت

محبوب رحمٰن، رحمت عالميان، سَروَرِ ذيشان صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان مَغفِرت نشان آهي: ”جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي ته الله تعاليٰ فِرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن اهي لکندا آهن ته ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جُمعي جي رات مون تي ڪثرت سان دورد پاڪ پڙهي ٿو.“ (تاريخ دمشق لابن عساکر ج 43 ص 142 حديث2174 دار الفکر بيروت)

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

الله عَزَّوَجَلَّ سورتِ نِساء جي آيت نمبر 101 ۾ ارشاد فرمائي ٿو :

اِذَا ضَرَبْتُمْ فِی الْاَرْضِ فَلَیْسَ عَلَیْکُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوْا مِنَ الصَّلٰوۃِ ق اِنْ خِفْتُمْ اَنْ یَّفْتِنَکُمُ الَّذِیْنَ کَفَرُوْا ط اِنَّ الْکٰفِرِیْنَ کَانُوْا لَکُمْ عَدُوًّا مُّبِیْنًا ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جڏهن توهان زمين ۾ سفر ڪيو ته توهان تي گناهه ناهي جو ڪجهه نمازون قصر سان پڙهو جيڪڏهن توهان تي انديشو هجي ته ڪافر توهان کي ايذاء ڏيندا، بيشڪ ڪُفار توهان جا وڏا دشمن آهن. (پ 5 النساء 101)

صَدرُالاَفاضل حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَليه رَحمةُ الله الهادِي فرمائن ٿا: ڪافرن جو خوف قَصر (نماز گهٽائي پڙهڻ لاءِ) شرط ناهي، حضرت سيدنا يَعليٰ بن اُمَيّہ رضیَاللّٰہ تعالٰی عنہ حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضیَاللّٰہ تعالٰی عنہ کي عرض ڪيو اسان تہ امن ۾ آهيون پوءِ اسان ڇو ٿا قصر ڪيون؟ فرمايائون: ان تي مونکي بہ تَعَجُّب ٿيو هو پر مون سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم کان پُڇا ڪئي، حضوراڪرم، نور مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسول مُحتَشَم صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: تہ توهان جي لاءِ هي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان صدقو آهي، توهان ان جو صدقو قبول ڪريو.

**(صحيح مسلم ج 1 ص 347 حديث 686 خزائن العرفان)**

اُمُّ المُومِنِين حضرت سيِّدَتُنَا عائشہ صِدّيقہ رضیَاللّٰہ تعالٰی عنہا روايت فرمائن ٿيون: نماز بہ رڪعتون فرض ڪئي وئي پوءِ جڏهن سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم هجرت فرمائي تہ چار فرض ڪئي وئي ۽ سفر جي نماز انهي پهرين فرض تي ڇڏي وئي.

**(صحيح بخاري ج 2 ص 604 حديث 3935)**

حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رضیَاللّٰہ تعالٰی عنہما کان روايت آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حبيبِ لَبِيب صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم سفر جي نماز جون بہ رڪعتون مقرر فرمايون ۽ اها پوري آهي گهٽ ناهي يعني جيتوڻيڪ بظاهر بہ رڪعتون گهٽ ٿي ويون پر ثواب ۾ بہ ئي چار جي برابر آهن.

**(سنن ابن ماجہ ج 2 ص 56 حديث 1194 دارالمعرفہ بيروت)**

## شَرعِي سفر جو مِقدار

شرعاً مسافر اهو آهي جيڪو ساڍن 57 ميلن (تقريباً 92 ڪلوميٽرن) جي مفاصلي تائين وڃڻ جي ارادي سان پنهنجي رهائش واري جڳهه مثلاً شهر يا ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو .

(ملخصاً از فتاوي رضويہ ج 8 ص 243، 270 رضا فائونڊيشن لاهور، بهارشريعت ج 1 ص 741،740)

## مُسافر ڪڏهن ٿيندو ؟

صرف سفر جي نيت سان مسافر نہ ٿيندو بلڪ مسافر جو حڪم ان وقت آهي جڏهن علائقي جي آبادي کان ٻاهر نڪري وڃي، شهر ۾ آهي تہ شهر کان ۽ ڳوٺ ۾ آهي تہ ڳوٺ کان ۽ شهر واري جي لاءِ هي بہ ضروري آهي تہ شهر جي آسپاس جيڪا آبادي شهر جي لڳو لڳ آهي ان کان بہ ٻاهر نڪري اچي . (درمختار و رد المحتار ج 2 ص 722 دارالمعرفة بيروت )

## آبادي ختم ٿيڻ جو مطلب

آبادي کان ٻاهر ٿي وڃڻ جو مطلب هي آهي تہ جتي وڃي رهيو آهي ان طرف آبادي ختم ٿي وڃي جيتوڻيڪ ان جي برابر ۾ ٻئي طرف ختم نہ ٿي هجي . (غنيہ ص 536)

## فِناءِ شهر جي تعريف

فناءِ شهر سان جيڪو ڳوٺ لڳو لڳ آهي شهر واري جي لاءِ ان ڳوٺ کان ٻاهر نڪري وڃڻ ضروري ناهي، ائين ئي شهر سان لڳولڳ باغ هجن جيتوڻيڪ انهن جا نگهبان ۽ ڪم ڪرڻ وارا انهن باغن ۾ ئي رهندا هجن، انهن باغن مان ٻاهر نڪري

وجڻ ضروري ناهي (رد المحتار ج 2 ص 722) **فناءِ شهر** ڪان ٻاهر جيڪا جڳهه شهر جي ڪمن لاءِ هجي مثلاً قبرستان، گهوڙن ڊوڙڻ جو ميدان، گند ڪچري اڇلائڻ جي جڳهه جيڪڏهن اهي شهر سان لڳو لڳ هجن ته انهن ڪان ٻاهر نڪري وڃڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن شهر ۽ فناءِ شهر جي وچ ۾ مفاصلو هجي ته نه. (ايضاً)

## مسافر بڻجڻ لاءِ شرط

سفر جي لاءِ اهو به ضروري آهي ته جتان ڪان هليو اتان ڪان ٽن ڏينهن جي رستي (يعني تقريباً92 ڪلوميٽرن) جو ارادو هجي ۽ جيڪڏهن ٻن ڏينهن جي رستي (يعني 92 ڪلوميٽرن ڪان گهٽ) جي ارادي سان نڪتو ۽ اتي پهچي ٻي جڳهه جو ارادو ٿيو ته اهو به ٽن ڏينهن (يعني 92 ڪلوميٽرن) ڪان گهٽ جو رستو آهي، ائين سڄي دنيا گهمي اچي مسافر ناهي (غنيہ، الدرمختار ج 2 ص 722) اهو به شرط آهي ته ٽن ڏينهن جي رستي جي سفر جو لاڳيتو ارادو هجي جيڪڏهن هيئن ارادو ڪيائين ته مثلاً ٻن ڏينهن جي رستي تي پهچي ڪجهه ڪم ڪرڻو آهي اهو ڪري پوءِ هڪ ڏينهن جي رستي تي ويندس ته هي ٽن ڏنهن جي رستي جو لاڳيتو ارادو نه ٿيو (ان لاءِ) مسافر (به) نه ٿيو .

(بهار شريعت ج 1 ص 743 مڪتبةالمدينہ باب مدينة ڪراچي)

## وطن جا قسم

وطن جا ٻه قسم آهن (1) **وطن اصلي يعني** اها جڳهه جتي ان جي پيدائش ٿي هجي يا ان جي گهر جا ماڻهو اتي رهندا هجن يا

اتي ترسي پيو ۽ ارادو هي آهي ته هتان نه ويندس (2) وطن اقامت يعني اها جڳهه جتي مسافر پندرهن ڏينهن يا ان کان وڌيڪ ترسڻ جو ارادو ڪيو هجي . (عالمگيري ج 1 ص 142 دارالفڪر بيروت)

## وطنِ اِقامت ختم ٿيڻ وجڻ جون صورتون

هڪڙو **وطن اقامت** ٻئي وطن اقامت کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي يعني هڪ جڳهه تي پندرهن ڏينهن جي ارادي سان ترسيو پوءِ ٻي جڳهه ايترن ئي ڏينهن جي ارادي سان ترسيو ته پهرين جڳهه هاڻي وطن نه رهي، ٻنهي جي وچ ۾ سفر جو مفاصلو هجي يا نه هجي، ائين ئي وطن اقامت وطن اصلي ۽ سفر سان ختم ٿي ويندو آهي . (درمختار ج 2 ص 739 بهار شريعت ج 1 ص 751)

## سفر جي لاءِ ٻه رستا

ڪنهن جڳهه ڏانهن وڃڻ جا ٻه رستا آهن، هڪ کان سفر جو مفاصلو آهي ٻئي کان نه، ته جنهن رستي سان هو ويندو ان جو اعتبار آهي. ويجهو واري رستي کان ويو ته مسافر ناهي ۽ جيڪڏهن پري واري رستي کان ويو ته مسافر آهي جيتوڻيڪ اهو رستو اختيار ڪرڻ جو ڪو صحيح مقصد نه هجي .
(عالمگيري ج 1 ص 139، درمختار ج 2 ص726)

## مسافر ڪيستائين مسافر آهي؟

مسافر ان وقت تائين مسافر آهي جيتري تائين پنهنجي علائقي ۾ پهچي نه وڃي يا ڪنهن آبادي ۾ پورا 15 ڏينهن ترسڻ جي نيت نه ڪري وٺي، اهو ان وقت آهي جڏهن پوري ٽن ڏينهن

جو رستو طئي ڪري چڪو هجي جيڪڏهن ٽي مَنزلون (يعني تقريباً 92 ڪلوميٽرن تائين) پهچڻ ڪان اڳ ۾ واپسي جو ارادو ڪري ورتو تہ مسافر نہ رهيو جيتوڻيڪ جهنگ ۾ هجي .
(عالمگيري ج 1 ص 139 ، درمختار ج 2 ص 728)

## سفر ناجائز هجي تہ ؟

سفر جائز ڪم جي لاءِ هجي يا ناجائز ڪم جي لاءِ هر حال ۾ مسافر جا احڪام جاري ٿيندا . (عالمگيري ج 1 ص 139)

## سيٺ ۽ نوڪر جو گڏجي سفر

ماهوار يا سالياني اِجاري (پگهار) وارو نوڪر جيڪو پنهنجي سيٺ سان سفر ڪري تہ سيٺ جي تابع آهي، فرمانبردار پٽ پيءُ جي تابع آهي، ۽ اهو شاگرد جنهن کي اُستاد کان کاڌو ملندو آهي اهو استاد جي تابع آهي يعني جيڪا نيت مَتبُوع (يعني جنهن جي تابع آهي) جي آهي اها ئي تابع جي مڃي ويندي، تابع کي گهرجي تہ هو مَتبُوع کان سوال ڪري اهو جيڪو جواب ڏي ان مطابق عمل ڪري، جيڪڏهن ان ڪجهہ بہ جواب نہ ڏنو تہ ڏسي تہ اهو (يعني متبوع) مُقِيم آهي يا مسافر، جيڪڏهن مقيم آهي تہ پنهنجو پاڻ کي مقيم سمجهي ۽ جيڪڏهن مسافر آهي تہ مسافر ۽ هي بہ معلوم ناهي تہ ٽن ڏينهن جي رستي (يعني تقريباً 92 ڪلوميٽرن) جو سفر طئي ڪرڻ ڪان پوءِ قَصر ڪري ان ڪان اڳ پوري پڙهي ۽ جيڪڏهن سوال نہ ڪري سگهيو تہ اهو ئي حڪم آهي تہ سوال ڪيائين ۽ ڪجهہ جواب

نہ مليو . (ماخوذ از بھار شريعت ج 1 ص 745،746)

## ڪم ٿي ويو تہ هليو ويندس

مسافر ڪنهن ڪم لاءِ يا دوستن جي انتظار ۾ ٻن چئن ڏينهن يا تيرنهن چوڏهن ڏينهن جي نيت سان ترسيو يا هي ارادو آهي تہ ڪم ٿي ويندو تہ هليو ويندس، ٻنهي صورتن ۾ جيڪڏهن اج سياٽي ڪندي وَرِهہ گذري وڃن تڏهن بہ مُسافر ئي آهي (ان ڪري) قصر نماز پڙهي . (ايضاً ص 747 عالمگيري ج 1 ص 139)

## عورت جي سفر جو مسئلو

عورت لاءِ بنا مَحرَم جي ٽن ڏينهن (تقريباً 92 ڪلوميٽرن) يا ان کان وڌيڪ جو سفر ڪرڻ جائز ناهي . نابالغ ٻار يا مَعتُوهہ (اڌ چريي) سان بہ سفر نہ ٿي ڪري سگهي، پاڻ سان گڏ بالغ مَحرَم يا مڙس هجڻ ضروري آهي (عالمگيري ج 1 ص 142) عورت مُراهِق (يعني اهو ڇوڪرو جيڪو بالغ ٿيڻ جي ويجهو هجي) مَحرَم (اعتماد جوڳي) سان سفر ڪري سگهي ٿي، مُراهِق بالغ جي حڪم ۾ آهي. محرم جي لاءِ ضروري آهي تہ سخت فاسق، بيباڪ غيرمامون (يعني خطرناڪ) نہ هجي . (بهارشريعت ج 1 ص 752 1044، 1045)

## عورت جا ساهرا ۽ پيڪا

عورت پرڻجي ساهرين وئي ۽ اتي ئي رهڻ لڳي تہ پيڪا (يعني عورت جي والدين جو گهر) ان لاءِ وطن اصلي نہ رهيا يعني جيڪڏهن ساهرا ٽن منزلن (تقريباً92 ڪلوميٽرن) تي آهن اتان کان پيڪين آئي ۽ پندرهن ڏينهن ترسڻ جي نيت نہ ڪيائين تہ قَصر

پڑھي ۽ جيڪڏهن پيڪن ۾ رهڻ نه ڇڏيائين بلڪ ساهرين عارضي طور تي وئي ته پيڪين ايندي ئي سفر ختم ٿي ويو نماز پوري پڑھي . (بهارشريعت ج 1 ص 751)

## عرب ملڪن ۾ ويزا تي رهڻ وارن جو مسئلو

اڄڪلهه ڪاروبار وغيره جي لاءِ ڪيترائي ماڻهو ٻارن ٻچن سميت پنهنجي ملڪ کان ٻئي ملڪ منتقل ٿي ويندا آهن، انهن وٽ مخصوص مُدَت جي ويزا (Visa) هوندي آهي (مثلاً گڏيل عرب امارتن ۾ وڌ کان وڌ ٽن سالن جي رهائشي ويزا ملندي آهي) اها ويزا عارضي هوندي آهي ۽ مخصوص رقم ادا ڪري هر ٽئين سال جي آخر ۾ ان جي تجديد (Re-new) ڪرائڻي پوندي آهي، جيئن ته ويزا مَحدُود وقت لاءِ ملندي آهي ان لاءِ ٻار ٻچا به جيتوڻيڪ گڏ هجن پوءِ به ان جي گڏيل عرب امارتن ۾ مُستَقِل ترسڻ جي نيّت بيڪار آهي ۽ اهڙي طرح چاهي ڪو سؤ سالن تائين هتي رهي، گڏيل عرب امارات ان جو وطن اصلي نه ٿو ٿي سگهي، هو جڏهن به سفر کان موٽندو ۽ ترسڻ چاهيندو ته اِقامت جي نيّت ڪرڻي پوندي، مثلاً دُبئي ۾ رهندو آهي ۽ سنتن جي تربيت لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ تقريباً 150 ڪلوميٽر پري گڏيل عرب امارتن جي گادي واري شهر ابوظهبي ڏانهن ان سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪيو، هاڻي ٻيهر دبئي ۾ اچي جيڪڏهن هن کي مُقِيم ٿيڻو آهي ته 15 ڏينهن يا ان کان وڌيڪ ترسڻ جي نيت ڪرڻي پوندي نه ته مسافر

جا احڪام جاري ٿيندا، ها جيڪڏهن ظاهري صورتحال يعني (under stood) هي آهي تہ هاڻي 15 ڏينهن يا ان کان وڌيڪ عرصو هو دبئي ۾ ئي گذاريندو تہ مقيم ٿي ويو، جيڪڏهن سندس ڪاروبار ان قسم جو آهي جو مڪمل 15 ڏينهن راتيون هو دبئي ۾ نہ ٿو رهي، وقتًا فوقتًا شَرعِي سفر ڪري ٿو تہ اهڙي طرح جيتوڻيڪ سالن تائين پنهنجي ٻارن ٻچن وٽ دبئي ايندو ويندو رهي پر هي مسافر ئي رهندو ۽ ڪيس نماز قصر ڪرڻي پوندي، پنهنجي شهر کان ٻاهر پري پري تائين مال سپلاءِ ڪرڻ وارا ۽ مختلف شهرن ۽ ملڪن ڏانهن اچ وڃ ڪرڻ وارا ۽ ڊرائيور وغيره هنن احڪامن کي ذهن ۾ رکن.

## زائرِ مدينہ جي لاءِ ضروري مسئلو

جنهن اقامت جي نيّت ڪئي پر ان جي حالت ٻڌائي ٿي تہ پندرهن ڏينهن نہ ترسندو تہ نيّت صحيح ناهي مثلاً حج ڪرڻ ويو ۽ ذُوالحَج شريف جو مهينو شروع ٿي وڃڻ باوجود پندرهن ڏينهن **مڪي شريف** ۾ رهڻ جي نيّت ڪيائين تہ اها نيّت بيڪار آهي ڇو تہ جڏهن **حَجّ** جو ارادو ڪيو آهي تہ (15ڏينهن ان کي ملندا ئي نہ ڇو) تہ (8 ذوالحج شريف) **مِنٰي شريف** (۾ نائين جو) **عَرفات شريف** ضرور ويندو پوءِ ايترن ڏينهن تائين (يعني لاڳيتا 15 ڏينهن) **مڪي شريف** ۾ ڪيئن ترسي سگهي ٿو؟ **مِنٰي شريف** کان واپس موٽي ڪري نيّت ڪري تہ صحيح آهي (**عالمگيري ج 1 ص 140، درمختار ج 2 ص 729**) **جڏهن** تہ واقعي 15 يا وڌيڪ ڏينهن

مڪي شريف ۾ ترسي سگهندو هجي ۽ جيڪڏهن غالب گمان آهي تہ 15 ڏينهن جي اندر اندر **مديني شريف** يا وطن لاءِ روانو ٿي ويندو تہ هاڻي بہ مسافر آهي .

## عمري جي ويزا تي حج لاءِ ترسڻ ڪيئن آهي؟

عمري جي ويزا تي وجي غير قانوني طورتي حج لاءِ ترسڻ يا دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ويزا جي مدت پوري ٿيڻ بعد غير قانوني رهڻ جي جن جي نيّت هجي اهي ويزا جي مدت ختم ٿيندي ئي جنهن شهر يا ڳوٺ ۾ رهندا، جيترو وقت رهندا، انهن لاءِ مقيم جا احڪام لاڳو ٿيندا، پوءِ ڀلي سالن جا سال رهن مقيم ئي رهندا، البت هڪ ڀيري بہ جيڪڏهن 92 ڪلو ميٽر يا ان ڪان وڌيڪ سفر جي ارادي سان شهر يا ڳوٺ ڪان ٻاهر نڪتا تہ پنهنجي آبادي ڪان ٻاهر نڪرندي مسافر ٿي ويا هاڻي انهن جي اقامت جي نيت بيڪار آهي. مثال طور ڪو ماڻهو پاڪستان مان عمري جي ويزا تي **مڪي شريف** ويو ويزا جي مدت ختم ٿيندي وقت مڪي شريف ۾ مقيم آهي تہ ان لاءِ مقيم جا احڪام آهن. هاڻي جيڪڏهن اتان جدي شريف يا مديني پاڪ ايندو تہ چاهي سالن جا سال غير قانوني رهي، پر مسافر ئي رهندو ايستائين جو جيڪڏهن ٻيهر مڪي شريف ايندو تڏهن بہ مسافر رهندو، ان کي قصر نماز ئي پڙهڻي پوندي، ها جيڪڏهن ٻيهر ويزا مليو تہ اقامت جي نيت ڪري سگهي ٿو، ياد رکو ! جنهن قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ تي ذلت،

رشوت ۽ ڪوڙ وغيره آفتن ۾ پوڻ جو انديشو هجي ته ان قانون جي خلاف ورزي جائز ناهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهه احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: مباح (يعني جائز) صورتن مان ڪجهه (صورتون) قانوني جرم هونديون آهن ان ۾ پوڻ (يعني اهڙي قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ) پنهنجي ذات کي تڪليف ۽ ذلت تي پيش ڪرڻ آهي ۽ اهو ناجائز آهي (فتاويٰ رضويه ج17ص 370) ان لاءِ بنا ويزا جي دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ رهڻ يا حج لاءِ ترسڻ جائز ناهي، **غير قانوني ذريعن سان حج لاءِ ترسڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کي مَعاذ الله، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو ڪرم چوڻ سخت بيباڪي آهي.**

## قَصر واجب آهي

مسافر تي واجب آهي ته نماز ۾ قصر ڪري يعني چار رڪعتن واري فرض کي ٻه پڙهي ان جي حق ۾ ٻه رڪعتون ئي پوري نماز آهي ۽ ڄاڻي واڻي چار پڙهيائين ۽ ٻن تي قَعدو ڪيائين ته فرض ادا ٿي ويو ۽ پويون ٻه رڪعتون نفل ٿي ويون پر گنهگار ۽ جهنم جو حقدار آهي جو واجب ڇڏي ڏنائين ان لاءِ توبه ڪري ۽ ٻن رڪعتن تي قعدو نه ڪيائين ته فرض ادا نه ٿيو ۽ اها نماز نفل ٿي وئي ها جيڪڏهن ٽين رڪعت جو سجدو ڪرڻ کان اڳ ۾ اقامت جي نيت ڪري ورتي ته فرض ختم نه ٿيندو پر قيام ۽ رڪوع ٻيهر ادا ڪرڻا پوندا ۽ جيڪڏهن ٽين جي سجدي ۾ نيّت ڪيائين ته هاڻي فرض ويندو رهيو ائين

ئي جيڪڏهن پهرين ٻن يا هڪ ۾ قراءت نہ ڪيائين تہ نماز فاسد ٿي (يعني باطل ٿي وئي) (بهار شريعت ج 1 ص 743 عالمگيري ج ص 139)

## قَصر جي بدران چئن جي نيت ڪئي تہ......؟

مسافر قصر جي بدران چار رڪعتون فرض جي نيّت ڪري ورتي پوءِ ياد اچڻ تي ٻن تي سلام ڦيري ڇڏيو تہ نماز ٿي ويندي، اهڙي طرح مقيم چار رڪعتون فرض جي بدران ٻہ رڪعتون فرض جي نيّت ڪئي ۽ چئن تي سلام ڦيريو تہ ان جي بہ نماز ٿي وئي، فُقهاءِ ڪرام رحمهم الله تعالى فرمائن ٿا: ”نماز جي نيّت ۾ رڪعتن جي تعداد ڪي مقرر ڪرڻ ضروي ناهي ڇو تہ هي ان جي ضمن ۾ حاصل آهي . نيّت ۾ تعداد مقرر ڪرڻ ۾ ڀُل ٿيڻ سان ڪو نقصان نہ ٿيندو.“ (درمختار ج 2 ص 120)

## مسافر امام ۽ مُقِيم مقتدي

اِقتِداء صحيح هئڻ لاءِ هڪ شرط هي بہ آهي تہ امام جو مقيم يا مسافر هئڻ معلوم هجي، چاهي نماز شروع ڪرڻ وقت معلوم ٿيو يا بعد ۾ ان لاءِ امام کي گهرجي تہ نماز شروع ڪرڻ وقت پنهنجو مسافر هئڻ ظاهر ڪري ۽ شروع ۾ نہ ٻڌائين تہ نماز ڪان بعد ۾ چوي تہ مقيم اسلامي ڀائر پنهنجون نمازون پوريون ڪن مان مسافر آهيان (درمختار ج 2 ص 735) ۽ شروع ۾ اعلان ڪري چڪو آهي تڏهن بہ بعد ۾ چئي ڇڏي جو جيڪي ماڻهو ان وقت موجود نہ هئا انهن کي بہ معلوم ٿي وڃي، (بهارِ شريعت ج 1 ص 749) جيڪڏهن امام جو مسافر هئڻ ظاهر هو تہ نماز

ڪان پوءِ اهو اعلان مُستَحَب آهي .

## مُقِيم مُقتَدِي ۽ باقي ٻہ رڪعتون

قصر واري نماز ۾ مسافر امام جي سلام ڦيرڻ ڪان پوءِ مُقِيم مُقتَدِي جڏهن پنهنجي باقي نماز ادا ڪري تہ فرض جي ٽين ۽ چوٿين رڪعت ۾ سورت الفاتحہ پڙهڻ بدران اندازاً ايتري دير چپ بيٺو رهي . (درمختار ج 2 ص 735، بهارشريعت ج 1ص 748 ماخوذاً)

## ڇا مسافر تي سنتون معاف آهن ؟

سنّتن ۾ قصر ناهي بلڪ پوريون پڙهيون وينديون، خوف ۽ گهٻراهٽ جي حالت ۾ سنّتون معاف آهن ۽ امن جي حالت ۾ پڙهڻيون آهن . (عالمگيري ج 1 ص 139)

## ”نماز“ جي چار اکرن جي نسبت سان هلندڙ گاڏي ۾ نفل پڙهڻ جا 4 مدني گل

(1) شهر ڪان ٻاهر (يعني شهر ڪان ٻاهر مان مراد اها جڳهہ آهي جتان ڪان مسافر تي قصر ڪرڻ واجب ٿيندي آهي) سواري تي (مثلاً هلندڙ ڪار بس، ويگن ۾) بہ نفل پڙهي سگهي ٿو ۽ ان صورت ۾ قِبلي رخ هئڻ شرط ناهي بلڪ سواري (يا گاڏي) جنهن طرف وڃي رهي آهي ان ڏانهن ئي منهن هجي ۽ جيڪڏهن ان طرف منهن نہ هجي تہ نماز جائز ناهي، شروع ڪرڻ وقت بہ قبلي طرف منهن هجڻ شرط نہ آهي بلڪ سواري (يا گاڏي) جنهن طرف وڃي رهي آهي ان طرف منهن هجي ۽ رڪوع سجدا اشاري سان ڪري ۽ (ضروري آهي تہ) سجدي جو اشارو رڪوع

جي بنسبت گهٽ هجي (يعني رڪوع جي لاءِ جيترو جهڪيو، سجدي جي لاءِ ان کان وڌيڪ جهڪي) (درمختار و رد المحتار ج 2 ص 588 بهار شريعت ج 1 ص 671) هلندڙ ٽرين وغيره اهڙي سواري جنهن ۾ جڳهه ملي سگهي ٿي ان ۾ قِبلي رُخ ٿي ڪري قاعدي جي مطابق نفل پڙهڻا پوندا (2) ڳوٺ ۾ رهڻ وارو جڏهن ڳوٺ کان ٻاهر هجي ته سواري (گاڏي) تي نفل پڙهي سگهي ٿو. (ردالمحتار ج 2 ص 588) (3) شهر کان ٻاهر سواري تي نماز شروع ڪئي هئي ۽ پڙهندي پڙهندي شهر ۾ داخل ٿي ويو ته جيستائين گهر نه پهچي سواري تي پوري ڪري سگهي ٿو. (ردالمحتار ج 2 ص589) (4) هلندڙ گاڏي ۾ بنا شرعي عذر جي فرض، فجر جي سنّت ۽ تمام واجبَ مثلاً وتر ۽ نذر ۽ اهي نفل جنهن کي ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ سجدهءِ تلاوت (تلاوت جو سجدو) جڏهن ته سجدي واري آيت زمين تي تلاوت ڪئي هجي ادا نه ٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن عذر جي سبب هجي ته انهن سڀني ۾شرط هي آهي ته جيڪڏهن ممڪن هجي ته قبلي رخ بيهي ڪري ادا ڪري نه ته جيئن به ممڪن هجي (پوءِ دهرائي ڇڏيو) . (بهار شريعت ج 1 ص 673)

## مسافر ٽين رڪعت جي لاءِ اُٿي بيهي ته...؟

جيڪڏهن مسافر قصر واري نماز جي ٽين رڪعت شروع ڪري ڇڏي ته ان جون ٻه صورتون آهن (1) **اَلتَّحِيّات** جي مقدار جيترو آخري قعدي ۾ ويهي چڪو هو ته جيستائين ٽين رڪعت جو سجدو نه ڪيو هجي ته موٽي اچي ۽ سجده سهو ڪري

سلام ڦيري ڇڏي، جيڪڏهن نہ موٽي ۽ ويٺي ويٺي سلام ڦيري ڇڏي تہ بہ نماز ٿي ويندي پر سنّت ترڪ ٿي، جيڪڏهن ٽين رڪعت جو سجدو ڪري ڇڏيو تہ هڪ ٻئي رڪعت ملائي سجده سهو ڪري نماز مڪمل ڪري، اهي آخري ٻہ رڪعتون نفل شمار ٿينديون (2) **قَعده اَخِيره** (يعني التحيات ۾ ويهڻ) بنا اٿي بيهي رهيو تہ جيستائين ٽين رڪعت جو سجدو نہ ڪيو هجي تہ موٽي اچي ۽ سجده سهو ڪري سلام ڦيري ڇڏي جيڪڏهن ٽين رڪعت جو سجدو ڪري ڇڏيو تہ فرض باطل ٿي ويو هاڻي هڪ ٻي رڪعت ملائي سجدهٔ سهو ڪري نماز مڪمل ڪري چار ئي رڪعتون نفل نماز شمار ٿينديون (هاڻي ٻہ رڪعتون فرض ادا ڪرڻ ان جي ذمي آهن).

## سفر ۾ قضا نمازون

اقامت جي حالت ۾ ٿيڻ واريون قضا نمازون سفر ۾ بہ پوريون پڙهڻيون پونديون سفر ۾ ٿيل قضا نمازون مقيم هئڻ کان بعد بہ قصر ئي ادا ڪيون وينديون آهن .



طالبِ غم مدينہ
و
بقيع
و
مغفرت

27 رجب المرجب 1426 هہ

## حِفظ وساري ڇڏڻ جو عذاب

يقينًا قرآن ڪريم جو حِفظ وڏي ثواب جو ڪم آهي پر ياد رهي تہ حِفظ ڪرڻ آسان پر سڄي عمر ان کي ياد رکڻ ڏکيو آهي، حافظن ۽ حافظياڻين کي گهرجي تہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو لازماً تلاوت ڪندا رهن، جيڪي حافظ رمضان المبارڪ جي اچڻ کان ٿورو اڳ فقط تراويحون پڙهائڻ لاءِ منزل پڪي ڪندا آهن ۽ ان کان علاوه معاذ اللّٰه سڄو سال غَفلت جي سبب ڪيترين ئي آيتون وساريندا رهندا آهن اهي هي روايت بار بار پڙهن ۽ خوف خداعَزَّوَجَلَّ کان ڏڪن، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت جلد پهرين جي 552 صفحي تي صدر الشريعہ، بدرالطريقہ حضرت علامہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ فرمائن ٿا: "قران پڙهي وسارڻ گناهہ آهي"

جيڪو قرآني آيتون ياد ڪرڻ کان بعد وساري ڇڏيندو قِيامت جي ڏينهن انڌو اٿاريو ويندو . (بهار شريعت ج 1 ص 553)

## اِرشاداتِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰه تعالٰی عليه وآلهٖ وسلم

(2) منهنجي اُمت جا ثواب منهنجي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا ايتري تائين جو مون اهو ڪک بہ ڏٺو جنهن کي ڪو ماڻهو مسجد کان ڪڍي ٿو ۽ منهنجي امت جا گناهہ منهنجي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا مون ان کان وڏيڪ گناهہ نہ ڏٺو تہ ڪنهن شخص کي قرآن جي هڪ سورت يا هڪ آيت ياد هجي پوءِ اهو ان کي

وساري ڇڏي . (جامع الترمذي حديث 2916)

جيڪو شخص قرآن پڙهي وري ان کي وساري ڇڏي ته قيامت جي ڏينهن الله تعالي سان ڪوڙهي ٿي ملندو . (ابوداؤد حديث 1474)

(4) قيامت جي ڏينهن منهنجي امت کي جنهن گناهه جو پورو بدلو ڏنو ويندو اهو هي آهي ته انهن مان ڪنهن کي قرآن پاڪ جي ڪا سورت ياد هئي پوءِ هن ان کي وساري ڇڏيو .

(ڪنزالعمال حديث 2846)

(5) اعلٰحضرت امام اهلسنّت، امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: ان کان وڏيڪ نادان ڪير آهي جنهن کي خدا همت بخشي ۽ هو ان کي پنهنجي هٿن سان وڃائي ڇڏي جيڪڏهن ان (قرآن پاڪ جي حفظ) جو قدر ڄاڻي ها ۽ جن ثوابن ۽ درجن جو ان لاءِ واعدو ڪيو ويو آهي انهن کان واقف ٿئي ها ته ان کي دل ۽ جان کان وڏيڪ عزيز رکي ها، وڌيڪ فرمائن ٿا: ”جيتري تائين ٿي سگهي ان کي پڙهائڻ ۽ حِفظ ڪرائڻ ۽ خود ياد رکڻ ۾ ڪوشش ڪري ته جيئن اهي ثواب حاصل ٿين جن جو ان لاءِ واعدو ڪيو ويو آهي ۽ قِيامت جي ڏينهن انڌو ڪوڙي اٿڻ کان بچي . (فتاويٰ رضويه ج 23 ص، 647، 645)

مدني گل

سرڪارِ دو عَالَم، نورِ مُجَسّم، رَسُولِ مُحتَشَم صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”رحم ڪندا ڪريو، توهان تي رَحم ڪيو ويندو ۽ مُعاف ڪرڻ اختيار ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي مُعاف ڪندو . “

(مُسند امام احمد ج2 ص 682 حديث 7062)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# قضا نماز جو طريقو (حنفي)

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهي ونو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن .

## درود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سُلطان، سَروَر ذِيشان، مَحبُوبِ رحمٰن صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جو فرمان مَغفِرَت نشان آهي: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُلصِراط تي نور آهي جيڪو جُمعي جي ڏينهن مون تي اَسي ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، ان جا اسي سالن جا گناهه معاف ٿيندا . (جامع الصغير ص 320 حديث 5191)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سورت الماعون جي آيت نمبر 4 ۽ 5 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ٥ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ٥

**ترجمو ڪنزالايمان**: تہ انهن نمازين جي خرابي آهي جيڪي پنهنجي نمازن کي وساري ويٺا آهن .

مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رحمة الله تعالىٰ عليه سورت الماعون جي آيت نمبر 5 جي تحت فرمائن ٿا: نماز وسارڻ جو ڪجھ صورتون آهن ڪڏهن نہ پڙهڻ، پابندي سان نہ

پڙهڻ، صحيح وقت تي نہ پڙهڻ، نماز صحيح طريقي سان ادا نہ ڪرڻ، شوق سان نہ پڙهڻ، سمجهي ادا نہ ڪرڻ، سستي سان پڙهڻ، بي پرواهہ ٿي پڙهڻ. (نورالعرفان ص 958)

## جهنم جي خوفناڪ وادي

صَدرُالشَّريعہ بَدرُالطريقہ حضرت مولانا مفتي محمد **امجد علي اعظمي** رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جهنّم ۾ هڪ ويل نالي خوفناڪ وادي آهي جنهن جي سختي کان خود جهنّم بہ پناهہ گهرندو آهي، ڄاڻي واڻي نماز قضا ڪرڻ وارا ان جا حقدار آهن.

**(بهارشريعت ج 1 ص 348)**

## جبل ڳرمي سبب ٽٽي وڃن

حضرت امام محمد بن احمد ذهبي رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”چيو ويو آهي تہ جهنّم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جو نالو ”وَيل“ آهي جيڪڏهن ان ۾ جبل وڌا وڃن تہ اهي بہ ان جي گرمي جي ڪري ڳري وڃن ۽ هي انهن ماڻهن جو ٺڪاڻو آهي جيڪي نماز ۾ سُستي ڪندا آهن ۽ وقت ڪانپوءِ قضا ڪري پڙهندا آهن پر هي تہ اهي پنهنجي ڪوتاهي تي شرمسار ٿين ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪن“. **(ڪتاب الڪبائر ص 19)**

## مٿو چِٿڻ جي سزا

سرڪار مدينہ منوره، سردارمڪہ مڪرمہ صَلَّى اللّٰهُ تعالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن صحابہ** ڪرام عليهم الرضوان کي فرمايو اڄ رات بہ شخص (يعني جبريل عليه السلام ۽ ميڪائيل عليه السلام) مون وٽ آيا ۽ مون کي مُقَدَّس سر زمين ۾

ونئي آيا، مون ڏٺو تہ هڪ شخص ليٽيل آهي ۽ ان جي سيرانديءَ کان هڪ شخص پٿر کنيون بيٺو آهي ۽ لڳاتار پٿر سان ان جو مٿو چٿي رهيو آهي، هر ڀيري چِٿجڻ کان پوءِ مٿو وري ٺيڪ ٿي پئي ويو مون فِرشتن کي چيو: سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ هي ڪير آهي؟ انهن عرض ڪيو: اڳتي تشريف وٺي هلو (وڌيڪ مَنظر ڏيکارڻ کانپوءِ) فِرشتن عرض ڪيو: تہ پهريون شخص جيڪو توهان ڏٺو هي اهو هو جنهن قرآن پڙهيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو هو ۽ فرض نمازن جي وقت سمهي پوڻ جو عادي هو، ان سان هي سُلوڪ قِيامت تائين ٿيندو .

(ملخص از صحيح بخاري ج 4 ص 425 حديث 7047)

## قبر ۾ باهہ جا شعلا

هڪ شخص جي ڀيڻ فوت ٿي وئي، جڏهن ان کي دفن ڪري واپس موٽيو تہ ڪيس ياد آيو تہ پيسن واري ٿيلهي قبر ۾ ڪري پئي آهي پوءِ هن قَبرِستَان اچي ٿيلهي ڪڍڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ جي قبر کوٽڻ شروع ڪئي، هڪ هنيانءُ ڏاريندڙ مَنظر ان جي سامهون هو ان ڏٺو تہ ڀيڻ جي قبر ۾ باهہ جا شعلا ڀڙڪي رهيا آهن پوءِ هن جيئن تيئن قبر تي مٽي وڌي ۽ صدمي ۾ رروئندو ماءُ وٽ آيو ۽ پڇيائين پياري امڙ! منهنجي ڀيڻ جا عمل ڪهڙا هئا؟ ماءُ چيس پٽ ڇو ٿو پڇين؟ چيائين مون پنهنجي ڀيڻ جي قبر ۾ باهہ جا شعلا ڀڙڪندي ڏٺا آهن، اهو ٻڌي ماءُ بہ روئڻ لڳي ۽ چيائين افسوس تنهنجي ڀيڻ نماز ۾ سُستي ڪندي هئي ۽

نماز قضا ڪري پڙهندي هئي . (ڪتاب الڪبائر ص 26)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو** ! جڏهن قضا ڪرڻ وارن لاءِ ايڏيون ايڏيون سخت سزائون آهن تہ جيڪي بدنصيب نماز ئي نہ ٿا پڙهن انهن جو انجام ڇا ٿيندو؟

## جيڪڏهن نماز پڙهڻ ڀُلجي وڃي تہ..؟

تاجدار رسالت، شهنشاهہ نُبُوَّت، پيڪرِ جُودو سَخاوت، سراپاءِ رَحمت، محبوبِ ربُّ العزّت صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو: جنهن جي نماز ننڊ سبب نڪري وڃي يا (پڙهڻ) وساري ويهي تہ جڏهن ياد اچي پڙهي ڇڏي جو اهو ئي ان جو وقت آهي .

(صحيح مسلم ص 346 حديث 684)

فُقهاءِ ڪرام رحمهم الله فرمائن ٿا: ”سمهڻ سبب يا ڀلجي وڃڻ سبب نماز قضا ٿي تہ ان جي قضا پڙهڻ فرض آهي البت قضا جو گناهہ ان تي ناهي پر جاڳڻ يا ياد اچڻ تي جيڪڏهن وقت مڪروهہ نہ هجي تہ انهي وقت پڙهي ڇڏي دير ڪرڻ مڪروهہ آهي .“ (بهار شريعت ج 1 ص 701)

## مجبوري ۾ ادا جو ثواب ملندو يا نہ ؟

اک نہ کلڻ جي صورت ۾ فجر جي نماز ” قضا “ ٿي وڃڻ جي صورت ۾”ادا “ جو ثواب ملندو يا نہ؟ ان ضِمن ۾ منهنجا آقا اعلٰحضرت، امام اهلسنّت، وليِّ نعمت، عظيمُ البَرڪت، عظيم المَرتبت، پروانہ شمعِ رِسالت، مُجَدِّد دين ۽ مِلت، حآمي سنّت، ماحي بِدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعث خيرو برڪت

حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ تعالىٰ عَلَيْهِ فتاويٰ رضويہ ج 8 ص 161 تي فرمائن ٿا: ”رهيو ادا جو ثواب ملڻ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي اختيار ۾ آهي . جيڪڏهن اهو ڄاڻي ٿو تہ ان پاڻ جي طرفان ڪا ڪوتاهي ناهي ڪئي صبح تائين جاڳڻ جي ارادي سان وينو ۽ اوچتو ننڊ اچي وئي تہ ان تي (ضرور) ڪو گناھ ناهي . رسول الله صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واٰلهٖ وسلم فرمائن ٿا ننڊ (اچڻ) جي صورت ۾ ڪوتاهي ناهي، ڪوتاهي ان شخص جي آهي جنهن (بيداري ۾) نماز نہ پڙهي ايستائين جو ٻي نماز جو وقت اچي وڃي . (صحيح مسلم ص 344 حديث 681)

## رات جي آخري حصي ۾ سمهڻ

نماز جو وقت داخل ٿيڻ کان بعد سمهي پيو پوءِ وقت نڪري ويو ۽ نماز قضا ٿي وئي تہ بلڪل گنهگار ٿيو جڏهن تہ جاڳڻ تي صحيح اِعتِماد يا جاڳائڻ وارو موجود نہ هجي بلڪ فجر ۾ وقت داخل ٿيڻ کان اڳ بہ سمهڻ جي اجازت نہ ٿي ملي سگهي جڏهن تہ اڪثر حصو رات جو جاڳڻ ۾ گذريو ۽ غالب گمان آهي تہ هاڻي سمهيو تہ وقت تي اک نہ کلندي .

(بهارشريعت ج 1 ص 701)

## رات دير تائين جاڳڻ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نعت خوانين، ذڪر فڪر جي محفلن گڏوگڏ سنّتن ڀريي اِجتماعن وغيره ۾ رات دير تائين جاڳڻ کان پوءِ سمهڻ جي سبب جيڪڏهن فجر جي نماز قضا ٿيڻ جو

انديشو هجي تہ اِعتِڪاف جي نيّت سان مسجد ۾ قِيام ڪريو يا اتي سمهو جتي ڪو قابل اِعتِماد اسلامي ڀاءُ جاڳائڻ لاءِ موجود هجي يا الارم وارو گهڙيال هجي جنهن سان اک کلي ويندي هجي پر صرف هڪ عدد گهڙيال تي ڀروسو نہ ڪيو وڃي جو ننڊ ۾ هٿ لڳي وڃڻ سان يا ائين ئي خراب ٿي ڪري بند ٿي وڃڻ جو اِمڪان رهندو آهي، بہ يا ضرورت مطابق وڌيڪ گهڙيال هجن تہ بهتر آهي فُقهاءِ ڪرام عليهم الرحمه فرمائن ٿا: "جڏهن اهو انديشو هجي تہ صبح جي نماز نڪري ويندي تہ بنا شَرعِي ضرورت جي ان کي رات دير تائين جاڳڻ مَمنُوع آهي ."
(ردالمحتار ج 2 ص 33)

## ادا، قَضا ۽ واجبُ الاعاده جي تعريف

جنهن شيءِ جو ماڻهن کي حُڪم آهي ان کي وقت جي اندر بجا آڻڻ کي **ادا** چوندا آهن ۽ وقت ختم ٿيڻ کانپوءِ عمل ۾ آڻڻ **قضا** آهي ۽ جيڪڏهن ان حڪم کي بجا آڻڻ ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي وڃي تہ ان خرابي کي دور ڪرڻ لاءِ اهو عمل ٻيهر بجا آڻڻ **اِعاده** چورائيندو آهي) وقت جي اندر اندر جيڪڏهن تڪبير تحريمہ چئي ڇڏي تہ نماز قضا نہ ٿي بلڪ ادا آهي (درالمختار ج 2 ص 627، 632) پر فجر جي نماز، جُمعي ۽ عيدن ۾ وقت جي اندر سلام ڦيرڻ لازمي آهي نہ تہ نماز نہ ٿيندي . (بهارشريعت ج1 ص 701) بنا شَرعِي عُذر جي نماز قضا ڪري ڇڏڻ سخت گناهہ آهي، ان تي فرض آهي تہ ان جي قضا پڙهي ۽ سچي دل سان توبہ بہ ڪري

توبہ يا مَقبُول حج سان اِن شَاءَ اللّٰہُ عَزَّوَجَلَّ دير جو گناھ معاف ٿي ويندو . (ردالمحتار ج 2 ص 626 ) توبہ ان وقت ئي صحيح آهي جڏهن قضا پڙهي وٺي ان کي ادا ڪرڻ کان بغير توبہ ڪندو رهڻ توبہ ناهي ڇو تہ جيڪا نماز ان جي ذِمي هئي ان کي نہ پڙهڻ تہ اجا بہ باقي آهي ۽ جڏهن گناھ کان نہ رڪيو تہ توبہ ڪٿان ٿي؟ (ردالمحتار ج2 ص 627) حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي تہ تاجدار رسالت، شهنشاھ نُبُوَّت، پيڪر جُود وسخاوت، سَراپا رَحمت، محبوب ربُّ العِزّت صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم ارشاد فرمايو: تہ گناھ تي قائم رهي ڪري توبہ ڪرڻ وارو ان جي مثل آهي جيڪو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ٺٺول (يعني مذاق) ڪرڻ واري وانگر آهي .

(شعب الايمان ج 5 ص 436 رقم الحديث 7178)

## توبہ جا ٽي رڪن آهن

صدرالافاضل حضرت علامہ سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیہِ فرمائن ٿا: توبہ جا ٽي رڪن آهن (1) گناھ جو اِعتِراف (2) نَدامت (3) ڇڏي ڏيڻ جو پڪو ارادو جيڪڏهن گناھ تلافي جي قابل آهي تہ ان جي تلافي بہ لازمي آهي، مثلاً بي نمازي جي توبہ لاءِ نمازن جي قضا بہ لازم آهي . (خزائن العرفان ص 12)

## سُنتن ٽي نماز جي لاءِ جاڳائڻ واجب آهي

ڪو ستل آهي ڪائنس نماز پڙهڻ وسري وئي آهي تہ جنهن کي معلوم آهي ان تي واجب آهي تہ ستل کي جاڳائي ۽ وساري

چڏڻ واري کي ياد ڏياري ۔ (بهارشريعت ج 1 ص 701) (نہ تہ گناهگار ٿيندو) ياد رهي! جاڳائڻ يا ياد ڏيارڻ ان وقت واجب ٿيندو جڏهن اهو گمان غالب هجي تہ هي نماز پڙهندو نہ تہ واجب ناهي ۔

## فجر جو وقت ٿي ويو اٿو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو**! خوب صداءِ مدينہ لڳايو يعني سُتلن کي نماز جي لاءِ جاڳايو ۽ بيشمار نيڪيون ڪمايو، دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ صداءِ مدينہ لڳائڻ چيو ويندو آهي، صداءِ مدينہ واجب ناهي، فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائڻ ثواب جو ڪم آهي جيڪو هر مسلمان کي موقعي مطابق ڪرڻ گهرجي، صداءِ مدينہ لڳائڻ ۾ هن ڳالهہ جو احتياط ضروري آهي تہ ڪنهن مسلمان کي تڪليف نہ ٿئي **حڪايت**: هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي (سگ مدينہ عُفِي عنہ) ٻڌايو تہ اسان چند اسلامي ڀائر ميگا فون تي فجر جي وقت صداءِ مدينہ لڳائيندي هڪ گهٽي کان گذرياسين تہ هڪ شخص اسان کي روڪيو ۽ چيائين تہ منهنجو پٽ سڄي رات ناهي ستو، هاڻي هاڻي ان جي اک لڳي آهي توهان ميگا فون بند ڪريو، اسان کي ان شخص تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي تہ هي ڪهڙو مسلمان آهي جو اسان نماز جي لاءِ جاڳائي رهيا آهيون ۽ هي ان نيڪ ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي رهيو آهي، خير ٻئي ڏينهن اسان وري صداءِ مدينہ لڳائيندي ان طرف نڪري وياسين تہ اهو ئي شخص پهريان کان گهٽي جي موڙ وٽ ڏڪايل بيٺو هو ۽ اسان کي چوڻ

لڳو تہ اڄ بہ منهنجو پُٽ سڄي رات ناهي سُتو، هاڻي هاڻي هن جي اک لڳي آهي ان لاءِ ئي مان بينو هوس تہ اسان جي گهڻي مان خاموشي سان گذرڻ جي توهان جي خدمت ۾ درخواست ڪريان، هن مان معلوم ٿيو تہ بغير ميگا فون جي صَداءِ مدينہ لڳائي وڃي ۽ بغير ميگافون جي بہ ايترو بلند آواز نہ ڪيو وڃي جنهن سان گهرن ۾ نماز ۽ تلاوت ۾ مشغول اسلامي ڀينرن، پوڙهن، مريضن ۽ ٻارن کي پريشاني ٿئي، يا جيڪو اول وقت ۾ نماز پڙهي سمهي رهيو هجي ان جي ننڊ ۾ خَلَل پئي، جيڪڏهن ڪو مسلمان پنهنجي گهر ڀرسان صداءِ مدينہ لڳائڻ کان روڪي تہ ان سان ضد ۽ بحث ڪرڻ بدران ان کان معافي گهري وڃي ۽ ان جي باري ۾ سنو گمان رکيو وڃي جو يقيناً ڪو مسلمان نماز جي لاءِ جاڳائڻ جو مخالف نہ ٿو ٿي سگهي، هن ويچاري جي ڪا مجبوري هوندي، جيڪڏهن بالفرض هو بي نمازي بہ هجي تہ بہ توهان کي ان تي سختي ڪرڻ جي اجازت ناهي ڪنهن مناسب وقت تي انتهائي نرمي سان انفرادي ڪوشش جي ذريعي ان کي نماز جي لاءِ تيار ڪريو، مسجدن ۾ بہ فجر جي اذان کان علاوه بنا ڪنهن موقعي جي ۽ پاڙي يا گهرن اندر محفلن ۾ اسپيڪر استعمال ڪرڻ وارن کي بہ پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ عبادت ڪرڻ وارن، مريضن، ڪير ڀياڪ ٻارڙن ۽ ستلن جي تڪليف کي پيش نظر رکڻ گهرجي ـ

## حُقُوق عام جي اِحساس بابت حِڪايت

عام حقن جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي، اسان جا بُزُرگَ هن معاملي ۾ تمام اِحتِياط ڪندا هئا، جيئن تہ حُجَّةُالاِسلام امام محمد غزالي رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ فرمائن ٿا: حضرت سيدنا امام احمد بن حبنل رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ جي خدمت ۾ هڪ شخص ڪافي سالن کان حاضر ٿيندو هو ۽ عِلم حاصل ڪندو هو، هڪ ڀيري جڏهن آيو تہ پاڻ عليه الرحمه ان کان منهن ڦيري ڇڏيائون، ان جي اِصرار ڪندي پڇڻ تي فرمايائون: تون پنهنجي گهر جي ڀِت جي رستي واري ڪنڌ تي گارو هڻي انساني قد برابر ان کي اڳتي وڌايو آهي حالانڪ اها مسلمانن جي گذرڻ جي جڳهہ آهي يعني مان توکان ڪيئن خوش ٿي سگهان ٿو جو تو مسلمانن جو رستو سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي (احياء العلوم ج 5 ص 96) هتي اهي ماڻهو بہ عِبرت حاصل ڪن جيڪي پنهنجي گهرن جي ٻاهران چَبوترا (ٿلها) وغيره ٺاهي ڪري مسلمانن جو رستو سوڙهو ڪندا آهن .

## جلد کان جلد قضا پڙهي ڇڏيو

جن جي ذِمي قضا نمازون هجن انهن کي جلد کان جلد پڙهڻ واجب آهي پر ٻارن ٻچن جي پرورش ۽ پنهنجي ضروريات جي سبب دير ڪرڻ جائز آهي تنهنڪري ڪاروبار بہ ڪندو رهي ۽ فُرصت جو جيڪو وقت ملي ان ۾ قضا پڙهندو رهي ايتري تائين جو پوريون ٿي وڃن . (درمختار ج 2 ص 646)

## لڪي ڪري قضا نماز پڙهو

قضا نمازون لڪي ڪري پڙهو ماڻهن تي (يا گهروارن بلڪ قريبي دوستن تي به) ان جو اِظهار نہ ڪريو (مثلاً هي نہ چئو تہ منهنجي اڄ فجر جي نماز قضا ٿي وئي يا مان قضا عمري ڪري رهيو آهيان وغيره) ڇو تہ گناهہ جو اظهار بہ مڪروهہ تحريمي ۽ گناهہ آهي (رد المحتار ج 2 ص 650) تنهن ڪري جيڪڏهن ماڻهن جي موجودگي ۾ وتر قضا پڙهو تہ دعاءِ قُنُوت واري تڪبير لاءِ هٿ نہ کڻو .

## جُمعةُ الوَداع ۾ قَضا عُمري

رمضان المبارڪ جي آخري جُمعي ۾ ڪي ماڻهو باجماعت قضا عمري پڙهندا آهن ۽ هي سمجهندا آهن تہ سڄي عمر جو قضائون انهي هڪ نماز سان ادا ٿي ويون،اهو بلڪل غلط آهي.

(بهار شريعت ج 1 ص 708)

## سڄي عمر جي قَضا جو حِساب

جنهن ڪڏهن نمازون ئي نہ پڙهيون هجن ۽ هاڻي توفيق ملي آهي ۽ قضا عمري ڪرڻ چاهي ٿو تہ هو جڏهن کان بالغ ٿيو آهي ان وقت کان نمازن جو حساب لڳائي بالغ ٿيڻ جي تاريخ بہ معلوم ناهي تہ اِحتِياط انهي ۾ آهي تہ عورت نو سالن جي عمر کان۽ مرد ٻارهن سالن جي عمر کان نمازن جو حساب لڳائي .

( ماخوذ از فتاوي رضويہ ج 8 ص 154)

## قضا ڪرڻ ۾ ترتيب

قضاءِ عمري ۾ هيئن بہ ڪري سگهو ٿا تہ پهريان تمام فجر

جون نمازون ادا ڪري ونو پوءِ تمام ظهر جون نمازون اهڙي طرح عصر، مغرب ۽ عشاء جون .

## قضا عُمري جو طريقو (حنفي)

قضا هر ڏينهن جون ويهہ رڪعتون آهن بہ فرض فجر جا، چار ظهر، چار عصر، ٽي مغرب، چار عشاء ۽ ٽي وِتر، نيّت هيئن ڪريو مثلاً سڀ ڪان پهرين فجر جي نماز جيڪا مون ڪان قضا ٿي ان کي ادا ڪريان ٿو، هر نماز ۾ اهڙي طرح نيّت ڪريو، جنهن تي تمام گهڻيون قضا نمازون آهن اهو آساني لاءِ جيڪڏهن هيئن بہ ڪري تہ جائز آهي جو هر رڪوع ۽ هر سجدي ۾ ٽي ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْم، سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى جي بدران صرف هڪ هڪ ڀيرو چوي پر هي هميشہ ۽ هر طرح جي نماز ۾ ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن رڪوع ۾ پورو پهچي وڃي تہ ان وقت سُبحٰن جو "سين" شروع ڪري ۽ جڏهن عظيم جو "ميم" ختم ڪري چڪي تہ ان وقت رُڪوع مان مٿو ڪڍي، ائين ئي سجدي ۾ بہ ڪري، هڪ تَخفِيف (يعني آساني) تہ اها ٿي ۽ ٻي اها تہ فرضن جي ٽين ۽ چوٿين رڪعت ۾ الحمد شريف جي بدران فقط "**سُبحٰنَ الله**" ٽي ڀيرا چئي ڪري رڪوع ڪري، پر وتر جي ٽنهي رڪعتن ۾الحمد شريف ۽ سورت ٻئي ضرور پڙهيون وڃن، ٽين تَخفِيف اها تہ آخري قعدي ۾ تَشَهُّد يعني التَّحِيّات ڪانپوءِ ٻنهي درودن ۽ دعا جي بدران صرف اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ آلِهٖ پڙهي ڪري سلام ڦيري ڇڏي، چوٿين تَخفِيف اها تہ وتر جي ٽين

رڪعت ۾ دعاءِ قُنُوت جي بدران الله اڪبر چئي ڪري فقط هڪ ڀيرو يا ٽي ڀيرا رَبِّ اغۡفِرۡلِي چوي .
(ملخص از فتاوي رضويہ ج 8 ص 157)

## قصر نماز جي قضا

جيڪڏهن سفر جي دوران ٿيل قضا نماز اقامت جي حالت (يعني پنهنجي شهر) ۾ پڙهندو تہ قصر ئي پڙهڻي پوندي ۽ اقامت جي حالت جي قضا نماز سفر ۾ پڙهندو تہ پوري پڙهڻي پوندي يعني قصر نہ ڪندو. (عالمگيري ج 1 ص 121)

## مُرتَد ٿيڻ واري زماني جون نمازون

جيڪو شخص معاذ الله عَزَّوَجَلَّ مُرتَد ٿي ويو پوءِ ٻيهر اسلام آندائين تہ مرتد ٿيڻ واري زماني جي نمازن جي قضا ناهي ۽ مرتد ٿيڻ کان اڳ اسلام جي زماني ۾ جيڪي نمازون رهيل هيون انهن جي قضا واجب آهي . (ردالمحتار ج 2 ص 547)

## ٻار جي پيدائش جي وقت نماز

دائي (Mid wife) نماز پڙهندي تہ ٻار جي مري وڃڻ جو انديشو آهي تہ (نماز قضا ڪري) نماز قضا ڪرڻ لاءِ اهو عذر آهي. ٻار جو مٿو ٻاهر اچي ويو ۽ نفاس کان اڳ ۾ وقت ختم ٿي ويندو تہ ان حالت ۾ بہ ان جي ماءُ تي نماز پڙهڻ فرض آهي نہ پڙهندي تہ گناهگار ٿيندي.ڪنهن ٿانو ۾ ٻار جو مٿو رکي ڪري جنهن سان ان کي نقصان نہ پهچي نماز پڙهي پر ان ترڪيب سان پڙهڻ ۾ بہ ٻار جي مري وڃڻ جو انديشو هجي تہ دير سان پڙهڻ

معاف آهي، نِفاس ڪان پوءِ نماز جي قضا پڙهي .
(ردالمحتار ج 2 ص 627)

## مريض ڪي نماز ڪڏهن معاف آهي ؟

اهڙو مرِيض جيڪو اشاري سان به نماز نه ٿو پڙهي سگهي جيڪڏهن اها حالت پورا ڇهه وقت رهي ته ان حالت ۾ جيڪي نمازون رهجي ويون انهن جي قضا واجب ناهي .
(عالمگيري ج 1 ص 121)

## سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهڻ

جنهن جي نمازن ۾ ڪا خرابي يا ڪراهت اچي وئي هجي اهو سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهي ته سٺي ڳالهه آهي ۽ ڪا خرابي نه هجي ته موٽائڻ نه گهرجي ۽ جيڪڏهن پڙهڻ چاهي ته فجر ۽ عصر ڪان پوءِ نه پڙهي ۽ تمام رڪعتون ڀريل پڙهي ۽ وتر ۾ دُعاءِ قُنُوت پڙهي ڪري ٽين ڪان پوءِ قعدو ڪري وري هڪ ٻي ملائي جو چار ٿي وڃن . (عالمگيري ج 1 ص 124)

## ”قضا“ جو لفظ ڇوڙ وسري وڃي ته ؟

اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ تعالیٰ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: ”اسانجا علماء تصريح (صاف) فرمائن ٿا ته قضا (نماز) ادا جي نيّت سان ۽ ادا (نماز) قضا جي نيت سان ٻئي صحيح آهن.“ (فتاوي رضويه ج 8 ص 161 )

## نفلن جي بدران قضا عمري پڙهو

قضا نمازون نفلن ڪان وڌيڪ اهم آهن يعني جنهن وقت نفل

پڙهي ٿو انهن کي ڇڏي انهن جي بدران، قضائون پڙهي ته جيئن مٿس پيل (قضائن مان) بَري الذِّمہ ٿي وڃي، البت تراويحون ۽ ٻارهن رڪعتون سُنّت مؤڪده نه ڇڏي. (بهار شريعت ج 1 ص 706)

## فجر ۽ عصر کان پوءِ نفل نہ ٿا پڙهي سگهجن

فجر ۽ عصر جي نمازڪان پوءِ اهي تمام نفل ادا ڪرڻ مڪروھ (تحريمي) آهن جيڪي ڄاڻي واڻي هجن، جيتوڻيڪ تَحِيَةُ المَسجِد جا هجن ۽ هر اها نماز جيڪا ٻئي جي سبب ڪان لازم ٿي هجي مثلاً نذر ۽ طواف جا نفل ۽ هر اها نماز جنهن کي شروع ڪيو پوءِ ان کي ٽوڙي ڇڏيو، جيتوڻيڪ اهي فجر ۽ عصر جون سنّتون ئي ڇو نه هجن. (درمختار ج 2 ص 45،44)

قضا جي لاءِ ڪو وقت مقرر ناهي عمر ۾ جڏهن بہ پڙهندو (مٿس پيل) ذِمو لهي ويندو، پر سج ايرڻ ۽ لهڻ ۽ زوال جي وقت نماز نہ ٿو پڙهي سگهي جو انهن وقتن ۾ نماز جائز نہ آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 706،عالمگيري ج 1 ص 52)

## ظهر جون چار سنتون رهجي وڃن تہ ڇا ڪري؟

جيڪڏهن ظهر جو فرض پهريان پڙهي ورتو تہ ٻہ رڪعتون سُنّتِ بَعدِيَّہ (يعني بعد واريون سنّتون) ادا ڪرڻ ڪان پوءِ چار رڪعتون سنَّت قَبلِيَّہ (يعني پهرين واريون سنّتون) ادا ڪريو. جيئن تہ سرڪار اعلٰي حضرت عليه الرحمه فرمائن ٿا: ظهر جون پهريون چار سنتون جيڪي فرض ڪان اڳ ۾ نہ پڙهيون هجن تہ (اهي) فرض ڪان بعد بلڪ اَرجَح (پسنديده ترين) مذهب (موقف) مطابق

بعد وارين سنّتُن کان پوءِ پڙهو پر شرط اهو آهي تہ ظهر جو وقت اجا باقي هجي . (ملخصاً فتاوي رضويہ ج 8 ص 148)

## فجر جون سنتون رهجي وڃن تہ ڇا ڪري؟

سنّتون پڙهڻ سان جيڪڏهن فجر جي جماعت نڪري وڃڻ جو انديشو هجي تہ بنا پڙهڻ جي شامل ٿي وڃي، پر سلام ڦيرڻ کان پوءِ پڙهڻ جائز ناهي، سج ايرڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ويهہ مِنٽن بعد کان وٺي ضحوهء ڪُبريٰ تائين پڙهي وٺي جو (اهو) مُستَحَب آهي، ان کان پوءِ مستحب ناهي .

## ڇا مغرب جو وقت ٿورو هوندو آهي ؟

مغرب (سانجهي) جي نماز جو وقت سج لهڻ کان وٺي عشاء جي وقت شروع ٿيڻ تائين هوندو آهي اهو وقت جڳهن ۽ تاريخن جي اعتبار کان گهٽندو وڌندو رهندو آهي، مثلاً باب المدينہ ڪراچي ۾ نِظامُ الاَوقات جي نقشي جي مطابق مغرب جو وقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ 18 منٽ هوندو آهي، فُقهاءِ ڪرام رحمهم الله تعالي فرمائن ٿا: جنهن ڏينهن جُهڙ هجي ان ڏينهن کان سواءِ مغرب ۾ هميشہ تَعجِيل (يعني جلدي ڪرڻ) مُستَحَب آهي ۽ ٻن رڪعتن کان وڌيڪ جي دير مَڪرُوهہ تَنزِيهي آهي ۽ سفر ۽ بيماري جي مجبوري کان بغير ايتري دير ڪيائين جو تارا گِهرا ٿي ويا تہ مڪروهہ تحريمي آهي، (بهار شريعت ج 1 ص 453) سرڪار اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ احمد رضا خان عليہ رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: هن (يعني مغرب) جو مُستَحَب وقت ايستائين آهي

جيستائين تارا خوب ظاهر نہ ٿي وڃن ايتري دير ڪرڻ جو (وڏن وڏن تارن کان علاوہ) ننڍڙا ننڍڙا تارا بہ چمڪي وڃن مڪروہ (تحريمي) آهي . (فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 153)

عصر ۽ عشاء جي فرض نماز کان اڳ ۾ جيڪي رڪعتون آهن اهي سنّت غير مؤڪده آهن انهن جي قضا ناهي .

## تراويحن جي قضا جو ڇا حُڪم آهي ؟

جڏهن تراويحون رهجي وڃن تہ انهن جي قضا ناهي، نہ جماعت سان نہ اڪيلو ۽ جيڪڏهن ڪو قضا ڪري بہ ڇڏي ٿو تہ اهي الڳ نفل ٿي ويندا تراويحن سان انهن جو تعلق نہ هوندو. (تنوير الابصار، درمختار ج 2 ص 598)

## نماز جو فديو

### جن جا مائٽ فوت ٿي ويا هجن اهي هن مضمون جو ضرور مطالعو ڪن

مَيِّت جي عمر معلوم ڪري ان مان نو سال عورت لاءِ ۽ ٻارهن سال مرد جي لاءِ نابالغي جا ڪڍي ڇڏيو، باقي جيترا سال بچيا انهن ۾ حساب لڳايو تہ ڪيتري عرصي تائين اهو (يعني مرحوم) بي نمازي يا بي روزائتو رهيو يا ڪيتريون نمازون يا روزا ان جي ذمي تي قضا باقي آهن، وڌ ۾ وڌ اندازو لڳايو، بلڪ چاهيو تہ نابالغي جي عمر کان پوءِ باقي تمام عمر جو حساب لڳايو هاڻي في نماز هڪ هڪ فِطرو خيرات ڪري ڇڏيو، هڪ فطري جو مقدار تقريباً ٻہ ڪلو پنجاهہ گرام ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ان جا پيسا آهن ۽ هڪ ڏينهن جون ڇهہ نمازون

آهن، پنج فرض ۽ هڪ وتر واجب، مثلاً ٻہ ڪلو پنجاھ گرام ڪڻڪ جا پيسا 12 رپيا ٿيا تہ هڪ ڏينهن جي نمازن جا 72 رپيا ٿيا ۽ 30 ڏينهن جا 2160 روپيا ۽ ٻارهن مهينن جا تقريباً 25920 روپيا ٿيا، هاڻي ڪنهن ميت تي 50 سالن جون نمازون باقي آهن تہ فديو ادا ڪرڻ جي لاءِ 1296000 روپيا خيرات ڪرڻا پوندا، ظاهر آهي تہ هر ماڻهو ايترا پيسا خيرات ڪرڻ جي طاقت نہ ٿو رکي، ان لاءِ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تعالٰی شَرعِي حِيلو ارشاد فرمايو آهي مثلاً هو 30 ڏينهن جي تمام نمازن جي فديي جي نيت سان 2160 روپيا ڪنهن فقير (فقير ۽ مسڪين جي تعريف ص 23، 24 تي ملاحظہ فرمايو) جي مِلڪ ڪري (يعني فقيرکي مالڪ ڪري ڇڏي) هي 30 ڏينهن جي نمازن جو فديو ادا ٿي ويو، هاڻي اهو فقير اهي پيسا ڏيندڙ کي ئي هِبہ ڪري ڇڏي (يعني تحفي ۾ ڏئي ڇڏي) هو هٿ ۾ ڪرڻ بعد وري فقير کي 30 ڏينهن جي نمازن جي فديي جي نيت سان قبضي ۾ ڏئي ڪري ان کي مالڪ بڻائي، اهڙي طرح ڏي وٺ ڪندا رهن ۽ ائين سمورين نمازن جو فديو ادا ٿي ويندو. 30 ڏينهن جي پيسن جي ذريعي ئي حِيلو ڪرڻ شرط ناهي اهو تہ سمجهائڻ لاءِ مثال ڏنو آهي، جيڪڏهن بالفرض 50 سالن جي فديي جا پيسا موجود هجن تہ هڪ ڀيري ئي ڏي وٺ ڪرڻ سان ڪم ٿي ويندو. گڏوگڏ فِطري جي پيسن جو حساب بہ ڪڻڪ جي موجوده اگهہ سان لڳائڻو پوندو. اهڙي طرح في روزو بہ هڪ فِطرو آهي. (درمختار معہ ردالمحتار ج 2 ص 644) نمازن جو

فديو ادا ڪرڻ ڪانپوءِ روزن جو بہ انهي طريقي سان فديو ادا ڪري سگهو ٿا، غريب ۽ امير سڀئي فديي جو حيلو ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن وارث پنهنجي مرحومن جي لاءِ اهو عمل ڪن تہ هي ميت جي زبردست امداد ٿيندي، اهڙي طرح مرڻ وارو بہ **ان شاءالله** عَزَّوَجَلَّ فرضن جي بار کان آجو ٿيندو ۽ وارث بہ اجر ۽ ثواب جا حقدار ٿيندا، ڪجهہ ماڻهو مسجد وغيره ۾ هڪ قرآن پاڪ جو نسخو ڏئي ڪري پنهنجي دل کي مجائيندا آهن تہ اسان مرحوم جي تمام نمازن جو فديو ادا ڪري ڇڏيو هي سندن غلط فهمي آهي .

**(تفصيل لاءِ ڏسو فتاوي رضويہ ج 8 ص 167)**

## مرحوم جي فديي جو هڪ مسئلو

جيڪڏهن عورت جي حيض (ماهواري) جي عادت معلوم هجي تہ اوترا ڏينهن ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ هر مهيني مان ٽي ڏينهن، نون سالن جي عمر کان الڳ ڪريو، پر جيترا ڀيرا حمل رهيو هجي، حمل جي مدت جي مهينن مان حيض جي ڏينهن کي الڳ نہ ڪيو، جيڪڏهن عورت جي نفاس جي عادت معلوم هجي تہ هر حمل کان پوءِ اوترا ڏينهن الڳ ڪري ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ ڪجهہ ناهي ڇو تہ نِفاس جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ (مُدَت) شرعي طور تي ڪا بہ مقرر ناهي ممڪن آهي تہ هڪ ئي منٽ اچي ڪري فوراً پاڪ ٿي وڃي .

**( ماخوذ از فتاوي رضويہ ج 8 ص 154)**

## 100 ڪوڙن جو حِيلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نماز جي فديي جو حيلو مون پنهنجي طرفان نہ لکيو آهي، شَرعِي حِيلي جو جواز قرآن، حديث ۽ فِقهِ حنفي جي مُعتَبر ڪتابن ۾ موجود آهي جيئن تہ حضرت سيّدنا ايوب علي نبينا وعليه الصّلوة والسلام جي بيماري جي زماني ۾ سندن عليه السلام جي گهرواري رضي الله تعالیٰ عنها هڪ دفعي خدمت سراپاءِ عظمت ۾ دير سان حاضر ٿي تہ پاڻ عليه السلام قسم کنيو تہ مان تندرست ٿي ڪري سؤ ڪَوڙا (يعني دُرا) هڻندس، تندرست ٿيڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ کين ٻهاري جا سؤ تيلا هڻڻ جو حڪم فرمايو، جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ آهي:

وَ خُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ؕ (پاره ٢٣، ٤٤)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ فرمايائين پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻوهارو ڪٽي ڪري ان سان مار ۽ قسم نہ ٽوڙ.

”عالمگيري“ ۾ حِيلن جو هڪ مُستَقل باب آهي، جنهن جو نالو ”ڪتاب الحِيَل“ آهي جيئن تہ عالمگيري ڪتابُ الحِيَل ۾ آهي جيڪو حِيلو ڪنهن جو حق ڦٻائڻ يا ان ۾ شڪ پيدا ڪرڻ يا باطل سان فريب ڏيڻ لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو مڪروه آهي ۽ جيڪو حيلو ان لاءِ ڪيو وڃي جيئن ماڻهو حرام کان بچي وڃي يا حلال کي حاصل ڪري وٺي اهو صحيح آهي، ان قسم جي حيلن جي جائز هجڻ جو دليل الله عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان آهي :

وَ خُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ؕ (پاره ٢٣، ٤٤)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ فرمايائين پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻوهارو ڪٽي ڪري ان سان مار ۽ قسم نہ ٽوڙ.

(فتاوي عالمگيري ج 6 ص 390)

## ڪن ٽوپڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو؟

حيلي جي جائز هجڻ تي هڪ ٻيو دليل ملاحظہ فرمايو جيئن حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت سيدتنا ساره ۽ حضرت سيدتنا هاجره رضی اللہ تعالیٰ عنہما ۾ ڪا اڻبڻت ٿي وئي،حضرت سيدتنا ساره رضی اللہ تعالیٰ عنہا قسم کنيو تہ جيڪڏهن مون کي موقعو مليو تہ مان حاجره رضی اللہ تعالیٰ عنہا جو ڪو عُضوو ڪٽينديس، الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا جبريل عليه السلام کي حضرت سيّدنا ابرهيم خليل الله علي نبينا وعليه الصلوة والسلام جي خدمت اَقدَس ۾ موڪليو تہ انهن جي وچ ۾ ناهہ ڪرائي ڇڏيو، حضرت سيدتنا ساره رضی اللہ تعالیٰ عنہا عرض ڪيو تہ "مَاحِيلةُ يَمِينِي" يعني منهنجي قسم جو ڇا حيلو ٿيندو؟ حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله علي نبينا وعليه الصلوة والسلام تي وحي نازل ٿي تہ (حضرت) ساره رضی اللہ تعالیٰ عنہا کي حڪم ڏي تہ هوءَ (حضرت) هاجره رضی اللہ تعالیٰ عنہا جا ڪن ٽوپي . **ان وقت کان ڪن ٽوپڻ جو رواج پيو .** (غمز عيون البصائر شرح الاشباه والنظائر ج 3 ص 295)

## ٻڪرين جي گوشت جو تحفو

اُمُّ المؤمِنِين حضرت سيّدَتُنا عائِشہ صِدِيقہ رضی اللہ تعالیٰ عنہا کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي سلطان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي خدمت ۾ ڳئون جو گوشت حاضر ڪيو ويو، ڪنهن عرض ڪيو هي گوشت حضرت سيدتنا بريره رضی اللہ تعالیٰ عنہا تي صدقو ٿيو هو، فرمايائون: هُوَ لَهَا صَدقَة ولَنا هَديَة يعني هي بريره جي لاءِ صدقو هيو اسان جي لاءِ تحفو آهي. (صحيح مسلم ص 541 حديث 1075)

# زَڪوٰة جو شَرعِي حِيلو

هن حديث پاڪ مان صاف ظاهر آهي تہ حضرت سيّدتنا بريره رضی اللہ تعالیٰ عنہا جيڪي صدقي جون حقدار هيون انهن کي صدقي جي طور تي مليل ڳئون جو گوشت جيتوڻيڪ سندن جي حق ۾ صدقو ئي هو پر قبضي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن بارگاهِ رِسالت ۾ پيش ڪيو ويوتہ ان جو حڪم بدلجي ويو ۽ پوءِ اهو صدقو نہ رهيو ائين ئي ڪو حقدار شخص زڪوٰت پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ کان بعد ڪنهن بہ ماڻهو کي تحفي ۾ ڏئي سگهي ٿو يا مسجد وغيره جي لاءِ پيش ڪري سگهي ٿو، ذڪر ڪيل حقدار شخص جو پيش ڪرڻ هاڻي زڪوٰت نہ رهي، هديو يا عطيو ٿي ويو. فُقهاءِ ڪرام عليهم الرحمه زڪوٰت جو شرعي حيلو ڪرڻ جو طريقو هيئن ارشاد فرمائن ٿا: ”زڪوٰت جا پيسا مردي جي ڪَفن دَفن يا مسجد جي تَعمِير ۾ نہ ٿا لڳائي سگهجن ڇو تہ فَقِير جي تَمليڪ (يعني فقير کي پيسن جو مالڪ بڻائڻ واري صورت) موجود ناهي، جيڪڏهن هنن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ چاهيو تہ ان جو طريقو هي آهي تہ فقير کي (زڪوٰت جي پيسن جو) مالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ اهو (مسجد جي تعمير وغيره ۾) لڳائي اهڙي طرح ٻنهي کي ثواب ملندو ۔ “ (بهارشريعت ج 1 ص 890)

# 100 ماڻهن جي برابر ثواب ملي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو! ڪفن دفن بلڪ مسجد جي تعمير ۾ بہ شَرعِي حيلي جي ذريعي زڪوٰت استعمال ڪري

سگهجي ٿي ، چو ته زڪوٰت ته فقير جي حق ۾ هئي جڏهن فقير قبضو ڪيائين ته هاڻي هو مالڪ ٿي چڪو جيڪو چاهي ڪري شرعي حيلي جي برڪت سان ڏيڻ واري جي زڪوٰت به ادا ٿي وئي ۽ فقير به مسجد ۾ ڏئي ڪري ثواب جو حقدار ٿي ويو، شرعي فقير کي حيلي جو مسئلو بيشڪ سمجهايو وڃي پر پيسا ڏيڻ وقت جيڪڏهن واضح طور ائين چيو ته ”تون رکي نه ڇڏجان ۽ واپس ڪجانءِ“ ته حيلو صحيح نه ٿيندو، حيلو ڪرڻ وقت ممڪن هجي ته گهڻن ماڻهن جي هٿ ۾ زڪوٰت ڦيرائڻ گهرجي ته جيئن سڀني کي ثواب ملي، مثلا حيلي جي لاءِ شرعي فقير کي 12 لک رپيا زڪوٰت ڏني، هٿ ۾ ڪرڻ کان پوءِ هو ڪنهن به اسلامي ڀاءُ کي تحفي طور ڏي هو به هٿ ۾ ڪرڻ کان بعد ڪنهن ٻئي کي مالڪ بڻائي، ائين سڀئي ثواب جي نيت سان هڪ ٻئي کي مالڪ بڻائيندا رهن، آخري شخص مسجد يا جنهن ڪم لاءِ حيلو ڪيو هو ان لاءِ ڏئي ڇڏي ته ان شَاءَالله عَزَّوَجَلَّ سڀني کي ٻارهن ٻارهن لک رپيا صدقو ڪرڻ جو ثواب ملندو، جيئن ته حضرت سيدنا ابو هريره رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪر جُودو سَخاوت، سراپاءِ رَحمت، محبوب ربِّ العِزّت صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہ وسلم ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن سؤ هٿن ۾ صدقو گذريو ته سڀني کي اوترو ئي ثواب ملندو جيترو ڏيڻ واري جي لاءِ آهي ۽ ان جي اَجر ۾ ڪا ڪمي نه ٿيندي ۔ (تاريخ بغداد ج 7 ص 135 رقم 356)

## فقير جي تعريف

فَقير اهو آهي (الف) جنهن وٽ ڪجھ نہ ڪجھ هجي پر ايترو نہ هجي جو نصاب تائين پهچي وڃي (ب) يا نصاب جيترو تہ هجي پر ان جي حَاجت اَصليہ (زندگي جي ضرورتن) ۾ گهيريل هجي مثلاً رهائش واري جڳھ ،گهريلو سامان، سواري جا جانور (يا اسڪوٽر يا ڪار) ڪاريگرن جا اوزار، پائڻ جا ڪپڙا، خدمت لاءِ ٻانهي ۽ غلام، علمي شغل رکڻ واري لاءِ اسلامي ڪتاب جيڪي ان جي ضرورت کان وڌيڪ نہ هجن (ڄ) اهڙي طرح جيڪڏهن قرضي آهي ۽ قرض ڏيڻ کان بعد نصاب باقي نہ بچي تہ فقير آهي جيتوڻيڪ ان وٽ هڪ تہ ڇا ڪيترائي نصاب هجن . (ردالمحتار ج 3 ص 333)

## مسڪين جي تعريف

مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ڪجھ نہ هجي ايتري تائين جو ڪائڻ ۽ جسم ڍڪڻ لاءِ ان جو محتاج آهي تہ ماڻهن کان سوال ڪري ۽ ان کي سوال ڪرڻ جائز آهي، فقير کي (يعني جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن جو کائڻ ۽ پائڻ لاءِ موجود آهي) بنا ضرورت ۽ مجبوري جي سوال ڪرڻ حرام آهي .

(فتاوي عالمگيري ج 1 ص 188،187، بهارشريعت ج 1 ص 924)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو** ! معلوم ٿيو تہ جيڪي پينو فقير ڪمائڻ جي طاقت رکڻ باوجود بغير ضرورت ۽ مجبوري جي ڏنڌي جي طور تي پنندا آهن اهي گنهگار آهن ۽ اهڙن جي حال

ڪان باخبر هجڻ جي باوجود انهن کي ڏيڻ جائز ناهي .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

حُسن الظنّ مِن حُسنِ العِبَادَتِ

يعني حسن ظن (سٺو گمان) عمدا عِبادت مان آهي .



طالبِ غم مدينہ
و
بقيع
و
مغفرت
3 شعبان المعظم 1426 هـ

## ٻار مسجد ۾ وٺي اچڻ منع آهي

**سلطان مدينہ، قرار قلب وسينہ، فيض گنجينہ، باعث نزول سڪينہ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمان باقرينہ آهي "مسجدن کي ٻارن ۽ چرين ۽ خريد و فروخت ۽ جهيڙي ۽ آواز بلند ڪرڻ ۽ حدون قائم ڪرڻ ۽ تلوار ڪڍڻ کان بچايو. (ابن ماجہ ج 1ص 415 حديث 750)

**اهڙو ٻار جنهن کان نجاست** (يعني پيشاب وغيره ڪري ڇڏڻ) **جو خطرو هجي ۽ چرئي کي مسجد جي اندر آڻڻ حرام آهي جيڪڏهن نجاست جو خطرو نہ هجي تہ مڪروهہ آهي** جيڪي ماڻهو جوتا مسجد جي اندر کڻي ويندا آهن انهن کي ان جو خيال رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن نجاست لڳل هجي تہ صاف ڪري ڇڏيو ۽ جوتو پائي مسجد ۾ هليو وڃڻ بي ادبي آهي . (بهارشريعت حصو 3 ص 92)

**مسجد** ۾ ٻار يا چريي (يا بيهوشي يا جنهن تي جن آيل هجي ان) کي **مسجد** ۾ دم ڪرائڻ لاءِ آڻڻ جي بہ **شريعت** جي طرفان اجازت ناهي، ٻار کي چڱي طرح ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري نہ تہ آٽي سگهون جيڪڏهن توهان ٻاروغيره کي **مسجد** ۾ آڻڻ جي ڀل ڪري چڪا آهيو تہ براءِ ڪرم! فورًا توبہ ڪري آئينده نہ آڻڻ جو واعدو ڪريو. (جيڪو اهڙي وقت تي پرچو پڙهي جو ٻار ان سان گڏ آهي تہ درخواست آهي تہ فورًا ٻار کي **مسجد** مان ٻاهر وني وڃي ۽ توبہ بہ ڪري ها فناءِ **مسجد** ۾ ٻار کي آٽي سگهو ٿا جڏهن تہ **مسجد** جي اندران نہ گذرڻو پوي)

صَــلُّو عَـلَى الـحَـبِيب! صَـلَّى اللهُ تَعَالٰى عَـلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# نمازجنازہ جو طريقو

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهو، قوي امکان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن.

## درود شريف جي فضيلت

رَحمتِ عالمِيان صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان بَرڪت نشان آهي: ”جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرُود شريف پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اَجر لکندو آهي ۽ قِيراط اُحُد جبل جيڏو آهي. (مصنف عبد الرزاق ج 1 ص 51 حديث 153)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وليءَ جي جنازي ۾ شرڪت جي برڪت

هڪ شخص حضرت سَيِّدنا سَرِّي سَقطي رحمۃ اللہ علیہ جي جنازي ۾ شريڪ ٿيو، رات جو خواب ۾ حضرت سَيِّدنا سِري سَقطي رحمۃ اللہ علیہ جي زيارت ٿي ته پُڇا ڪئي: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ۽ منهنجي جنازي ۾ شريڪ ٿي ڪري جنازي نماز پڙهڻ وارن جي بخشش فرمائي ڇڏي، ان عرض ڪيو: يا سَيِّدي! مون به

توهانجي جنازي ۾ شريڪ ٿي ڪري جنازي جي نماز پڙهي هئي، ته پاڻ هڪ فهرست ڪڍيائون پر ان شخص جو نالو شامل نه هو جڏهن غور سان ڏٺائون ته ان جو نالو حاشيي تي موجود هو. (تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 20 ص 198)

## عَقِيدتمندن جي بہ مَغفِرت

حضرت سَيِّدنا بِشر حافي عليه رحمة الله الكافي ڪي وفات ڪان پوءِ حضرت قاسم بن مُنَبِّہ رَحْمَۃُاللہِ تعالٰی عَلَیْہِ خواب ۾ ڏٺي پڇيو: ما فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو: اي بِشر! توکي بلڪ تنهنجي جنازي ۾ جيڪي جيڪي شريڪ ٿيا انهن کي بہ مون بخشي ڇڏيو ته مون عرض ڪيو: يارب عَزَّوَجَلَّ مون سان محبت ڪرڻ وارن کي بہ بخش فرما ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت وڏيڪ جوش ۾ آئي ۽ ارشاد فرمايو: قيامت تائين جيڪي توسان محبت ڪندا انهن سڀني کي بہ مون بخشي ڇڏيو.
(تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 10 ص 225)

اعمال نہ دیکھے یہ دیکھا، ہے میرے ولی کے در کا گدا
خالق نے مجھے یوں بخش دیا، سبحٰن اللہ سبحٰن اللہ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو** ! الله وارن سان نسبت رکڻ سعادت آهي، انهن جو ذِڪرِ خير رَحمت نازل ٿيڻ جو سبب انهن جي صحبت بڻهي جهانن جي لاءِ بابرڪت انهن جي مَزارن جي زيارت گناهن جي بيمارين جو علاج ۽ انهن جي عقيدت آخرت

جي نجات جو ذريعو آهي. الحمدللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ اولياءِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ سان عقيدت ۽ ڪامل ولي حضرت سَيِّدنا بِشر حافي عليه رحمة الله الکافی سان محبت آهي ياالله عَزَّوَجَلَّ انهن جي صدقي اسان جي بہ مغفرت فرماءِ. آمين بجاه النبي الامين صلی الله تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

بِشرِ حافی سے ہمیں تو پیار ہے
ان شاء اللہ اپنا بیڑا پار ہے

## ڪفن چور

هڪ عورت جي جناري نماز ۾ هڪ ڪفن چور بہ شامل ٿي ويو ۽ قبرستان گڏ وڃي ان قبر جي جڳهہ کي ذهن ۾ رکيو جڏهن رات ٿي تہ ان ڪفن چورائڻ لاءِ قبر کوٽي تہ اوچتو مرحومہ ڳالهائڻ لڳي، سُبحٰن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ بخشش جو حقدار شخص هڪ بخشيل عورت جو ڪفن چورائي ٿو، ٻڌ ! اللّٰه تعاليٰ منهنجي بہ بخشش ڪري ڇڏي ۽ انهن تمام ماڻهن جي بہ جن منهنجي جنازي جي نماز پڙهي ۽ تون بہ انهن ۾ شريڪ هئين، اهو ٻڌي ان فوراً قبر تي مٽي وجهي ڇڏي ۽ سچيءَ دل سان توبهہ تائب ٿي ويو . (شعب الايمان ج 7 ص 8 حديث 9261)

## جنازي ۾ شريڪ ٿيندڙن جي بخشش

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! نيڪ ٻانهن جي جنازي نماز ۾ حاضري ڪيتري قدر سعادتمندي جي ڳالهہ آهي، جڏهن بہ موقعو ملي بلڪ موقعو ڪڍي ڪري مسلمانن جي جنازي ۾

شرڪت ڪرڻ گھرجي، ٿي سگھي ٿو ڪنهن نيڪ ٻانهي جي جنازي ۾ شامل ٿيڻ اسانجي لاءِ مَغفِرت جو سبب بڻجي وڃي، خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت تان قربان جو جڏهن هو ڪنهن مرڻ واري جي مَغفِرت فرمائي ڇڏيندو آهي ته ان جي جنازي سان گڏ هلڻ وارن کي به بخشي ڇڏيندو آهي، جيئن ته حضرت سَيِّدنا عبدالله بن عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما کان روايت آهي ته سرڪار مدينه سلطان باقرينه، فيض گنجينه صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: مومن شخص کي مرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين اها جزا ڏني ويندي ته ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿيندڙن سيني جي بخشش ڪئي ويندي آهي . (الترغيب والترهيب ج 4 ص 178 حديث 13)

## قبر ۾ پهريون تُحفو

سرڪار نامدار، شهنشاهه ابرار صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان مغفرت نشان آهي: ”مومن جڏهن قبر ۾ داخل ٿيندو آهي ته ان کي سڀ کان پهريون تُحفو هي ڏنو ويندو آهي جو ان جي جنازي نماز پڙهڻ وارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي .“

(شعب الايمان ج 7 ص 7 حديث 9257)

## جنتي جو جنازو

مني مني آقا، مدني مصطفٰي صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمانِ عافِيَّت نشان آهي: جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ حياء فرمائيندو آهي ته انهن ماڻهن کي عذاب ڏئي جيڪي

ان جو جنازو ڪڍي هليا ۽ جيڪي ان جي پٺيان هليا ۽ جن ان جي جنازي نماز ادا ڪئي . (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 282 حديث 1108)

## جنازي سان گڏ هلڻ جو ثواب

حضرت سَيِّدنا دائود علي نبينا وعليه الصلاة والسلام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪو صرف تنهنجي رضا جي لاءِ جنازي سان گڏ هليو ان جي جزا ڇا آهي؟ اللّٰه تعالي فرمايو: جنهن ڏينهن هو مرندو ته فِرشتا ان جي جنازي سان گڏ هلندا ۽ مان ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندس . (شرح الصدور ص 97)

## اُحُد جبل جيڏو ثواب

حضرت سَيِّدنا ابو هريره رضي الله تعالى عنه فرمايو سرڪار مدينه، سلطان باقرينه قرار قلب ۽ سينه فيض گنجينه صلى الله تعالى عليه واله وسلم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص (ايمان جي تقاضا سمجهي ڪري ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان) پنهنجي گهر کان جنازي سان گڏ هلندو، جنازي نماز پڙهي ۽ دفن تائين جنازي سان گڏ رهي ته ان جي لاءِ ٻه قيراط ثواب آهي جنهن مان هر قيراط احد جبل جيترو آهي، ۽ جيڪو شخص صرف جنازي نماز پڙهي واپس آيو (۽ دفن ۾ شريڪ نه ٿئي ته) ان لاءِ هڪ قِيراط ثواب آهي .

(صحيح مسلم ص 472 حديث 945)

## جنازي جي نماز عِبرت جو سبب آهي

حضرت سَيِّدنا ابوذَر غِفاري رضي الله تعالى عنه جو فرمان آهي مون کي نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسول مُحتَشَم صلى الله تعالى عليه واله وسلم فرمايو:

قبرن جي زيارت ڪريو تہ جيئن آخرت جي ياد اچي ۽ مردي کي وهنجاريو جو فاني جسم (يعني مئل جسم) کي ڇهڻ تمام وڏي نصيحت آهي ۽ جنازي نماز پڙهو تہ جيئن اها توهانکي غمگين ڪري ڇوتہ غمگين انسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڇانو ۾ هوندو آهي ۽ نيڪي جو ڪم ڪندو آهي . (المستدرڪ للحاڪم ج 1 ص 711 حديث 1435)

## مَيت کي وهنجارڻ وغيره جي فضيلت

حضرت مولاءِ ڪائنات سَيِّدنا علي المرتضي شير خدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ شهنشاهہ ڪون و مڪان، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰه تعالٰی عليه واٰلهٖ وسلم ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنهن ميِّت کي وهنجاري، ڪفن پارائيندو، خوشبو لڳائي، جنازو کڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪا ناقص ڳالهہ نظر اچي ان کي لڪائي تہ اهو پهنجي گناهن کان اهڙو پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن جنهن ڏينهن ماءُ جي پيٽ مان ڄائو هو . (سنن ابن ماجہ ج 2 ص 201 حديث 1462)

## جنازي کي ڏسي پڙهو

حضرت سَيِّدنا مالڪ بن انس رضی اللّٰه تعالٰی عنه کي وفات کانپوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇا ڪئي ما فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ ؟ يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون هڪ جملي جي سبب بخشي ڇڏيو جيڪوحضرت سَيِّدنا عثمان غني رضی اللّٰه تعالٰی عنه جنازي کي ڏسي چوندا هئا سُبۡحٰنَ الۡحَيِّ الَّذِی لَا يَمُوۡت (يعني اها ذات پاڪ آهي جيڪا زنده آهي انکي ڪڏهن موت نہ ايندو) تنهن ڪري مان بہ جنازو

ڏسي ائين ئي چوندو هئس ان جملي (چوڻ) سبب اللهﷻ مون کي بخشي ڇڏيو . (ملخصاً احياء العلوم ج 5 ص 266)

## جنازي جي نماز فرضِ ڪِفايہ آهي

جنازي نماز فرضِ ڪِفايہ آهي يعني ڪو هڪ بہ ادا ڪري وٺي تہ سڀ بريءالذمہ نہ تہ جن جن کي خبر پهتي ۽ اهي نہ آيا تہ اهي سڀ گنهگار ٿيندا.(فتاوي تاتارخانيہ ج 2 ص 153) ان جي لاءِ جماعت شرط ناهي هڪ شخص بہ پڙهي تہ فرض ادا ٿي ويندو. (فتاوي عالمگيري ج 1 ص 162) ان جي فَرضَيَّت جو انڪار ڪرڻ ڪُفر آهي .

(بهار شريعت ج 1 ص 825 ، عالمگيري ج 1 ص 162، درمختار ج 3 ص 130)

## جنازي نماز ۾ ٻہ رڪن ۽ ٽي سنتون آهن.

ٻہ رڪن هي آهن (1) چار ڀيرا الله اڪبر چوڻ (2) قِيام .

(درمختار ج 3 ص 124)

ان ۾ ٽي سنّت مؤڪّده هي آهن (1) ثنا (2) درود شريف (3) مَيِّت لاءِ دعا . (بهار شريعت ج 1 ص 829)

## جنازي نماز جو طريقو (حنفي)

مقتدي هيئن نيّت ڪري مان نيّت ڪريان ٿو هن جنازي نماز جي واسطي اللهﷻ جي، (درود مٿي نبي ڪريم ﷺ جي) دُعا هن ميِّت جي لاءِ، پنيان هن امام جي، (فتاوي تاتارخانيہ ج 2 ص 153) هاڻي امام ۽ مُقتَدي پهريان ڪنن تائين هٿ کڻن ۽ الله اڪبر چوندي فورًاً معمول مطابق دُن جي هينان هٿ ٻڌي ڇڏين ۽ ثنا پڙهن ان ۾ وتَعالىٰ جَدُّڪَ کانپوءِ وَجَلَّ ثَنَاءُكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ پڙهن پوءِ

بنا هٿ کڻڻ جي الله اکبر چون پوءِ درود ابراهيم پڙهن ۽ وري بغير هٿ کڻڻ جي الله اکبر چئو ۽ دعا پڙهو (امام تکبيرون بلند آواز سان چوي ۽ مقتدي آهستي باقي تمام اذکار امام ۽ مقتدي سڀ آهستي پڙهن) دعا کانپوءِ الله اکبر چئو ۽ هٿ ڇڏي ڏيو پوءِ ٻنهي پاسي سلام ڦيري ڇڏيو. (بهار شريعت ج 1 ص 829،830)

صَلُّو عَلَي الحَبِيب! صَلَي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بالغ مرد ۽ عورت جي جنازي جي دعا

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَ مَيِّتِنَا وَ شَا هِدِنَا وَغَائِبِنَا وَ صَغِيْرِ نَا وَكَبِيْرِ نَا وَ ذَكَرِنَا وَ اُنْثٰنَا ط اَللّٰهُمَّ مَنْ اَحْيَيْتَهٗ مِنَّا فَاَحْيِهٖ عَلَى الْاِسْلَامِ وَ مَنْ تَوَفَّيْتَهٗ مِنَّا فَتَوَفَّهٗ عَلَى الْاِيْمَان ط

ترجمو: الاهي عَزَّوَجَلَّ بخش اسان جي هر زنده کي ۽ اسان جي هر فوت ٿيل کي ۽ اسان جي هر حاضر کي ۽ اسان جي هر غائب کي ۽ اسان جي هر ننڍي کي ۽ اسان جي هر وڏي کي ۽ اسان جي هر مرد کي ۽ اسان جي هر عورت کي الاهي تون اسان مان جنهن کي زنده رکين تہ ان کي اسلام تي زنده رک ۽ اسان مان جنهن کي موت ڏين تہ ان کي ايمان تي موت ڏي.

(المستدرک للحاکم ج 1 ص 684 حديث 1366)

## نابالغ ڇوڪري جي دعا

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ لَنَا فَرَطًا وَّ اجْعَلْهُ لَنَآ اَجْرًا وَّ ذُخْرًا وَّ اجْعَلْهُ لَنَا شَافِعًا وَّ مُشَفَّعًا ط

(بهار شريعت ج 1 ص 835، الجوهرة النيرة ص 138)

**ترجمو:** الاهي هن (ڇوڪري) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ اَجر جو سبب ۽ وقت تي ڪم اچڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ سِفارش ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ اهو جنهن جي سِفارش منظور ٿي وڃي .

## نابالغ ڇوڪريءَ جي دعا

اَللّٰھُمَّ اجۡعَلۡھَا لَنَا فَرَطًا وَّ اجۡعَلۡھَا لَنَآ اَجۡرًا وَّ ذُخۡرًا وَّ اجۡعَلۡھَا لَنَا شَافِعَةً وَّ مُشَفَّعَةً ط

**ترجمو** : الاهي عَزَّوَجَلَّ هن (ڇوڪريءَ) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ اجر (جو سبب) ۽ وقت تي ڪم اچڻ واري بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ سفارش ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ اها جنهن جي سِفارش منظور ٿي وڃي.

(بهار شريعت ج 1 ص 835)

## جوتن تي بيهي ڪري جنازي نماز پڙهڻ

جوتا پائي جيڪڏهن جنازي نماز پڙهو ته جوتن ۽ زمين ٻنهي جو پاڪ هجڻ ضروري آهي جيڪڏهن جوتا لاهي ان تي بيهي پڙهو ته جوتن جي ترِي ۽ زمين ٻنهي جو پاڪ هئڻ ضروري ناهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّحْمٰن هڪ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن اها جڳهه پيشاب وغيره سان ناپاڪ هجي يا جنهن جي جوتن جا ترا ناپاڪ هجن ۽ انهي حالت ۾ جوتا پائي نماز پڙهي ته انهن جي نماز نه ٿي، احتياط انهي ۾ آهي ته جوتا لاهي انهن جي مٿان نماز پڙهي وڃي ته جيئن زمين يا ترا جيڪڏهن ناپاڪ هجن ته نماز ۾ خلل نه اچي.

(فتاويٰ رضويه ج 9 ص 188)

## غائبانه نماز جنازه

مَيِّت جو سامهون هجڻ ضروري آهي، غائبانه جنازي نماز نه

ٿي سگهندي . مُستَحَب هي آهي ته امام ميّت جي سيني جي سامهون بيهي . (درمختار ج 3 ص 123،134)

## چند جنازن جي تڏيل نماز جو طريقو

چند جنازا هڪ بئي سان گڏ به پڙهي سگهجن ٿا ان ۾ اختيار آهي ته سيني کي اڳتي پوئتي رکو يعني سيني جو سينو امام جي سامهون هجي يا قطار بند يعني هڪ جي پيرن جي سِڌ ۾ بئي جي سيراندي ۽ بئي جي پيرن جي سِڌ ۾ ٽئين جي سيراندي، وعلٰي هٰذا القياس (يعني انهي تي اندازو ڪيو)
(بهار شريعت ج 1 ص 839، عالمگيري ج 1 ص 165)

## جنازي ۾ ڪيتريون صفون هجن

بهتر هي آهي ته جنازي ۾ ٽي صفون هجن جو حديث پاڪ ۾ آهي ته جنهن جي جنازي نماز ٽن صفن پڙهي ان جي بخشش ٿي ويندي (جامع ترمذي ج 1 ص 22) جيڪڏهن ڪُل ست ماڻهو هجن ته هڪ امام بڻجي وجي هاڻي پهرين صف ۾ ٽي ڄڻا بيهن بي ۾ ٻه ۽ ٽين ۾ هڪ ( غنيته المستملي ص 541) جنازي ۾ پوئين صف تمام صفن کان افضل آهي . (درمختار ج 3 ص 131)

## جنازي جي پوري جماعت نه ملي ته؟

مَسبُوق يعني (جنهن جون ڪجھ تڪبيرون رهجي وجن اهو) پنهنجيون باقي تڪبيرون امام جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ چوي ۽ جيڪڏهن هي انديشو هجي ته دعا وغيره پڙهندو ته پوري ڪرڻ کان اڳ ماڻهو جنازي کي ڪلهن تائين کڻي ويندا ته صرف

تڪبيرون چئي دعا وغيره چڙهي ڏئي چوٿين تڪبير کان پوءِ جيڪو شخص آيو اهو (جيستائين امام سلام ناهي ڦيريو) شامل ٿي وڃي ۽ امام جي سلام کانپوءِ ٿي پيرا الله اڪبر چوي پوءِ سلام ڦيري ۔ (درمختار ج 3 ص 136)

## چريي يا خود ڪشي واري جو جنازو

جيڪو پيدائشي چريو هجي يا بالغ ٿيڻ کان اڳ چريو ٿي ويو هجي ۽ انهي چريائپ ۾ موت آيو هجي ته ان جي جنازي نماز ۾ نابالغ جي دعا پڙهنداسين (بهار شريعت ج 1 ص 835، الجوهرة ص 138، غنية ص 587) جنهن خودڪشي ڪئي ان جي جنازي جي نماز پڙهي ويندي ۔ (درمختار ج 3 ص 127)

## مُئَل ٻار جا اَحڪام

مسلمان جو ٻار زنده پيدا ٿيو يعني اڪثر حصو ٻاهر ٿيڻ وقت زنده هو پوءِ مري ويو ته ان کي غسل ۽ ڪفن ڏينداسين ۽ ان جي نماز پڙهندا سين نه ته ان کي ائين ئي وهنجاري هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪري ڇڏينداسين ان جي لاءِ سنّت جي مطابق غسل ۽ ڪفن ناهي ۽ نماز به ان جي نه پڙهي ويندي مٿي جي طرف کان اڪثر جو مِقدار مٿي کان وٺي سيني تائين آهي، ان لاءِ جيڪڏهن ان جو مٿو ٻاهر ٿيو هو ۽ رَڙ ڪئي هئائين پر سيني تائين نڪرڻ کان اڳ ئي فوت ٿي ويو ته ان جي نماز نه پڙهنداسين پيرن جي طرف کان اڪثر جو مقدار چيله تائين آهي، ٻار زنده ڄائو هجي يا مُئَل يا ڪچو ڪري پيو

هجي ان جو نالو رکيو وڃي ۽ قِيامت جي ڏينهن اهو اٿاريو ويندو. (الدرالمختار، ردالمحتار ج 3 ص 152،153، بهار شريعت ج 1 ص 841)

## جنازي کي ڪُلهو ڏيڻ جو ثواب

حديث پاڪ ۾ آهي جيڪو جنازي کي چاليهه قدم کڻي هلي ان جا چاليهه ڪبيرهه گناهه معاف ڪيا ويندا، ۽ حديث شريف ۾ آهي ته جيڪو جنازي جي چئني پاون کي ڪلهو ڏيندو اللهعَزَّوَجَلَّ ان جي حتمي (يقيني) بخشش فرمائي ڇڏيندو .

(الجوهرة النيرة ص 139، بهار شريعت ج 1 ص 823، درمختار ج 3 ص 159،158)

## جنازي کي ڪلهو ڏيڻ جو طريقو

جنازي کي ڪلهو ڏيڻ عبادت آهي سنّت هي آهي هڪ ٻئي پنيان چئني پاون کي ڪلهو ڏئي ۽ هر پيري ڏهه ڏهه قدم هلي پوري سنّت هي آهي ته پهريان ساڄي پاسي جي سيراندي کي ڪلهو ڏي پوءِساڄي پيراندي کي بعد ۾ کاٻي سيراندي کيۦ پوءِ کاٻي پيراندي کي ۽ ڏهه ڏهه قدم هلندو ته ڪل چاليهه قدم ٿيا. (بهار شريعت ج 1 ص 822، عالمگيري ج 1 ص 164) ڪجهه ماڻهو جنازي جي جلوس ۾اعلان ڪندا رهندا آهن ٻه ٻه قدم هلو انهن کي گهرجي ته هيئن اعلان ڪن هر هر پائي کي ڪلهو ڏيندي ڏهه ڏهه قدم هلو .

## ٻار جو جنازو کڻڻ جو طريقو

ننڍي ٻار جي جنازي کي جيڪڏهن هڪ شخص هٿ تي کڻي هلي ته حَرج ناهي ۽ هڪ ٻئي پنيان ماڻهو هٿو هٿ وٺندا رهن

(عالمگيري ج 1 ص 164) عورتن کي (ٻار هجي يا وڏو ڪنهن جي ٻـ) جنازي سان وڃڻ ناجائز ۽ مَمنُوع آهي .
(بهار شريعت ج 1 ص 823،درمختار ج 3 ص 162)

## جنازي نماز کانپوءِ واپسيءَ جا مسئلا

جيڪو شخص جنازي سان گڏ هجي ان کي بنا نماز پڙهڻ جي واپس نہ ٿيڻ گهرجي ۽ نماز کان پوءِ مَيِّت جي وارثن کان اجازت وٺي واپس ٿي سگهي ٿو ۽ دفن کان پوءِ اجازت جي ضرورت ناهي . (عالمگيري ج 1 ص 165)

## ڇا مڙس گهرواري جي جنازي کي ڪلهو ڏئي سگهي ٿو؟

مڙس پنهنجي گهرواري جي جنازي کي ڪلهو بہ ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ بہ لاهي سگهي ٿو، ۽ منهن بہ ڏسي سگهي ٿو، صرف غسل ڏيڻ ۽ بنا رُڪاوٽ جي جسم ڇهڻ جي منع آهي. عورت پنهنجي مڙس کي غسل ڏئي سگهي ٿي .
(بهار شريعت ج 1 ص 814،813)

## مرتد جي جنازي نماز جو شرعي حڪم

مُرتَد يا ڪافِر جي جنازي نماز جو حڪم هڪ ئي آهي . مذهب تبديل ڪري عيسائي (ڪرسچن) ٿيڻ واري جي جنازي پڙهڻ واري جي باري ۾ پڇا ڪيل هڪ سوال جو جواب ڏيندي سرڪار اعلٰي حضرت امام احمد رضا رَحْمَةُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ **فتاويٰ رضويہ ج 9 صفحي 170 تي** فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن شرعي ثبوت ذريعي ثابت هجي تہ مرڻ وارو عياذ باللّٰه (خدا جي پناهہ) مذهب تبديل

ڪري عيسائي (ڪرسچن) ٿي ويو آهي ته بيشڪ ان جي جنازي نماز ۽ مسلمان جيان ڪفن، دفن سڀ حرامِ قطعي آهي قال الله تعاليٰ (الله تعاليٰ فرمائي ٿو)

وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنۡهُمۡ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمۡ عَلٰى قَبۡرِهٖ ط
(پ۱۰، التوبة: ۸۴)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ انهن مان ڪنهن جي ميت تي ڪڏهن نماز نه پڙهجانءِ ۽ نه ان جي قبر تي بيهجانءِ

پر نماز پڙهڻ واري ڪي جيڪڏهن ان جي نصرانيت (يعني عيسائي هجڻ) جي خبر نه هئي ۽ پهرين واري ڄاڻ مطابق ان کي مسلمان سمجهندا هئا، نه ڪفن، دفن ۽ نماز جنازه تائين ان شخص جو عيسائي هجڻ ثابت ٿيو ته اهي معذور ۽ بي قصور آهن ڇوته انهن جي معلومات مطابق اهي مسلمان هئا ۽ اهي افعال شريعت جي طرفان به لازمي هئا، ها جيڪڏهن ان جي عيسائي هجڻ بابت باخبر هئا پوءِ نماز جنازه ۽ ڪفن دفن ۾ شامل رهيا ته يقيناً سخت گنهگار ۽ ڪبيره جا مرتڪب ٿيا، جيستائين توبهه نه ڪن ته انهن جي پويان نماز مڪروهه آهي، پر مرتدن وارو معاملو نه اختيار ڪجي ڇوته هن گناهه سبب ڪافر نه ٿيا . اسان جي شريعت صراط مستقيم آهي افراط و تفريط (يعني حد کان وڌڻ يا گهٽڻ) ڪنهن ڳالهه ۾ پسند نه ٿي فرمائي، البت جيڪڏهن ثابت ٿي وڃي ته انهن کي عيسائي ڄاڻندي رڳو حماقت، جهالت يا ڪنهن دنياوي غرض جي نيت سبب نه بلڪ ان کي نصرانيت سبب تعظيم جو مستحق، ڪفن

دفن ۽ جنازي نماز جي لائق تصور ڪيو ته بيشڪ جنهن جنهن جو اهو خيال هوندو اهي سڀ ڪافر ۽ مرتد آهن ۽ انهن سان اهڙو برتاءُ ڪرڻ واجب آهي جيڪو مرتدن سان ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي شرڪت ڪنهن طرح به درست ناهي ۽ شريڪ ۽ تعاون ڪندڙ سڀ گنهگار. الله تعاليٰ اعلم

وَلَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ مَاتُوْا وَ هُمْ فٰسِقُوْنَ۔ ﴿پ۱۰ ،التوبة:۸۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ انهن مان ڪنهن جي ميت تي ڪڏهن نماز نه پڙهجانءِ ۽ نه ان جي قبر تي بيهجانءِ بيشڪ الله ۽ رسول جا مُنڪر ٿيا ۽ فسق (ڪفر) ئي ۾ مري ويا.

صدرالافاضل حضرت علامه مولانا سَيِّد محمد نعيم الدين مراد آبادي عليه رحمةُ اللهِ الهَادِی هن آيت جي تحت فرمائن ٿا: ”هن آيت مان ثابت ٿيو ته ڪافر جي جنازي نماز ڪنهن حال ۾ به جائز ناهي ۽ ڪافر جي قبر تي دفن ۽ زيارت جي لاءِ بيهڻ به مَمنُوع آهي .
(خزائن العرفان ص 241)

## بد مذهب جي عِيادت نه ڪريو

حضرت سَيِّدنا جابر بن عبدالله رضی الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته سرڪار مدينه منوره، سردار مڪه مڪرمه صلی الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم ارشاد فرمايو: ته جيڪڏهن اهي بيمار پئجي وڃن ته پڇڻ نه وڃو، مري وڃن ته جنازي ۾ حاضر نه ٿيو .
(سنن ابن ماجه ج 2 ص 70 رقم االحديث 92)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان جمعه

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهي وٺو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن.

## جُمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهڻ جي فضيلت

حُضُورِ اَڪرم، نُورِمُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان برڪت نشان آهي ته ”جنهن مون تي جُمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا“. (ڪنزالعمال ج 1 ص 256 رقم الحديث 2238)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو**! اسان ڪيترا خوشنصيب آهيون جو الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي جُمعةُالمبارڪ جي نِعمت سان سرفراز فرمايو، افسوس! اسان بي قدرا جُمعي شريف کي ٻه عام ڏينهن وانگر غَفلت ۾ گذاري ڇڏيندا آهيون حالانڪ جُمعو عيد جو ڏينهن آهي، جُمعو سيني ڏينهن جو سردار آهي، جُمعي جي ڏينهن جهنّم جي باهه ناهي ٻاري ويندي، جُمعي جي رات دوزخ جا دروازا ناهن کلندا، جُمعي کي قِيامت جي ڏينهن ڪنوار وانگر اٿاريو ويندو، جُمعي جي

ڏينهن مرڻ وارو خوش نصيب مسلمان شهيد جو رُتبو ماڻيندو آهي ۽ قبر جي عذاب کان محفوظ ٿي ويندو آهي . مُفسّر شَهير حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ جي فرمان مطابق ”جُمعي جو حَجّ ٿئي ته ان جو ثواب ستر حَجن جي برابر آهي، جُمعي جي هڪ نيڪي جو ثواب 70 ڀيرا آهي “.

(ملخصاً مراٰۃ ج 2 ص 323 ، 325 )

جيئن ته ان جو شرف تمام گهڻو آهي ان لاءِ جُمعي جي ڏينهن گناه جو عذاب به 70 ڀيرا آهي. (ايضاً ص 236) جُمعةُ المُبارَڪ جي فضائل جي ڇا ڳالھ ڪجي، الله عَزَّوَجَلَّ جُمعي جي نالي سان پوري سورتُ الجُمعہ نازل فرمائي آهي جيڪا قرآن ڪريم جي 28 ويهين سيپاري ۾ آهي، الله تبارڪ و تعالٰي سورت الجُمعہ جي آيت نمبر 9 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا نُوۡدِىَ لِلصَّلٰوةِ مِنۡ يَّوۡمِ الۡجُمُعَةِ فَاسۡعَوۡا اِلٰى ذِكۡرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الۡبَيۡعَ ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ۝

(پ۲۸ الجُمُعه ۹)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ ! جڏهن نماز جي آذان ٿئي جمعي جي ڏينهن ته الله جي ياد جي واسطي ڊڪ ڀريو ۽ خريد فروخت ڇڏي ڏيو اهو توهان جي لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو.

## آقا صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم پهريون جمعو ڪڏهن ادا فرمايو ؟

صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سَيّد محمد نَعِيم الدين مُراد آبادي رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ فرمائن ٿا: ”حُضُورِ اَڪرم، نُورِمُجَسَّم، شاهِ بني آدم

صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم جڏهن هجرت ڪري مديني شريف تشريف ڪٺي ويا تہ 12 ربيعُ الاَول تي سومر جي ڏينهن چاشت جي وقت "قُباء" نالي جڳهہ تي ترسيا، سومر شريف، اڱاري، اربع ۽ خميس تي هتي قيام فرمايائون ۽ مسجد جو بنياد رکيائون ۽ جمعي جي ڏينهن مديني شريف (ڏانهن وڃڻ) جو ارادو فرمايائون، بني سالم ابن عوف جي وادي جي وچ ۾ جُمعي جو وقت آيو انهي جڳهہ کي ماڻهن مسجد بڻائي، سرڪار مدينہ منوره، سردار مڪہ مڪرمہ صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم اتي جمعو ادا فرمايو ۽ خُطبو ڏنائون.

(خزائن العرفان ص 665)

**اَلحمدلله** عَزَّوَجَلَّ! اڄ بہ ان جڳهہ تي شاندار مسجد جُمعہ قائم آهي. ۽ زائرين بَرڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي زيارت ڪندا آهن ۽ اتي نفل ادا ڪندا آهن الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مون گناهگار (سگ مدينہ) کي بہ ڪجهہ ڀيرا ان مسجد شريف جي زيارت نصيب ٿي آهي .

میں مدینے تو گیا تھا یہ بڑا شرف تھا لیکن
کبھی لوٹ کر نہ آتا تو کچھ اور بات ہوتی

## جمعي جي معنيٰ

مُفَسِّر شهيرحڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان رَحمَةُ اللهِ تعالیٰ عَلَيهِ فرمائن ٿا: "جيئن تہ هن ڏينهن ۾ تمام مَخلُوقَ وجود ۾ اچڻ لاءِ گڏ ٿي هئي جو تَخلِيق جي تَڪمِيل هن ئي ڏينهن ٿي هئي ۽ حضرت سَيِّدنا آدم صَفِيُّ الله علىٰ نَبِيِّنا وَعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام جي مٽي هن ئي ڏينهن

جمع تي هئي ۽ هن ئي ڏينهن ۾ ماڻهو جمع ٿي جمعي جي نماز ادا ڪندا آهن انهن سببن جي ڪري ان کي جمعو چوندا آهن، اسلام کان اڳ عرب ان کي عروبہ چوندا هئا.

(مراءة ج 2 ص 317)

## حُضُور صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ڪُل ڪيترا جمعا ادا فرمايا؟

نبيِّ ڪريم ، رؤف رَّحيم صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم تقريباً 500 جمعا پڙهيا آهن، ان لاءِ جو جمعو هجرت کانپوءِ شروع ٿيو هو، جنهن کان پوءِ ڏھ سال سندن صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي ظاهري زندگي مبارڪ رهي ان عرصي ۾ ايترا ئي جمعا ٿين ٿا .

(مراءة ج 2 ص 346 لمعات ج 4 ص 190 تحت الحديث 1415)

## دل تي مهر

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہ عن العُيُوب صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان عبرت نشان آهي: ”جيڪو شخص ٽن جمعن (جي نماز) کي سُستي جي سبب ڇڏي ڏيندو اللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي دل تي مهر هڻي ڇڏيندو .

(سنن ترمذي ج 2 ص 38 حديث 500)

جُمعو فرضِ عَين آهي ۽ ان جي فرضيَّت ٻيپهري کان وڌيڪ مُؤَڪَّد (يعني تاڪيدي) آهي ۽ ان جو انڪار ڪرڻ وارو ڪافر آهي .

(درمختار ج 3 ص 5 بهار شريعت ج 1 ص 762)

## جمعي جي عِمامي جي فَضيلت

سرڪار مدينہ، سلطان باقرينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو ارشاد رحمت بنياد آهي: ”بيشڪ اللہ تعالي ۽ ان

جا فِرشتا جُمعي جي ڏينهن عِمامو ٻڌڻ وارن تي دُرُود موڪليندا آهن ـ“ (مجمع الزوائد ج 2 ص 394 حديث 3075)

## شِفا ملندي آهي

حضرت حميد بن عبدالرحمٰن رضی اللّٰہ تعالیٰ عنہ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ فرمايائون: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجا ننهن ڪٽيندو آهي، الله تعاليٰ ان کان بيماري ڪڍي شِفا داخل ڪري ڇڏيندو آهي. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 2 ص 65)

## ڏهن ڏينهن تائين بلائن کان حِفاظت

صَدرُالشّرِيعہ بَدرُالطّرِيقہ حضرت مولانا امجد علي اعظمي رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: تہ حديث پاڪ ۾ آهي جيڪو جُمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽيندو الله تعاليٰ ان کي ٻئي جُمعي تائين بلائن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهن ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽيندو تہ رَحمت ايندي (۽) گناھ (مٽجي) ويندا .

(بهارشريعت حصو 16 ص 226 ، الدرمختار مع ردالمحتار ج 9 ص 668،669)

## رِزق ۾ تنگي جو سبب

صَدرُالشّرِيعہ بَدرُالطّرِيقہ حضرت مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مُستَحَب آهي، ها جيڪڏهن گهڻو وڌي ويا هجن تہ جمعي جو انتظار نہ ڪري ننهن وڌيل هجڻ سنو ناهي ڇوتہ ننهن وڌيل هجڻ رِزق ۾

تنگي جو سبب آهي. (بهارشريعت حصو 16 ص 226)

## فِرشتا خوشنصيبن جا نالا لکندا آهن

سرڪارمدينه، سلطان باقرينه، قرار قلب و سينه، فيض گنجينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو ارشاد رحمت بنياد آهي: ”جڏهن جمعي جو ڏينهن ايندو آهي ته مسجد جي دروازي تي فِرشتا اچڻ واري کي لکندا آهن، جيڪي پهريان آيا ان کي پهريان لکندا آهن، جلدي اچڻ وارو ان شخص وانگر آهي جيڪو الله تعاليٰ جي راهه ۾ هڪ اٺ صدقو ڪري ۽ ان کان پوءِ اچڻ وارو ان شخص وانگر آهي جيڪو هڪ ڳئون صدقو ڪري، پوءِ (اچڻ وارو) ان وانگر آهي جيڪو ڏُنبو صدقو ڪري پوءِ (اچڻ وارو) ان وانگر آهي جيڪو مُرغي صَدقو ڪري پوءِ (اچڻ وارو) ان وانگر آهي جيڪو آنڊو صدقو ڪري ۽ جڏهن امام (خطبي لاءِ) ويهندو آهي ته هو اعمال نامن کي ويڙهي ڇڏيندا آهن ۽ اچي ڪري خُطبو ٻڌندا آهن (صحيح بخاري ج 1 ص 319 حديث 929) مُفَسِّر شَهيرحڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: ”ڪجهه عالمن فرمايو آهي ته فِرشتا جمعي جي فَجر طلوع ٿيڻ کان بيهندا آهن، ڪِن جي مطابق سج چمڪڻ کان پر حق هي آهي ته سج جي زوال وقت کان پوءِ شروع ٿيندا آهن ڇو ته انهي وقت کان جمعي جو وقت شروع ٿيندو آهي معلوم ٿيو ته اهي فِرشتا سڀني اچڻ وارن جا نالا جاڻيندا آهن، خيال رهي ته جيڪڏهن پهريان سؤ ماڻهو هڪ ئي وقت گڏ آيا ته اهي سڀ اول آهن“. (مراٰة ج 2 ص 335)

## پهرين صدي ۾ جمعي جو جذبو

حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِّدنا امام محمد غزالي رَحۡمَةُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: ”پهرين صدي ۾ سَحري جي وقت ۾ فَجر کان پوءِ رستن کي ماڻهن سان ڀريل ڏٺو ويندو هو اهي ڏيئو کڻي (جمعي جي نماز لاءِ) جامع مسجد ويندا هئا جڻ عيد جو ڏينهن هجي، ايتري تائين جو هي سلسلو ختم ٿي ويو، ايستائين جو چيو ويو ته اسلام ۾ جيڪا پهرين بِدعت ظاهر ٿي اها جامع مسجد ڏانهن جلدي وڃڻ کي ڇڏڻ آهي، افسوس! مسلمانن کي يهودين کان حياء نه ٿو اچي جو اهي پنهنجي عبادتگاهن ڏانهن ڇنڇر ۽ آچر جي ڏينهن صبح سوير جو ويندا آهن جڏهن ته دنيا جا طلبگار واپار ۽ دنياوي نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ سوير ئي بازارن ڏانهن نڪري ويندا آهن ته پوءِ آخرت جا طلبگار انهن سان مقابلو ڇو نه ٿا ڪن؟ (احياء العلوم ج 1 ص 246)

## غريبن جو حَج

حضرت سَيِّدنا عبدالله بن عباس رضی اللّٰہ تعالٰی عنہما کان روايت آهي ته سرڪار نامدار، باذن پروردگار، شهنشاهِ ابرار صلی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”الجُمعَةُ حَجُّ المَساكين و في روايةٍ حَجُّ الفُقراءِ“ يعني جمعي جي نماز مسڪينن جو حج آهي (تاريخ دمشق ج 38 ص 431) ۽ ٻي روايت ۾ آهي ته جمعي جي نماز غريبن جو حج آهي.
(ڪنزالعمال ج 7ص 290 حديث 21027)

## جمعي جي لاءِ جلدي نڪرڻ حج آهي

اللهعَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”بيشڪ توهان جي لاءِ هر جُمعي جي ڏينهن ۾ هڪ حج ۽ هڪ عُمرو موجود آهي، تنهنڪري جُمعي جي نماز جي لاءِ جلدي نڪرڻ حج آهي ۽ جمعي جي نماز کانپوءِ عصر جي نماز جو انتظار ڪرڻ عُمرو آهي“.

(السنن الکبريٰ للبيهقي ج 3 ص 342 رقم الحديث 5950)

## حج ۽ عُمري جو ثواب

حُجَّةُالاسلام حضرت سَيِّدنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: (جمعي جي نماز کان پوءِ) عصر جي نماز پڙهڻ تائين مسجد ۾ ئي رهي ۽ جيڪڏهن مغرب جي نماز تائين ترسي تہ افضل آهي، چيو ويندو آهي تہ جنهن جامع مسجد ۾ (جمعو ادا ڪرڻ کان پوءِ اتي ئي ترسي) نماز عصر پڙهي ان جي لاءِ حج جو ثواب آهي ۽ جنهن (اتي ئي رهي) مغرب جي نماز پڙهي ان جي لاءِ حَجّ ۽ عُمري جو ثواب آهي. (احياء العلوم ج 1 ص 249) جتي جُمعو پڙهيو ويندو آهي ان کي جامع مسجد چوندا آهن .

## سيني ڏينهن جو سردار

سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان باقرينہ آهي: ”جمعي جو ڏينهن سيني ڏينهن جو سردار آهي ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ سڀ کان وڏو آهي ۽ اهو اللهعَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ کان وڏو آهي، ان ۾ پنج

خصلتون آهن ـ (1) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهي ڏينهن آدم عليه السلام کي پيدا ڪيو (2) انهي ڏينهن زمين تي ڪين لاٿو (3) انهيءَ ۾ ڪين وفات ڏنائين (4) ان ۾ هڪ گهڙي اهڙي آهي جو ماڻهو ان وقت جنهن شيءِ جو سوال ڪندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي ڏيندو جيستائين حرام جو سوال نہ ڪري (5) انهي ڏينهن قيامت قائم ٿيندي. ڪو مقبول فِرشتو آسمان، زمين، هوا، جبل، ۽ درياءَ اهڙو ناهي جيڪو جمعي جي ڏينهن کان نہ ڊڄندو هجي ـ (سنن ابن ماجہ ج 2 ص 8 حديث 1084)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم هي بہ فرمايو تہ ڪو جانور اهڙو ناهي جيڪو جمعي جي ڏينهن صبح جي وقت سج اڀرڻ تائين قِيامت جي خوف کان رڙيون نہ ڪندو هجي سواءِ ماڻهو ۽ جنّ جي ـ (موطا امام مالڪ ج 1 ص 115 حديث 246)

## دُعا قبُول ٿيندي آهي

سرڪار مڪہ مڪرمہ، سردار مدينہ منوره صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان عنايت نشان آهي: ”جمعي ۾ هڪ گهڙي اهڙي آهي جيڪڏهن ڪو مسلمان ان وقت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڪجھ گهرندو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي ضرور ڏيندو ۽ اها گهڙي مختصر آهي ـ“

(صحيح مسلم ص 424 حديث 852)

## عصر ۽ مغرب جي وچ ۾ ڳوليو

حضور پُرنُور شافِع يومُ النُّشُور صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان پُر سُرور آهي: ” جمعي جي ڏينهن جنهن گهڙي جي خواهش ڪئي ويندي آهي ان کي عصر کان وٺي سج لهڻ تائين ڳوليو“.

(سنن ترمذي ج 2 ص 30 حديث 489)

## صاحب بهار شريعت جو ارشاد

حضرت صَدرُ الشّريعہ مولانا محمد امجد علي اعظميرَحْمَۃُاللّٰہِتعالٰیعَلَیْہِ فرمائن ٿا تہ دعا جي قُبُولِيَّت جي گهڙين جي باري ۾ بہ قول مضبوط آهن . (1) امام جي خطبي لاءِ ويهڻ کان نماز ختم ٿيڻ تائين(2) جمعي جي پوئين گهڙي .
(بهارشريعت ج 1 ص 754)

## قبوليت جي گهڙي ڪهڙي آهي ؟

مُفسِّر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خانرَحْمَۃُاللّٰہِتعالٰیعَلَیْہِ فرمائن ٿا: رات ۾ روزانو دعا قبول ٿيڻ جي گهڙي ايندي آهي پر ڏينهن ۾ صرف جمعي جي ڏينهن پوءِ بہ يقيني طور تي هي ناهي خبر تہ اها گهڙي ڪهڙي آهي؟ غالب (گمان) آهي تہ ٻن خُطبن جي وچ ۾ يا سج لهڻ کان ٿورو اڳ، هڪ ٻي حديث پاڪ جي تحت مفتي صاحب فرمائن ٿا: ”ان گهڙي جي مُتَعَلّق عُلماء جا چاليهہ قول آهن، جن ۾ ٻہ قول وڌيڪ مضبوط آهن هڪ ٻن خطبن جي وچ وارو ۽ ٻيو سج لهڻ جو وقت “.

(مراۃ ج 2 ص 319 .320)

**حڪايت** : حضرت سَيِّدتنا فاطمہ الزهراءرضیاللّٰہتعالٰیعنہا ان وقت خود حُجري ۾ويهنديون هيون ۽ پنهنجي خادمہ حضرت فِضَّہرضیاللّٰہتعالٰیعنہا کي ٻاهر بيهارينديون هيون جڏهن سِج لهڻ لڳندو هو تہ خادمہ ڪين ٻڌائيندي هئي، ان جي ٻڌائڻ تي سَيِّدهرضیاللّٰہتعالٰیعنہا پنهنجا هٿ دعا لاءِ کڻنديون هيون، بهتر هي آهي تہ هن گهڙي ۾ ڪا جامع

دعا گهري جيئن هي قرآني دعا:

رَبَّنَا اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّفِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ۔ ﴿پ۲، البقرہ۲۰۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي اسان جا پالڻهار اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ۔

(مراءة ج 2 ص 325)

دعا جي نيت سان درود شريف به پڙهي سگهو ٿا جو درود پاڪ به عظيم الشان دعا آهي .

**افضل هي آهي تہ ٻنهي خطبن جي وچ ۾ بنا هٿ کڻڻ جي ۽ بنا زبان چورڻ جي دل ۾ دعا گهري وڃي .**

## هر جُمعي جو هڪ ڪروڙ 44 لک جهنم کان آزاد

سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو ارشادِ رَحمت بُنياد آهي: ”جمعي جي ڏينهن ۽ رات ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن ڪو ڪلاڪ اهڙو ناهي جنهن ۾ الله تعالي جهنّم کان ڇهہ لک (اهڙا ماڻهو) آزاد نہ ڪندو هجي جن تي جهنّم واجب ٿي چڪو هو“.

(مسند ابي يعلي ج 3 ص 291، 235 رقم الحديث 3421، 3471)

## قَبر جي عذاب کان محفوظ

تاجدار مدينہ منوره، سلطان مڪہ مڪرمہ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) مرندو (اهو) قبر جي عذاب کان بچايو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن ائين ايندو جو ان تي شهيدن جي مهر هوندي .

(حلية الاولياء ج 3 ص181 حديث 3629)

## جمعي ڏان جمعي تائين گناهن جي معافي

حضرت سَيِّدنا سلمان فارسي رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي تہ شَهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمت عالميان صلی الله تعالیٰ عليه واٰلہٖ وسلم جو فرمان عاليشان آهي تہ جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن غسل ڪري ۽ جنهن طهارت (پاڪائي) جي استطاعت آهي اها ڪري ۽ تيل لڳائي ۽ گهر ۾ جيڪا خوشبو هجي اها هڻي پوءِ نماز لاءِ نڪري ۽ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جدائي نہ ڪري يعني ٻہ ماڻهو ويٺل هجن تہ انهن کي هٽائي وچ ۾ نہ ويهي ۽ جيڪا نماز ان لاءِ لکي وئي آهي (اها) پڙهي ۽ امام جڏهن خطبو پڙهي تہ چپ رهي تہ ان جي لاءِ سندس گناهن جي جيڪي هن جمعي ۽ ٻئي جمعي جي وچ ۾ آهن بخشش ٿي ويندي . (صحيح بخاري ج 1 ص 306 حديث 883)

## 200 سالن جي عبادت جو ثواب

حضرت سَيِّدنا صديق اڪبر ۽ حضرت سَيِّدنا عمران بن حَصين رضي الله تعالیٰ عنه روايت ڪن ٿا تہ تاجدار مدينہ منوره، سلطان مڪہ مڪرمہ صلی الله تعالیٰ عليه واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن غسل ڪندو ان جا گناهہ ۽ خطائون مٽايون وينديون آهن ۽ جڏهن هلڻ شروع ڪندو تہ هر قدم تي ويهہ نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ هر قدم تي ويهن سالن جو عمل لکيو ويندو آهي(المعجم الڪبير للطبراني ج 18 ص 139 حديث 292)۽ جڏهن نماز کان فارغ ٿيندو تہ ان کي 200 سالن جي عمل جو اجر ملندو آهي .
(المعجم الاوسط للطبراني ج 2ص 314 حديث 3397)

## مرحوم والدين وٽ هر جمعي تي اعمال پيش ٿيندا آهن

ٻنهي جهانن جي مالڪ و مُختار، مڪي مدني سرڪار، محبوب پروردگار صَلَّی اللهُ تعالیٰ علیهِ واٰلهٖ وسلَّم ارشاد فرمايو: ”سومر ۽ خميس تي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عملَ پيش ٿيندا آهن ۽ (جڏهن تہ) انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ ماءُ پيءُ جي سامهون هر جمعي جو، هو نيڪين تي خوش ٿيندا آهن ۽ سندن چهرن جي صفائي ۽ چمڪ وڌي ويندي آهي، تہ پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ پنهنجن وفات ڪري وڃڻ وارن کي پنهنجي گناهن جي ڪري رنج نہ پهچايو“. (نوادرالاصول للترمذي ص 213)

## جمعي جا پنج خصوصي اعمال

حضرت سَيِّدنا ابو سعيد رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ نور مُجَسّم، شاهِ بنِي آدم، رسول مُحتَشم صَلَّی اللهُ تعالیٰ علیهِ واٰلهٖ وسلَّم جو فرمان مُعَظّم آهي تہ پنج شيون جيڪو هڪ ڏينهن ۾ ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنتي لکي ڇڏيندو . (1) جيڪو مريض جي عيادت ڪري (2) جنازي نماز ۾ حاضر ٿئي (3) روزو رکي (4) جمعي نماز لاءِ وڃي (5) غلام آزاد ڪري . (صحيح ابن حبان ج 4 ص 191 حديث 2760)

## جنت واجب ٿي وئي

حضرت سَيِّدنا ابو امامہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي تہ محبوب رحمٰن، شهنشاهہ ڪون و مڪان، رحمت عالميان صَلَّی اللهُ تعالیٰ علیهِ واٰلهٖ وسلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ”جنهن جمعي جي نماز پڙهي ان ڏينهن جو روزو رکيو ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي، ڪنهن جنازي ۾ حاضر

ٿيو ۽ ڪنهن نڪاح ۾ شرڪت ڪئي تہ جنت ان جي لاءِ واجب ٿي وئي - (المعجم الڪبير ج 8 ص 197 حديث 7484)

## صرف جمعي جو روزو نہ رکو

خاص ڪري صرف جمعي جو يا صرف ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروه تَنزِيهي آهي ها جيڪڏهن ڪنهن مخصوص تاريخ جو جمعو يا ڇنڇر اچي ويو تہ ڪراهت ناهي مثلاً 15 **شَعبان المُعظَّم** 27 **رَجب المُرجَب** وغيره. **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تعالٰی علیه واٰله وسلم جمعي جو ڏينهن توهان جي لاءِ عيد آهي، ان ڏينهن تي روزو نہ رکو پر هي تہ ان کان اڳ ۾ يا بعد ۾ روزو رکو. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 26 حديث 11)

## ڏهہ هزار ورهين جي روزن جو ثواب

سرڪار اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تعالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جمعي جو روزو يعني (جڏهن) ان سان گڏ خميس جو يا ڇنڇر جو روزو بہ شامل هجي روايت ڪيو ويو آهي تہ اهو ڏهہ هزار ورهين جي روزن جي برابر آهي“. (فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 653)

## جمعي جي ڏينهن ماءُ پيءُ جي قبر تي حاضري جو ثواب

سرڪار نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهہ ابرار صَلَّى اللهُ تعالٰی علیه واٰله وسلم جو فرمان خوشگوار آهي: جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ يا ڪنهن هڪ جي قبر تي هر جمعي جي ڏينهن حاضر ٿيندو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ ماءُ پيءُ سان سهڻو ورتاءُ ڪرڻ وارو لکيو ويندو. (المعجم الاوسط للطبراني ج 4ص 321حديث 6114)

## والدين جي قبر تي ياسين شريف پڙهڻ جي فضيلت

حضور اڪرم، نورمجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن والدين يا ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ ان وٽ ياسين شريف پڙهي بخشيو ويندو. (الڪامل لابن عدي ج 6 ص 260)

## ٽي هزار مَغفِرتُون

سُلطان حَرمَين، رَحمت ڪَونَين، ناناءِ حَسنَين صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان باعث چين آهي تہ جيڪو هر جمعي تي ماءُ پيءُ يا ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري اتي ياسين پڙهندو تہ ياسين شريف ۾ جيترا حرف آهن انهن سيني جي ڳڻپ برابر الله تعاليٰ ان جي لاءِ مَغفِرت فرمائيندو . (اتحاف السادة المتقين ج 14 ص 272)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جُمعي شريف تي فوت ٿي ويل ماءُ پيءُ يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبر تي حاضر ٿي ڪري ياسين شريف پڙهڻ واري جا تہ ٻيڙا ئي پار آهن، الحمد للہ عَزَّوَجَلَّ ياسين شريف ۾ 5 رڪوع 83 آيتون 729 جملا ۽ 3000 هزار حرف آهن جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ وٽ اها ڳڻپ صحيح آهي تہ **اِنْ شَاءَ الله** عَزَّوَجَلَّ ٽي هزار مَغفِرتن جو ثواب ملندو .

## رُوح گڏ ٿيندا آهن

جمعي جي ڏينهن يا (خميس ۽ جمعي جي وچ واري ) رات ۾ جيڪو ياسين شريف پڙهندو ان جي بخشش ٿي ويندي .(الترغيب والترهيب ج ج 1 ص 298 حديث 4) جمعي جي ڏينهن روح گڏ ٿيندا آهن،

تنهنڪري ان ڏينهن قبرن جي زيارت ڪرڻ گهرجي ۽ ان ڏينهن جهنّم ناهي ڀڙڪايو ويندو. (درمختار ج 3 ص 49)

سرڪار اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ فرمائن ٿا: ”(قبرن جي) زيارت جو افضل وقت جمعي جي ڏينهن فجر جي نماز کان پوءِ آهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 523)

## سورتُ الڪهف جي فضيلت

حضرت سَيِّدنا عبدالله ابن عمر رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي، نبيِّ رَحمت، شَفِيع اُمت، شهنشاهِ نُبُوَّت تاجدار رِسالت صلی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان باعظمت آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن سورت الڪهف پڙهندو ان جي پيرن کان آسمان تائين نور بلند ٿيندو جيڪو قيامت ۾ ان جي لاءِ روشن ٿيندو ۽ ٻن جمعن جي وچ ۾ جيڪي گناهہ ٿيا آهن بخشيا ويندا. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 298)

## ٻن جمعن جي وچ ۾ نور

حضرت سَيِّدنا ابو سعيد رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي، حضور سراپاءِ نور، فيض گنجور، شاهِ غَيور صلی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان نورٌ علٰي نور آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن سورت الڪهف پڙهندو ان جي لاءِ ٻنهي جمعن جي وچ ۾ نور روشن ٿيندو. (السنن الڪبريٰ للبيهقي ج 3 ص 353 حديث 5996)

## ڪعبي تائين نور

هڪ روايت ۾ آهي تہ ”جيڪو سورة الڪهف جمعي جي رات

(يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) پڙهندو ان جي لاءِ اتان ڪان ڪعبي تائين نور روشن ٿيندو.“ (سنن الدارمي ج 2 ص 546 حديث3407)

## سورت حٰم الدُخان جي فضيلت

حضرت سَيِّدنا ابو امامه رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي ته حضور سراپا نور، فيض گنجور، شاهه غَيور صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو فرمان جنّت نشان آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن يا جمعي جي رات سورت حٰم الدُخان پڙهندو ان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جنّت ۾ هڪ گهر ناهيندو. (المعجم الڪبير للطبراني ج 8 ص 264 حديث 8026) هڪ روايت آهي ته ان جي مغفرت ٿي ويندي. (سنن ترمذي ج 4 ص 407 حديث 2898)

## ستر هزار فِرشتن جو اِستِغفار

امام الانصار والمهاجرين، مُحِبُّ الفُقراء والمَساڪين، جناب رحمة اللعالمين صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو فرمان دلنشين آهي: ”جيڪو شخص جمعي جي رات ۾ سورت حٰم الدُخان پڙهندو ان جي لاءِ ستر هزار فِرشتا اِستِغفار ڪندا.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 406 حديث 2897)

## تمام گناهه معاف

حضرت سَيِّدنا اَنس بن مالڪ رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي: ”محبوب رحمٰن، شهنشاهه ڪون و مڪان، رحمت عالميان صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو فرمان مَغفِرت نشان آهي: ”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن فجر کان اڳ ۾ ٽي ڀيرا اَسْتَغْفِرُ اللهَ الَّذِیْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ وَ اَتُوْبُ اِلَيْهِ پڙهندو ان جا گناهه بخشيا ويندا چاهي سمنڊ جي جهڳ برابر هجن.“

(المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 392 حديث 7717)

## جمعي نماز کان پوءِ

الله تبارڪ و تعالي 28 سيپاري سورت الجُمعہ جي آيت نمبر 10 ۾ ارشاد فرمايو:

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَا نْتَشِرُوا فِى الْاَرْضِ وَابْتَغُوا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ۔ ﴿پ۲۸، الجمعہ۱۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ جڏهن نماز ٿي چڪي تہ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل تلاش ڪريو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو هن اميد تي تہ مَن ڪامياب ٿيو-

صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سَيِّد محمد نعيم الدين مراد آبادي عليہ رحمۃ الله الهادي هن آيت جي تحت تَفسِير خَزائِنُ العِرفان ۾ فرمائن ٿا: ”هاڻي (يعني جمعي جي نماز کان پوءِ) توهان جي لاءِ جائز آهي تہ روزيءَ جي ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃو يا علم حاصل ڪرڻ يا جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ يا علماء جي زيارت ڪرڻ يا ان جهڙن ڪمن ۾ مشغول ٿي ڪري نيڪيون حاصل ڪريو.“

## عِلم جي مجلس ۾ شرڪت

جمعي نماز کان پوءِ علم جي مجلس ۾ حاضر ٿيڻ مُستَحَب آهي جيئن تہ حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِّدنا امام محمد غزالي عليہ رحمۃ الوالي فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدنا انس بن مالڪ رضي الله تعالیٰ عنہ جو فرمان عاليشان آهي: ”هن آيت ۾ صرف واپار ۽ دنيا ڪمائڻ

مراد ناهي بلڪ علم حاصل ڪرڻ، ٻائرن جي زيارت، بيمارن جي عيادت، جنازي سان وڃڻ ۽ اهڙي طرح جا ڪم آهن“.

(ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 191)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جمعي جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ 11 شرط آهن، انهن مان هڪ بہ گهٽ ٿيو تہ ادا ڪرڻ فرض ناهي پوءِ بہ جيڪڏهن پڙهندو تہ ٿي ويندي بلڪ عاقل بالغ مرد لاءِ جمعي جي نماز پڙهڻ افضل آهي نابالغ جمعو پڙهيو تہ نفل آهي ڇو تہ ان جي مٿان نماز فرض ئي ناهي .

(الدرمختار معہ ردالمحتار ج 3 ص 30)

## ”ياغوث الاعظم“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان جمعي جي نماز ادا ڪرڻ جا 11 شرط

(1) شهر ۾ مُقِيم هئڻ (2) صِحت هجڻ يعني مريض تي جمعو فرض ناهي مريض مان مراد اهو آهي جيڪو جامع مسجد تائين نہ وڃي سگهندو هجي يا وڃي تہ سگهندو هجي پر بيماري وڌي ويندي يا دير سان ڇڱو ٿيندو، شيخ فاني (تمام جهور پوڙهو) مريض جي حڪم ۾ آهي (3) آزاد هئڻ، غلام تي جمعو فرض ناهي ۽ ان جو آقا ڪيس منع ڪري سگهي ٿو (4) مرد هئڻ (5) بالغ هئڻ (6) عاقل هجڻ اهي ٻئي شرط خاص جمعي لاءِ ناهن بلڪ هر عِبادت جي واجب هئڻ ۾ عاقل بالغ هئڻ شرط آهي (7) اکين وارو هئڻ (انڌي تي واجب ناهي) (8) هلڻ جي طاقت رکڻ (9) قيدي نہ هئڻ (10) بادشاهہ يا چور وغيره يا ڪنهن ظالم جو خوف

نہ هئڻ (11) مينهن يا آنڌي يا ڳڙن يا سيءُ نہ هئڻ يعني ايتري تائين جو انهن مان نقصان جو صحيح خوف هجي (بهار شريعت ج 1 ص 770،772) جن تي نماز فرض آهي پر ڪنهن شَرعِي عُذر جي سبب جمعو فرض ناهي، انهن لاءِ جمعي جي ڏينهن ٻيپهري جي نماز معاف ناهي اها تہ پڙهڻي ئي آهي .

## جمعي جون سنتون

جمعي نماز جي لاءِ اول وقت ۾ وڃڻ ، ڏندڻ ڪرڻ، سنا ۽ اڇا ڪپڙا پائڻ، تيل ۽ خوشبو لڳائڻ ۽ پهرين صف ۾ ويهڻ مُستَحَب آهي ۽ غُسل سنّت آهي . (عالمگيري ج 1 ص 149، غنيہ ص 559)

## جمعي جي غسل جو وقت

مُفَسِّر شَهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عليہ رحمة الحنان فرمائن ٿا: ”ڪجھ علماء ڪرام رحمهم الله تعالیٰ فرمائن ٿا تہ جمعي جو غسل نماز لاءِ سنّت آهي نہ ڪي جمعي جي ڏينهن لاءِ، جن تي جمعي جي نماز ناهي انهن لاءِ هي غسل سنّت ناهي، ڪجھ علماءِ ڪرام رحمهم الله تعالیٰ فرمائن ٿا: جمعي جو غُسل جمعي جي نماز جي ويجھو ڪريو ايتري تائين جو ان جي وضو سان جمعو پڙهو پر حق هي آهي تہ جمعي جي غسل جو وقت فجر طُلوع ٿيڻ کان شروع ٿيندو آهي. (مراۃ ص 334) معلوم ٿيو تہ عورت ۽ مسافر وغيره جن تي جمعو واجب ناهي انهن جي لاءِ جمعي جو غسل بہ سنت ناهي .

## جمعي جو غسل سنت غير موڪده آهي

حضرت علامه ابن عابدين شامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ فرمائن ٿا: ”جمعي نماز لاءِ غسل ڪرڻ سُنَنِ زَوائِد منجهان آهي ان ڪي ڇڏي ڏيڻ تي عِتاب (يعني مَلامت) ناهي.“ (ردالمحتار ج 1 ص 339)

## خطبي ۾ ويجهو رهڻ جي فضيلت

حضرت سَيِّدنا سَمُرَه بن جُندَب رضی اللّٰه تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته حضور سراپا نور، فيض گنجور، شاهِ غَيور صلی اللّٰه تعالیٰ عليه واٰله وسلم فرمايو: ”حاضر رهو خطبي جي وقت ۽ امام جي ويجهو رهو ان لاءِ ته ماڻهو جيترو پري رهندو اوترو ئي جنّت ۾ پوئتي رهندو جيتوڻيڪ اهو (يعني مسلمان) جنّت ۾ داخل ضرور ٿيندو.“

(سنن ابي داؤد ج 1 ص 410 حديث1108)

## ته جمعي جو ثواب نه ملندو

جيڪو جمعي جي ڏينهن (ان وقت) ڳالهائي جڏهن امام خطبو ڏئي رهيو هجي ته ان جو مثال ان گڏه وانگر آهي جنهن تي بار ستيل هجي ۽ ان وقت جيڪو پنهنجي ساٿي کي هيئن چوي ته ”چُپ ڪر“ ته ان کي جمعي جو ثواب نه ملندو .

(مسند امام احمد بن حنبل ج 1 ص 494 حديث 2033 )

## چُپ چاپ خُطبو ٻُڌڻ فرض آهي

جيڪي شيون نماز ۾ حرام آهن مثلاً کائڻ پيئڻ، سلام ۽ سلام جو جواب وغيره اهي سڀ خُطبي جي حالت ۾ به حرام آهن، ايتري تائين جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ به ها خَطِيب نيڪي

جي دعوت ڏئي سگھي ٿو، جڏھن خطبو پڙھي تہ تمام حاضرين لاءِ ٻڌڻ ۽ چپ رھڻ فرض آھي جيڪي ماڻھو امام کان پري ھجن جو خطبي جو آواز انھن تائين نہ پھچندو ھجي انھن کي بہ چپ رھڻ واجب آھي جيڪڏھن ڪنھن کي بري ڳالھ ڪندي ڏسن تہ ھٿ يا مٿي جي اشاري سان منع ڪري سگھن ٿا، زبان سان ناجائز آھي. (بھار شريعت ج ا ص 774 درمختار ج 3 ص 39)

## خطبي جي دوران چندو نہ ڪيو

مسجد جي تعميرات يا اخراجات وغيره لاءِ خطبي جي دوران چندو ڪرڻ ۽ حاضرين جو ڏيڻ حرام آھي چاھي زبان سان چئي ونجي يا خاموشي سان پيتيءَ يا جھولي ذريعي ورتو وڃي ٻنھي صورتن ۾ حرام آھي . اھو عذر نہ ھلندو تہ نماز پڙھي ماڻھو جلدي ۾ نڪري ويندا آھن ۽ مسجد جي آمدني تي اثر پوندو آھي تنھن ڪري خطبي جي دوران چندو ڪرڻو ٿو پوي .

## خطبو ٻڌڻ وارو درود شريف نٿو پڙھي سگھي

سرڪار مدينہ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو نالو مبارڪ خطيب ورتو تہ حاضرين دل ۾ درود شريف پڙھن زبان سان پڙھڻ جي ان وقت اجازت ناھي، ائين ئي صحابہ ڪرام عليھم الرضوان جي ذڪر مبارڪ تي ان وقت رضى الله تعالىٰ عنه زبان سان چوڻ جي اجازت ناھي .
(بھار شريعت ج ا ص 775 درمختار ج 3 ص 40)

## نڪاح جو خطبو ٻڌڻ واجب آھي

جمعي جي خطبي کان علاوه ٻين خطبن جو ٻڌڻ بہ واجب آھي

مثلاً عيدن ۽ نڪاح وغيره جا خطبا. (درمختار ج 3 ص 39)

## پهرين اذان ٿيندي ئي ڪاروبار به ناجائز

پهرين اذان ٿيندي ئي (جمعي نماز لاءِ وڃڻ جي) ڪوشش (شروع ڪرڻ) واجب آهي ۽ بيع (واپار) وغيره انهن شين کي ڇڏي ڏيڻ واجب آهي جيڪي سَعي (ڪوشش) ۾ رڪاوٽ هجن ايتري تائين جو رستي ۾ هلندي جيڪڏهن واپار ڪيو ته اهو به ناجائز آهي ۽ مسجد ۾ واپار ته سخت گناهه آهي ۽ جيڪڏهن کاڌو کائي رهيو هو ته جمعي جي اذان جو آواز آيو جيڪڏهن اهو انديشو آهي ته کائيندس ته جمعو نڪري ويندو ته کائڻ ڇڏي ڏي ۽ جمعي لاءِ وڃي، جمعي لاءِ اِطمِينان ۽ وَقار سان وڃي. (بهار شريعت ج ا ص 775 ، درمختار ج 3 ص 40 ، عالمگيري ج 1 ص 149)

اڄڪلهه دين جي علم کان دوري جو دور آهي، ماڻهن ٻين عبادتن جيان خطبو ٻڌڻ جهڙي عظيم عبادت ۾ به غلطيون ڪري ڪيترائي گناهه ڪري ويهندا آهن، ان لاءِ مدني التجا آهي ته بيشمار نيڪيون ڪمائڻ لاءِ هر جمعي جو خطيب خطبي جي اذان کان اڳ مِنبر تي چڙهڻ کان پهريان هيءُ اعلان ڪري.

## بسم الله جي سنن اٿرن جي نسبت سان خُطبي جا 7 مدني گل

(1) حديث پاڪ ۾ آهي "جنهن جُمعي جي ڏينهن ماڻهن جا ڪنڌ اورانگهيا ان جهنم جي طرف پل ناهي." (سنن ترمذي ج 2 ص 48 حديث 513) ان جي هڪ معني هي آهي ته ماڻهو ان تي چڙهي جهنّم ۾ داخل

ٿيندا (حاشيہ بهار شريعت ج ا ص 762،761) (2) خطيب ڏانهن منهن ڪري ويهڻ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي سنّت آهي (ملخص از مشکوة ص 123) (3) بُزُرگان دين رحمهم الله فرمائن ٿا: ”گوڏا ڀڄي ويهي ڪري خطبو ٻڌي ڀهرئين خطبي ۾ هٿ ٻڌي، ٻئي ۾ گوڏن تي هٿ رکي تہ ان شاء الله عزّوجلّ ٻن رڪعتن جو ثواب ملندو.“(مرآة المناجيح ج 2 ص 338) (4) اعلٰحضرت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: خطبي ۾ حُضُور اقدس صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو نالو مبارڪ ٻڌي دل ۾ دُرُود پڙهو چوتہ زبان سان چپ رهڻ فرض آهي (فتاويٰ رضويہ ج 8 ص 365) (5) ”الدرمختار“ ۾ آهي، خطبي ۾ کائڻ، پيئڻ، ڳالهائڻ جيتوڻيڪ سُبحٰن الله چوڻ، سلام جو جواب ڏيڻ، يا نيڪي جي ڳالهہ ٻڌائڻ حرام آهي. (درمختار ج 3 ص 39) (6) اعلٰحضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: ”خطبي جي حالت ۾ هلڻ حرام آهي ايتري تائين جو علماءِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ فرمائن ٿا: جيڪڏهن اهڙي وقت تي آيو جو خطبو شروع ٿي ويو تہ مسجد ۾ جتي پهتو اتي ئي رڪجي وڃي اڳتي نہ وڌي جو هي عمل ٿيندو ۽ خطبي جي حالت ۾ ڪو عمل جائز ناهي. (فتاويٰ رضويہ ج 8 ص 334) (7) اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ فرمائن ٿا: خطبي ۾ ڪنهن پاسي ڪنڌ ورائي ڏسڻ بہ حرام آهي. (ايضاً)

## جمعي جي اِمامت جو اهم مسئلو

هڪ تمام اهم ڳالهہ جنهن ڏانهن عوام جو ڌيان بلڪل ناهي، اها هي آهي تہ جمعي کي ٻين نمازن وانگر سمجهي ڇڏيو آهي

جنهن چاهيو نئون جمعو قائم ڪري ورتو ۽ جنهن چاهيو پڙهائي ڇڏيو هي ناجائز آهي، ان لاءِ جو جمعو قائم ڪرڻ سلطانِ اسلام يا ان جي نائب جو ڪم آهي ۽ جتي اسلامي سلطنت نہ هجي اتان جو سڀ کان وڏو فَقِيہ (عالم) سُني صَحِيحُ العقيده هجي، اهو شَرعِي احڪام جاري ڪرڻ ۾ اسلام جي بادشاھ جو قائم مقام آهي ان لاءِ اهو ئي جمعو قائم ڪري، بنا ان جي اجازت جي جمعو قائم نٿو ٿي سگهي ۽ اهو بہ نہ هجي تہ عام ماڻهو جنهن کي امام بڻائن، عالم جي هوندي عوام پنهنجي طرفان ڪنهن کي امام نٿو بڻائي سگهي نہ اهو ٿي سگهي ٿو تہ بہ چار ماڻهو ڪنهن کي امام مقرر ڪري ڇڏين اهڙو جمعو ڪٿي ثابت ناهي۔ (بهار شريعت ج ا ص 764)

## جنت ۾ داخلا کان محرومي

دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 300 صفحن تي مشتمل ڪتاب "آنسوؤں کا دریا" صفحي 229 کان 230 تي منقول آهي اللهعَزَّوَجَلَّ جڏهن جنّت کي پيدا فرمايو تہ ان کي فرمايو "ڳالهاءِ" تہ ان چيو تہ جيڪو مون ۾ داخل ٿيندو اهو سعادت مند آهي تہ الله تعاليٰ فرمايو مون کي پنهجي عزّت ۽ جلال جو قسم تو ۾ اَنن قسمن جا ماڻهو داخل نہ ٿيندا۔ (1) شراب جو عادي (2) پڪوزاني(3)چُغل خور (4) دَيّوث (5) ظالم سِپاهي (6) گدڙو (7) مِٽي مَائِٽي ٽوڙڻ وارو ۽ (8)اهو شخص جيڪو خدا جو قسم کڻي ڪري چوي تہ مان فلاڻو ڪم ضرورڪندس پوءِ اهو ڪم نہ ڪري .

(اِتحَافُ السَادَة للزّبيدي ج9 ص 345)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نمازعيد جو طريقو

هي باب شروع کان آخر تائين پورو پڙهي وٺو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وينديون.

## درود شريف جي فضيلت

سرڪارِ نامدار، مَدينِي جي تاجدار، حَبيب پَروَردگار، شَفِيع رَوزِ شُمار جنابِ احمد مُختار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو ارشاد نُور بار آهي: توهان پنهجي مَجلسن کي درود پاڪ پڙهي آراسته ڪيو (يعني سينگاريو) ڇوته توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ قِيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو. (الجامع الصغير للسيوطي ص280 حديث 4580)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دل زنده رهندي

رسولِ مُحتَشَم نورِ مُجَسَّم شاهِ بَني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو فرمان عاليشان آهي: جنهن عيدن جي رات (يعني عيدالفِطر جي رات ۽ عيدالاَضحيٰ جي رات ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ) قيام ڪيو (يعني عبادت ۾ گذاري) ان ڏينهن ان جي دل نه مرندي جنهن ڏينهن ماڻهن جون دليون مري وينديون. (سنن ابن ماجه ج 2 ص365 حديث 1782)

## جنت واجب ٿي ويندي آهي

هڪ ٻئي جڳهہ تي حضرت سيدنا مُعاذ بن جَبَل رضی اللہ تعالیٰ عنہ ڪان روايت آهي فرمائن ٿا: جيڪو پنج راتين ۾ شب بيداري ڪري (يعني جاڳي عبادت ۾ گذاري) ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي، ذوالحج شريف جي انين، نائين ۽ ڏهين رات (اهڙي طرح ٽي راتيون تہ اهي ٿيون) چوٿين عيدالفِطر جي رات، پنجين شَعبانُ المُعَظّم جي پندرهين رات (يعني شب براءت) .

(الترغيب والترهيب ج2 ص 98 حديث 2)

## عيد نماز لاءِ وڃڻ کان اڳ جي سنت

حضرت سيدنا بُرَيده رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ حُضُور انور، شافِع مَحشر صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم عيدالفطر جي ڏينهن ڪجهہ کائي نماز لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا ۽ عيدالاَضحيٰ جي ڏينهن ڪجهہ نہ کائيندا هئا ايستائين جو نماز کان فارغ نہ ٿي وڃن . (سنن ترمذي ج2 ص170 حديث 542 دارالفکر بيروت) ۽ "بخاري شريف جي روايت سَيِّدنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان آهي تہ عيدالفطر جي ڏينهن تشريف نہ وٺي ويندا هئا جيستائين ڪجهہ کارڪون نہ کائي وٺن ۽ اهي اکي عدد ۾ هونديون هيون ." (صحيح بخاري ج 1 ص 328 حديث 953 دارالکتب العلمية بيروت)

## عيد نماز لاءِ اچڻ وڃڻ جي سنت

حضرت سَيِّدنا ابو هريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ تاجدار مدينہ، سُرُورِ قَلب و سينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم عيد جي ڏينهن (عيد نماز لاءِ) هڪ رستي کان تشريف وٺي ويندا هئا ۽ ٻئي رستي کان

تشريف وٺي ايندا هئا . (سنن ترمذي ج2 ص69 حديث 541 دارالفڪر بيروت)

## عيد نماز جو طريقو

پهرين نيّت ڪريو تہ ”مان نيّت ڪريان ٿو بہ رڪعت نماز عيدالفِطر (يا عيدالاضحيٰ) جي ساڻ ڇهہ زياده تڪبيرن جي، واسطي الله تعاليٰ جي، پنيان هن امام جي، پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ الله اڪبر چئي دُن جي هيٺان ٻَڌي ڇڏيو ۽ ثنا پڙهو، پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ الله اڪبر چئي هٿ ڇڏي ڏيو، پوءِ ٻيهر ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ الله اڪبر چئي هٿ ڇڏي ڏيو، وري ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ الله اڪبر چئي هٿ ٻڌي ڇڏيو، يعني پهرين تڪبير کان پوءِ هٿ ٻڌو ان کان بعد ٻي ۽ ٽين تڪبير ۾ هٿ ڇڏي ڏيو ۽ چوٿين ۾ هٿ ٻڌي ڇڏيو. ان کي هيئن ياد رکو جو جتي قيام ۾ تڪبير کان پوءِ ڪجهہ پڙهڻو آهي اتي هٿ ٻڌڻا آهن ۽ جتي ناهي پڙهڻو اتي هٿ ڇڏي ڏيڻا آهن. (ماخوذ از درمختار معہ ردالمحتار ج3 ص66) پوءِ امام تَعَوُّذ ۽ تَسۡمِيہ آهستي پڙهي اَلحَمۡد شريف ۽ ڪا ٻي سورت جَهر سان (يعني وڏي آواز سان) پڙهي پوءِ رڪوع ڪري ٻي رڪعت ۾ اَلحَمد شريف ۽ ڪا سورت جهر سان (وڏي آوازسان) پڙهي ۽ پوءِ ٽي دفعا ڪنن تائين هٿ کڻي الله اڪبر چئو ۽ هٿ نہ ٻڌو ۽ چوٿين ڀيري بنا هٿ کڻندي الله اڪبر چوندي رڪوع ۾ وڃو ۽ قاعدي مطابق نماز مڪمل ڪريو، هر ٻن تڪبيرن جي وچ ۾ ٽي ڀيرا ”سُبۡحٰنَ الله“ چوڻ جيترو چپ رهڻو آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 781 درمختار ج 3 ص 61 وغيره)

## عيد نماز ڪنهن تي واجب آهي؟

عيدن (يعني عيدالفِطر ۽ عيدالاَضحيٰ) جي نماز واجب آهي پر سيني تي نہ صرف انهن تي جنهن تي جمعو واجب آهي عيدن ۾ نہ آذان آهي نہ اقامت . (بهار شريعت ج 1 ص779 , درمختار ج 3 ص 51)

## عيد جو خطبو سنت آهي

عيدن جي ادا جا اهي ئي شرط آهن جيڪي جمعي جا، صرف ايترو فرق آهي جو جمعي ۾ خطبو شرط آهي ۽ عيدن ۾ سنت، جمعي جو خطبو نماز کان اڳ ۾ آهي ۽ عيدن جو نماز کان پوءِ. (بهار شريعت ج 1 ص779 عالمگيري ج 1 ص 150)

## عيد نماز جو وقت

انهن ٻنهي نمازن جو وقت سج جي نيزي جيترو بلند ٿيڻ (يعني سج ايرڻ جي 20 يا منٽن کان بعد) کان وٺي ضَحوهِ ڪُبريٰ يعني نِصفُ النّهار شرعي تائين آهي. پر عيد الَفِطر ۾ دير ڪرڻ ۽ عيد الاَضحيٰ جلد پڙهڻ مُستَحب آهي .

(بهار شريعت ج 1 ص 781 درمختار ج 3 ص 60)

## عيد نماز اڌ ملي تہ......؟

پهرين رڪعت ۾ امام جي تڪبيرون چوڻ کان پوءِ مقتدي شامل ٿيو تہ ان وقت(تڪبير تحريمہ کان علاوه وڌيڪ)ٽي تڪبيرون چوي جيتوڻيڪ امام قراءَت شروع ڪري چڪي هجي ۽ ٽي ئي چوي جيتوڻيڪ امام ٽن کان وڌيڪ چيون هجن، ۽ جيڪڏهن ان تڪبيرون نہ چيون ۽ امام رڪوع ۾ هليو ويو تہ بيٺي بيٺي

نہ چوي بلڪ امام سان گڏ رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي ۽ جيڪڏهن امام کي رڪوع ۾ مليو ۽ غالب گمان آهي تہ تڪبيرون چئي امام سان رڪوع ۾ ملي ويندو تہ بيٺي بيٺي چوي پوءِ رڪوع ۾ وڃي، يا ٻي صورت ۾ الله اڪبر چئي رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي پوءِ جيڪڏهن ان رڪوع ۾ تڪبيرون پوريون نہ ڪيون هيون تہ امام مٿو مٿي ڪنيو تہ باقي تڪبيرون معاف ٿي ويون (يعني باقي تڪبيرون هاڻي نہ چوي) ۽ جيڪڏهن امام جي رڪوع ڪان اٿڻ ڪانپوءِ شامل ٿيو تہ هاڻي تڪبيرون نہ چوي بلڪ (امام جي سلام ڦيرڻ ڪان پوءِ) جڏهن پنهنجي رهيل رڪعت پڙهي ان وقت چوي ۽ رڪوع ۾ جتي تڪبير چوڻ ٻڌايو ويو، ان ۾ هٿ نہ کڻي ۽ جيڪڏهن ٻي رڪعت ۾ شامل ٿيو تہ پهرين رڪعت جون تڪبيرون هاڻي نہ چوي بلڪ جڏهن پنهنجي رهيل (رڪعت) پڙهڻ لاءِ بيهي ان وقت چوي، ٻي رڪعت جون تڪبيرون جيڪڏهن امام سان ملي وڃن تہ بهتر نہ تہ ان ۾ اهو ئي تفصيل آهي جيڪو پهرين رڪعت جي باري ۾ ذڪر ٿيو.

(بهار شريعت ج 1 ص 782 درمختار ج 3 ص 63 عالمگيري ج 1 ص 151)

## عيد جي جماعت نہ ملي تہ ڇا ڪري؟

امام نماز پڙهي ورتي ۽ ڪو شخص رهجي ويو چاهي اهو شامل ئي نہ ٿيو هو يا شامل تہ ٿيو هيو پر ان جي نماز فاسد ٿي وئي تہ جيڪڏهن ٻي جڳهہ ملي وڃي تہ پڙهي وٺي نہ تہ (بنا جماعت

جي) نہ ٿو پڙهي سگهي، ها بهتر اهو آهي تہ اهو شخص چار رڪعت چاشت جي نماز پڙهي . (درمختار ج 3 ص 68)

## عيد جي خطبي جا احڪام

نماز ڪان پوءِ امام بہ خطبا پڙهي ۽ جمعي جي خطبي ۾ جيڪي شيون سنت آهن آهي ان ۾ بہ سنت آهن ۽ جيڪي اتي مڪروهہ آهن اهي هتي بہ مڪروهہ آهن صرف ٻن ڳالهين ۾ فرق آهي هڪ اهو تہ جمعي جي پهرين خطبي ڪان اڳ ۾ خطيب جو ويهڻ سنت آهي ۽ هن ۾ نہ ويهڻ سنت آهي، ٻيو اهو تہ ان ۾ پهرئين خطبي ڪان اڳ ۾ 9 ڀيرا ۽ ٻئي ڪان اڳ ۾ 7 ڀيرا ۽ منبر ڪان لهڻ ڪان اڳ ۾ 14 ڀيرا اللّٰہ اڪبر چوڻ سنت آهي ۽ جمعي ۾ سنت ناهي .

(بهار شريعت ج 1 ص 783 درمختار ج 3 ص 67 عالمگيري ج 1 ص 150)

## "آقا عيدي ۾ ڏيو غم مديني جو" جي ويهن اکرن جي نسبت سان عيد جون 20 سنتون ۽ ادب

### عيد جي ڏينهن هي ڪم مستحب آهن

﴿1﴾ وار نهرائڻ (پر زلف نهرايو نہ ڪي انگريزي وار) ﴿2﴾ ننهن ڪٽڻ ﴿3﴾ غسل ڪرڻ ﴿4﴾ ڏندڻ ڪرڻ (هي وضو واري ڏندڻ ڪان علاوه آهي) ﴿5﴾ سنا ڪپڙا پائڻ نوان هجن تہ نوان نہ تہ ڌوتل هجن ﴿6﴾ خوشبو لڳائڻ ﴿7﴾ مندي پائڻ (جڏهن بہ مندي پايو تہ هن ڳالهہ جو خاص خيال رکو تہ صرف ساڍي چار ماشن ڪان گهٽ وزن جي چاندي واري هڪ ئي مندي پايو هڪ ڪان وڌيڪ نہ

هجن بنا ٻڙي واري به نه پايو ٻڙي جي وزن جو ڪو شرط ناهي، چاندي جو ڇلو يا چاندي جي بيان ڪيل وزن وغيره کان علاوه ڪنهن به ڌاتوءَ جي منڊي يا ڇلو مرد نٿو پائي سگهي) ﴿8﴾ فجر جي نماز پاڙي واري مسجد ۾ پڙهڻ ﴿9﴾ عيدالفطر جي نماز لاءِ وڃڻ کان اڳ ۾ ڪجھ ڪارڪون کائڻ ٽي، پنج، ست يا گهٽ وڌ پر اڪي عدد ۾ هجن، ڪارڪون نه هجن ته ڪا مٺي شيء کائو جيڪڏهن نماز کان اڳ ۾ ڪجھ به نه کاڌو گناه ناهي پر عشاء تائين نه کاڌو ته عتاب (يعني ملامت) ڪيو ويندو ﴿10﴾ عيد نماز عيد گاه ۾ ادا ڪرڻ ﴿11﴾ عيد گاه ڏانهن پيادل هلڻ ﴿12﴾ سواري تي به حرج ناهي پر جنهن پيادل هلڻ جي طاقت هجي ان جي لاءِ پيادل هلڻ افضل آهي ۽ واپسي تي سواري اچڻ ۾ حرج ناهي ﴿13﴾ عيد نماز لاءِ هڪ رستي کان وڃڻ ۽ ٻي رستي کان واپس اچڻ ﴿14﴾ عيد نماز کان اڳ ۾ فطرو ادا ڪرڻ افضل ته اهو آهي پر عيد نماز کان اڳ ۾ نه ڏئي سگهو ته بعد ۾ ڏئي ڇڏيو ﴿15﴾ خوشي ظاهر ڪرڻ ﴿16﴾ ڪثرت سان صدقو ڪرڻ ﴿17﴾ عيد گاه ڏانهن اطمينان ۽ وقارسان نظرون جهڪائي وڃڻ ﴿18﴾ پاڻ ۾ مبارڪون ڏيڻ ﴿19﴾ عيد نماز کان پوءِ هٿ ملائڻ ۽ ڀاڪر پائڻ جيئن عام طور تي مسلمانن ۾ رائج آهي اهو بهتر آهي ڇوته ان ۾خوشي جو اظهار آهي. پر خوبصورت امرد (ننڍي ڇوڪر) سان ڀاڪر پائي ملڻ فتني جو انديشو آهي ﴿20﴾ عيدالفطر جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ آهستي تڪبير چئو ۽

عيدالاضحيٰ جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ بلند آواز سان تڪبير چئو، تڪبير هي آهي

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَ لِلّٰهِ الْحَمْدُ

ترجمو: الله سڀ کان وڏو آهي الله سڀ کان وڏو آهي الله کانسواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ الله سڀ کان وڏوآهي ۽ الله جي لاءِ ئي تمام خوبيون آهن ۔

(بهار شريعت ج 1 ص 779 تا 781 عالمگيري ج 1 ص 150 ،151 وغيره)

## عيدالاضحيٰ جو هڪ مُستحب

عيدالاَضحيٰ تمام احڪامن ۾ عيدالفطر جيان آهن صرف ڪجھ ڳالهين ۾ فرق آهي مثلاً عيدالاضحيٰ ۾ مستحب اهو آهي تہ نماز کان اڳ ۾ ڪجھ نہ کائي چاهي قرباني ڪري يا نہ ڪري ۽ جيڪڏهن کاڌو تہ ڪراهت بہ ناهي ۔ (عالمگيري ج 1 ص 152 )

## "اللّٰه اڪبر" جي اٺن اکرن جي نسبت سان تڪبير تشريق جا 8 مدني گل

﴿1﴾ 9 نائين ذوالحج جي فجر کان 13 تيرهين جي عصر جي نماز تائين پنجن وقتن جون فرض نمازون جيڪي مسجد جي جماعت اوليٰ (پهرين جماعت) سان ادا ڪيون ويون انهن ۾ هڪ ڀيرو بلند آواز سان تڪبير چوڻ واجب آهي ۽ ٽي ڀيرا افضل (تبيين الحقائق ج 1 ص 227) ان کي تڪبير تشريق چوندا آهن ۽ اها هي آهي

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَ لِلّٰهِ الْحَمْدُ ط

(بهار شريعت ج 1 ص 779تا 785 تنويرالابصار ج 3 ص 71)

﴿2﴾ تڪبير تشريق سلام ڦيرڻ کان بعد فوراً واجب آهي يعني

جيستائين ڪو اهڙو ڪم نہ ڪيو هجي جو ان تي نماز جي بنا نہ ڪري سگهي. مثلاً جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر ٿي ويو يا ڄاڻي واڻي وضو ٽوڙي ڇڏيائين يا چاهي پلجي ئي ڳالهہ ڪيائين تہ تڪبير معاف (يعني ساقط) ٿي وئي ۽ ڄاڻي واڻي وضو نہ ٽوڙيائين تہ چئي وٺي. (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 73) ﴿3﴾ تڪبير تشريق ان تي واجب آهي جيڪو شخص شهر ۾ مقيم هجي يا جنهن مقيم جي اِقتدا ڪئي اهو اقتدا ڪرڻ وارو ڪٽي مسافر هجي يا ڳوٺ ۾ رهڻ وارو ۽ جيڪڏهن ان جي اقتدا نہ ڪن تہ انهن تي (يعني مسافر ۽ ڳوٺ ۾ رهڻ واري تي) تڪبير واجب ناهي. (درمختار ج 3 ص 74 ) ﴿4﴾ مقيم جيڪڏهن مسافر جي اقتدا ڪئي تہ مقيم تي تڪبير واجب آهي جيتوڻيڪ ان مسافر امام تي واجب ناهي . (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 73) ﴿5﴾ نفل سنت ۽ وتر کان پوءِ تڪبير واجب ناهي. (بهارشريعت ج 1 ص785 ردالمحتار ج 3 ص 73) ﴿6﴾ جمعي کان پوءِ واجب آهي ۽ عيد (الاضحيٰ) جي نماز کان پوءِ بہ چئي وٺي (ايضاً) ﴿7﴾ مَسۡبُوق (جنهن جي هڪ يا ان کان وڌيڪ رڪعتون رهجي ويون هجن) ان تي تڪبير واجب آهي پر جڏهن پاڻ سلام ڦيرائي ان وقت چئي (ردالمحتار ج 3 ص 76) ﴿8﴾ مُنۡفَرِد (يعني اڪيلو نماز پڙهڻ واري ) تي واجب ناهي . (الجوهرة النيرة ص 122) پر چئي ڇڏي جو صاحبين رحمهما الله تعاليٰ وٽ ان تي بہ واجب آهي . (بهارشريعت ج 1 ص 786)

(عيد جي فضيلتن تي تفصيلي معلومات جي لاءِ **فيضانِ سنت** جي

باب **فيضان رمضان** مان **فيضان عيدالفطر** جو مطالعو فرمايو)

**اي اسان جا پيارا الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي عيد سڳوري جون خوشيون سنت جي مطابق ملهائڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اسان کي حج شريف ۽ تاجدارمدينہ صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه واٰلهٖ وسلم ۽ ديار مدينہ جي ديد جي حقيقي عيد بار بار نصيب فرماءِ. **آمين بجاه النبي** صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه واٰلهٖ وسلم

تری جبکہ دید ہو گی جبھی میری عید ہو گی
مِرے خواب میں تُو آنا مَدَنی مدینے والے

**صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## مدني ڪل

دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِدَاري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي "*ظلم کا انجام*" صفحو 19 کان 20 تي آهي :حُقُوقُ العِبَاد جو معاملو ڏاڍو نازُڪ آهي پر افسوس! اڄڪلھ بيباڪي جو دؤرآهي، عوام تہ ڇاخَوَاص سڏائڻ وار بہ عام طور تي ان جي طرفان غَافِل رهندا آهن. ڪاوڙ جو مرض عام آهي ان جي ڪري اڪثر "**خَوَاص**"بہ ماڻهن جي دِل آزاري ڪري ويهندا آهن ۽ ان جي طرف انهن جو بلڪل بہ توجُّھ ناهي هوندو تہ مسلمان جي بِلاوَجه شَرعِي دِل آزاري گناھ و**حَرام ۽ جهنّم** ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي . منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تعالٰى عَلَيْه فتاويٰ رَضوِيہ **جِلد** 24، 342 **صفحي** تي طَبرَانِي جي حوالي سان نقل ڪن ٿا تہ ٻنهي جَهانن جي سُلطان صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه واٰلهٖ وسلم جو فرمانِ عِبرت نشان آهي : مَنْ اٰذٰى مُسْلِماً فَقَدْ اٰذَانِيْ وَ مَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى الله (**يعني**: جنهن (بغير وجه شرعي جي) ڪنهن مسلمان کي اِيذاء ڏنو ان مونکي اِيذاء ڏنو ۽ جنهن مونکي ايذاء ڏنو ان الله عَزَّوَجَلَّ کي ايذاء ڏنو) **(المُعجَمُ الاوسَط ج2 ص387 حديث 3607)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مدني وصيت نامو

هي باب شروع ڪان آخر تائين پورو پڙهي وٺو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن.

## اربعين وصايا من المدينة المنوره

## مديني منوره کان چاليهه وصيتون

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى اِحسانهٖ! هن وقت فجر جي نماز کان پوءِ مسجد نبوي شريف علي صاحبها الصلوٰة والسلام ۾ ويهي ”**اَربَعِين وَصَايا مِنَ المَدِينَةِ المُنَوَّره**“ (يعني مديني منوره کان چاليهه وصيتون) لکڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. آهه! صد آهه!

اڄ منهنجي مديني منوره جي حاضري جي آخري صبح آهي، سچ محبوب صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي روضي تي سلام عرض ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيڻ وارو آهي، هاءِ! اڄ رات تائين جيڪڏهن جنّت البقيع ۾ مَدفَن جي سعادت نه ملي ته مديني کان جدا ٿيڻو پئجي ويندو، اکيون ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن، دل بيقرار آهي هاءِ! هاءِ!

افسوس چند گھڑیاں طیبہ کی رہ گئی ہیں
دل میں جُدائی کا غم طوفاں مچا رہا ہے

آھ! دل غم ۾ ورتل آھي، مديني ڪان جدائي جي جان جلائيندڙ فڪر مون کي سراپا تصويرِ غم ڪري ڇڏيو آھي، ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪنھن چپن تان مُرڪ کسي ورتي ھجي، ھاءِ! عنقريب مديني ڪان جدا ٿيڻو پوندو، دل ٽٽي پوندي، ھاءِ! مديني ڪان وطن ڏانھن روانگي جا لمحا اھڙا جان ڳاريندڙ ھوندا آھن ڄڻ ڪنھن کير پياڪ ٻارڙي کي سندس ماءُ جي ھنج مان کسيو ويو ھجي ۽ ھو روئندو وڏي حسرت منجھان ھر ھر مڙي پنھنجي ماءُ ڏانھن ڏسندو ھجي ته شايد امڙ ھڪ ڀيرو ٻيھر گھرائيندي ۽ شفقت وچان ھنج ۾ لڪائيندي پنھنجي سيني سان لڳائيندي ۽ مون کي لولي ڏئي پنھنجي شفقت ڀري ھنج ۾ مٺي ننڊ سمھاريندي. آھ!

ابھی ابھی تو چمن میں تھے چہچہے ناگاہ — یہ درد کیسا اٹھا جس نے جی نِڈھال کیا
مدینہ چھوڑ کے ویرانہ ہند کا چھایا — یہ ہائے! کیسا حواسوں نے اِختلال کیا

آھ! (حدائقِ بخشش)

میں شِکَستہ دِل لئے بَوجَھل قدم رکھتا ہوا
چل پڑا ہوں یا شَہَنشاہِ مدینہ الوَداع

ھاڻي غمگين دل سان "**چاليھہ وصيتون**" عرض ڪيان ٿو، منھنجون ھي وصيتون دعوت اسلامي سان وابسته تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ڏانھن به آھن ۽ منھنجي اولاد ۽ ٻيا گھر وارا به ھنن وصيتن تي ضرور ڌيان ڏين.

زھي قسمت! مون پاپي بدڪار کي مديني پُرانَوار ۾ اھو به

سبز سبز گنبذ جي ڇانوَ ۾ راءِ ڪاش! شهنشاهِ اَبرار، مديني جي تاجدار، شفيع روزشمار، محبوب پروردگار صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي جلوَن ۾ شهادت نصيب ٿي وڃي ۽ جنّتُ البَقِيع ۾ ٻه گز زمين جي سعادت ملي وڃي جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ته ٻنهي جهانن جون سعادتون ئي سعادتون آهن نه ته جتي مقدر ........

﴿1﴾ جيڪڏهن سڪرات جي حالت ۾ ڏسو ته ان وقت جو هر ڪم سنّت جي مطابق ڪيو چهرو قبلي ڏي ۽ هٿ پير وغيره سڌا ڪيو. ياسين شريف به ٻڌايو ۽ امام اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ جون لکيل نعتون به ٻڌايو، ڇوجو سندن نعتيه ڪلام شريعت جي بلڪل مطابق آهي بلڪ هر شعر قرآن ۽ حديث ۽ بزرگن رحمة الله عليهم جي فرمانن جي شرح ۽ تفسير آهي.

﴿2﴾ روح نڪرڻ کان پوءِ هر هڪ معاملي ۾ سنّتن جو لحاظ رکو، مثلاً ڪفن دفن ۾ جلدي ڪرڻ، ۽ گهڻن ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي شوق ۾ دير ڪرڻ سنّت ناهي، بهارشريعت حصي 4 ۾ بيان ڪيل احڪامن تي عمل ڪيو وڃي .

﴿3﴾ قبر جي سائيز وغيره سنّت جي مطابق هجي ۽ لحد ناهي وڃي ڇاڪاڻ ته لحد ناهڻ سنّت[1] آهي .

﴿4﴾ قبر جون اندروني پٽيون جيئن جو تيئن هجن، باهه جون

(1) قبر جا ٻه قسم آهن (1) صندوق (2) لحد: لحد ناهڻ جو طريقو هي آهي ته قبر کوٽڻ کان پوءِ ميت کي رکڻ لاءِ قبلي پاسي جڳهه کوٽي وڃي لحد سنّت آهي جيڪڏهن زمين ان قابل هجي ته ائين ڪيو ۽ جيڪڏهن زمين نرم هجي ته صندوق ۾ حرج ناهي . ياد رکو لحد ۾ صندوق وانگر مٿان تختا رکڻان پوندا .

پڪل سرون استعمال نہ ڪيون وڃن، جيڪڏهن اندر پڪل سرن جون پٽيون ضروري هجن تہ پوءِ اندروني حصي کي گاري سان چڱي طرح ليپو ڏنو وڃي .

﴿5﴾ ممڪن هجي تہ اندروني تختي تي ياسين شريف سورتِ مُلڪ ۽ درود تاج پڙهي دم ڪيو وڃي .

﴿6﴾ سنّت مطابق ڪفن خود سگِ مدينہ جي پيسن مان هجي، غربت واري حالت ۾ ڪنهن صحيح العقيده رکندڙ سني جي حلال مال مان ورتو وڃي.

﴿7﴾ غسل ڏاڙهي وارو، عمامي وارو ۽ سنّت جو پابند اسلامي ڀاءُ سنّت جي مطابق ڏي (سيد سڳورا جيڪڏهن گندي وجود کي غسل ڏين تہ سگ مدينہ ان کي پنهنجي لاءِ بي ادبي تصور ڪري ٿو)

﴿8﴾ غسل جي دؤران اوگهڙ جي مڪمل حفاظت ڪئي وڃي جيڪڏهن ڌُن کان وٺي گوڏن سميت ناسي يا ڪنهن گهري رنگ جون ٻہ ٿلهيون چادرون ڏڪيون وڃن تہ غالباً اوگهڙ ظاهر ٿيڻ جو گمان نہ رهندو، ها پاڻي جسم جي هر حصي تي وهائڻ لازمي آهي .

﴿9﴾ ڪفن جيڪڏهن زم زم يا مديني جي پاڻي بلڪ ٻنهي سان پٻگل هجي تہ سعادت آهي ڪاش! ڪو سيد سڳورو مٿي تي سائو عمامو شريف سجائي .

﴿10﴾ غسل کانپوءِ ڪفن ۾ چهرو لڪائڻ کان اڳ پهريان پيشاني تي شهادت واري آڱر سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکو .

﴿11﴾ اهڙي طرح سيني تي لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

﴿12﴾ دل واري جڳهه تي يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم

﴿13﴾ ڏُن ۾ سيني جي وچ واري ڪفن جي حصي تي يا غوث اعظم دستگير رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ يا امام ابا حنيفه رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ يا امام احمد رضا خان رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ يا شيخ ضياء الدين رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ شهادت واري آڱر سان لکو .

﴿14﴾ ۽ ڏُن جي مٿان ڪان وني مٿي تائين ڪفن جي سڄي حصي تي (پنيءَ ڪان علاوه) ”مدينه مدينه“ لکيو وڃي، ياد رکو! اهي سڀ مس سان نه فقط شهادت واري آڱر سان ۾ زهي قسمت! جو ڪو سيّد سڳورو لکي .

﴿15﴾ جيڪڏهن موجود هجي ته منهن تي چڱي طرح مديني جي خاڪ ٻرڪيو. ممڪن هجي ته ٻنهي اکين تي مديني جا ڪنڊا ۽ جيڪڏهن اهي نه هجن مديني شريف جي ڪتل جون ڪکڙيون رکيون وڃن .

﴿16﴾ جنازو کڻي هلڻ وقت به سيني سنّتن جو لحاظ رکيو وڃي.

﴿17﴾جنازي جي جلوس ۾ سڀ اسلامي ڀائر گڏجي امام اهلسنّت رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ جو نَعتيَه قصيدو ”کعبہ کے بدرالدُجےٰ تم پہ کروڑوں دُرود“ پڙهو (ان ڪان علاوه به نعتون وغيره پڙهو پر فقط ۽ فقط علماءِ اهلسنّت جو ڪلام پڙهيو وڃي)

﴿18﴾ جنازو ڪو صيح العقيده سُنّي باعمل عالم يا ڪو سنّتن جو پابند اسلامي ڀاءُ يا اهل هجي ته اولاد مان ڪو پڙهائي پر خواهش آهي ته سيدن سڳورن کي فوقيت ڏني وڃي .

﴿19﴾ زهي قسمت! سيّد سڳورا پنهنجن رحمت ڀريل هٿن سان قبر ۾ لاهن .

﴿20﴾ ڇهري جي پاسي ڪان قبر جي پٽ ۾ طاق ناهي ان ۾ ڪنهن

سنّت جي پابند اسلامي ڀاءُ جي هٿ جو لکيل عهد نامو، نعلين شريف جو نقشو، شجرو شريف، نقشِ هرڪاره وغيره تبرڪات رکو .

﴿21﴾ جيڪڏهن جنّتُ البَقِيع ۾ جڳهه ملي وڃي ته زهي قسمت! نه ته ڪنهن اللهعَزَّوَجَلَّ جي ولي جي پير ۾ ۽ اهو به نه ٿي سگهي ته جتي اسلامي ڀائر چاهن دفن ڪن پر قبضي ڪيل جاءِ تي دفن نه ڪيو وڃي جو ان جاءِ تي دفن ڪرڻ حرام آهي .

﴿22﴾ قبر تي آذان ڏيو .

﴿23﴾ زهي قسمت ! ڪو سيّد سڳورو تلقين فرمائي .

---

**تلقين جي فضيلت:** نبي ڪريم،رؤف رحيم صَلَّی اللهُ تعالٰی عليہ واٰلہٖ وسلَّم جو فرمان عاليشان آهي جڏهن توهان جو ڪو مسلمان ڀاءُ مري ۽ ان کي مٽي ڏئي چڪو ته توهان مان هڪ شخص قبرجي سيراندي کان بيهي ڪري چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو ٻڌندو ۽ جواب نه ڏيندو پوءِ چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو سڌو ٿي ويهي رهندو پوءِ چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو چوندو اسان کي ٻڌاءِ اللهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي پر توهان کي هن جي خبر ناهي پوندي، پوءِ چوي

اُذْكُرْمَا خَرَجْتَ مِنَ الدُّنْيَا شَهَادَةَ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ( صَلَّی اللهُ تعالٰی عليہ واٰلہٖ وسلَّم)

وَاَنَّكَ رَضِيْتَ بِاللهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ ( صَلَّی اللهُ تعالٰی عليہ واٰلہٖ وسلَّم) نَبِيًّا وَّ بِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا۔

(ترجمو: تون ان کي ياد ڪر جنهن تي تون دنيا مان نڪتين يعني اها گواهي ته اللهعَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ محمد صَلَّی اللهُ تعالٰی عليہ واٰلہٖ وسلَّم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن ۽ اهو ته تون اللهعَزَّوَجَلَّ جي رب ۽ اسلام جي دين ۽ محمد صَلَّی اللهُ تعالٰی عليہ واٰلہٖ وسلَّم جي نبي ۽ قران جي امام هئڻ تي راضي هئين) منڪر نڪير هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي چوندا هلو اسان ان وٽ ڇو ويهون جنهن کي ماڻهو ان جي حجت (دليل) سيکاري چڪا ان تي ڪنهن سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تعالٰی عليہ واٰلہٖ وسلَّم کي عرض ڪيو جيڪڏهن ان جي ماءُ جو نالو معلوم نه هجي؟ فرمايائون ته حوا رضی اللهُ تعالٰی عنها ڏانهن نسبت ڪري .

(طبراني ڪبير ج 8 ص250 حديث 7979)

**نوٽ:** فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جي بدران ميت ۽ ان جي ماءُ جو نالو وٺي مثلاً محمد الياس بن امينه جيڪڏهن ميت جي ماءُ جو نالو معلوم نه هجي ته ماءُ جي نالي بدران حوا رضی اللهُ تعالٰی عنها جو نالو وٺي تلقين صرف عربي ۾ پڙهو. سگِ مدينه عُفِيَ عنه

﴿24﴾ تي سگهي تہ مون سان محبت رکڻ وارا منهنجي تدفين کان پوءِ 12 ڏينهن تائين هي نہ تي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 12 ڪلاڪ ئي سهي منهنجي قبر جي چوڌاري ويهن ۽ ذکر و درود ۽ تلاوت و نعت سان منهنجي دل وندرائيندا رهن، ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ نئي جڳهہ ۾ دل لڳي ئي ويندي . ان دؤران بہ هميشہ جماعت سان نماز جو اهتمام رکو .

﴿25﴾ منهنجي مٿان جيڪڏهن قرض وغيره هجي تہ منهنجي مال مان، ۽ جيڪڏهن مال نہ هجي تہ درخواست آهي تہ منهنجي اولاد جيڪڏهن زندهہ آهي تہ اها يا ڪو ٻيو اسلامي ڀاءُ احسان ڪندي پنهنجي ڪيسي مان ادا ڪن، الله عَزَّوَجَلَّ اجر عظيم عطا فرمائيندو. (مختلف اجتماعن ۾ اعلان ڪرايو وڃي تہ جنهن جي بہ دل آزاري يا حق تلفي تي هجي اهو محمد الياس قادري کي معاف ڪري جيڪڏهن قرض وغيره آهي تہ فوراً وارث ڏانهن رجوع ڪيو يا معاف ڪري ڇڏيو)

﴿26﴾ مون کي استقامت ۽ ڪثرت سان ايصالِ ثواب ڪندا رهندا تہ توهان جو احسان ٿيندو .

﴿27﴾ سڀ جا سڀ مَسلڪِ اهلسنّت تي امام اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالىٰ عَلَيْه جي صحيح اسلامي تعليمات جي مطابق قائم رهو .

﴿28﴾ بدمذهبن جي صحبت کان بلڪل پري رهو جو انهن جي صحبت ايمان سان خاتمي ٿيڻ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي .

﴿29﴾ محبوب ڪريم صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي محبت ۽ سنّت تي مضبوطي سان قائم رهو .

﴿30﴾ پنج وقت نماز، روزا، زڪوات، حج وغيره فرضن (۽ ٻين واجبن ۽ سنّتن) جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ ڪيو.

﴿31﴾ وصيت ضروري وصيت دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ سان هر دم وفادار رهو . ان جي هر رڪن ۽ پنهنجي هر نگران جي هر ان حڪم جي اطاعت ڪيو جيڪو شريعت جي مطابق هجي، شوريٰ يا دعوت اسلامي جي ڪنهن بہ ذميدار جي بنا شرعي اجازت مخالفت ڪرڻ واري ڪان مان بيزار آهيان .

﴿32﴾ هر اسلامي ڀاءُ هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيري علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ اول کان آخر تائين شرڪت ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن، 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن، ۽ سڄي زندگي ۾ يَڪمُشت (يعني لڳاتار) گهٽ ۾ گهٽ 12 مهينن لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪي يقيني بڻائي، هر اسلامي ڀاءُ ۽ هر اسلامي ڀيڻ پنهنجي ڪردار جي اصلاح تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ لاءِ روزانو مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري ۽ هر مدني مهيني پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائي .

﴿33﴾ نبي پاڪ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي محبت ۽ سنّت جو پيغام دنيا ۾ عام ڪندا رهو .

﴿34﴾ بدعقيدگين ۽ بد اعمالين ۽ پڻ دنيا جي محبت، حرام مال

۽ ناجائز فيشن وغيره جي خلاف پنهنجي جدوجهد جاري رکو۔ سني اخلاق ۽ مدني مني انداز سان نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهو .

﴿35﴾ ڪاوڙ ۽ چيڙاڪ طبيعت کان پري پجو نہ تہ دين جو ڪم ڏکيو ٿي ويندو .

﴿36﴾ منهنجن ڪتابن ۽ بيانن جي ڪيسٽن مان منهنجن وارثن کي دنيا جي دولت ڪمائڻ کان بچڻ جي التجا آهي .

﴿37﴾ منهنجي وِرثي (ڇڏيل ملڪيت وغيره) جي معاملي ۾ شريعت جي حڪم تي عمل ڪيو وڃي .

﴿38﴾ مون کي جيڪو گار ڏي، برو پلو چوي، زخمي ڪري يا ڪنهن بہ طرح دل آزاري جو سبب بڻجي مان ان کي اللهعَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ اڳواٽ ئي بخشي ڇڏيو آهي .

﴿39﴾ مون کي ستائڻ وارن کان ڪو بدلو نہ وٺي .

﴿40﴾ بالفرض مون کي ڪو شهيد ڪري ڇڏي تہ منهنجي طرفان ان کي منهنجا حق معاف آهن، وارثن کي بہ درخواست آهي تہ پنهنجو حق معاف ڪري ڇڏين، جيڪڏهن سرڪارمدينہ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي شفاعت جي صدقي قيامت جي ڏينهن خاص ڪرم ٿي ويو تہ ان شاء اللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي قاتل يعني مون کي شهيد ڪرڻ واري کي بہ جنّت ۾ پاڻ سان وٺي ويندس پر شرط آهي تہ ان جو خاتمو ايمان تي ٿيو هجي۔ (جيڪڏهن مان شهيد ٿي وڃان تہ ان لاءِ ڪنهن بہ قسم جا هنگاما ۽ هڙتالون نہ ڪيون وڃن، جيڪڏهن"هڙتال"

ان جو نالو آهي تہ مسلمانن جو ڪاروبار زبردستي بند ڪرايو وڃي، مسلمانن جي دڪانن ۽ گاڏين تي پٿراءُ وغيره ٿئي ماڻهن جي اهڙين حق تلفين ڪي ڪوبہ مفتيءِ اسلام جائز نہ ٿو چئي سگهي . ان طرح جي هڙتال حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي . ان طرح جي جذباتي قدمن سان دين ۽ دنيا جي نقصان ڪان سواءِ ڪجهہ هٿ نہ ايندو آهي . عام طور تي هڙتال ڪندڙ جلد ئي ٿڪجي پوندا آهن ۽ آخرڪار انتظاميہ انهن کي سوگهو ڪري وٺندي آهي)

ڪاش! گناهن کي بخشڻ وارو خداءِ غفار عَزَّوَجَلَّ مون پاپي ۽ بدڪار کي پنهنجي پياري محبوب صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي صدقي معاف فرمائي .

اي منهنجا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ جيستائين مان زندهہ رهان عشق رسول صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم ۾ گم رهان، مديني جو ذڪر ڪندو رهان، نيڪي جي دعوت جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهان، محبوب صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي شفاعت نصيب ٿئي، محبوب جو جنّت الفردوس ۾ پاڙو نصيب ٿئي. هاءِ! اي ڪاش! هر وقت محبوب صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي نظاري ۾ گم رهان، اي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم تي اَڻ ڳُڻ درود ۽ سلام موڪل ۽ سندن جي تمام امت جي مغفرت فرماءِ . آمين بجاهِ النبي الامين صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

بند جب خوابِ اَجَل سے ہوں حسنؔ کی آنکھیں
اس کی نظروں میں تِرا جلوۂِ زیبائی ہو

یاالٰہی! جب رضاؔ خوابِ گراں سے سَر اُٹھائے
دولتِ بیدار عشقِ مصطفٰے کا ساتھ ہو

”**مدني وصيت نامو**“ (اهي لفظ لکندي وقت) تقريباً ساڍا تيرهن سال اڳ (محرم الحرام 1411 ھ) مديني پاڪ کان جاري ڪيو هو وري ڪڏهن ڪڏهن معمولي ترميم ڪئي وئي هئي هاڻي ڪجهه نئي تبديلي سان حاضر ڪيو آهي .

# وصيت باعثِ مغفرت

مديني جي مير صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمان آهي جنهن جو موت وصيت تي ٿيو (يعني جيڪو وصيت ڪرڻ ڪانپوءِ فوت ٿيو) اهو عظيم سنّت تي مئو ۽ ان جو موت تقويٰ ۽ شهادت تي ٿيو ۽ ان حالت ۾ مئو جو ان جي بخشش ٿي وئي.

**(ابن ماجہ ج 3 ص 304 حديث 2701)**

# ڪفن دفن جو طريقو

## مرد جو سنت مطابق ڪفن

﴿1﴾ لفافو ﴿2﴾ ازار ﴿3﴾ قميص

## عورت جو سنت مطابق ڪفن

متي ذڪر ڪيل ٽئي ۽ وڌيڪ ٻہ هي ﴿4﴾ ڇاتي بند رکڻ لاءِ ڪپڙو ﴿5﴾ پوتي (ڪدڙي ڪي ٻہ عورتن وارو ڪفن ڏنو وڃي)

# ڪفن جو تفصيل

﴿1﴾ **لفافو** (يعني چادر) ميّت جي قد ڪان ايتري وڌي هجي جو ٻنهي طرفن کان ٻڌي سگهجي .

﴿2﴾ **ازار** (يعني گوڏ) مٿي کان پيرن تائين يعني چادر کان ايتري ننڍي جيڪا ٻڌڻ لاءِ وڏيڪ هئي .

﴿3﴾ **قميص** (يعني ڪفني) ڪنڌ کان گوڏن جي هيٺان تائين ۽ هي اڳتي ۽ پوئتي ٻنهي پاسن کان برابر هجي ان ۾ چاڪ (چير) ۽ ٻانهون نہ هجن، مردن جي ڪفني ڪلهن تي چيريو ۽ عورت جي لاءِ ڇاتي جي طرف کان .

﴿4﴾ ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو ڇاتي کان دُن تائين ۽ بهتر هي آهي تہ ران تائين هجي[1].

## ميت تي غسل ڏيڻ جو طريقو

اگربتيون يا لوبان (هڪ قسم جي خوشبو) ٻاري ٽي، پنج يا ست ڀيرا غسل جي تختي کي ڌوٽي ڏيو يعني ايترا ڀيرا تختي جي چوڌاري ڦيرايو، تختي تي ميّت کي اهڙي طرح ليٽايو جيئن قبر ۾ ليٽائيندا آهن، دن کان گوڏن تائين ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو (اڄڪلهہ غسل جي دؤران اڇو ڪپڙو وجهندا آهن پاڻي لڳڻ سان بي پردگي ٿيندي آهي تنهنڪري ناسي يا گهري رنگ جو ايترو ٿلهو ڪپڙو هجي جو پاڻي پوڻ سان اوگهڙ ظاهر نہ ٿئي ڪپڙي کي ٻيڻو ڪري وجهو تہ اڃا بهتر) هاڻي غسل ڏيارڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي پهريان ٻنهي طرفن کان طهارت ڪرائي (يعني پاڻي سان ڌوئي) پوءِ نماز وانگر وضو ڪرايو يعني ٽي ڀيرا چهرو پوءِ نونٺ سميت ٻئي ٻانهون ٽي ٽي ڀيرا ڌوئاريو پوءِ مٿي جو مک

(1) عام طور نهيل ڪفن خريد ڪيو ويندو آهي اهو قد مطابق ناهي هوندو، لهٰذا احتياط انهيءَ ۾ آهي تہ ٿانَ مان ضرورت مطابق ڪپڙو ڪٽيو وڃي .

ڪرايو، پوءِ ٽي ڀيرا ٻئي پير ڌوئاريو. ميّت جي وضو ۾ پهرين ڪرائيءَ تائين هٿ ڌوئڻ، گرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ نہ آهي، البت ڪپڙي يا ڪپهہ جي ڦهي کي پسائي ڪري ڏندن مهارن، چپن ۽ ناسن تي ڦيرائي ڇڏيو، پوءِ مٿي يا ڏاڙهي جا وار هجن تہ ڌوئو، هاڻي کاٻي پاسي ليٽائي ٻير جي پنن ۾ جوش ڏنل پاڻي (جيڪو معمولي گرم هجي) ۽ اهو نہ هجي تہ خالص پاڻي ٿورڙو گرم هجي مٿي کان پيرن تائين وهايو جو تختي تائين پهچي وڃي، پوءِ ساڄي پاسي ليٽائي بہ ائين ڪيو، پوءِ ٽيڪ لڳائي ويهاريو ۽ نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيريو ۽ ڪجهہ نڪري تہ ڌوئي ڇڏيو، ٻيهر وضو ۽ غسل جي ضرورت ناهي پوءِ آخر ۾ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي وهايو، پوءِ ڪنهن پاڪ ڪپڙي سان آهستي آهستي جسم اگهو، هڪ ڀيرو سڄي بدن تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽ ٽي ڀيرا سنّت آهي .

## مرد کي ڪفن پارائڻ جو طريقو [1]

ڪفن کي هڪ يا ٽي يا پنج يا ست ڀيرا ڌوٽي ڏيو پوءِ ائين وڇايو جو پهريان لفافو يعني وڏي چادر ان تي گوڏ ۽ ان جي مٿان ڪفن رکو، هاڻي ميّت کي ان تي ليٽايو ۽ ڪفن پارايو پوءِ ڏاڙهي تي (ڏاڙهي نہ هجي تہ ڪاڏي تي) ۽ سڄي جسم تي خوشبو لڳايو، اهي عضوا جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي يعني پيشاني،

(1) ميّت جي ڇهري تي لکڻ جوطريقو ص 5 تي ڏسو

هٿن، گوڏن ۽ پيرن تي ڪافور لڳايو[1] پوءِ تهبند کابي پاسي کان بعد ۾ساڄي پاسي کان ويڙهيو، هاڻي آخر ۾ لفافو به اهڙي طرح پهريان کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو ته جيئن سڄو مٿان رهي، پوءِ مٿي ۽ پيرن جي طرف کان ٻڌي ڇڏيو.

## عورت کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

ڪفني پارائي ان جي وارن جا ٻه حصا ڪري ڪفني جي مٿان ڇاتي تي رکي ڇڏيو پوتي کي اڌ پٺ جي هيٺان وڇائي مٿي تي آڻي منهن تي نقاب وانگر وجهي ڇڏيو جيئن ڇاتي تي رهي، ان جي ڊيگهه اڌ پٺ جي هيٺان تائين هجي،۽ ويڪر هڪ ڪن جي پاپڙي کان وٺي ٻئي ڪن جي پاپڙي تائين هجي، ڪجهه ماڻهو پوتي ائين اوڍائيندا آهن جيئن عورتون زندگي ۾ مٿي تي رکنديون هيون هي سنّت جي خلاف آهي، پوءِ دستور مطابق گوڏ ۽ لفافو يعني چادر ويڙهيو، پوءِ آخر ۾ ڇاتي بند ڪرڻ وارو ڪپڙو ڇاتي جي مٿين حصي کان ران تائين ڪنهن ڏوري سان ٻڌي ڇڏيو[2].

## جنازي نماز کان پوءِ تدفين [3]

﴿1﴾ جنازو قبر کان قبلي طرف رکڻ مستحب آهي ته جيئن

---

(1) مرد ۽ عورت جي لاءِ خوشبودار ڪافور لڳائڻ جو هڪجهڙو طريقو آهي (2) اڄڪلهه عورتن جي ڪفن ۾ چادر ئي آخر ۾ رکي ويندي آهي جيڪڏهن ڪفن ڪانپوءِ ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو رکيو وڃي ته به ڪو حرج ناهي پر افضل هي آهي ته ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو سيني کان آخر ۾ رکيو وڃي . (3) جنازو کڻڻ ۽ جنازي نماز جو طريقو هن ئي ڪتاب جي باب" **جنازي نماز جو طريقو** "۾ پڙهو.

ميت قبلي طرف قبر ۾ لاٿو وڃي قبر جي پيراندي کان رکي مٿي جي طرف کان نہ آڻيو ﴿2﴾ ضرورت آهر ٻہ يا ٽي (بهتر آهي تہ طاقتور ۽ نيڪ) ماڻهو قبر ۾ لهن، عورت جي مَيّت کي مَحرم ويجها مائٽ لاهن اهي نہ هجن تہ ٻيا مائٽ اهي بہ نہ هجن تہ پرهيزگار لاهن ﴿3﴾ عورت جي مَيِّت کي لاهڻ کان وٺي تختا لڳائڻ تائين ڪنهن ڪپڙي سان لڪائي رکو ﴿4﴾ قبر ۾ لاهڻ وقت جي دعا پڙهو بِسۡمِ اللهِ وَبِاللهِ وَعَلٰى مِلَّتِ رَسُوۡلِ الله ﴿5﴾ مَيِّت کي ساڄي پاسي ليٽايو ۽ ان جو منهن قبلي ڏانهن ڪيو، ڪفن کي ڪولي ڇڏيو جو هاڻي ضرورت نہ رهي، نہ ڪوليو تہ بہ حرج ناهي ﴿6﴾ قبر کي ڪچين سرن[1]سان بند ڪيو جيڪڏهن زمين نرم هجي تہ ڪاٺ جا تختا لڳائڻ بہ جائز آهن ﴿7﴾ هاڻي مٽي وڌي وڃي مستحب هي آهي تہ سيراندي کان ٻنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وجهو پهرين دفعو چئو مِنۡهَا خَلَقۡنٰكُمۡ[2]ٻيون دفعو وَفِيۡهَا نُعِيۡدُكُمۡ[3] ٽين دفعو وَ مِنۡهَا نُخۡرِجُكُمۡ تَارَةً اُخۡرٰى [4] چئو هاڻي باقي مٽي بيلچي وغيره سان وجهي ڇڏيو ﴿8﴾ جيتري مٽي قبر مان نڪتي آهي ان کان وڌيڪ وجهڻ مڪروه آهي ﴿9﴾ قبر اٺ جي ٿوهي وانگر

---

(1) قبر جي اندرئين حصي ۾ باهہ جون پڪل سرون لڳائڻ منع آهي پر اڪثر اڄڪلهہ وڏن شهرن ۾ سيمنٽ جي پٽين ۽ سيمنٽ جي تختن جو رواج آهي تنهن ڪري سيمنٽ جي پٽين ۽ سيمنٽ جي تختن جو اهو حصو جيڪو اندر جي طرف رکيو آهي ان کي ڪچي مٽي جي گاري سان ليپو ڏئي ڇڏيو الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي باهہ جي اثر کان محفوظ رکي. آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (2) اسان زمين ئي مان توهان کي بڻايو (3) ان ۾ ئي توهان کي موٽائينداسين (4) ۽ ان مان توهان کي ڪيداسين . (پ 16 رڪوع 12ترجمو ڪنزالايمان)

لهواري ٻٽايو چؤڪنڊي (يعني چار ڪنڊن واري جيئن اڄڪلهه تدفين ڪان ڪجهه ڏينهن پوءِ اڪثر سرن وغيره سان ناهيندا آهن) نہ ناهيو ﴿10﴾ قبر هڪ گرانٺ مٿي هجي يا ان ڪان معمولي وڌيڪ. (عالمگيري ج 1 ص166) ﴿11﴾ دفن ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻي هڻڻ سنّت آهي ﴿12﴾ ان ڪان علاوه بعد ۾ ٻوٽي وغيره کي پاڻي ڏيڻ خاطر پاڻي هڻو تہ جائز آهي ﴿13﴾ اڄڪلهه جيڪو بنا سبب قبرن تي پاڻي هاريو ويندو آهي ان کي فتاويٰ رضويہ شريف ج 4 ص 185 تي اِسراف لکيو آهي ﴿14﴾ دفن ڪان پوءِ سيراندي ڪان المّ تا مُفۡلِحُون ۽ پيراندي ڪان اٰمَنَ الرَّسُول ڪان سورت جي آخر تائين پڙهڻ مُستَحب آهي ﴿15﴾ تلقين ڪيو (طريقو ص 6 جي حاشيي تي ڏسو) ﴿16﴾ قبر جي سيرانڌي ڪان قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي اذان ڏيو ﴿17﴾ قبر تي گل وجهڻ بهتر آهن جو جيستائين ڪومائجي نہ وڃن تيستائين الله تبارڪ و تعاليٰ جو ذڪر ڪندا ۽ ميّت جي دل وندرندي. (ردالمحتار ج3 ص 183)

## جنت ۾ داخلا کان محرومي

دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 300 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”آنسوؤں کا دریا“ صفحي 229 کان 230 تي منقول آهي اللهعَزَّوَجَلَّ جڏهن جنّت کي پيدا فرمايو تہ ان کي فرمايو ”ڳالهاءِ“ تہ ان چيو تہ جيڪو مون ۾ داخل ٿيندو اهو سعادت مند آهي تہ الله تعاليٰ فرمايو مون کي پنهجي عزّت ۽ جلال جو قسم تو ۾ اَٺن قسمن جا ماڻهو داخل نہ ٿيندا. (1) شراب جو عادي (2) پڪوزاني (3) چُغل خور (4) دَيّوث (5) ظالم سِپاهي (6) گدڙو (7) مِٽي مَائِٽي ٽوڙڻ وارو ۽ (8) اهو شخص جيڪو خدا جو قسم کڻي ڪري چوي تہ مان فلاڻو ڪم ضرور ڪندس پوءِ اهو ڪم نہ ڪري.

(اِتحَافُ السّادَة للزّبيدي ج9 ص 345)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فاتحہ جو طريقو

## نفاق ۽ جهنم کان نجات

حضرت سيدنا اِمَام سَخَاوِي رَحْمَةُاللهِ تعالىٰ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واٰله وسلم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ موڪليو الله عَزَّوَجَلَّ هن تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ موڪلي الله عَزَّوَجَلَّ هن تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ موڪليندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهين اکين جي وچ (يعني پيشاني) تي لکندو آهي تہ هي شخص نفاق ۽ جهنّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ قيامت جي ڏينهن هن کي شهيدن سان گڏ رکندو.“ (القول البديع ص 233)

ہے سب دعاؤں سے بڑھ کر دعا دُرود و سلام
کہ دفع کرتا ہے ہر اک بلا دُرود و سلام

صَلُّو عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنهن جا والدين يا انهن مان ڪو هڪ فوت ٿي ويو هجي تہ انهن کي گهرجي انهن کان غفلت نہ ڪن، انهن جي قبرن تي حاضري ڏيندو رهي ۽ ايصال ثواب ڪندو

رهي، هن سلسلي ۾ مديني جا سلطان، رحمت عالميان، سَروَرِ ذيشان صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جا پنج مبارڪ ارشاد ملاحظہ فرمايو:

## (1) مقبول حج جو ثواب

”جيڪو ثواب جي نيّت سان پنهنجي والدين يا ٻنهي مان هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، مقبول حج جي برابر ثواب ماڻيندو ۽ جيڪو ڪثرت سان انهن جي قبر جي زيارت ڪندو رهندو فرشتا ان جي قبر جي (يعني جڏهن هو فوت ٿيندو) زيارت لاءِ ايندا“. (ڪنزالعمال ج 16 ص200 حديث 45536)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) ڏهہ حجن جو ثواب

جيڪو پنهنجي ماءُ يا پيءُ جي طرفان حج ڪري انهن جي (يعني ماءُ ۽ پيءُ جي) طرفان حج ادا ٿي وڃي ٿہ ان کي (يعني حج ڪرڻ واري کي) وڌيڪ ڏهہ حجن جو ثواب ملندو. (دار قطني ج 2 ص 229 حديث 2587)

**سبحٰن الله** عَزَّوَجَلَّ! جڏهن بہ نفلي حج جي سعادت حاصل ٿئي ٿہ فوت ٿيل ماءُ يا پيءُ جي نيّت ڪيو تہ جيئن انهن کي بہ حج جو ثواب ملي. اوهان جو بہ حج ٿي وڃي بلڪ وڌيڪ ڏهہ حجن جو ثواب هٿ اچي، جيڪڏهن ماءُ يا پيءُ مان ڪو هن حال ۾ فوت ٿي ويو جو انهن تي حج فرض ٿي وڃڻ جي باوجود اهي نہ ڪري سگهيا هئا تہ هاڻي اولاد کي حجِ بدل جو شرف حاصل ڪرڻ گهرجي. حجِّ بدل جا تفصيلي احڪام سگِ مدينہ (راقم الحروف) جي تاليف ”**رفيق الحرمين**“ مان معلوم ڪريو.

## (3) والدين جي طرفان خيرات

جڏهن توهان مان ڪو ڪجھ نفلي خيرات ڪري تہ ان ڪي گھرجي تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان ڪري تہ انهن جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان جي (يعني خيرات ڪرڻ واري جي) ثواب ۾ ڪا بہ گھٽتائي نہ ايندي ۔ (شعب الايمان ج 6 ص205 حديث 7911)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) روزي ۾ بي برڪتي جو سبب

ٻانهو جڏهن ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو آهي تہ ان جو رزق قطع (يعني گھٽ) ٿي ويندو آهي ۔ (ڪنزالعمال ج 16 ص 201 حديث 45548)

## (5) جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت

جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انهن وٽ ياسين شريف پڙهي تہ بخشيو ويندو۔ (ابن عدي في الڪامل ج 6 ص260)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رحمٰن ہے ترا یارب!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي جيڪي مسلمان دنيا مان گذاري ويندا آهن ۔ انهن جي لاءِ بہ ان پنهنجي فضل ۽ ڪرم جا دروازا کولي رکيا آهن ۔ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بي حساب رحمت جي باري ۾ هڪ روايت پڙهو ۽ جهومو:

## ڪفن ڦاٽي پيا

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نبي حضرت سيدنا ارمياء علٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪجھ اهڙين

قبرن جي پرسان گذريا جن ۾ عذاب ٿي رهيو آهي . هڪ سال کان پوءِ جڏهن وري اتان کان گذر ٿيو تہ عذاب ختم ٿي چڪو هو . انهن بارگاهہ خداونديعَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: يا اللهعَزَّوَجَلَّ! ڇا سبب آهي جو پهريان انهن کي عذاب ٿي رهيو هو هاڻي ختم ٿي ويو؟ آواز آيو ”اي ارمياء ! انهن جا ڪفن ڦاٽي پيا، وار مُنتشر ٿي ويا ۽ قبرون مٽجي ويون تہ مون انهن تي رحم ڪيو ۽ اهڙن ماڻهن تي مان رحم ڪندو آهيان .“ (شرح الصدور ص313 )

اللہ کی رحمت سے تو جنّت ہی ملے گی    اے کاش ! محلے میں جگہ ان کے ملی ہو

صَــلُّو عَـلَى الـحَبِـيب!    صَــلَّى اللهُ تَعالٰى عَـلٰى مُحَمَّد

## ”ڪرم“ جي ٿڻ اٿرن جي نسبت سان ايصالِ ثواب جا ٿي ايمان افروز ثواب

## دعائن جي برڪت

مديني جا تاجدار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان مغفرت نشان آهي: منهنجي امت گناهن سان گڏ قبر ۾ داخل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي تہ بي گناهہ هوندي ڇو تہ اها مؤمنن جي دعائن سبب بخشي ويندي آهي . (المعجم الاوسط ج اص 509 حديث 1879)

صَــلُّو عَـلَى الـحَبِـيب!    صَــلَّى اللهُ تَعالٰى عَـلٰى مُحَمَّد

## ايصالِ ثواب جو انتظار !

سرڪار نامدار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو ارشاد مشڪبار آهي مردي جو حال قبر ۾ ٻڏندڙ انسان جي مثال آهي جو اهو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي تہ ان جي ويجهو اها دنيا وما فيها (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي) کان بهتر هوندي آهي اللهعَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي انهن جي زندهہ

متعلقين (يعني ويجهن مائٽن) جي طرفان تحفي طور ڏنل ثواب پهاڙن جي برابر عطا فرمائيندو آهي، زندھ (ماڻهن) جو هديو(يعني تحفو) مُردن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي . (شعب الايمان ج 6 ص203 حديث 7905)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بين لاءِ دعاءِ مغفرت جي فضيلت

جيڪو سيني مؤمن مردن ۽ عورتن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هر مومن مرد ۽ عورت جي عيوض هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو آهي . (مجمع الزوائد ج 10 ص 352 حديث 17598)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خوش ٿي وڃو! اربين ڪربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو هٿ اچي ويو! ظاهر آهي هن وقت روءِ زمين تي ڪروڙين مسلمان موجود آهن ۽ ڪروڙين بلڪ اربين دنيا مان گذاري ويا آهن. جيڪڏهن اسان سڄي امت جي مغفرت جي لاءِ دعا گهرنداسين تہ اِن شاءَ اللهعَزَّوَجَلَّ اسان کي اربين ڪربين نيڪين جو خزانو ملي ويندو . مان لکت ۾ پنهنجي لاءِ ۽ سيني مومنين ۽ مومنات جي لاءِ دعا ڪيان ٿو . (اول آخر درود شريف پڙهو) ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻيون نيڪيون ملنديون .

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَلِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَّمُؤْمِنَةٍ۔

يعني اي اللهعَزَّوَجَلَّ منهنجي ۽ هر مؤمن ۽ مومنہ جي مغفرت فرماءِ .

اٰمين بجاه النّبي الامين صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم

اوهان بہ مٿي ڏنل دعا کي عربي يا سنڌي يا ٻنهي زبانن ۾ ۽ ٿي سگهي

تہ روزانو پنجن نمازن کان پوءِ پڙهڻ جي عادت بڻايو .

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفار ہے تیرا یارب !

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نوراني لباس

”هڪ بزرگ پنهنجي مرحوم پيءُ کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو ڇا زندهہ ماڻهن جي دعا توهان ماڻهن کي پهچندي آهي؟“ تہ ان جواب ڏنو: ”ها اللہ عَزَّوَجَلَّ جو قسم اها نوراني لباس جي صورت ۾ ايندي آهي . اسين ان کي پائي وٺندا آهيون“. (شرح الصدور ص 305)

جلوہ یار سے ہو قبر آباد وحشتِ قبر سے بچا یارب !

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نوراني ٿالهہ

جڏهن ڪو شخص ميّت کي اِيصال ثواب ڪندو آهي تہ جبرئيل عليہ السّلام ان کي نوراني ٿالهہ ۾ رکي قبر جي ڪناري بيهي رهندا آهن ۽ چوندا آهن ”اي قبر وارا ! هي تحفو تنهنجي گهر وارن موڪليو آهي قبول ڪر“ هي ٻڌي ڪري اهو خوش ٿيندو آهي ۽ ان جا پاڙيسري پنهنجي محرومي تي غمگين ٿيندا آهن . (شرح الصدور ص 308)

قبر میں آہ ! گھپ اندھیرا ہے فضل سے کردے چاندنا یارب !

صَلُّو عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مُردن جي تعداد برابر ثواب

”جيڪو قبرستان ۾ يارهن ڀيرا سورة اخلاص پڙهي مُردن کي ان جو

ثواب موڪلي تہ (سيني) مُردن جي برابر ايصال ثواب ڪرڻ واري کي ان جو اجر ملندو “ . (ڪشف الخفا ج 2 ص 371 حديث 2629 )

صَلُّو عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قبر وارا سفارش ڪندا

شفيع مَحشر صَلَّی اللهُ تعالٰی عليه واٰله وسلم جن جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو قبرستان مان گذري ۽ اهو سورة الفاتحہ سورة الاخلاص ۽ سورة التڪاثر پڙهي پوءِ هي دعا گهري ”يا اللهعَزَّوَجَلَّ مون جيڪو ڪجهہ قران پڙهيو ان جو ثواب مومن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ تہ اهي قبر وارا قيامت جي ڏينهن هن (ايصالِ ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي ٿيندا .“ (شرح الصدور ص 311)

ہر بھلے کی بھلائی کا صدقہ اس برے کو بھی کر بھلا یارب !

صَلُّو عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سورهٔ اخلاص جو ثواب

حضرت سيدنا حمَّاد مڪي رَحۡمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: مان هڪ رات مڪي شريف جي قبرستان ۾ سمهي پيس ڇا ٿو ڏسان تہ قبر وارا حلقن ۾ بيٺل آهن مون انهن کان پڇا ڪئي ڇا قيامت قائم ٿي وئي؟ انهن چيو نہ ڳالهہ اصل ۾ هي آهي تہ هڪ مسلمان ڀاءُ سورهِ اخلاص پڙهي ڪري اسان کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ اهو ثواب اسين هڪ سال کان تقسيم ڪري رهيا آهيون . (شرح الصدور ص بلب في قراءت القران للميت ص 312)

سَبَقَتۡ رَحۡمَتِیۡ عَلٰی غَضَبِیۡ تو نے جب سے سنا دیا یارب !

آسرا ہم گنہگاروں کا اور مضبوط ہو گیا یارب !

## ام سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہا جي لاءِ کوھہ

حضرت سيدنا سعد بن عُبادہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو: يارسول اللہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم منھنجي ماءُ فوت ٿي وئي آھي (مان ان جي طرفان صدقو ڪرڻ چاھيان ٿو) ڪھڙو صدقو افضل رھندو؟

سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو: ”**پاڻي**“ پوءِ انھن ھڪ کوھہ کوٽايو ۽ چيو ”ھي اُمِ سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہا جي لاءِ آھي“. (سنن ابي داؤد شريف ج 2 ص 53 حديث 1681)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سيدنا سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو چوڻ آھي تہ ھي کوھہ اُمِّ سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہا جي لاءِ آھي ان جي معنيٰ اھا آھي تہ ھي کوھہ حضرت سيدنا سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي ماءُ جي ايصال ثواب لاءِ آھي. ھن مان خبر پئي تہ مسلمانن جو ڳئون ٻڪري وغيرہ کي بزرگن ڏانھن منسوب ڪرڻ مثال طور ائين چوڻ تہ ”ھي سيدنا غوث پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو ٻڪر آھي“ ھن ۾ ڪو حرج ناھي چوتہ ھن مان مراد بہ اھا آھي تہ ھي ٻڪر غوث پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن جي ايصالِ ثواب لاءِ آھي ۽ قرباني جي جانور کي بہ تہ ماڻھو ھڪٻئي ڏانھن ئي منسوب ڪندا آھن. مثلاً ڪو قرباني جي لاءِ ڳئون وٺي اچي رھيو ھجي ۽ جيڪڏھن اوھان ان کان پڇيو تہ ھي ڪنھن جي آھي؟ تہ ان کي اھو جواب ڏيڻو آھي ”منھنجي ڳئون آھي“ جڏھن ھي چوڻ واري تي اعتراض ناھي تہ ”غوث پاڪ جو ٻڪر“ چوڻ واري تہ بہ اعتراض نہ ٿو ٿي سگھي. حقيقت ۾ ھر شيءِ جو مالڪ اللہ عَزَّوَجَلَّ ئي آھي ۽ قرباني جي ڳئون ھجي يا غوث پاڪ جو ٻڪر، ھر جانور کي ذبح ڪرڻ وقت اللہ عَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتو ويندو آھي.

اللہ عَزَّوَجَلَّ وسوسن کان نجات بخشي. آمين بجاہ النبي صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللہُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”دين خير خواهي جو نالو آ“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان ايصال ثواب جا 18 مدني گل

﴿1﴾ فرض، واجب، سنت، نفل، نماز، روزو، زڪوات، حج، مدني قافلن ۾ سفر، مدني انعامات، نيڪي جي دعوت، ديني ڪتابن جو مطالعو، مدني ڪمن جي لاءِ انفرادي ڪوشش وغيره هر نيڪ ڪم جو ايصال ثواب ڪري سگهو ٿا .

﴿2﴾ ميّت جو ٽيجهو، ڏهو، چاليهو ۽ ورسي (ٻارهو) ڪرڻ سٺو آهي ڇوته اهي ايصال ثواب جا ئي ذريعا آهن شريعت ۾ ٽيجهي جو عدم جواز (يعني ناجائز هجڻ) جو دليل نہ هجڻ خود جائز هجڻ جو دليل آهي ۽ ميّت جي لاءِ جيئرن جي دعا گهرڻ قرآن ڪريم مان ثابت آهي جيڪا ايصال ثواب جو اصل (يعني بنياد) آهي جيئن تہ

وَالَّذِيۡنَ جَآءُوۡ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَا اغۡفِرۡ لَنَا وَلِاِخۡوَانِنَا الَّذِيۡنَ سَبَقُوۡنَا بِالۡاِيۡمَانِ

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهي جيڪي انهن کان پوءِ آيا عرض ڪن ٿا، اي اسان جا ربعَزَّوَجَلَّ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي جن اسان کان اڳي ايمان آندو.
(پ28 سورهء حشر آيت10)

﴿3﴾ ٽيجهي وغيره جو کاڌو صرف انهيءَ صورت ۾ ميّت جي ڇڏيل مال مان ڪري سگهو ٿا جڏهن تہ سڀ وارث بالغ هجن ۽ سڀئي اجازت بہ ڏين جيڪڏهن هڪ وارث بہ نابالغ آهي تہ سخت حرام آهي ها بالغ پنهنجي حصي مان ڪري سگهي ٿو .
(ملخص از بهار شريعت)

﴿4﴾ ميّت جا گهر وارا جيڪڏهن ٽيجهي جو کاڌو پچائين تہ

(مالدار نہ کائن) صرف فقيرن (مسڪينن ۽ غريبن)کي ڪارائين .
(ملخص از بهار شريعت)

﴿5﴾ هڪ ڏينهن جي ٻار کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا ان جو ٽيجهو وغيره ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي.

﴿6﴾ جيڪي زندہ آهن انهن کي بہ بلڪ جيڪي مسلمان اڃا تائين پيدا ناهن ٿيا انهن کي بہ اڳواٽ (ايڊوانس ۾) ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو.

﴿7﴾ مسلمان جِنّات کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو .

﴿8﴾ يارهين شريف، رجبي شريف (يعني 22 رَجبُ المُرجَب جو سيّدنا امام جعفر صادق رضی اللہ تعالٰی عنہ جا ڪونڊا ڪرڻ) وغيره جائز آهي . ڪونڊي ۾ ئي کيرٽي ڪارائڻ ضروري ناهي ٻئي ٿانو ۾ بہ ڪارائي سگهو ٿا ان کي گهر کان ٻاهر بہ کڻي وڃي سگهو ٿا .

﴿9﴾ بزرگن جي فاتحہ جي کاڌي کي تعظيماً ”نذر ۽ نياز“ چون ٿا ۽ هي نياز تَبَرُّڪ (يعني برڪت وارو) آهي ان کي امير، غريب سيئي کائي سگهن ٿا .

﴿10﴾ ايصالِ ثواب جي کاڌي ۾ مهمان جي شرڪت شرط ناهي گهر ڀاتي جيڪڏهن پاڻ ئي کائي ڇڏن تڏهن بہ ڪو حرج ناهي.

﴿11﴾ روزانو جيترا پيرا کاڌو کائو ان ۾ جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ جي ايصالِ ثواب جي نيّت ڪري ڇڏيو تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي مثلاً ناشتي ۾ نيّت ڪريو اڄ جو ناشتي جو ثواب سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم ۽ سندن جي وسيلي سان سيني

نَبِيّن عَلیھم السَّلام ڪي پهچي . ٻنپهرن جو نيّت اها ڪريو جيڪو ڪاڏو ڪائيندا سين ان جو ثواب سرڪار غوث اعظم ۽ تمام اوليائن عَلیھم الرضوان ڪي پهچي رات جو نيت ڪريو ھاٽي جيڪو ڪائيندا سين ان جو ثواب امام اهلسنت امام احمد رضا خان ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت ڪي پهچي .

﴿12﴾ ڪائڻ ڪان پهريان ايصالِ ثواب ڪريو يا ڪائڻ ڪان پوءِ ٻئي طريقا صحيح آهن .

﴿13﴾ ٿي سگهي تہ هر روز (نفعي تي نہ بلڪ) پنهنجي وڪري جو هڪ سيڪڙو ۽ ملازمت مان بہ هڪ سيڪڙو ڪڍي ڇڏيندا ڪريو هن رقم سان ديني ڪتاب ورهايو يا ڪنهن بہ نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪريو ان شآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ هن جون برڪتون پاڻ ئي ڏسندؤ.

﴿14﴾ مسجد يا مدرسي جو ٺاهڻ صدقہ جاريہ ۽ ايصال ثواب جو بهترين ذريعو آهي .

﴿15﴾ داستانِ عجیب، شہزادی کا سر، دس بیبیوں کی کہانی، جناب سیدہ کی کہانی (ڏهن بيبين جي ڪهاڻي) وغيره هي سڀ من گهڙت (ڪوڙا) قصا آهن، انهن کي هرگز نہ پڙهندا ڪريو. اهڙي طرح هڪ پمفليٽ ”وصيت نامو“ نالي سان ماڻهو ورهائيندا آهن جنهن ۾ ڪنهن ”شيخ احمد“ جو خواب لکيل هوندو آهي اهو بہ جعلي آهي ان ۾ مخصوص تعداد ۾ ورهائڻ جي فضيلت ۽ نہ ورهائڻ جا نقصان وغيره لکيل هوندا آهن ان تي اعتبار نہ ڪريو.

﴿16﴾ جيترن کي بہ ايصال ثواب ڪريو اللہ عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان

اميد آهي تہ سڀني کي پورو پورو ملندو، ائين ناهي تہ ثواب ورهائجي حصا ٿي ملي . (ردالمحتار ج 3 ص 180، بهار شريعت ج 1 ص850)

﴿17﴾ ايصال ثواب ڪرڻ واري جي ثواب ۾ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي بلڪ اها اميد آهي تہ هن جيترن کي ايصالِ ثواب ڪيو انهن سڀني جي تعداد برابر هن کي ثواب ملندو . مثلاً ڪو نيڪ ڪم ڪيو جنهن تي ان کي ڏهہ نيڪيون مليون هاڻي هن ڏهن مُردن کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هر هڪ کي ڏهہ ڏهہ نيڪيون پهچنديون جڏهن تہ ايصالِ ثواب ڪرڻ واري کي هڪ سؤ ڏهہ ۽ جيڪڏهن هڪ هزار کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هن کي ڏهہ هزار ڏهہ . وعليٰ هٰذا القياس (بهار شريعت ج 1 ص850)

﴿18﴾ ايصالِ ثواب صرف مسلمان کي ڪري سگهو ٿا ڪافر يا مُرتَد کي ايصالِ ثواب ڪرڻ يا مرحوم چوڻ ڪفر آهي .

## ايصالِ ثواب جو طريقو

ايصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ) جي لاءِ دل ۾ نيّت ڪرڻ ڪافي آهي مثلاً توهان ڪنهن کي هڪ روپيو خيرات ڏني يا هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو يا ڪنهن کي هڪ سنّت ٻڌائي يا نيڪي جي دعوت ڏني يا سنّتن ڀريو بيان ڪيو مطلب تہ ڪا بہ نيڪي ڪئي اوهان دل ئي دل ۾ هن طرح نيّت ڪريو مثلاً هاڻي مون جيڪا سنّت ٻڌائي ان جو ثواب سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم کي پهچي، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب پهچي ويندو ۽ وڌيڪ جن جن جي نيّت ڪندؤ انهن کي بہ پهچندو. دل ۾ نيّت هجڻ سان گڏوگڏ

زبان سان چوڻ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي سنّت آهي جيئن تہ حضرت سعد رضي الله تعالیٰ عنه واري حديث ۾ گذريو تہ انهن کوھ کوٽائي فرمايو: ”هي اُمِ سعد رضي الله تعالیٰ عنها جي لاءِ آهي“.

## ايصالِ ثواب جو رائج طريقو

اڄڪلهہ مسلمانن ۾ خصوصاً ڪاڏي تي جيڪو فاتحہ جو طريقو رائج آهي اهو بہ تمام سٺو آهي جن ڪاڏن جو ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي اهي سڀ يا سيني مان ٿورو ٿورو ڪاڏو ۽ هڪ گلاس ۾ پاڻي ڀري سيني کي سامهون رکي ڇڏيو هاڻي اَعُوْذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهي

هڪ ڀيرو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ○

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ﴿١﴾ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢﴾ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ﴿٣﴾ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ﴿٤﴾ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ﴿٥﴾ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ﴿٦﴾

ٽي ڀيرا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ○

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ﴿١﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ﴿٢﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ﴿٣﴾ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿٤﴾

هڪ ڀيرو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ﴿١﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ﴿٢﴾ وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ﴿٣﴾ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِي الْعُقَدِ ﴿٤﴾ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿٥﴾

هڪ پيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِۙ ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِۙ ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِۙ ﴿۳﴾
مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۙ الۡخَنَّاسِ ۙ﴿۴﴾ الَّذِىۡ يُوَسۡوِسُ فِىۡ صُدُوۡرِ النَّاسِۙ ﴿۵﴾
مِنَ الۡجِنَّةِ وَالنَّاسِ ﴿۶﴾

هڪ پيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَۙ ﴿۱﴾ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِۙ ﴿۲﴾
مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِؕ ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَاِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُؕ ﴿۴﴾
اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَۙ ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ
غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ﴿۷﴾

هڪ پيرو

الٓمّٓ ﴿۱﴾ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ ۛۚ فِيۡهِ ۛۚ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَۙ ﴿۲﴾ الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ
بِالۡغَيۡبِ وَيُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَۙ ﴿۳﴾ وَالَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ
بِمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمَآ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ وَبِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَؕ ﴿۴﴾
اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ۙ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۵﴾

پڙهڻ ڪان پوءِ هي پنج آيتون

﴿1﴾ وَ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٣﴾ (پ١ البقرة:١٦٣)

﴿2﴾ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ (پ٨ الاعراف:٥٦)

﴿3﴾ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ (پ١٧ الانبيآء:١٠٧)

﴿4﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ (پ٢٢ الاحزاب:٤٠)

﴿5﴾ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ۗ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾ (پ٢٢ الاحزاب:٥٦)

هاڻي درود شريف پڙهو

صَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ط
صَلٰوةً وَّ سَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾

هاڻي هٿ کڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو بلند آواز سان ”الفاتحہ“چوي سڀ ماڻهو هوريان سورة الفاتحہ پڙهن، هاڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو ائين اعلان ڪري ”منامنا اسلامي ڀائرو! اوهان جيڪو ڪجھ پڙهيو آهي ان جو ثواب مون کي ڏئي ڇڏيو سيئي اسلامي ڀائر چون تہ اوهان کي ڏنو هاڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو ايصال ثواب ڪري“. ايصالِ ثواب جا الفاظ لکڻ کان پهرين امام اهلسنت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْه فاتحہ کان پهرين جيڪي سورتون پڙهندا هئا اهي تحرير ڪيان ٿو .

# اعليٰ حضرت رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو فاتحہ جو طريقو

هڪ ڀيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ۝ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝
مٰلِكِ یَوۡمِ الدِّیۡنِ ۝ اِیَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِیَّاكَ نَسۡتَعِیۡنُ ۝
اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِیۡمَ ۝ صِرَاطَ الَّذِیۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَیۡهِمۡ
غَیۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَیۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّیۡنَ ۝

هڪ ڀيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلۡحَیُّ الۡقَیُّوۡمُ ۚ لَا تَاۡخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوۡمٌ ؕ
لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یَشۡفَعُ عِنۡدَهٗۤ
اِلَّا بِاِذۡنِهٖ ؕ یَعۡلَمُ مَا بَیۡنَ اَیۡدِیۡهِمۡ وَمَا خَلۡفَهُمۡ ۚ وَلَا یُحِیۡطُوۡنَ
بِشَیۡءٍ مِّنۡ عِلۡمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرۡسِیُّهُ السَّمٰوٰتِ
وَالۡاَرۡضَ ۚ وَلَا یَـُٔوۡدُهٗ حِفۡظُهُمَا ۚ وَهُوَ الۡعَلِیُّ الۡعَظِیۡمُ ﴿۲۵۵﴾

ٽي ڀيرا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ یَلِدۡ ۬ۙ
وَلَمۡ یُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَلَمۡ یَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾

## ايصال ثواب جي لاءِ دعا جو طريقو

ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجھ پڙهيو ويو (جيڪڏهن ڪاڌو وغيره آهي تہ هن طرح بہ چئو) ۽ جيڪو ڪجھ ڪاڌو وغيره پيش ڪيو ويو آهي بلڪ اڄ تائين جيڪو ڪجھ ناقص عمل ٿي سگهيو آهي

ان جو اسان جي ناقص عمل جي مطابق نہ بلڪ پنهنجي ڪرم جي شايان شان ثواب عطا فرماءِ . ۽ هن ڪي اسان جي طرفان پنهنجي پياري محبوب، داناءِ غيوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي بارگاهہ ۾ نذر پهچاءِ سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي وسيلي سان تمام انبياءَ علیھم السلام تمام صحابہ ڪرام علیھم الرضوان تمام اولياءِ عظام رحمھم اللہ جن جي بارگاهہ ۾ پهچي، سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي وسيلي سان سيدنا آدم صَفِي الله علیہ السلام ڪان وٺي هاڻي تائين جيترا بہ انسان ۽ جنّ مسلمان ٿيا يا قيامت تائين ٿيندا سيني کي پهچاءِ، انهي دوران جن جن بزرگن کي خاص ڪري ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي انهن جا نالا بہ وٺو، پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ٻين رشتدارن ۽ پنهنجي پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪريو .

(فوت ٿيلن مان جن جن جا نالا وٺندا آهيو انهن کي خوشي حاصل ٿيندي آهي)

هاڻي معمول مطابق دعا ختم ڪري ڇڏيو. (جيڪڏهن ٿورو ٿورو کاڌو ۽ پاڻي ڪڍيو هو اهو ٻين کاڌن ۽ پاڻي ۾ وجهي ڇڏيو)

## خبردار

جڏهن بہ اوهان جي طرفان نياز يا ڪنهن قسم جي گڏجاڻي ٿئي، جماعت جو وقت ٿيندي ئي ڪا شرعي رڪاوٽ نہ هجي تہ انفرادي ڪوشش جي ذريعي سيني مهمانن سميت باجماعت نماز لاءِ مسجد جو رخ ڪريو ۽ اهڙن وقتن ۾ دعوت نہ رکو جو وچ ۾ جماعت جو وقت اچي ۽ سستي سبب معاذ الله عَزَّوَجَلَّ

جماعت نڪري وڃي . منجهند جي ڪاڏي لاءِ نماز ظهر کان پوءِ ۽ شام جي ڪاڏي لاءِ عشاءَ جي نماز کان پوءِ مهمانن ڪي گهرائڻ ۾ عموماً باجماعت نمازن لاءِ آساني ٿيندي ميزبان، بورچي، ڪاڏو ورهائڻ وارن سيني ڪي گهرجي تہ وقت تي وڃي تہ سمورو ڪم ڇڏي باجماعت نماز جو اهتمام ڪريو . بزرگن جي نياز جي مصروفيت ۾ اللهعَزَّوَجَلَّ جي نماز باجماعت ۾ سستي وڏي غلطي آهي .

## مزار تي حاضري جو طريقو

بزرگن وٽ پيراندي (قدمن واري پاسي) کان حاضر ٿيڻ گهرجي پوئين پاسي کان اچڻ جي صورت ۾ انهن کي پاسو ورائي ڏسڻ جي ڏکيائي ٿيندي آهي تنهن ڪري اوليائن جي مزار تي پيراندي (قدمن واري پاسي) کان حاضر ٿي قبلي کي پٺي ۽ صاحب مزار جي چهري ڏانهن منهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ چار هٿ (بہ گز) پري بيهو ۽ هن طرح سلام عرض ڪريو.

اَلسَّلامُ عَلَيكَ يَاوَلِيَّ اللهِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ

هڪ ڀيرو سورة فاتحہ ۽ 11 ڀيرا سورة اخلاص (اول آخر درود شريف) پڙهي هٿ کڻي مٿي ڏنل طريقي مطابق (صاحب مزار جو نالو وٺي بہ) ايصالِ ثواب ڪريو ۽ دعا گهرو "**احسن الوعاء**" ۾ آهي ولي جي قُرب ۾ دعا قبول ٿيندي آهي .

الٰہی واسطہ کل اولیاء کا　　　مرا ہر ایک پورا مُدعا ہو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فاتحہ جو طريقو

## نفاق ۽ جهنم کان نجات

حضرت سيدنا اِمَام سَخَاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ نقل فرمائن ٿا: ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ موڪليو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ موڪلي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ موڪليندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهين اکين جي وچ (يعني پيشاني) تي لکندو آهي تہ هي شخص نفاق ۽ جهنّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ قيامت جي ڏينهن هن کي شهيدن سان گڏ رکندو.“ (القول البديع ص 233)

ہے سب دعاؤں سے بڑھ کر دعا دُرود و سلام
کہ دفع کرتا ہے ہر اک بلا دُرود و سلام

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنهن جا والدين يا انهن مان ڪو هڪ فوت ٿي ويو هجي تہ انهن کي گهرجي انهن کان غفلت نہ ڪن، انهن جي قبرن تي حاضري ڏيندو رهي ۽ ايصالِ ثواب ڪندو

رهي، هن سلسلي ۾ مديني جا سلطان، رحمت عالميان، سَروَرِ ذيشان صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جا پنج مبارڪ ارشاد ملاحظہ فرمايو:

## (1) مقبول حج جو ثواب

”جيڪو ثواب جي نيّت سان پنهنجي والدين يا ٻنهي مان هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، مقبول حج جي برابر ثواب ماڻيندو ۽ جيڪو ڪثرت سان انهن جي قبر جي زيارت ڪندو رهندو فرشتا ان جي قبر جي (يعني جڏهن هو فوت ٿيندو) زيارت لاءِ ايندا“. (ڪنزالعمال ج 16 ص200 حديث 45536)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) ڏهہ حجن جو ثواب

جيڪو پنهنجي ماءُ يا پيءُ جي طرفان حج ڪري انهن جي (يعني ماءُ ۽ پيءُ جي) طرفان حج ادا ٿي وڃي تہ ان کي (يعني حج ڪرڻ واري کي) وڌيڪ ڏهہ حجن جو ثواب ملندو. (دار قطني ج 2 ص 229 حديث 2587)

**سبحٰن الله** عزوجل! جڏهن بہ نفلي حج جي سعادت حاصل ٿئي تہ فوت ٿيل ماءُ يا پيءُ جي نيّت ڪيو تہ جيئن انهن کي بہ حج جو ثواب ملي. اوهان جو بہ حج ٿي وڃي بلڪ وڌيڪ ڏهہ حجن جو ثواب هٿ اچي، جيڪڏهن ماءُ يا پيءُ مان ڪو هن حال ۾ فوت ٿي ويو جو انهن تي حج فرض ٿي وڃڻ جي باوجود اهي نہ ڪري سگهيا هئا تہ هاڻي اولاد کي حج بدل جو شرف حاصل ڪرڻ گهرجي. حجِّ بدل جا تفصيلي احڪام سگِ مدينہ (راقم الحروف) جي تاليف ”**رفيق الحرمين**“ مان معلوم ڪريو.

## (3) والدين جي طرفان خيرات

جڏهن توهان مان ڪو ڪجهه نفلي خيرات ڪري تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان ڪري تہ انهن جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان جي (يعني خيرات ڪرڻ واري جي) ثواب ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ايندي . (شعب الايمان ج 6 ص205 حديث 7911)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) روزي ۾ بي برڪتي جو سبب

ٻانهو جڏهن ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو آهي تہ ان جو رزق قطع (يعني گهٽ) ٿي ويندو آهي . (ڪنزالعمال ج 16 ص 201 حديث 45548)

## (5) جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت

جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انهن وٽ ياسين شريف پڙهي تہ بخشيو ويندو. (ابن عدي في الكامل ج 6 ص260)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رحمٰن ہے ترا یارب !

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي جيڪي مسلمان دنيا مان گذاري ويندا آهن . انهن جي لاءِ بہ ان پنهنجي فضل ۽ ڪرم جا دروازا کولي رکيا آهن . الله عَزَّوَجَلَّ جي بي حساب رحمت جي باري ۾ هڪ روايت پڙهو ۽ جهومو:

## ڪفن ڦاٽي پيا

اللهعَزَّوَجَلَّ جا نبي حضرت سيدنا ارمياء علٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪجهه اهڙين

قبرن جي پرسان گذريا جن ۾ عذاب ٿي رهيو آهي . هڪ سال کان پوءِ جڏهن وري اتان کان گذر ٿيو تہ عذاب ختم ٿي چڪو هو . انهن بارگاهہ خداونديعَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: يا اللهعَزَّوَجَلَّ! ڇا سبب آهي جو پهريان انهن کي عذاب ٿي رهيو هو هاڻي ختم ٿي ويو؟ آواز آيو ”اي ارمياء ! انهن جا ڪفن ڦاٽي پيا، وار مُنتشر ٿي ويا ۽ قبرون مٽجي ويون تہ مون انهن تي رحم ڪيو ۽ اهڙن ماڻهن تي مان رحم ڪندو آهيان.“ (شرح الصدور ص313 )

اللہ کی رحمت سے تو جنّت ہی ملے گی　　　اے کاش ! محلے میں جگہ ان کے ملی ہو

صَلُّو عَلَى الحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”ڪرم“ جي ٿڻ اترن جي نسبت سان ايصالِ ثواب جا ٿي ايمان افروز ثواب

## دعائن جي برڪت

مديني جا تاجدار صَلَّى اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان مغفرت نشان آهي: منهنجي امت گناهن سان گڏ قبر ۾ داخل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي تہ بي گناهہ هوندي ڇو تہ اها مؤمنن جي دعائن سبب بخشي ويندي آهي . (المعجم الاوسط ج 1ص 509 حدیث 1879)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايصالِ ثواب جو انتظار !

سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو ارشاد مشڪبار آهي مردي جو حال قبر ۾ ٻڏندڙ انسان جي مثال آهي جو اهو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي تہ ان جي ويجهو اها دنيا وما فيها (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي) کان بهتر هوندي آهي اللّٰهعَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي انهن جي زندهہ

متعلقين (يعني ويجهن مائٽن) جي طرفان تحفي طور ڏنل ثواب پهاڙن جي برابر عطا فرمائيندو آهي، زنده (ماڻهن) جو هديو(يعني تحفو) مُردن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي . (شعب الايمان ج 6 ص203 حديث 7905)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻين لاءِ دعاءِ مغفرت جي فضيلت

جيڪو سيني مؤمن مردن ۽ عورتن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هر مومن مرد ۽ عورت جي عيوض هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو آهي . (مجمع الزوائد ج 10 ص 352 حديث 17598)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خوش ٿي وڃو! اربين ڪربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو هٿ اچي ويو! ظاهر آهي هن وقت روءِ زمين تي ڪروڙين مسلمان موجود آهن ۽ ڪروڙين بلڪ اربين دنيا مان گذاري ويا آهن. جيڪڏهن اسان سڀني امت جي مغفرت جي لاءِ دعا گهرنداسين تہ اِن شاءَ اللهعَزَّوَجَلَّ اسان کي اربين ڪربين نيڪين جو خزانو ملي ويندو . مان لکت ۾ پنهنجي لاءِ ۽ سيني مومنين ۽ مومنات جي لاءِ دعا ڪيان ٿو . (اول آخر درود شريف پڙهو) ان شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻيون نيڪيون ملنديون .

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَلِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَّمُؤْمِنَةٍ۔

يعني اي اللهعَزَّوَجَلَّ منهنجي ۽ هر مؤمن ۽ مومنہ جي مغفرت فرماءِ .

اٰمين بجاه النّبي الامين صلى الله تعالى عليه واله وسلم

اوهان بہ مٿي ڏنل دعا کي عربي يا سنڌي يا ٻنهي زبانن ۾ ۽ ٿي سگهي

تہ روزانو پنجن نمازن کان پوءِ پڙهڻ جي عادت بڻايو .

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل　　نام غفار ہے ترا یارب !

صَلُّو عَلَی الحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نوراني لباس

”هڪ بزرگ پنهنجي مرحوم پيءُ کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو ڇا زندهہ ماڻهن جي دعا توهان ماڻهن کي پهچندي آهي؟“ تہ ان جواب ڏنو: ”ها اللهعَزَّوَجَلَّ جو قسم اها نوراني لباس جي صورت ۾ ايندي آهي . اسين ان کي پائي وٺندا آهيون“. (شرح الصدور ص 305)

جلوہ یار سے ہو قبر آباد　　وحشتِ قبر سے بچا یارب !

صَلُّو عَلَی الحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نوراني ٿالهہ

جڏهن ڪو شخص ميّت کي اِيصال ثواب ڪندو آهي تہ جبرئيل عليہ السلام ان کي نوراني ٿالهہ ۾ رکي قبر جي ڪناري بيهي رهندا آهن ۽ چوندا آهن ”اي قبر وارا ! هي تحفو تنهنجي گهر وارن موڪليو آهي قبول ڪر“ هي ٻڌي ڪري اهو خوش ٿيندو آهي ۽ ان جا پاڙيسري پنهنجي محرومي تي غمگين ٿيندا آهن . (شرح الصدور ص 308)

قبر میں آہ ! گھپ اندھیرا ہے　　فضل سے کردے چاندنا یارب !

صَلُّو عَلَی الحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مُردن جي تعداد برابر ثواب

”جيڪو قبرستان ۾ يارهن ڀيرا سورة اخلاص پڙهي مُردن کي ان جو

ثواب موڪلي تہ (سيني) مُردن جي برابر ايصال ثواب ڪرڻ واري کي ان جو اجر ملندو" . (ڪشف الخفا ج 2 ص 371 حديث 2629 )

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبر وارا سفارش ڪندا

شفيع مَحشر صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه واٰلہٖ وسلم جن جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو قبرستان مان گذري ۽ اهو سورة الفاتحہ سورة الاخلاص ۽ سورة التڪاثر پڙهي پوءِ هي دعا گهري "يا الله عَزَّوَجَلَّ مون جيڪو ڪجھ قران پڙهيو ان جو ثواب مومن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ تہ اهي قبر وارا قيامت جي ڏينهن هن (ايصالِ ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي ٿيندا ." (شرح الصدور ص 311)

ہر بھلے کی بھلائی کا صدقہ اس برے کو بھی کر بھلا یارب !

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سورهٔ اخلاص جو ثواب

حضرت سيدنا حمّاد مڪي رَحْمَةُاللهِ تعالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ رات مڪي شريف جي قبرستان ۾ سمهي پيس چا تو ڏسان تہ قبر وارا حلقن ۾ بيٺل آهن مون انهن کان پڇا ڪئي ڇا قيامت قائم ٿي وئي؟ انهن چيو نہ ڳالھ اصل ۾ هي آهي تہ هڪ مسلمان ڀاءُ سورهٔ اخلاص پڙهي ڪري اسان کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ اهو ثواب اسين هڪ سال کان تقسيم ڪري رهيا آهيون . (شرح الصدور ص باب في قراءت القران للميت ص 312)

سَبَقَتْ رَحْمَتِیْ عَلٰی غَضَبِیْ تونے جب سے سنا دیا یارب !

آسرا ہم گنہگاروں کا اور مضبوط ہو گیا یارب !

## ام سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہا جي لاءِ کوھہ

حضرت سيدنا سعد بن عُباده رضی اللہ تعالیٰ عنہ عرض ڪيو: يارسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم منهنجي ماءُ فوت ٿي وئي آهي (مان ان جي طرفان صدقو ڪرڻ چاهيان ٿو) ڪهڙو صدقو افضل رهندو؟

سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو: "پاڻي" پوءِ انهن هڪ کوهہ کوٽايو ۽ چيو "هي اُمِ سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہا جي لاءِ آهي". (سنن ابي داؤد شريف ج 2 ص 53 حديث 1681)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سيدنا سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو چوڻ آهي تہ هي کوهہ اُمِّ سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہا جي لاءِ آهي ان جي معنيٰ اها آهي تہ هي کوهہ حضرت سيدنا سعد رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي ماءُ جي ايصال ثواب لاءِ آهي. هن مان خبر پئي تہ مسلمانن جو ڳئون ٻڪري وغيره کي بزرگن ڏانهن منسوب ڪرڻ مثال طور ائين چوڻ تہ "هي سيدنا غوث پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو ٻڪر آهي" هن ۾ ڪو حرج ناهي چوتہ هن مان مراد بہ اها آهي تہ هي ٻڪر غوث پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن جي ايصالِ ثواب لاءِ آهي ۽ قرباني جي جانور کي بہ تہ ماڻهو هڪٻئي ڏانهن ئي منسوب ڪندا آهن. مثلاً ڪو قرباني جي لاءِ ڳئون وٺي اچي رهيو هجي ۽ جيڪڏهن اوهان ان کان پڇيو تہ هي ڪنهن جي آهي؟ تہ ان کي اهو جواب ڏيڻو آهي "منهنجي ڳئون آهي" جڏهن هي چوڻ واري تي اعتراض ناهي تہ "غوث پاڪ جو ٻڪر" چوڻ واري تہ بہ اعتراض نہ ٿو ٿي سگهي. حقيقت ۾ هر شيءِ جو مالڪ الله عَزَّوَجَلَّ ئي آهي ۽ قرباني جي ڳئون هجي يا غوث پاڪ جو ٻڪر، هر جانور کي ذبح ڪرڻ وقت الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتو ويندو آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ وسوسن کان نجات بخشي. آمين بجاهِ النبي صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”دين خير خواهي جو نالو آ“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان ايصال ثواب جا 18 مدني گل

﴿1﴾ فرض، واجب، سنت، نفل، نماز، روزو، زڪوات، حج، مدني قافلن ۾ سفر، مدني انعامات، نيڪي جي دعوت، ديني ڪتابن جو مطالعو، مدني ڪمن جي لاءِ انفرادي ڪوشش وغيره هر نيڪ ڪم جو ايصال ثواب ڪري سگهو ٿا .

﴿2﴾ ميّت جو ٽيجهو، ڏهو، چاليهو ۽ ورسي (ٻارهو) ڪرڻ سٺو آهي ڇوته اهي ايصال ثواب جا ئي ذريعا آهن شريعت ۾ ٽيجهي جو عدم جواز (يعني ناجائز هجڻ) جو دليل نہ هجڻ خود جائز هجڻ جو دليل آهي ۽ ميّت جي لاءِ جيئرن جي دعا گهرڻ قرآن ڪريم مان ثابت آهي جيڪا ايصال ثواب جو اصل (يعني بنياد) آهي جيئن تہ

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهي جيڪي انهن ڪان پوءِ آيا عرض ڪن ٿا، اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي جن اسان کان اڳي ايمان آندو۔

(پ28 سورہٴ حشر آيت10)

﴿3﴾ ٽيجهي وغيره جو کاڌو صرف انهيءَ صورت ۾ ميّت جي ڇڏيل مال مان ڪري سگهو ٿا جڏهن تہ سڀ وارث بالغ هجن ۽ سڀئي اجازت بہ ڏين جيڪڏهن هڪ وارث بہ نابالغ آهي تہ سخت حرام آهي ها بالغ پنهنجي حصي مان ڪري سگهي ٿو .

(ملخص از بهار شريعت)

﴿4﴾ ميّت جا گهر وارا جيڪڏهن ٽيجهي جو کاڌو پچائين تہ

(مالدار نہ ڪائڻ) صرف فقيرن (مسڪينن ۽ غريبن)کي ڪارائين .
(ملخص از بهار شريعت)

﴿5﴾ هڪ ڏينهن جي ٻار کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا ان جو ٽيجهو وغيره ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي.

﴿6﴾ جيڪي زندهہ آهن انهن کي بہ بلڪ جيڪي مسلمان اجا تائين پيدا ناهن ٿيا انهن کي بہ اڳواٽ (ايڊوانس ۾) ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو.

﴿7﴾ مسلمان جِنّات کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو .

﴿8﴾ يارهين شريف، رجبي شريف (يعني 22 رَجبُ المُرجَب جو سيّدنا امام جعفر صادق رضی اللہ تعالیٰ عنہ جا ڪونڊا ڪرڻ) وغيره جائز آهي . ڪونڊي ۾ ئي کيرٽي کارائڻ ضروري ناهي ٻئي ٿانو ۾ بہ کارائي سگهو ٿا ان کي گهر کان ٻاهر بہ ڪڍي وڃي سگهو ٿا .

﴿9﴾ بزرگن جي فاتحہ جي کاڌي کي تعظيماً "نذر ۽ نياز" چون ٿا ۽ هي نياز تَبَرُّڪ (يعني برڪت وارو) آهي ان کي امير، غريب سيئي کائي سگهن ٿا .

﴿10﴾ ايصالِ ثواب جي کاڌي ۾ مهمان جي شرڪت شرط ناهي گهر ڀاتي جيڪڏهن پاڻ ئي کائي ڇڏن تڏهن بہ ڪو حرج ناهي.

﴿11﴾ روزانو جيترا ڀيرا کاڌو کائو ان ۾ جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ جي ايصالِ ثواب جي نيّت ڪري ڇڏيو تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي مثلاً ناشتي ۾ نيّت ڪريو اڄ جو ناشتي جو ثواب سرڪار مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ۽ سندن جي وسيلي سان سڀني

نَبِيّن عليهم السّلام ڪي پهچي . ٻنپهرن جو نيّت اها ڪريو جيڪو ڪاڏو ڪائيندا سين ان جو ثواب سرڪار غوث اعظم ۽ تمام اوليائن عليهم الرضوان ڪي پهچي رات جو نيت ڪريو هاڻي جيڪو ڪائيندا سين ان جو ثواب امام اهلسنت امام احمد رضا خان ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت ڪي پهچي .

﴿12﴾ ڪائڻ ڪان پهريان ايصالِ ثواب ڪريو يا ڪائڻ ڪان پوءِ ٻئي طريقا صحيح آهن .

﴿13﴾ ٿي سگهي تہ هر روز (نفعي تي نہ بلڪ) پنهنجي وڪري جو هڪ سيڪڙو ۽ ملازمت مان بہ هڪ سيڪڙو ڪڍي ڇڏيندا ڪريو هن رقم سان ديني ڪتاب ورهايو يا ڪنهن بہ نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪريو ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ هن جون برڪتون پاڻ ئي ڏسندؤ.

﴿14﴾ مسجد يا مدرسي جو ناهڻ صدقہ جاريہ ۽ ايصال ثواب جو بهترين ذريعو آهي .

﴿15﴾ داستانِ عجيب' شہزادی کا سر' دس بیبیوں کی کہانی' جناب سیدہ کی کہانی (ڏهن بيبين جي ڪهاڻي) وغيره هي سڀ من گهڙت (ڪوڙا) قصا آهن، انهن ڪي هرگز نہ پڙهندا ڪريو. اهڙي طرح هڪ پمفليٽ "**وصيت نامو**" نالي سان ماڻهو ورهائيندا آهن جنهن ۾ ڪنهن "**شيخ احمد**" جو خواب لکيل هوندو آهي اهو بہ جعلي آهي ان ۾ مخصوص تعداد ۾ ورهائڻ جي فضيلت ۽ نہ ورهائڻ جانقصان وغيره لکيل هوندا آهن ان تي اعتبار نہ ڪريو.

﴿16﴾ جيترن ڪي بہ ايصال ثواب ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان

اميد آهي تہ سڀني کي پورو پورو ملندو، ائين ناهي تہ ثواب ورهائجي حصا ٿي ملي . (ردالمحتار ج 3 ص 180، بهار شريعت ج 1 ص850)

﴿17﴾ ايصال ثواب ڪرڻ واري جي ثواب ۾ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي بلڪ اها اميد آهي تہ هن جيترن کي ايصالِ ثواب ڪيو انهن سڀني جي تعداد برابر هن کي ثواب ملندو . مثلاً ڪو نيڪ ڪم ڪيو جنهن تي ان کي ڏهہ نيڪيون مليون هاڻي هن ڏهن مُردن کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هر هڪ کي ڏهہ ڏهہ نيڪيون پهچنديون جڏهن تہ ايصالِ ثواب ڪرڻ واري کي هڪ سؤ ڏهہ ۽ جيڪڏهن هڪ هزار کي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هن کي ڏهہ هزار ڏهہ . وعليٰ هٰذا القياس (بهار شريعت ج 1 ص850)

﴿18﴾ ايصالِ ثواب صرف مسلمان کي ڪري سگهو ٿا ڪافر يا مُرتَد کي ايصالِ ثواب ڪرڻ يا مرحوم چوڻ ڪفر آهي .

## ايصالِ ثواب جو طريقو

ايصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ) جي لاءِ دل ۾ نيّت ڪرڻ ڪافي آهي مثلاً توهان ڪنهن کي هڪ روپيو خيرات ڏني يا هڪ پيرو درود شريف پڙهيو يا ڪنهن کي هڪ سنّت ٻڌائي يا نيڪي جي دعوت ڏني يا سنّتن ڀريو بيان ڪيو مطلب تہ ڪا بہ نيڪي ڪئي اوهان دل ئي دل ۾ هن طرح نيّت ڪريو مثلاً هاڻي مون جيڪا سنّت ٻڌائي ان جو ثواب سرڪار مدينہ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم کي پهچي، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب پهچي ويندو ۽ وڌيڪ جن جن جي نيّت ڪندؤ انهن کي بہ پهچندو. دل ۾ نيّت هجڻ سان گڏوگڏ

زبان سان چوڻ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان جي سنّت آهي جيئن تہ حضرت سعد رضي الله تعالیٰ عنہ واري حديث ۾ گذريو تہ انهن کوهہ کوٽائي فرمايو: ”هي اُمِ سعد رضي الله تعالیٰ عنها جي لاءِ آهي“.

## ايصالِ ثواب جو رائج طريقو

اڄڪلهہ مسلمانن ۾ خصوصاً ڪاڌي تي جيڪو فاتحہ جو طريقو رائج آهي اهو بہ تمام سنو آهي جن ڪاڌن جو ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي اهي سڀ يا سيني مان ٿورو ٿورو ڪاڌو ۽ هڪ گلاس ۾ پاڻي ڀري سيني کي سامهون رکي ڇڏيو هاڻي اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهي

هڪ ڀيرو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۙ﴿۱﴾ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۙ﴿۲﴾ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۚ﴿۳﴾ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۙ﴿۴﴾ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ؕ﴿۵﴾ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ۧ﴿۶﴾

ٽي ڀيرا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ۬ وَلَمْ يُوْلَدْ ۙ﴿۳﴾ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۧ﴿۴﴾

هڪ ڀيرو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ﴿۳﴾ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِي الْعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ۧ﴿۵﴾

هڪ پيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۝١ مَلِكِ النَّاسِ ۝٢ اِلٰهِ النَّاسِ ۝٣
مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۙ الۡخَنَّاسِ ۝٤ الَّذِىۡ يُوَسۡوِسُ فِىۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ۝٥
مِنَ الۡجِنَّةِ وَالنَّاسِ ۝٦

هڪ پيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝
مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ۝ اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ۝
اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۝ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ
غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ۝

هڪ پيرو

الٓمّٓ ۝١ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ ۛۚ فِيۡهِ ۛۚ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ۝٢ الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ
بِالۡغَيۡبِ وَيُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ۝٣ وَالَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ
بِمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمَآ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ وَبِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ۝٤
اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ۗ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ۝٥

پڑهڻ ڪان پوءِ هي پنج آيتون

﴿1﴾ وَ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۶۳﴾ (پ۱ البقرة:۱۶۳)

﴿2﴾ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۶﴾ (پ۸ الاعراف:۵۶)

﴿3﴾ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾ (پ۱۷ الانبيآء:۱۰۷)

﴿4﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ
النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿۴۰﴾ (پ۲۲ الاحزاب:۴۰)

﴿5﴾ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا
عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ (پ۲۲ الاحزاب:۵۶)

هاڻي درود شريف پڑهو

صَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ط
صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۲﴾

هاڻي هٿ کڻي فاتحہ پڑهائڻ وارو بلند آواز سان ”الفاتحہ“چوي سڀ ماڻهو هوريان سورة الفاتحہ پڑهن، هاڻي فاتحہ پڑهائڻ وارو ائين اعلان ڪري ”منامنا اسلامي ڀائرو! اوهان جيڪو ڪجھ پڑهيو آهي ان جو ثواب مون کي ڏئي ڇڏيو سڀئي اسلامي ڀائر چون تہ اوهان کي ڏنو هاڻي فاتحہ پڑهائڻ وارو ايصال ثواب ڪري“. ايصالِ ثواب جا الفاظ لکڻ کان پهرين امام اهلسنت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ فاتحہ کان پهرين جيڪي سورتون پڑهندا هئا اهي تحرير ڪيان ٿو .

## اعليٰ حضرت رضی اللہ تعالٰی عنہ جو فاتحہ جو طريقو

هڪ ڀيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۙ
مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ؕ اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ؕ
اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۙ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬
غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ۧ

هڪ ڀيرو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلۡحَىُّ الۡقَيُّوۡمُ ۚ لَا تَاۡخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوۡمٌ ؕ
لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ مَنۡ ذَا الَّذِىۡ يَشۡفَعُ عِنۡدَهٗۤ
اِلَّا بِاِذۡنِهٖ ؕ يَعۡلَمُ مَا بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَمَا خَلۡفَهُمۡ ۚ وَلَا يُحِيۡطُوۡنَ
بِشَىۡءٍ مِّنۡ عِلۡمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرۡسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ
وَالۡاَرۡضَ ۚ وَلَا يَـُٔوۡدُهٗ حِفۡظُهُمَا ۚ وَهُوَ الۡعَلِىُّ الۡعَظِيۡمُ ﴿۲۵۵﴾

ٽي ڀيرا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ ﴿۲﴾ لَمۡ يَلِدۡ ۙ۬
وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ۙ ﴿۳﴾ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۧ ﴿۴﴾

## ايصال ثواب جي لاءِ دعا جو طريقو

ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهه پڙهيو ويو (جيڪڏهن ڪاڏو وغيره آهي ته هن طرح به چئو) ۽ جيڪو ڪجهه ڪاڏو وغيره پيش ڪيو ويو آهي بلڪ اڄ تائين جيڪو ڪجهه ناقص عمل ٿي سگهيو آهي

ان جو اسان جي ناقص عمل جي مطابق نہ بلڪ پنهنجي ڪرم جي شايان شان ثواب عطا فرماءِ . ۽ هن ڪي اسان جي طرفان پنهنجي پياري محبوب، داناءِ غيوب صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي بارگاهہ ۾ نذر پهچاءِ سرڪار مدينہ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي وسيلي سان تمام انبياءَ عليهم السلام تمام صحابہ ڪرام عليهم الرضوان تمام اولياءِ عظام رحمهم الله جن جي بارگاهہ ۾ پهچي، سرڪار مدينہ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي وسيلي سان سيدنا آدم صَفِي اللّٰه عليه السلام کان وٺي هاڻي تائين جيترا بہ انسان ۽ جنّ مسلمان ٿيا يا قيامت تائين ٿيندا سيني کي پهچاءِ، انهي دوران جن جن بزرگن کي خاص ڪري ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي انهن جا نالا بہ وٺو، پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ٻين رشتدارن ۽ پنهنجي پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪريو .

(فوت ٿيلن مان جن جن جا نالا وٺندا آهيو انهن کي خوشي حاصل ٿيندي آهي)

هاڻي معمول مطابق دعا ختم ڪري ڇڏيو. (جيڪڏهن ٿورو ٿورو کاڌو ۽ پاڻي ڪڍيو هو اهو ٻين کاڌن ۽ پاڻي ۾ وجهي ڇڏيو)

## خبردار

جڏهن بہ اوهان جي طرفان نياز يا ڪنهن قسم جي گڏجاڻي ٿئي، جماعت جو وقت ٿيندي ئي ڪا شرعي رڪاوٽ نہ هجي تہ انفرادي ڪوشش جي ذريعي سيني مهمانن سميت باجماعت نماز لاءِ مسجد جو رخ ڪريو ۽ اهڙن وقتن ۾ دعوت نہ رکو جو وچ ۾ جماعت جو وقت اچي ۽ سستي سبب معاذ الله عَزَّوَجَلَّ

جماعت نڪري وڃي . منجهند جي ڪاڏي لاءِ نماز ظهر ڪان پوءِ ۽ شام جي ڪاڏي لاءِ عشاءَ جي نماز ڪان پوءِ مهمانن ڪي گهرائڻ ۾ عموماً باجماعت نمازن لاءِ آساني ٿيندي ميزبان، بورچي، ڪاڏو ورهائڻ وارن سيني ڪي گهرجي تہ وقت تي وڃي تہ سمورو ڪم ڇڏي باجماعت نماز جو اهتمام ڪريو . بزرگن جي نياز جي مصروفيت ۾ اللهعَزَّوَجَلَّ جي نماز باجماعت ۾ سستي وڏي غلطي آهي .

## مزار تي حاضري جو طريقو

بزرگن وٽ پيراندي (قدمن واري پاسي) کان حاضر ٿيڻ گهرجي پوئين پاسي کان اچڻ جي صورت ۾ انهن کي پاسو ورائي ڏسڻ جي ڏکيائي ٿيندي آهي تنهن ڪري اوليائن جي مزار تي پيراندي (قدمن واري پاسي) کان حاضر ٿي قبلي کي پٺي ۽ صاحب مزار جي چهري ڏانهن منهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ چار هٿ (ٻہ گز) پري بيهو ۽ هن طرح سلام عرض ڪريو.

اَلسَّلَامُ عَلَيكَ يَاوَلِيَّ اللهِ وَرَحمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ

هڪ ڀيرو سورة فاتحہ ۽ 11 ڀيرا سورة اخلاص (اول آخر درود شريف) پڙهي هٿ کڻي مٿي ڏنل طريقي مطابق (صاحب مزار جو نالو وٺي بہ) ايصالِ ثواب ڪريو ۽ دعا گهرو "**احسن الوعاء**" ۾ آهي ولي جي قُرب ۾ دعا قبول ٿيندي آهي .

الٰہی واسطہ کُل اولیاء کا　　　مرا ہر ایک پورا مُدعا ہو

